زندگیٔ روزگار مان منڊو ماٹیو

ڈیل کارنیگی

بشیر احمد پٹی

روشنی

kaptan abro

زندگيءَ ۽ روزگار
مان مزو ماڻيو

ديل ڪارينگي
بشير احمد ڀٽي

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو
2014ع

Roshni Book No.634

ڪتاب جو نالو: زندگيءَ ۾ روزگار مان مزو ماڻيو

ليکڪ: ڊيل ڪارينگي

سنڌيڪار: بشير احمد ڀٽي

چاپو ڦريون: © روشني 2014ع

ڪمپوزنگ: حبيب قادر قريشي ۽ جميل الرحمان پيرزادو

روشني ڪمپوزرس، حيدرآباد.

ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد.

ڇپرائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو سنڌ

ZINDAGI'A AEEN ROZGAR MAAN MAZO MANYO

by: **Deel Karengi**

Translated by: **Bashier Ahmed Bhatti**

Composed by: Habib Qadir Qureshi & Jamil-ul-Rehman Pirzado
Roshni Composers & Printers Hyder Chowk, Hyderabad
Printed: Fine Communication, Hyderabad, Sindh.
Published by: Roshni Publication, Kandiaro
First Edition © Roshni 2014

اسٽاڪسٽ

شاهه لطيف ڪتاب گهر، گاڏي ڪاتي حيدرآباد+پٽائي بوڪ هائوس اوريئنٽ سينٽر حيدرآباد
ڪامريڊ بڪ اسٽال جامشورو+ ڪائياواڙ اسٽور اردو بازار ڪراچي.
رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو + رهبر بڪ ايجنسي رابعه سينٽر، لاڙڪاڻو+ عبدالله بڪ ڊيپو بندر روڊ لاڙڪاڻو
مدني بڪ ڊيپو لاڙڪاڻو + نيشنل بوڪ ڊيپو بندر روڊ، لاڙڪاڻو + نوراني بوڪ ڊيپو بندر روڊ، لاڙڪاڻو
اشرف بوڪ اسٽال، مسجد روڊ، نوابشاهه +المهراڻ ادبي ڪتاب گهر سانگهڙ
مهراڻ ڪتاب گهر ڪپرو+ العزيز ڪتاب گهر، عمرڪوٽ + ٽر ڪتاب گهر عمرڪوٽ.
مهراڻ ڪتاب گهر ميرپورخاص+ اڪرم بڪ اسٽال ميرپورخاص.
سليم نيوز ايجنسي، نيو بس اسٽينڊ، دادو + جنيد بوڪ ڊيپو دادو+ مدني اسلامي ڪتب خانو دادو
مرچو لال بوڪ ڊيپو بدين + رحيم بوڪ ڊيپو بدين + ٽر ڪتاب گهر، ملهي
ڪتاب مرڪز فريئر روڊ، سکر + عزيز ڪتاب گهر، بئراج روڊ، سکر + الفتح نيوز ايجنسي،
مهراڻ مرڪز سکر+ مهراڻ بڪ سينٽر، سکر + نيو ميمڻ بڪ ڊيپو سکر،
تهذيب نيوز ايجنسي، خيرپور ميرس + نيشنل بڪ اسٽال، پنج گلو چوڪ خيرپور ميرس
مڪتبه عزيزيه ڪهڙا + سچل ڪتاب گهر، درازا+سارنگ ڪتاب گهر ڪنڊيارو+ قاسميه لائبريري، اسپتال روڊ ڪنڊيارو.

فهرست

- پنهنجي طرفان 5
- ڪجھ هن ڪتاب جي باري ۾ 7

حصو پهريون
امن، سڪون ۽ خوشحالي۽ ڏانهن ويندڙ رستا

باب پهريون

پاڻ کي ڳوليو ۽ اهي ئي رهو جيڪي ڪجھ آهيو 11

باب ٻيو

ڪم ڪرڻ جون چار سنيون عادتون 22

باب ٽيون

توهان کي ٽَڪُ ڇو ٿو ٿئي ۽ اوهان ان مان ڪيئن ڇوٽڪارو حاصل ڪري ٿا سگھو؟ 32

باب چوٿون

اها بوريت ڪيئن ختم ڪندؤ جيڪا توهان لاءِ ٽڪ، پريشاني ۽ ڪاوڙ جو سبب بڻجي ٿي 40

باب پنجون

ڇا توهان پنهنجي جسم جو ڪو عضوو وڪڙ ڇا هيندؤ؟ 52

باب ڇهون

ياد رکو: مُٽل ڪتي کي ڪو ڏڍو به نه ٿو هڻي 64

باب ستون

توهان هيئن ڪريو، تنقيد جو توهان تي ڪوبه اثر نه ٿيندو 68

حصو ٻيو
ماڻهن سان ميل ميلاپ جا بنيادي گُر

باب اٺون

جيڪڏهن توهان کي ماکي کپي ته پوءِ ماناري کي لت نه هڻو 75

باب نائون

عام ماڻهن سان لڳ لاڳاپن جو مکيه راز 97

باب ڏهون
جيڪو هيئن ڪندو سو ڪڏهن به اڪيلو نه رهندو 116
باب يارهون
ٻين ۾ دلچسپي وٺو تہ اُهي به اوهان ۾ دلچسپي وٺندا 140
باب ٻارهون
ماڻهن ۾ پاڻ وٽائڻ جا طريقا 159

حصو ٽيون
ماڻهن کي پنهنجو هم خيال ٺاهڻ جو گُر

باب تيرهون
دشمن ٺاهڻ کان بچڻ جو طريقو 179
باب چوڏهون
شروعات دوستاڻي طريقي سان ڪريو 194
باب پندرهون
سقراط جا راز 209
باب سورهون
سمڪار حاصل ڪرڻ جو راز 217
باب سترهون
هڪ اهڙي اپيل جنهن کي هرڪو پسند ڪري ٿو 225

حصو چوٿون
دل ٽوڙڻ سوا ماڻهن کي تبديليءَ تي راضي ڪرڻ جا گُر

باب ارڙهون
هڪ اهڙي تنقيد جنهن سان کوبہ نفرت نہ ٿو ڪري 235
باب اوٽيهون
پنهنجي غلطيءَ بابت ڳالهايو 240
باب ويهون
کوبہ شخص پاڻ تي حڪم هلائڻ پسند نہ ٿو ڪري 246
باب ايڪيهون
ٻئي کي شرمندي ٽيڻ کان بچڻ جو موقعو ڏيو 249
زندگي ۾روزگار جو مزو ٻيٽو ڪرڻ جو فن هڪ نظر ۾ 255

پنهنجي طرفان

زندگي ۾ روزگار ۾ اهڙيون شيون آهن، جنهن لاءِ هر انسان جاکوڙي ٿو. ٻنهي ۾ جسم ۽ روح وارو رشتو آهي ۽ ٻئي جڙ ته هڪ ٻئي جي ضرورت آهن. هرڪو ماڻهو زندگيءَ کي هلائڻ ۽ ڀرپور نموني زندگي گذارڻ لاءِ ڪو نه ڪو اهڙو ڏنڏو ڏاڙي ڪري ٿو يا نوڪري وغيره ۾ آهي، جنهن مان ڪجهه نه ڪجهه حاصل ڪري، پنهنجي ۽ پنهنجي ڪٽنب جي زندگي ۾ سکون ۽ اطمينان ۽ ڀرپور نموني جي گذاري سگهي. اهڙو ڪهڙو ماڻهو آهي، جيڪو ڀرپور نموني خوشين واري زندگي گذارڻ نه ٿو چاهي، پر اهو سڀ ڪجهه گهر ويٺي ته ممڪن ڪونهي، ان لاءِ جاکوڙ ڪرڻي ٿي پوي. جدوجهد ۾ انساني زندگيءَ جو ئي هڪ حصو آهي. جيڪا انسان کي صحتمند ۽ چست رکي ٿي ۽ تازو توانو ۽ نئون بنو ماڻهو ئي زندگيءَ جو صحيح مزو ماڻي سگهي ٿو. پر اهو سڀ ڪجهه حاصل ڪرڻ جو بنيادي شرط آهي، معاشي طور مستحڪم هجڻ. توهان وٽ مال هوندو ته حال ۾ سنو رهندو.

""زندگيءَ ۽ روزگار مان مزو ماڻيو" نالي هي ڪتاب انهن ماڻهن جي متاثر ڪندڙ داستانن جو هڪ حسين مجموعو آهي، جن لکين ۽ ڪروڙين ڪمايا، جن بوريت، محروميءَ ۽ ٽڪ کي منهن ڏئي، ڪامرانين ۽ ڪاميابين کي پاڪر پاتو ۽ پنهنجي زندگيءَ کي لاجواب ۽ بي مثال بنائي ڇڏيو. ڊيل ڪارنيگي جي مشهور ۽ تصديق ٿيل مهارتن ذريعي لکين ماڻهن کي موقعو مليو ته اهي نه صرف هم آهنگي جي شعور کي وڌائين، پر پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ کي ۽ ممڪن ڪن ۽ بهترين ڪارڪردگيءَ جي لڪل رازن تائين پهچي

وجن. نفسياتي ماهرن جو چوڻ آهي تہ اسين پنهنجي جاڳڻ جو وقت 40 سيڪڙو روزگار جي ڳولا ۾ خرچ ڪريو ٿا ڇڏيون. پر هتي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ ڇا اسين پنهنجي انهيءَ روزگار مان صحيح نموني مزو ۽ ماڻي رهيا آهيون يا نہ.

هي ئي اهو اهم سوال آهي. جنهن جو توهان جي آزادانہ زندگيءَ تي دارومدار آهي ۽ ان جو جواب توهان کي هي ڪتاب پڙهڻ سان حاصل ٿيندو.

تہ پوءِ اچو تہ وقت ويڃائڻ بدران اهو جواب حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون تہ جيئن زندگي ۽ روزگار جو مزو ٻيٽو ڪرڻ جو گر سکي سگهون.

بشير احمد پٽي
قاسم آباد حيدرآباد

27_10_2013

ڪجھ ھن ڪتاب جي باري ۾ ....

ڇا توھان ڪڏھن ان ڳالھ تي غور ڪيو آھي تہ اسان مان گھڻائي اھڙا ماڻھو آھن، جيڪي پنھنجي زندگيءَ جو وڏو حصو ڪم ڪار ۾ مصروف گذاريو ڇڏين. پوءِ توھان جو ڏنڏو ڪھڙو بہ ھجي يا ڪم ڪار جي نوعيت ڇا بہ ھجي، مصروفيت توھان جي زندگيءَ جو حصو بڻجي ٿي ويجي.

ان جو مطلب اھو ٿيو تہ اسان جي زورگار ۽ ڏنڏي ڏاڙيءَ جي سلسلي ۾ اسان جو رويو اھو جاچڻ لاءِ ڪافي آھي تہ ڇا اسان جي حياتيءَ جا ڏينھن ان خوشيءَ ۽ اطمينان سان پريل آھن، جيڪي اسان جي اعليٰ ڪارڪردگيءَ جي ڪري آھن. يا وري اسان جي زندگيءَ جا اھي ڏينھن بوريت، پريشانيءَ، محرومين ۽ ٽڪاوٽ جو باعث بڻيل آھن.

ڊيل ڪارنيگيءَ طرفان ڏنل سکيا توھان جي اھڙي نموني مدد ڪندي جو توھان پنھنجي زندگيءَ جي ھر ڏينھن جي محنت جو مزو ماڻي سگھندؤ پنھنجي ڪم ڪار مان مڪمل سڪون حاصل ڪري سگھندؤ. ھي ڪتاب توھان جيئن جيئن پڙھندا ويجو تہ ان دوران پنھنجي زندگيءَ ۽ محنت بابت ڪو نظريو ٺاھڻ جي ڪوشش بہ ڪندا ويجو. تنھن کان پوءِ پنھنجي توانائيءَ کي گڏ ڪري، ان گڏ ڪيل توانائيءَ تي پنھنجي زندگيءَ جي ڏانچي کي ٻيھاريو ۽ ان ڳالھ تي بہ غور ڪريو تہ توھان ۾ ڪيتريون قيمتي صلاحيتون ۽ قابليتون آھن، جن بابت توھان کي اڳ ڪابہ ڄاڻ نہ ھئي.... ۽ پوءِ انھن کي استعمال ڪرڻ بابت بہ سوچيو.

ھي ڪتاب انھن قيمتي بابن جو مجموعو آھي، جن جي چونڊ ڊيل

ڪارنيگي جي رڪارڊ ڪرو ٿيندڙ ڪتابن "اڇو تہ دوست ناهيون ۾ اثر رسوخ وڌايون" ۾ "پريشان نہ ٿيو جيئڻ سکو" مان ڪئي وئي آهي. اسان انهن پنهي ڪتابن مان توهان لاءِ اهي حصا چونڊيا آهن، جن جو تعلق توهان جهڙن ماڻهن سان آهي. توهان پنهنجي زندگيءَ ۾ وڏ ۾ وڏ سکون ۽ اطمينان چاهيو ٿا. توهان کي هم آهنگيءَ جو شعور ۽ گهرجي. توهان کي اهو ۽ احساس آهي تہ توهان پنهنجي وسيلن مان خاطر خواهہ فائدو حاصل ڪريو ۽ هي ڪتاب توهان کي پنهنجي انهن مقصدن حاصل ڪرڻ ۾ سئو سيڪڙو مدد فراهم ڪندو.

ڊيل ڪارنيگيءَ جي ڏنل تربيت مان فائدو حاصل ڪندي توهان کي پنهنجو پاڻ بابت ڄاڻ ملندي، تہ توهان ڇا آهيو ۽ توهان منجهہ ڪهڙيون صلاحيتون لڪل آهن، جن جي توهان کي پاڻ ۽ ڪا خبر نہ آهي. توهان جو اهو عمل توهان جي پنهنجي زندگيءَ جو هڪ اهم موڙ ثابت ٿيندو. توهان وٽ پنهنجي من اندر ۽ وڏي سيڙپ ٿيل آهي، اها سيڙپ ۽ هنر توهان جي اندر ۾ لڪل آهن ۽ اهو ئي سپ ڪجهہ اهو ڪجهہ آهي، جيڪو توهان جي زندگي بدلائي سگهي ٿو. توهان کي صرف اهو ڪرڻو آهي تہ پنهنجي ان لڪيل خزاني کي پاڻ ۾ ڳوليو ۽ اهو حاصل ڪري، دولت، شهريت ۽ ذهني سکون توڙي اطمينان حاصل ڪريو.

دورتي ڪارنيگي
چيئرمين بورڊ
ڊيل ڪارنيگي ۽ ٻيا ساٿي

حصو پهريون

امن، سڪون ۽ خوشحاليءَ ڏانهن ويندڙ رستا

ڊيل ڪارنيگيءَ جو ڪتاب "پريشان نہ ٿيو جيئڻ سکو" اسان کي اهو سيکاري ٿو تہ تہ اسان جي زندگي اها ئي ٿئي ٿي، جيئن اسين ان کي ناهيون ٿا.
جيڪڏهن سڀ کان اڳ اسين پنهنجو پاڻ تي اعتماد ڪرڻ وارو گُر سکي وٺون، سڀني ۽ خراب جي پرک ڪرڻ لڳون، ۽ تنهن کان پوءِ انهن ڳالهين ڏانهن ڏيان ڏيون جيڪي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ اڻ تر آهن تہ پوءِ ان تي عمل ڪرڻ سبب اسين پنهنجو قيمتي وقت ۽ توانائي ڏکن، فڪرن ۽ پريشانين حوالي ڪرڻ کان بچي سگهون ٿا.

باب پهريون

پاڻ کي ڳوليو ۽ اُئين رهو جيئن آهيو

مون کي اتر کارولينا جي علائقي مائونٽ ايريءَ مان مسز ايڊٿ آل ريڊ جو هڪ خط مليو. هن پنهنجي خط ۾ لکيو هو تہ:

"جڏهن آءٌ نندڙي هيس تہ تمام گهڻي حساس ۽ شرميلي هيس... منهنجو وزن وڌيل هو ۽ منهنجا ڳل ايترا تہ ڦوڪيل هئا جو آءٌ حد کان بہ وڌيڪ ٽلهي نظر ايندي هيس.

....منهنجي والده پراڻي زماني جي عورت هئي ۽ خوبصورت لباس کي بي وقوفي سڏيندي هئي. هوءَ هميشہ ويڪرا ڪپڑا پائڻ تي زور ڏيندي هئي. جيڪي بي ڊنگا هوندا هئا ۽ هوءَ اُهي مون کي پارائيندي هئي. آءٌ ڪڏهن بہ ڪنهن پارٽي ۾ نہ ويس ۽ نہ ئي ڪٿي راند روند يا تماشي جو مزو ورتم. جڏهن آءٌ اسڪول ۾ پڙهندي هيس تہ بہ مون کي اسڪول کان ٻاهر جي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ جي اجازت نہ هئي. اهو ئي سبب هو جو آءٌ تمام گهڻي شرميلي هيس.

مون کي ائين لڳندو هو تہ جڻ آءٌ ٻين سمورن ماڻهن کان 'مختلف' آهيان ۽ ڪوبہ مون کي پسند نہ ٿو ڪري.

جڏهن مون نوجوانيءَ ۾ پير پاتو تہ منهنجي شادي هڪ اهڙي ماڻهوءَ سان ٿي، جيڪو عمر ۾ مون کان ڪافي وڏو هو. ۽ پوءِ بہ مون ۾ ڪا تبديلي ڪانہ آئي. منهنجي ساهرن جو تعلق هڪ سٹيءَ ٽڏي مزاج واري خاندان سان هو. هنن ۾ خود اعتمادي بہ تمام گهڻي هئي. انهن ۾ هر اها اهليت موجود هئي، جيڪا مون ۾ نہ هئي. مون تمام گهڻي ڪوشش ڪئي تہ هنن جهڙي ٿي سگهان، پر منهنجي اها ڪوشش ناڪام رهي.

منهنجي ساهرن ۾ تمام گهٽي ڪوشش ڪئي ته آءٌ پنهنجي ذات جي بند خول مان ٻاهر نڪري اچان. پر اهي جيترو مون کي منهنجي ذات جي خول مان ڪيڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. آءٌ اوترو ئي ان ۾ بند ٿيندي ٿي ويس.

مون کي پاڻ ۾ پنهنجي اها حالت نه وٺندي هئي. آءٌ دل ئي دل ۾ پنهنجي حال تي سڙندي پڄرندي رهندي هيس. طبيعت ۾ بي چيني رهندي هئي. ساهيڙين سان ملڻ کان ۾ ڪيڻائيندي هيس. ايستائين جو دروازي جي گهنٽيءَ جي آواز تي ۾ ڇرڪي پوندي هيس. آءٌ هر طرح سان ناڪام ٿي چڪي هيس. مون کي خبر هئي ته منهنجي زندگي منهنجي ناڪاميءَ جي آرسي آهي. مون کي اهو ۾ ڊپ ٿيندو هو ته ڪٿي منهنجو مڙس منهنجي انهيءَ چريائپ واري ڪيفيت کان واقف ٿي. مون کان پاسيرو نه ٿي وڃي. تنهن ڪري جڏهن اسين ڪنهن دعوت ۾ ويندا هئاسين ته ان وقت پاڻ کي نهايت خوش ۽ پرسڪون ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪندي رهندي هيس. منهنجي اها ڪوشش هوندي هئي ته هر صورت ۾ ٻين وانگر نارمل لڳان. تنهن کان پوءِ ڪيترن ڏينهن تائين مون کي پنهنجي حال تي رحم پيو ايندو هو. آخر ڪار آءٌ ان صورتحال مان ايترو ته بيزار ۽ پريشان ٿي پيس. جو مون کي پنهنجي زندگي بي مقصد نظر اچڻ لڳي ۽ آءٌ نهايت سنجيدگيءَ سان آپگهات ڪرڻ بابت سوچڻ لڳيس."

توهان کي خبر آهي ته ان ملول ۽ زندگيءَ مان بيزار عورت سان ڪهڙو واقعو پيش آيو جنهن سندس زندگي ئي بدلائي ڇڏي؟ ساٽس هڪ اهڙو اتفاقي واقعو پيش آيو جنهن ان عورت جي زندگيءَ ئي تبديل ڪري ڇڏي.

اچو ته اهو واقعو سندس زباني ٻڌون:

مسز آل ريڊ پنهنجي خط ۾ ان واقعي جو ذڪر ڪندي لکيو ته:

"اوچتو هڪ اهڙو اتفاقي واقعو ٿيو. جنهن منهنجي سموري زندگي بدلائي ڇڏي... ٿيو ائين جو هڪ ڏينهن منهنجي سس ان موضوع

تي ڳالهائي رهي هئي ته هن پنهنجا ٻار ڪيئن پاليا آهن. هن چيو ته مون هميشہ پنهنجي ٻارن تي زور پئي پريو آهي ته "پلي چا ٻه ٿي پوي، توهان اُئين ئي رهو جيئين ڪجهہ اوهين آهيو"

بس، اهي ئي جملا هئا، جن منهنجي زندگي جو رخ بدلائي ڇڏيو. مون ان لمحي اهو محسوس ڪيو ته مون پنهنجي مٽان اهي سموريون تڪليفون ان ڪري ٺاڪيون آهن، جو آءٌ پنهنجو پاڻ کي ان سانچي ۾ ڍالڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهيان، جيڪو منهنجي لاءِ نهيو ئي ڪونهي.

پوءِ رات وچ ۾ منهنجي زندگيءَ ۾ جڻ ته ڪا وڏي تبديلي اچي وئي. مون اهو ئي ٽيڻ جي ڪوشش شروع ڪري ڏني، جيڪا آءٌ هيس.

مون پنهنجي شخصيت جو نئين سر جائزو وٺڻ شروع ڪيو. مون اهو ڇاڻڻ شروع ڪيو ته ان کان اڳ آءٌ چا هيس. پوءِ مون اهو سڀ ڪجهہ سکيو جيڪو آءٌ رنگن ۽ مختلف اسٽائلن بابت سکي سگهيس ٿي ۽ اهي ڪپڙا پائڻ شروع ڪيم جيڪي مون تي ڏهڪيا ٿي. مون هاڻي ساهيڙين سان ملڻ ۾ شروع ڪيو ۽ نيون ساهيڙيون ۾ ٺاهڻ لڳيس. آءٌ هڪ اداري ۾ ڪم ڪرڻ لڳيس. جيتوڻيڪ اهو هڪ ننڍڙو ادارو هو پر منهنجي لاءِ صحيح هو. منڊ ۾ جڏهن انهيءَ اداري وارن مون کي هڪ پروگرام ۾ شامل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته ڊپ ۾ منهنجون ٽنگون ڏڪڻ لڳيون، پر هنن مون کي حوصلو ڏنو ۽ ان کان پوءِ جيئن ئي مان انهن جي مختلف پروگرامن ۾ شرڪت ڪرڻ ۽ مختصر تقريرون ڪرڻ لڳيس ته منهنجو ڊپ لهڻ لڳو ۽ همٿ وڌڻ لڳي ۽ پوءِ اهو سلسلو ڪافي وقت تائين هلندو رهيو.

اڄڪلهہ آءٌ ايتري ته خوش آهيان، جو ايتري خوشي حاصل ڪرڻ جي خواهش ته مون ڪڏهن خواب ۾ ٻه ڪانہ ڪئي هئي. هاڻي آءٌ پنهنجي ٻارن کي ٻه اها ئي نصيحت ڪندي رهندي آهيان ۽ کين اهو ئي سبق سيکاريندي آهيان، جيڪو مون هڪ اذيت ڏينڌڙ دور مان گذرڻ کان پوءِ سکيو هو ته، "پلي چا ٻه ٿي پوي توهان سدائين ائين ئي رهو جيئن توهين آهيو"

ڊاڪٽر جيمز گوردن گلڪي جو چوڻ آهي ته :

"توهين ائين ئي رهو جيئن توهين آهيو. ان ڳالهه جي خواهش ڪرڻ جو مسئلو اوترو ئي پراڻو آهي، جيترو پراڻي تاريخ آهي."

توهان اهو ئي ڪجهه هجو، جيڪي ڪجهه آهيو

جيڪڏهن توهان ان ڳالهه جي خواهش نه ٿا رکو ته پوءِ پڪ توهان جي ان عمل جي پٺيان ڪا احساس ڪمتري يا ڪو ٻيو نفسياتي ڪارڻ ئي ٿي سگهي ٿو.

انجيلو پاٽري ٻارن جي سکيا بابت 13 ڪتاب لکيا آهن. ان کانسواءِ هن ان موضوع تي اخبارن ۾ رسالن ۾ به سوين مضمون لکيا آهن. سندس چوڻ آهي ته :

"ڪوبه شخص ايترو رحم جوگو جيترو اهو شخص، جيڪو اهو ڪجهه ٿيڻ چاهي ٿو جيڪو سندس پنهنجي شخصيت .... سندس ذات ۽ بدن سان مطابقت نه ٿو رکي."

پال بواءِ متن هڪ وڏي آئل ڪمپني جو ڊائريڪٽر هو... هڪ پيري مون کانئس پڇيو ته، ماڻهو نوڪري حاصل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏيڻ وقت ڪهڙي وڏي غلطي ڪن ٿا. ڪيس پڪ سان نوڪري حاصل ڪندڙن جي اهڙي غلطيءَ جي خبر هئي، جو هو ان وقت تائين 60 هزار اميدوارن جا انٽرويو ڪري چڪو هو. ۽ هن هڪ ڪتاب به لکيو هو جنهن جو موضوع هو:

"نوڪري حاصل ڪرڻ جا ڇهه طريقا."

هن جواب ڏنو:

"نوڪريءَ لاءِ انٽرويو ڏيندڙ اميدوار جيڪا وڏي غلطي ڪندا آهن، اُها اِها آهي ته هو پنهنجو پاڻ کي ائين پيش نه ٿا ڪن جيئن آهن، بلڪ هو اهڙا جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪندا پيا آهن، سندن خيال موجب جيڪي توهان انهن مان اميد رکو ٿا، حالانڪ کين کپي ته اهي دوستاڻي ماحول ۾ پنهنجو پاڻ کي کولي سامهون رکن... پر هو ائين نه ٿا ڪن .... تنهن ڪري سلسلو اڳتي نه ٿو وڌي. چو ته ڪوبه نوڪري ڏيندڙ ڪنهن اهڙي

شخص کي ملازم رکڻ لاءِ قدر جي نظر سان نہ ٿو ڏسي، جيڪو اندر کجھ هجي ۽ باهر کجھ هجي ٿو."

هڪ ڪنڊيڪٽر جي ڏيءَ وڏي مشڪل سان اهو سبق سکيو: هن ڳائڻي ٿيڻ چاهيو ٿي، پر سندس چهرو سندس اِرادي جي راهہ ۾ رڪاوٽ بڻيل هو. سندس چهرو ضرورت کان وڌيڪ ڏگهو هو ۽ ڏند به وڏا ۽ باهرتي نڪتل هئا. هن جڏهن پهريون پيرو نيو جرسي نائيٽ ڪلب ۾ عوام اڳيان گلوڪاريءَ جا جوهر ڏيکارڻ شروع ڪيا تہ ان وقت هن ڪوشش ڪئي تہ پنهنجي مٿين چپن کي سختيءَ سان هيٺ چڪي پنهنجي باهر نڪتل ڏندن کي لڪائي. هن ائين خوبصورت ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي، پر نتيجو چا نڪتو...؟ هوءَ پاڻ تماشو بنجي وئي ۽ هوءَ تمام خراب نموني ناڪام رهي.

تنهن هوندي به ان نائيٽ ڪلب ۾ هڪ اهڙو شخص موجود هو جيڪو جوهر شناس هو. هن ان چوڪريءَ جو گانو ٻڌو... سندس گوهر شناس نظرن سڃاڻي ورتو تہ چوڪريءَ ۾ ذهانت ۽ گڻ موجود آهن. هن چوڪريءَ کي پاڻ وٽ سڏيو ۽ کيس چيو:

"مون ڏانهن غور سان ڏس... آءٌ تنهنجي ڪارڪردگي ڏسي رهيو هيس ۽ مون کي خبر آهي تہ تو چا لڪائڻ پئي چاهيو.... تون پنهنجي ڏندن ڪري هيسيل هئين نہ....؟"

چوڪريءَ جو اهو ٻڌو تہ ايڏا به هيسجي وئي، تنهن تي ان شخص کيس دلاسو ڏيندي چيو:

"ڀڄ نہ جيڪڏهن تنهنجا ڏند باهر نڪتل آهن تہ چا ٿي پيو.... اهو ڪو خاص ڏوهہ تہ ڪونهي ۽ اهي تہ قدرت طرفان ڏنل تحفو آهن. تون انهن کي لڪائڻ جي ڪوشش چو پئي ڪرين. ائين نہ ڪر. پنهنجو وات کول .... ۽ ڳائڻ شروع ڪر. ٻڌندڙ به تو سان محبت ڪرڻ لڳندا. پر تڏهن جڏهن کين پتو پوندو تہ تون پنهنجي ڏندن ڪري شرمندگي محسوس نہ ٿي ڪرين. بلڪ پاڻ فخر سان اُهي ظاهر ڪري ڳائين پئي. اصل فن تنهنجي شخصيت ۾ لڪل آهي."

پوءِ ان شخص کيس وڌيڪ دلاسو ڏيندي چيو:

"تي سگھي ٿو تہ اڄ تون جن ڏندن کي لڪائڻ جي ڪوشش پئي ڪرين، سياڻي اهي ئي ڏند تنهنجي قسمت سنواري ڇڏين."

پوءِ ڪاسي ڏيلي نالي انهيءَ ڇوڪريءَ، ان شخص جي نصيحت کي ٻڌي ائين ڪيو جيئن هن چيو. هن ڳائڻ وقت پنهنجي خراب نظر ايندڙ ڏندن کي بلڪل وساري ڇڏيو. ان وقت کان ونئي آخر تائين هن پنهنجي ڏندن بدران صرف پنهنجي ٻڏندڙن طرف ڏيان ڏنو. هوءَ فطري انداز ۾ وات کولي ڳائڻ شروع ڪندي هئي ۽ پوءِ ايتري شان سان ڳائيندي هئي جو جلد ئي تمام مشهور ڳائڻي ٿي وئي. هوءَ فلمن ۽ ريڊيو جي هڪ مصروف گلوڪاره ٿي وئي ۽ پوءِ تہ پاڻ ٻيا فنڪار بہ سندس نقل ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا.

مشهور ۽ مصروف شخصيت وليم جيمز انهن ماڻهن جو ذڪر ڪري رهيو هو جيڪي ڪڏهن بہ پنهنجو پاڻ کي ڳولي ۽ سڃاڻي نہ سگهيا. پنهنجي اندر جي صلاحيت کي محسوس ئي نہ ڪري سگهيا. هن ٻڌايو تہ هڪ وچولي سطح وارو شخص پنهنجي ڳجهي دماغي اهليت جي صرف ڏهہ سيڪڙو حصي کي ئي اڳتي وڌائي ٿو. "اسان کي چا ڪرڻ کپي" جو ذڪر ڪندي هن لکيو:

"اسين رڳو ان سجاڳيءَ واري ڪيفيت ۾ آهيون.... اسين پنهنجي ذهني ۽ جسماني صلاحيتن جو صرف هڪ مختصر حصو ئي استعمال ڪريون ٿا.... ان ڳالهہ کي وسيع تر مفهوم مان ظاهر ڪندي، اهو چئي سگهجي ٿو تہ ماڻهو پنهنجي هڪ حد اندر ئي رهن ٿا.... جيتوڻيڪ انهن ۾ ڪيتري ئي قسم جون قوتون هونديون آهن، پر اهي عادتن پنهنجي انهن قوتن کي استعمال ڪرڻ ۾ ناڪام رهندا آهن."

توهان ۽ مون ۾ ڪيتريون ئي صلاحيتون ۽ قابليتون آهن. اسان کي هڪ لمحو بہ اهو سوچڻ ۾ ضايع نہ ڪرڻ کپي، تہ ڪو اسين بہ بين کان کي قدر گهٽ آهيون. توهان بہ هن دنيا ۾ هڪ نئين شيءِ آهيو.

نئين ايجاد آهيو. جڏهن کان هيءَ دنيا وجود ۾ آئي آهي، پلي ان ۾ ڪروڙين اربين ماڻهو پيدا ٿيا هجن، پر توهان جهڙو ڪو بيو ماڻهو پيدا ئي نه ٿيو آهي ۽ نه ئي قيامت تائين پيدا ٿيندو. توهان بلڪل فخر سان اهو چئي سگهو ٿا ته :

"آهي ڪو مون جهڙو جي هجي ته سامهون اچي."

ولادت بابت سائنس اهو چوي ٿي ته، توهان جي پيدائش توهان جي والد جي 23 ڪروموسومز جي ڪري ٿي آهي. توهان کي جيڪي ڪجهه ورثي ۾ ملي ٿو اهو انهن ئي ڪروموسومز جي ڪري ئي آهي. اسان جو پيدا ٿيڻ هڪ حيران ڪندڙ عمل آهي.

جيڪڏهن توهان جا ٻي لک بلين ٻيا پائر پينرون آهن، ته به اهي سمورا توهان کان مختلف ئي هوندا. ڇا اهو رڳو هڪ اندازو ئي آهي؟ .... نه اها هڪ سائنسي حقيقت آهي. جيڪڏهن توهان ان موضوع تي ايڏا ڪجهه تفصيلي طرح ڄاڻڻ چاهيو ته پوءِ توهان کي آمرام شين فيلڊ جي ڪتاب "توهان ۽ وراثت" پڙهڻ کپي. آءٌ ان موضوع تي پوريءَ ذميواريءَ سان ڳالهائي سگهان ٿو. جيڪو اسان جي بحث هيٺ آهي، جو ته مون کي ان موضوع ۾ تمام گهڻي دلچسپي آهي. مون کي ان موضوع جي سلسلي ۾ ڪيترائي تجربا ٿيل آهن. مثال طور.

"جڏهن آءٌ پهريون پيرو ميوريءَ مان نيويارڪ آيس، تڏهن مون آمريڪن اڪيڈمي آف ڊراميٽڪ آرٽس ۾ داخلا ورتي. آءٌ هڪ اداڪار ٿيڻ آيو هيس ۽ منهنجي خيال ۾ اهو هڪ سنو ڏنڏو هو. منهنجو اهو به خيال هو ته اهو رستو مون لاءِ ڪاميابيءَ ڏانهن وڻي ويڙ جو مختصر رستو ثابت ٿي سگهي ٿو.... اهو هڪ اهڙو خيال هو جيڪو منهنجي سوچ موجب ۾ بلڪل سادو سودو ۽ هر نقص کان آجو هو... آءٌ حيران ٿيندو هيس ته مون کي اڳي ٻين ماڻهن جي دل ۾ اهو خيال ڇو نه آيو ته اهي اداڪار ٿي پنهنجي لاءِ ڪاميابيءَ جي هڪ مختصر واٽ وٺن. مون پنهنجي وقت جي مشهور اداڪارن جي اداڪاريءَ جو جائزو وٺڻ شروع ڪيو. انهن جا اثر قبول ڪرڻ شروع ڪيم. تنهن کان پوءِ مون انهن

اداڪارن جي بهترين اداڪاريءَ جو نقل ڪرڻ شروع ڪيو ۽ پنهنجو پاڻ کي انهن اداڪارن جي اداڪاريءَ جو هڪ گڏيل مجموعو ٺاهيم. منهنجو اهو عمل تمام گهڻو بيوقوفاڻو هو ۽ بلڪل فضول ب. مون ٻين جي نقل ڪندي پنهنجي زندگيءَ جا ڪيترائي قيمتي سال ضايع ڪري ڇڏيا. تنهن کان پوءِ وڃي منهنجي ٽلهي عقل ۾ اها ڳالهه ويهڻ شروع ٿي ته مون کي اهو ئي ڪرڻ ڪپي، جيڪو آءٌ پاڻ آهيان ۽ آءٌ ان کانسواءِ امڪاني طور تي ٻيو ڪجهه ب ٿي نه ٿو سگهان."

ان خراب تجربي کان پوءِ ته مون کي اهڙو سبق سکڻ ڪپي ها ۽ اهڙي سيکٽ اچي ها، جنهن کي آءٌ سموري حياتي وساري نه سگهان ها، پر جڏ ته منهنجي عقل تي پردو پئجي ويو. مون کي اهو سبق ٻيهر سکڻو پيو. ڪيترن سالن کان پوءِ مون اهو پروگرام ٺاهيو ته مون کي ڪو اهڙو ڪتاب لکڻ گهرجي، جنهن جهڙو ٻيو ڪو ڪتاب ايڏا تائين ڪنهن لکيو ئي نه هجي ۽ اهو ڪتاب "ڪاروباري ماڻهن لاءِ ڳالهه ٻولهه جو فن" جي موضع تي لکڻ ڪپي. مون اهو ڪتاب لکڻ ۾ ب اها ساڳئي بيوقوفي ڪئي، جيڪا اداڪاريءَ واري ميدان ۾ ڪري چڪو هوس. مون ڪيترن ئي اديبن جا ڪتاب ڪٽي، انهن کي پنهنجي ڪتاب ۾ ريڪ جاءِ ڪرڻ چاهيو ۽ هڪ اهڙو ڪتاب لکڻ چاهيم جيڪو پنهنجو مثال پاڻ هجي.... جنهن ڪتاب ۾ ان موضوع تي اهو سڀ ڪجهه هجي جيڪو ٻيا نه لکي سگهيا. تنهن ڪري مون ڳالهه ٻولهه واري فن تي ڪتابن جا ڍير گڏ ڪري ورتا. پر پوءِ آخرڪار ان وقت مون تي اهو راز وري ظاهر ٿيو ته آءٌ وري به بيوقوفي جو مظاهرو ڪري رهيو آهيان. منهنجي سڄي سال جي محنت ضايع ٿي وئي. گڏ ڪيل ڪتابن تي خرچ ڪيل پئسا ب ضايع ٿيا ۽ مو ان ڪتاب جي مسودي کي ردي‌ءَ جي ٽوڪريءَ ۾ اڇلائي ڇڏيو ۽ وري نئين سر ڪتاب لکڻ شروع ڪيم. ان وقت مون پنهنجو پاڻ سان ڳالهائيندي چيو:

"توکي ڊيل ڪارنيگي ئي ٽيڪو پوندو.... پنهنجي سمورين چڱائين ۽ برائين سان گڏ صرف ڊيل ڪارنيگي ئي ٽيڪو اٽئي، تنهن جي لاءِ اهو ممڪن ئي ڪونهي ته تون ڪو ٻيو ڪجهه ٿي سگهين."

تنهن کان پوءِ يڪدم مون ٻين وانگر ۾ انهن جهڙو ٿيڻ واريون ڪوششون ڪرڻ ڇڏي ڏنيون. همٿ ڪيم ۽ اهو ڪجهه ڪرڻ جي ڪوشش شروع ڪيم. جيڪا مون کي گهٽو وقت اڳ ڪرڻ ڪپي ها.... مون پنهنجي ذاتي تجربي کي سامهون رکي ڳالهه ٻولهه جي موضوع تي هڪ نهايت شاندار ڪتاب لکيو. ان ڪتاب ۾ منهنجا اهي تجربا ۽ مشاهدا شامل هئا، جيڪا مون هڪ تقرير ڪندڙ ۽ ڳالهه ٻولهه سيکارينڌڙ استاد طور حاصل ڪيا هئا.

مون اهو سبق سکيو جيڪو سر والٽر ريلي سکيو هو (آءٌ ان سر والٽر ريلي جي ڳالهه ٻولهه نه پيو ڪريان، جنهن پنهنجو ڪوٽ لاهي گپ ۾ اڇلائي ڇڏيو هو ته جيئن ملڪه سندس ڪوٽ تي پير رکي گپ مان هلي سگهي، پر آءٌ ان سر والٽر ريلي جو ذڪر پيو ڪريان، جيڪو 1904ع ۾ آڪسفورڊ يونيورسٽي ۾ انگريزي ادب جو ٽيچر هو.)

ان هڪ پيرو چيو هو:

"جتيوٽيڪ آءٌ شيڪسپيئر وانگر ڪو شاهوڪار ڪتاب ته نه ٿو لکي سگهان، پر پنهنجي قابليت موجب ڪتاب ضرور لکي سگهان ٿو."

تنهن ڪري توهان پنهنجو پاڻ کي سچاڻو ۽ اهو ئي ڪجهه ٿيڻ جي ڪوشش ڪريو جيڪي توهان آهيو ۽ ٿي سگهو ٿا. ان مشوري مان فائدو حاصل ڪريو جيڪو مشورو ارون برلن، آنجهاني جارج گريش ون کي ان وقت ڏنو هو جڏهن ٻئي پهريون پيرو هڪ ٻئي سان مليا هئا. ان وقت برلن هڪ تمام مشهور شخصيت هئي، جڏهن ته گريش ون هڪ نوجوان ڪمپوزر هو ۽ جدوجهد جون منزلون طئه ڪري رهيو هو. هو 35 ڊالر هفتي جي پگهار سان ٽن پان الي وٽ نوڪري ڪري رهيو هو. ارون برلن، گريش ون جي قابليت کان متاثر ٿيڻ کانسواءِ رهي نه سگهيو ۽ هن گريش ون کي پنهنجي ميوزيڪل سيڪريٽري ٿيڻ جي آڇ ڪئي، پر گڏوگڏ هن گريش ون کي اهو مشورو به ڏنو ته:

"ان عهدي کي قبول نہ ڪجانءِ. جيڪڏهن تون ان عهدي کي قبول ڪندين تہ پوءِ ٻئي درجي جو برلن ٽي ويندين. پر جيڪڏهن تون ائين ئي ٽيڙ جي ڪوشش ڪندين. جيئن تون هن وقت آهين تہ هڪ وقت اهڙو ايندو جو تون پهرين درجي جو گريش ون ئي ٽيندين."

گريش ون برلن جي ان مشوري تي عمل ڪيو ۽ آهستي آهستي پنهنجي نسل جو هڪ اهم ترين ۽ ڪامياب ڪمپوزر ٿي ويو.

چارلي چپلن .... ولز راجرز.... ميري مارگريش ... هڪ برائيٽ .... چين آسٽري ۽ لکين ٻين ماڻهن اهوئي سبق سکيو جيڪو هن ڪتاب ۾ آءٌ توهان کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان. انهن ۾ گهٽي مشڪل کان پوءِ اهو سبق سکيو هو. جهڙي ريت مون کي مشڪل سان اهو سبق سکيو هو.

جڏهن چارلي چپلن پهريون پيرو فلمن ۾ ڪم ڪرڻ لڳو هو تہ ان وقت سنڊس فلم ڊائريڪٽر کيس صلاح ڏني هئي تہ هو ان وقت جي هڪ مشهور جرمن مزاحيا اداڪار جو نقل ڪري. بلڪ فلم ڊائريڪٽر تہ چارلي چپلن تي زور پريو تہ هو بلڪل ان جرمن مزاحيہ اداڪار وانگر ٽي وڃي. چارليءَ کي ان نقل مان ڪجهہ بہ نہ وريو ايستائين جو هن پنهنجي اداڪاريءَ کي ترجيح ڏني.

باب هوپ کي بہ اهڙي ئي قسم جو تجربو حاصل ٿيو هو. هن ڪيترا سال نچڻ ٽپڻ ۾ وڃائي ڇڏيا. پر کيس ڪجهہ بہ حاصل نہ ٿيو. نيٺ هن پنهنجو رستو اختيار ڪيو. اهو مثال تہ توهان بہ ٻڌو هوندو تہ ڪانگ، هنس وانگر هلڻ جي ڪوشش ۾ پنهنجو هلڻ ئي وساري ويٺو. تنهن ڪري بهتر آهي تہ ٻين وانگر هلڻ بدران ائين ئي هلو جيئن توهان هلندا پيا اچو.

جڏهن جين آٽري مٽس لڳل ٽيڪساس جي هجڻ وارو لڪ لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ پاڻ کي شهري ڇوڪرن جهڙا ڪپڑا پائي نيويارڪ جو رهندڙ ظاهر ڪيو تہ ماڻهو مٽس چٽرون ڪرڻ لڳا. پر پوءِ هن اها ڳالهہ ڇڏي وري لوڪ گيت ڳائڻ شروع ڪيا تہ پوءِ ريڊيو ۽ فلمن جو مشهور فنڪار ٿي ويو.

توهان هن دنيا ۾ نئين‌ءَ ۾ عجيب شيءِ وانگر آهيو. توهان پنهنجي ان حيثيت تي خوش ٿيو جيڪي ڪجهہ قدرت توهان کي ڏني آهي، ان مان پرپور فائدو حاصل ڪريو. قطعي تجربو اهو ئي سيکاري ٿو تہ:

"فن اهو ئي هوندو آهي جيڪو توهان جي اندر لڪل هوندو آهي.... توهان ائين ئي اداڪاري ڪري سگهو ٿا، جيئن آهيو. توهان اهڙي ئي چترڪاري ڪري سگهو ٿا، جيڪا ڪري سگهو ٿا. توهان کي اهو ڪجهہ پڙهڻ گهرجي، جيڪو توهان پاڻ آهيو يا جيڪو ڪجهہ توهان پنهنجي تجربي مان سکيو آهي. توهان کي ورثي ۾ مليل صلاحيت ۾ توهان جو مشاهدو ئي توهان کي ٻاهي ٿو. توهان کي پنهنجي باغيچي کي وڌائڻ لاءِ پاڻ ئي پاڻي ڏيڻو آهي ۾ سندس سار سنيال لهڻي آهي. توهان کي زندگيءَ جي اسٽيج تي اچي پنهنجي فطري اداڪاري ڪرڻي آهي."

ايمرسن پنهنجي 'خوداعمتادي' واري مقالي ۾ لکيو آهي:

"ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي تعليم ۾ تربيت ۾ هڪ اهڙو بہ وقت اچي ٿو جڏهن هو سکي ٿو تہ ٻئي تان سڙيل رڳو جهالت آهي. ڪنهن جو بہ نقل ڪرڻ خودڪشي ڪرڻ جي برابر آهي. هر ڪنهن کي پنهنجو پاڻ تي پروسو ڪرڻ کپي. ڪيس پنهنجو رستو پاڻ ڳولڻ کپي .... جيستائين هو پاڻ پنهنجي زمين تي هر نہ هلائيندو تيستائين پلو فصل حاصل ڪري نہ سگهندو. هن ۾ جيڪا طاقت ۾ صلاحيت لڪل آهي، تنهن جي هن کان علاوہ ٻئي ڪنهن کي ڪَلَ خبر ڪونهي تہ هوان کان ڪيئن ڪم وٺي سگهي ٿو. ڪيس پاڻ بہ پنهنجي لڪل صلاحيت ۾ قوت جو اوستائين پتو نہ ٿو پوي، جيستائين هوان کي ڳولڻ جي ڪوشش نہ ٿو ڪري"

ياد رکو هڪ اهڙو ڏهني رويو ٺاهڻ لاءِ، جيڪو اسان جي امن ۾ سکون جي ضمانت هجي:

"اچو تہ پڪو پهہ ڪريون تہ اسين ٻين جو نقل نہ ڪنداسين.... اچو تہ اهو بہ پهہ ڪريون تہ اسين پنهنجو پاڻ کي ڳولينداسين ۾ اهو ئي ڪجهہ ڪنداسين، جيڪي اسين پاڻ آهيون.."

باب ٻيو

ڪم ڪرڻ جون چار سٺيون عادتون

پهرين سٺي عادت: ميز تان غير ضروري ڪاغذ هٽايو، اهي ڪاغذ رکو جي تڪڙو ڏيان لهڻ ۾

شڪاگو ۾ ڏکڻ اولهه ريلوي جي صدر رونالڊ ييل وليمز هڪ ڀيرو چيو هو ته:

"ڪوبه عملدار جنهن جي ميز مختلف قسمن جي معاملن بابت ڪاغذن سان ڀري ڀئي هجي، اهو ان صورت ۾ ئي صرف پنهنجي ڪم کي آسان بنائي سگهي ٿو ، بلڪ بنا ڪنهن غلطيءَ جي سٺي نموني ڪم ڪري سگهي ٿو جيڪڏهن هو ٿوري تڪليف ڪري پنهنجي ميز کي غير ضروري ۽ غير واسطيدار ڪاغذ پٽڻ کان صاف ڪري ڇڏي ۽ رڳو اهي ڪاغذ پنهنجي ميز تي رکي، جن تي ڪيس تڪڙو ڏيان ڏيڻو هجي.."

آءٌ ان ڳالهه کي هڪ سٺي گهر هلائڻ جو هنر سمجهندو آهيان ۽ اها ئي ڳالهه ڪنهن جي به ڪارڪردگي وڌائڻ ڏانهن پهرين وک سڏي سگهجي ٿي.

جيڪڏهن توهان واشنگٽن جي لائبريري آف ڪانگريس ڏسڻ ويو ته، توهان کي لائبريري جي پٺ تي هي لفظ لکيل نظر ايندا:

"نظر ۽ ضبط ڪائنات جو پهريون اصول آهي."

نظر ۽ ضبط ڪاروبار جو به پهريون اصول هئڻ گهرجي. ڇا اسين ان ڪاروباري اصول کي اختيار ڪريون ٿا. جواب گهڻو ڪري 'نه' ۾ هوندو آهي.

اسان جي ڪاروباري آفيسن جي ڪيترين ميزن تي اهڙو ڪاغذن جو ڍير لڳو پيو هوندو آهي، جن کي يا ته اسان کي تڪڙو ڏسڻو ئي نه آهي يا وري اُهي اجايا ۽ غير ضروري آهن. يا وري انهن کي ڏسڻ جي ضرورت ڪيترن هفتن کان پوءِ پئجي سگهي ٿي.

هڪ پيرو اولپنز نيوز پيپر جي پبلشر مون کي ٻڌايو ته، سندس سيڪريٽري سندس آفيس جي ميزن مان هڪ ميز کي ڪاغذن جي ڍير کان آجو ڪيو ته اهو ٽائيپ رائيٽر نظر اچي ويو. جيڪو بن سالن کان گم هو ۽ جنهن جي نه هڻڻ سبب اسان سڀني کي ڪم ڪار ۾ پريشاني ٿي رهي هئي. جڏهن ته اهو ڪاغذن جي اجائي ڍير هيٺان ڏکيو پيو هو.

اصل ۾ ڪاغذن سان پريل ميز نه صرف توهان جي پريشاني وڌائي ٿي، پر توهان کي اهو احساس ڏياري چريو ڪريو ڇڏي ته توهان کي ايڏا هيترو سارو ڪم ڪرڻو آهي ۽ توهان پنهنجي مختصر ڪاروباري وقت ۾ ان کي ڪيئن اڪلائيندا. ٻئي پاسي ٻين ماڻهن جي نظرن ۾ توهان ٿوٿي ۽ بي افالا سمجهيا ويندا، جيڪي پنهنجي ميز تي ايترا اجايا سجايا ڪاغذ سينگاري ويٺا آهيو ۽ انهن کي نه اڪلائي ڪم کان نٽائيندا ٿا رهو. اهڙيءَ صورتحال ۾ ته صرف توهان پاڻ پريشان ٿا رهو. پر ڪنهن وقت ڪو ضروري ڪاغذ ڳولڻ لاءِ ٻين ڪاغذن کي هيٺ مٿي ڪري توهان پاڻ ۽ ٻين کي به اجايو پريشان ڪريو ڇڏيو ۽ پوءِ توهان کي هر وقت بيزاري، چڙ ۽ ٽڪ ٽيو پوي. انهن سمورين ڳالهين سبب توهان جو بلڊ پريشر هروپرو وڌيو وڃي، جنهن کان پوءِ توهان دل جي تڪليف ۽ معدي جي السر جو به شڪار ٿي سگهو ٿا.

گريجوئيٽ اسڪول آف ميڊيڪل، يونيورسٽي آف پينسلوانيا جي پروفيسر ڊاڪٽر ايچ سنوڪر، نيشنل ڪنوينشن آف آمريڪن ميڊيڪل ايسوسيئيشن جي گڏجاڻيءَ ۾ هڪ مقالو پڙهيو جنهن جو موضوع هو ته:

"اعصابي ڪارڪردگي ڪهڙي ريت پيچيده جسماني مرض جو سبب بڻجي ٿي."

ڊاڪٽر سنوڪر پنهنجي ان مقالي ۾ اعصابي ڪاڪردگيءَ کي متاثر ڪندڙ يارنهن سبب ٻڌايا، جن مان سڀ کان وڌيڪ مٿانهان هي ٻه هيا:

- ذمه داري يا قرض ادا ڪرڻ جو احساس.
- ميز تي نه ڪٿندڙ ڪاغذن جو ڍير، جنهن کي ڏسي ڪم جي وڌي وڃڻ جو ڊپ ذهن تي سوار رهي ٿو.

پر توهان پنهنجي ميز کي انهن غير ضروري ڪاغذن کان ڪيئن صاف ڪري سگهو ٿا؟

هڪ مشهور ماهر نفسيات پنهنجي هڪ مريض کي پنهنجي ميز کي اجاين ڪاغذن کان صاف ستڙو رکڻ لاءِ کي گُر ٻڌايا، جن تي عمل ڪري اهو مريض نروس بريڪ ڊائون جو شڪار ٿيڻ کان ڏري گهٽ بچي ويو. سندس اهو مريض شڪاگو جي هڪ فرم ۾ هڪ وڏي ايگزيڪيوٽو عهدي تي ڪم ڪندو هو. جڏهن هو ڊاڪٽر سيڊلر وٽ علاج لاءِ آيو ان وقت هو خوف ۽ هراس، فڪر، غم ۽ اعصابي دٻاءَ جو شڪار هو. ڪيس خيال هو ته هو اهڙيءَ صورتحال ۾ تمام جلد نروس بريڪ ڊائون جو شڪار ٿيندو، پر هو پنهنجي نوڪري ڇڏڻ لاءِ به تيار نه هو. ان نوڪري ۾ ڪيس ملندڙ پگهار، بيون سهولتون ۽ مزا ڪيس ٻئي ڪنهن هنڌ نه ٿي ملي سگهيا. اها نوڪري هن لاءِ تمام ضروري هئي ۽ ان تي ئي سندس اڳتي جي معاشي زندگي جو دارو مدار هو. هو ڊاڪٽر سيڊلر کان مدد وٺڻ آيو هو.

جڏهن اهو ماڻهو ڊاڪٽر سيڊلر کي پنهنجي پريشاني ٻڌائي رهيو هو ته ڊاڪٽر کي ان وقت هڪ فون آيو. ڊاڪٽر سيڊلر ان سلسلي ۾ وڌيڪ هن طرح ٻڌايو:

"منهنجي فون جي گهنٽي وڳي، مون کي اسپتال مان فون آيو هو ۽ مون اسپتال جو معاملو ملتوي ڪري، ان کي فيصلي واري موڙ تائين پهچائڻ جو سوچيو. جيڪڏهن ممڪن هوندو آهي ته اهڙن مريضن کي آءُ هڪ سوال نامو ڏيندو آهيار جن جا جواب کين ڏيڻا هوندا آهن. ايئن آءُ ان مريض بابت ڪجهه نه ڪجهه

ڪرڻ جو سوچي ئي رهيو هوس تہ فون جي گهنٽي وري وڳي. هن پيري بہ هڪ اهم معاملو هو ۽ ان مسئلي تي ڳالهائيندي مون کي ڪافي وقت لڳي ويو. ٽئين پيري ان وقت مداخلت ٿي، جڏهن منهنجو هڪ ساٿي ڊاڪٽر هڪ مريض جي سلسلي ۾ مون سان صلاح مشورو ڪرڻ لاءِ اچي پهتو. اهو مريض بہ ڪافي بيمار هو. بحرحال مون پنهنجي ان ساٿي ڊاڪٽر کي بہ فارغ ڪيو. ان کان پوءِ مون مريض کان معذرت ڪئي تہ منهنجي ڪري ڪيس ڪافي زحمت ٿي، پر ان بدران منهنجو مريض تہ ڇڻ ڏڻي پيو. سندس چهري تي مختلف قسم جو تاثر ۽ احساس اُپريو هو."

ان شخص ڊاڪٽر سيڊلر کي چيو:

"ڊاڪٽر صاحب، توهان کي مون سان معذرت ڪرڻ جي ڪابہ ضرورت ڪونهي، چو تہ گذريل ڪجهہ ڏينهن کان مون کي اهو پتو پئجي چڪو آهي تہ منهنجي غلطي ڪهڙي هئي؟ آءٌ يڪدم آفيس وڃان پيو ۽ پنهنجي آفيس جا ڪم ڪار ڪرڻ تي نظرثاني ٿو ڪريان، پر ان ڪان اڳ جو آءٌ آفيس وڃان، مون کي پنهنجي ميز جا خانا ڏسڻ جي ٿوري اجازت ڏيو."

ڊاڪٽر سيڊلر چيو تہ، مون پنهنجي ميز جا سمورا خانا کولي ڪيس سامهون ڏيڪاريا... سمورا خانا خالي هئا. انهن ۾ رڳو ڪي ضروري ڪاغذ يا شيون پيل هيون، جن تي ڊاڪٽر کي تڪڙو ڏيان ڏيڻو هو يا هر وقت ضرورت ۾ ڪم اچڻ جهڙا هئا. اها صورتحال ڏسي مريض ڊاڪٽر کان پڇيو:

"مهرباني ڪري مون کي ٻڌايو تہ توهان جيڪو ڪم ملتوي ڪندا آهيو، اهي ڪاغذ ڪٽي رکندا آهيو؟"

ڊاڪٽر جواب ڏنو:

"ڪم کي ملتوي ڪرڻ جي عادت ڪونهي، بلڪ آءٌ اتي جو اتي ڪم کي ختم ڪري پوءِ اُٺندو آهيان."

مريض ڊاڪٽر کان وري پڇيو:

"توهان اهي خط ڪٿي رکندا آهيو جن جا توهان بروقت جواب نه ڏئي سگهندا آهيو؟"

ڊاڪٽر جواب ڏنو:

" آءٌ ڪوبہ اهڙو خط ائين نہ ڇڏيندو آهيان، جيستائين آءٌ ڪو نہ ڪو جواب نہ ڏئي وٺان. آءٌ هر خط جو فوري جواب ڏيڻ جو عادي آهيان."

هن وري چيو:

"جيئن ئي مون کي ڪو خط وصول ٿيندو آهي تہ آءٌ يڪدم پنهنجي سيڪريٽري کي سڏي، کيس ان خط جو جواب لکائي ڇڏيندو آهيان، جيڪا يڪدم اهو جواب لکي، مون کان صحيح ڪرائي، بروقت اماڻي ڇڏيندي آهي."

ڇهن هفتن کان پوءِ ان ساڳئي مريض عهديدار ڊاڪٽر سبلر کي پنهنجي آفيس ۾ اچڻ جي دعوت ڏني. نہ صرف هو بدلجي چڪو هو پر سندس ميز تي بہ تبديلي اچي چڪي هئي. اتان ڪاغذن جو اجايو ڍير غائب هو. هن ڊاڪٽر سبلر کي پنهنجي ميز جا خانا بہ کولي ڏيکاريا. اتي ڪن ضروري ڪاغذن کان سواءِ اهڙو ڪوبہ ڪاغذ نہ هو جيڪو پوءِ جواب ڏيڻ لاءِ رکيو ويو هجي. هن ايگزيڪيوٽو ڊاڪٽر سيبلر کي ٻڌايو:

"ڇهہ هفتا اڳ منهنجي ٻن مختلف آفيسن ۾ ڪم ڪرڻ جون ڇهہ ميزون رکيل هيون ۽ انهن سمورين ميزن تي ملتوي ٿيل ڪمن ۽ ڪاغذن جو انبار لڳو پيو هوندو هو جن کي آءٌ ڪڍهن بہ پورو نہ ڪري سگهندو هوس. توهان سان ملڻ کان پوءِ آءٌ يڪدم پنهنجي آفيس آيس ۽ پنهنجي ميزن تان غير ضروري ڪاغذن ۽ فائلن جو ڍير هٽرايم. هاڻي آءٌ رڳو هڪ ميز تي ڪم ڪندو آهيان. مون وٽ جيئن ئي ڪو ڪم يا ڪاغذ پٽ ايندو آهي، ان کي بروقت اڪلائڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان. هاڻي مون وٽ ڪوبہ اهڙو ڪم يا ڪاغذ پٽ ڪونهي، جنهن جو جواب ڏيڻ کان رهيل هجي. نہ ئي منهنجي ميزن تي ڪي ڪاغذن يا فائلن جا ڍڳ پيل آهن، جيڪي منهنجي لاءِ اجائي پريشاني ۽ ڏهني ۽ اعصابي دٻاءَ جو

سبب بنجن ۾ سڀ کان حيران ڪندڙ ڳالهه اها آهي ته هاڻي آءٌ بلڪل چاڪ چڪو پلو ٽي چڪو آهيان. هاڻي مون کي ڪابه بيماري ڪونهي ۽ منهنجي صحت به سٺي آهي."

آمريڪي سپريم ڪورٽ جي اڳوڻي چيف جسٽس ايونز هرگز چيو هو ته:

"ماڻهو گهڻو ڪم ڪرڻ سان نه ٿا مرن. پر هو ڳڻتين ۽ ذهني ڇڪ ڀاهه سبب موت جو ٻک ٿا بڻجن."

ها، ڪجهه ماڻهو پنهنجون توانايون چڙوچڙ ٽيڙ سبب ۽ ان ڳڻتيءَ ۽ اڻٽڻ سبب ڪڏهن به پنهنجو ڪم ڪري پورو ڪري نه سگهندا واري لاچاريءَ سبب مريو ٿا وڃن.

پي سٺي عادت: ڪمن جي اهميت جي حساب سان ڪمن کي ترتيب ڏيو

ملڪ گير سٺي سروس ڪمپنيءَ جو باني هنري ايل ڊوهرٽي چيو ٿو ته، مون ڪڏهن به ان ڳالهه جي پرواهه نه ڪئي ته مون کي پنهنجي ملازم کي ڪيتري پگهار ڏيڻي پوندي، پر فقط هڪ ڳالهه تي زور ٽي ڏنو ويو ته، ان ۾ ٻه خاصيتون هجن:

1. سوچ ويچار جي صلاحيت
2. ڪم کي اهميت موجب اوليت ڏيڻ جي صلاحيت.

چارلس لڪ مين هڪ اهڙو چوڪرو هو جنهن پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات نهايت لاچاريءَ واري حالت ۾ ڪئي ۽ لڳاتار 12 سالن تائين جدوجهد کان پوءِ هو پيپي ڊنٽ ڪمپني جي صدر جي عهدي تي وڃي پهتو. سندس پگهار هڪ لک ڊالر سالياني هئي، پر ان کان پوءِ به هن هِت هُٽ هٽ پير هٽي لکين ڊالر ڪمايا. ان چوڪري انڪشاف ڪيو ته هن اهي سڀ ڪاميابيون رڳو ان ڪري حاصل ڪيون، جو هن هنري ايل ڊوهرٽي جي انهن ٻني دل پسند خاصيتن تي عمل کي ممڪن بنايو ۽ جيڪڏهن هو ائين نه ڪري ها ته شايد ڪڏهن به ايڏي وڏي ڪاميابي حاصل ڪري نه سگهي ها. هن پنهنجي ياداشت تي زور ڏيندي چيو:

"هاڻي جڏهن آءُ پوئتي نظر ٽو ڪريان ٿو مون کي ياد ٽو پوي ٿو ته آءُ صبح جو پنجين وڳي اٿندو هيس، ڇو ته مون لاءِ اهو ئي مناسب وقت هو جڏهن آءُ سوچ ويچار جو ڪم ڪندو هيس. ۽ ڏينهن جي ڪنهن به ٻئي وقت جي مقابلي ۾ آءُ ان وقت بهتر نموني سوچ ويچار ڪندو هيس. انهيءَ بهتر سوچ ويچار ذريعي ئي آءُ پوءِ سڄي ڏينهن جي ڪم ڪار جي رٿابندي ڪندو هيس ۽ ان ڏينهن مون کي جيڪي اهم ڪم ڪرڻا هوندا هئا، تن کي اهميت جي حساب سان ترتيب ڏئي، انهن جي فهرست تيار ڪري، پوءِ اهي ڪم ڪندو هيس، جنهن سان مون کي ڪافي سهولت ۽ آساني ٿي ويندي هئي."

زندگيءَ جي ويمي جي ڪاروبار ۾ شامل هڪ ڪامياب نمائندو فرانڪ بيٽ گر پنهنجي سموري ڏينهن جي ڪم ڪارين جي رٿابنديءَ لاءِ صبح جا پنج وڄڻ جو انتظار نه ڪندو هو، بلڪ هو هڪ رات اڳ ئي اها رٿابندي ڪري، پوءِ سکون سان سمهي رهندو هو. هو ان رات ئي اهو طئي ڪري ڇڏيندو هو ته ڪيس ٻئي ڏينهن ڪنهن ڪنهن کي ڪيترين ويمي پاليسيون وڪڻيون آهن ۽ ڪيئن. جيڪڏهن هو ان ڏينهن ڪن ماڻهن کي ويمي پاليسيون وڪڻڻ ۾ ناڪام ٿيندو هو ته ٻئي ڏينهن ماڻهن سان ملڻ جو تعداد وڌائي، انهن ناڪام ماڻهن جي تعداد کي به شامل ڪري ڇڏيندو هو ۽ اهڙي نموني روز وڌ ۾ وڌ ۾ ويمي پاليسيون وڪڻڻ جي ڪوشش ڪندو رهندو هو.

آءُ پنهنجي تمام گهڻي تجربي جي آڌار تي چئي سگهان ٿو ته ڪوبه ماڻهو سدائين پنهنجي ڪمن کي انهن جي اهميت موجب ڪرڻ جو اهل نه ٿو ٿي سگهي، پر مون کي اها به خبر آهي ته هو ڪو اهڙو منصوبو ٺاهي سگهي ٿو ته ڪهڙو ڪم پهرين ڪجي يا پهريون ڪم پهرين ڪجي، تنهن کان پوءِ ٻي ترتيت وارو ڪم ڪيو وڃي ۽ ٽيون ڪم وري ٻئي ڪم ڪرڻ کان پوءِ ڪيو وڃي ۽ ائين ئي سلسلو هلندو ٽو رهي.

جيڪڏهن جارج برنابشا اهو لائحہ عمل اختيار نه ڪري ها ته

پهريون ڪم پهرين ڪجي. ته ٿي سگهي ٿو ته هڪ اديب طور هو ناڪام رهي ها ۽ سموري حياتي هڪ بئنڪ جي ڪيشيئر طور گذاري ها. پر هن روزانو گهٽ ۾ گهٽ پنج صفحا لکڻ جي رڪاوٽ ڪئي ۽ نون سالن تائين ان تي مستقل مزاجيءَ سان عمل ڪندو رهيو. ايستائين جو روين ڪروزو ۽ هر ڏينهن هڪ هڪ ڪلاڪ ڪم ڪرڻ جي فهرست تيار ڪندو هو. پروگرام ٺاهيندو هو ۽ ان کي لکندو ويندو هو ته ڪهڙو ڪم ڪيئن ۽ ڪڏهن ڪرڻو آهي ۽ پوءِ ان تي عمل ۽ ڪندو هو.

ٽين سٽي عادت: مسئلو تڪڙو حل ڪريو

منهنجي اڳوڻن شاگردن مان هڪ آنجهاني ايڇ. پي هوول، مون کي ٻڌايو هو ته جڏهن هو يو ايس اسٽيل ملز جي بورڊ آف ڊائريڪٽر جو ميمبر هو. تڏهن بورڊ جون گڏجاڻيون غير معمولي طور تي ڊگهي عرصي تائين پيون هلنديون هيون. جنهن ۾ ڪيترائي مسئلا غور هيٺ ايندا هئا. پر تمام ٿورن بابت ڪو فيصلو ڪري سگهبو هو. ان جو نتيجو اهو نڪرندو هو ته بورڊ جي هر ميمبر کي فائلن جو هڪ وڏو ذخيرو هٿ ۾ کڻي گهر وڃڻو پوندو هو ته جيئن هو رات جو اهو پڙهي ڪو فيصلو ڪري سگهي.

آخر ڪار مسٽر هوول بورڊ جي ميمبرن کي صلاح ڏني ته هڪ وقت ۾ هڪ ئي مسئلي تي غور ڪريو ۽ جڏهن اهو نبرجي وڃي ته پوءِ ٻئي تي غور شروع ڪريو. مسٽر هوول مون کي ٻڌايو ته منهنجي ان تجويز تي عمل سان تمام ڏاڍا نتيجا نڪتا ۽ هڪ هڪ ڪري سمورا مسئلا حل ٿيندا ويا ۽ اجايو وقت ضايع ٿيڻ کان بچي ويو. سمورا فيصلا بروقت ٿي ويندا هئا ۽ هاڻي ڪنهن به ميمبر کي فائلن جون پريون ٻڌي گهر کڻي وڃڻيون نه پونديون هيون ۽ نه ئي ڪنهن جي ذهن تي اهو بار هو ته فلاڻو مسئلو حل ٿيڻ کان رهجي ويو.

اها صلاح رڳو يو. ايس اسٽيل ملز جي بورڊ آف ڊائريڪٽر لاءِ بهتر نه هئي پر توهان ۽ مون لاءِ به اوتري ئي بهتر آهي. جيتري بهتر هنن لاءِ هئي. فرق اهو آهي ته عمل ڪري ڏسون.

چوٽين سٽي عادت: ٻين کي ذميواري ڏيڻ، انتظامي ضابطو رکڻ ۽ نگراني کرڻ سکو

ڪيترائي ڪاروباري ماڻهو رڳو ان ڪري جلد ئي پنهنجي قبرن ڏيڙا ٿي ٿا وڃن، جو اهي پنهنجن ماتحتن کي ذميداريون حوالي ڪرڻ جو فن سکي نه سگهيا هئا. هو هر ڪا ذميداري پنهنجي سر تي کنيو ٻيٺا هوندا آهن، نتيجي طور سدائين پريشان رهندا آهن ۽ ڪم جي بار هيٺ دٻيا ويندا آهن ۽ پوءِ پاڻ به پريشان ٿه ٻين کي به پريشان ڪندا رهندا آهن. ان کان سواءِ وڌيڪ ڪمن هجڻ سبب، هو انهن کي جلد اڪلائڻ جي ڪوشش ۾ هوندا آهن. جلد بازي، پريشاني ۽ ڪم جو وقت تي نه ٽيڻ، کين پريشان ۽ ٻچتو ڪري ٿو وجهي ۽ سندن اعصابي نظام تباهه ٿي ٿو وڃي. مون کي خبر آهي ته ماتحت کي ذميداريون حوالي ڪرڻ به دل گردي جو ڪم آهي. اها هڪ مشڪل ڀالهه آهي. هرڪو ماڻهو چاهيندو آهي ته سمورا اختيار هن وٽ هجن، جو ڪيس اهو به ڊپ هوندو آهي ته ڪٽي اختيار غلط هٿن ۾ نه هليا وڃن. مون کي به اهو خطرو رهندو هو ۽ مون کي اها به خبر هئي ته اختيارن جي غلط هٿن ۾ هئڻ سبب ڪيترا نقصان ٿي سگهن ٿا. سو ٻين کي اختيار ڏيڻ هڪ تڪليف ڏينڈڙ عمل آهي، پر ان جي باوجود ڪم جي زيادتي، پريشاني، اعصابي دٻاءُ ۽ ٽڪجڻ کان بچڻ لاءِ اهو تڪليف ڏينڈڙ ڪم ڪري ئي ڇڏجي ته ٻي اجائيءَ ۽ وڌيءَ تڪليف کان بچي سگهجي ٿو.

جيڪي ڪاروباري ماڻهو وڏا وڏا ڪاروبار ناهيو ويٺا آهن، پر انهن ڪاروبارن کي منظم ڪرڻ، ذميداريون حوالي ڪرڻ ۽ نگراني ڪرڻ نه ٿا سکن، اهي پنهنجي عمر جي پنجاهين کان ست سالن وچ ۾ ئي دل جي بيمارين ۾ ونجيو وڃن. جيڪڏهن توهان کي ان سلسلي ۾ ڪو خاص مثال گهرجي ته پنهنجن مقامي اخبارن ۾ موت جي خبرن کي غور سان پڙهو ۽ سندن عهدا ۽ عمريون به ڏسي ونو.

تنهنڪري ٽڪ ۽ پريشانيءَ کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ واسطي،

1. پنهنجي ميز تان غير ضروري ڪاغذ هٽائي ڇڏيو. رڳو اُهي ئي

ڪاغذ ميز تي رکو جن تي توهان کي تڪڙو ڏيان ڏيڻو آهي يا ڪو تڪڙو مسئلو حل ڪرڻ جي سلسلي ۾ هجن.

2. پنهنجن معاملن کي انهن جي اهميت مطابق ترتيب ڏيو.

3. توهان کي جڏهن به ڪو مسئلو پيش اچي تہ، ان کي يڪدم حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو. شرط اهو آهي تہ توهان کي سموريءَ صحيح ڳالهہ جي ڄاڻ هجي ۽ جن هن سان فيصلو ڪرڻ ۾ آساني ٿئي.

4. ذميداريون ٻين جي حوالي ڪريو. انتظام پڪو پختو رکو ۽ نگراني ڪرڻ سکو.

باب ٽيون

توهان کي ٽڪ ڇو ٿو ٿئي ۽ اوهان ان مان ڪيئن چوٽڪارو حاصل ڪري ٿا سگهو؟

اها هڪ اهم ۽ حيران ڪندڙ سچائي آهي ته توهان رڳو دماغي ڪم ڪرڻ سان نه ٿا ٽڪجو... ڇا توهان ان ڳالهه تي يقين ڪري ورتو. ڪجهه سال اڳ سائنسدانن ان ڳالهه کي معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ته انساني دماغ لڳاتار ڪيترن ڪلاڪن تائين پنهنجي ڪارڪردگي ڏيکاري سگهي ٿو ۽ ان کان پوءِ هو وڌيڪ ڪارڪردگي ڏيکارڻ کان جواب ڏيئي ٿو ڇڏي. سائنسدان اهو ڏسي حيران ٿي ويا ته دماغ جي رڳن ۾ گردش ڪندڙ رت جڏهن دماغ مصروف ترين هجي ٿو ته به نه ٿو ٽڪجي. جيڪڏهن توهان ڪنهن مزدور جي رڳ مان ان وقت رت حاصل ڪريو جڏهن هو ڪو محنت جو ڪم ڪري رهيو هجي ته توهان ڏسندا ته سندس رت ۾ ٽڪ وارو مادو تمام گهٽو هوندو. پر ٻئي پاسي جيڪڏهن توهان البرٽ آئن اسٽائن جي دماغ جي رڳ مان رت جو نمونو حاصل ڪندؤ ته توهان کي اتي ٽڪ جا ڪي به آثار ڏسڻ ۾ نه ايندا. پوءِ پلي آئن اسٽائن جو دماغ سڄو ڏينهن چونه ڪم ڪندو رهيو هجي.

ان مان اها ڳالهه واضح ٿئي ٿي ته دماغ اڻ ڪلاڪ يا ٻارنهن ڪلاڪ ڪم ڪرڻ کان پوءِ به اها ئي ڪارڪردگي ڏيکاري سگهي ٿو جيڪا هو شروع ۾ ڏيکاريندو رهيو آهي.... تنهن جو مطلب ته دماغ ٽڪجي نه ٿو.... تنهن ڪري اهو ڪهڙو جز آهي، جيڪو توهان کي ٽڪ کان واقف ڪري ٿو؟

نفسياتي ماهر چون ٿا ته اسان کي ٽڪائڻ وارا اصل جزا اسان جا

ذهني ۽ جذباتي رويا هوندا آهن. انگلستان جي هڪ نامياري ۽ مشهور نفسياتي ماهر جي. اي. هيڊ فيلڊ جي اها راءِ آهي ته اسان کي جيڪو ٿڪ ٿئي ٿو ان جي گهڻي ٽٻي حصي جو تعلق اسان جي دماغ سان آهي. خاص طور تي جسماني نوعيت وارو ٿڪ اسان کي ڪڏهن ڪڏهن ئي ٿئي ٿو. هن اهو انڪشاف پنهنجي ڪتاب 'توانائيءَ واري نفسيات' ۾ ڪيو آهي. آمريڪا جي مشهور نفسياتي ماهرن مان هڪ ماهر نفسيات ڊاڪٽر اي. اي. لبرل ايڊ وڏيڪ اڳتي وڌي چوي ٿو:

"ويهڻ واري ڪم سان لاڳاپيل ڪنهن به ڪارڪن جنهن جي صحت به سٺي هجي، ان جو سؤ سيڪڙو ٿڪ نفسياتي عملن سبب ٿئي ٿو جنهن مان مراد جذباتي عملن سان آهي."

اهي ڪهڙا جذباتي عمل آهن، جيڪي هڪ اهڙي اهلڪار لاءِ جنهن جو ڪم اهڙي قسم جو هجي، جنهن کي هو ويٺي ويٺي ڪري ٿو تنهن کي به ٿڪايو ٿو ڇڏي. خوشي، ذهني آسودگي، نه بلڪ ڪڏهن به نه.... ويتر بوريت.... ناراضگي، بيزاري، ڪم کي نه سارهڻ وارو احساس، بيڪاري، جلد بازي، غم ۽ فڪر اهي سڀ جذباتي عمل آهن، جيڪي اهڙي ڪارڪن کي به ٿڪايو ٿا ڇڏين، جيڪو ويهي ڪم ڪندو هجي. اهي عمل ان اهلڪار جي ڪارڪردگي گهٽائڻ جو سبب ٿين ٿا ۽ اهو اعصابي مٿي جي سور جو شڪار ٿي گهر واپس موٽي ٿو. .... جي ها.... اسين ان لاءِ ٿڪ محسوس ڪريون ٿا، جو اسان جا جذبات اسان جي جسم ۾ اعصابي دٻاءُ ۽ ڇڪ واري ڪيفيت پيدا ڪري ٿا ڇڏين. ميٽرو پوليٽن نالي زندگيءَ جو ويمو ڪندڙ ڪمپنيءَ ٿڪ جي موضوع تي هڪ ڪتابڙو شايع ڪيو هو. ان ننڍڙي ڪتابڙي ۾ ان عظيم ويمي ڪمپنيءَ اهو انڪشاف ڪيو هو ته:

"پورهئي وارو ڪم ڪڏهن ڪڏهن ئي اهڙي ڪنهن ٿڪ جو سبب بڻجي ٿو جنهن جو علاج ننڊ ڪرڻ يا آرام ڪرڻ سان ممڪن نه هجي.... فڪر، اعصابي دٻاءُ، جذباتي لاها چاڑهڻ، اهي سڀ ٿڪ جا سڀ کان وڏا ڪارڻ آهن. اهو ئي سبب آهي جو

جڏهن ظاهري طور تي جسماني يا ذهني ڪم سبب تڪاوت ٿئي ٿي تہ انهن ئي ڳالهين تي الزام هنيو وڃي ٿو. ياد رکو تہ جسم جا چست عضوا ئي ڪارڪردگي ڏيکارين ٿا. انهن کي سکون ڏيو. پنهنجي توانائي اهم ذميداريون انجام ڏيڻ لاءِ بچائي رکو."

هاڻي توهان ٿورو بيهي رهو. جتي آهيو اتي بيهي رهو ۽ پنهنجو جائزو وٺو. جيئن ئي توهان هي ستون پڙهي رهيا آهيو تہ ڇا توهان هن ڪتاب کي ڪاوڙ ۾ ڏسي رهيا آهيو...؟ ڇا توهان کي پنهنجي بنهي اکين جي وچ ۾ بار محسوس ٿئي پيو؟ ڇا توهان پنهنجيءَ ڪرسيءَ تي سکون سان ويٺل آهيو؟ ڇا توهان پنهنجا ڪلها لوڏيو پيا؟ ڇا توهان جي منهن تي ڪاوڙ جا آثار آهن؟ جيستائين توهان جو جسم پرسکون حالت ۾ نہ ٿو اچي، ان وقت تائين توهان اعصابي ۽ جسماني دباءَ ۽ ڇڪ جو شڪار رهندؤ ۽ توهان اعصابي ڇڪ ۽ جسماني ٽڪ جو شڪار رهندا ايندؤ.

ذهني ڪم ڪندي، غير ضروري دباءَ جو شڪار ڇوٽا ٿيون؟

ان سلسلي ۾ ڊينيئل جوزلين چوي ٿو تہ:

"منهنجي خيال ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ اهو عالمگير نقطہ نظر آهي تہ محنت طلب ڪم. ڪوشش ۽ ڪاوش جو احساس گهري ٿو. ٻي صورت ۾ اهو ڪم پڄاڻيءَ تي پهچي نہ سگهندو."

تنهن ڪري جڏهن اسين پنهنجو سمورو ڏيان ڪم تي ڏيون ٿا تہ پوءِ پريشان ٻہ ٿيون ٿا. بدمزاج ۽ چڙچڙا ٻہ ٿي وڃون ٿا. اسان جا ڪلها سڪڙجي وڃن ٿا. اسين پنهنجن جسماني عضون کي ڪم ڪرڻ ۽ جدوجهد ڪرڻ تي راضي رکندا اچون ٿا ۽ اسان جا اهي سمورا عمل، اسان جي ذهن سان سندس ڪارڪردگيءَ ۾ ڪوبہ سهڪار نہ ٿا ڪن. اعصابي ٽڪ جو کڻو علاج آهي؟ آرام.... آرام.... ۽ آرام.... پنهنجو پاڻ کي ڪم دوران آرام ڪرڻ تي هيرايو. ڇا ايئن ڪرڻ توهان لاءِ ڪو سولو ڪم هوندو؟ نہ.... بلڪل نہ .... توهان کي پنهنجون عادتون بدلائڻيون پونديون. سموري زندگيءَ جي عادتن جي برخلاف هلڻو پوندو.

پر توهان جي اها جدوجهد ضايع نه ٿيندي بلڪ پاڻ توهان جي زندگيءَ کي ئي بدلائي ڇڏيندي. وليم جيمز پنهنجي هڪ مقالي ۾ لکيو هو ته:

"اعصابي دٻاءُ، بي اطمينانيءَ ۾ اجائي تڪڙ بي سکوني، ڳڻتيءَ ۾ ڪاوڙ... اهي خراب عادتون آهن، جيڪي آمريڪي شهرين ۾ عام طور تي هجن ٿيون. دٻاءُ ۽ چڪتاڻ جو شڪار رهڻ، هاڻي هڪ عام عادت ٿي ويئي آهي... پر آرام ڪرڻ به هڪ سٺي عادت آهي. خراب عادتن کي ڇڏي سگهجي ٿو ۽ سٺن عادتن کي اختيار ڪري سگهجي ٿو. چوته ان ۾ ئي اسان جي ڀلائي آهي."

اچو ته اسين ڪوشش ڪري ڏسون ته ان تي عمل ڪيئن ٿو ڪري سگهجي. فرض ڪريو ته اسين پنهنجين اکين کان شروع ٿيون ٿا.

توهان هن پيراگراف کي غور سان پڙهو ۽ پڙهڻ کان پوءِ پوئتي جهڪي پئو. پنهنجون اکيون بند ڪريو ۽ خاموشيءَ سان دل ئي دل ۾ پنهنجين اکين سان ڳالهائيندي چئو:

"ڇڏي ڏيو... ڇڏي ڏيو... دٻاءُ ۽ چڪتاڻ جي حالت ختم ڪيو. ڪاوڙ گهٽايو... هاڻي ڪٽي ڇڏيو... هاڻي ڇڏي ڏيو..."

هڪ منٽ تائين اهو سڀ ڪجهه بار بار ۽ آهستي آهستي ورجائيندا رهو.

ڇا توهان محسوس ڪيو ته ڪجهه دير ۾ ئي توهان جون اکيون، توهان جو حڪم مڃڻ لڳيون آهن؟ ڇا توهان محسوس ڪيو ته، ڪنهن اڻ ڏٺي طاقت توهان جي سموري چڪتاڻ کي ختم ڪري ڇڏيو. توهان کي پلي اهو عمل ڪيترو به ناقابل يقين محسوس ٿئي، پر توهان ٿوري دير ۾ ئي آرام ۽ سڪون حاصل ڪرڻ واري راز جي نالي جي چابي حاصل ڪري ورتي آهي.

اسين اهو ئي عمل پنهنجين جياڙين، چهري جي پٺن، ڳچيءَ، ڪلهن ايستائين ته سموري جسم جي هر مکيه عضوي سان ڪري سگهون ٿا، پر سڀ کان اهم جز اکيون ئي آهن.

شڪاگو يونيورسٽيءَ جي ڊاڪٽر ايڊمنڊ جيڪب سن ته ايستائين چئي ڇڏيو آهي ته:

"جيڪڏهن توهان پنهنجن اکين کي مڪمل آرام ۾ سکون ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿي ٿا ويجو ته پوءِ توهان کان سموريون تڪليفون وسري ويندیون."

ڇو ته اکيون اعصابي دٻاءُ ۾ ڇڪ جي صورتحال کي ختم ڪرڻ ۾ ايتريون ته اهم آهن، جو اسان جي استعمال ۾ ايندڙ جسم جي توانائيءَ جو ڇوٽون حصو ساڙي رک ڪري ٿيون ڇڏين. اهو ئي سبب آهي جو اهي ماڻهو جن جي نظر جيتوڻيڪ مڪمل طور تي صحيح هوندي آهي ۾ کين نظر جي ڪمزوري جي شڪايت به نه هوندي آهي، اهي به اکين ۾ ٽڪ، انهن جي ڇڪ ۾ پريشاني جو شڪار هوندا آهن. اهو ان ڪري جو اهي هميشه اکين کي دٻاءَ هيٺ رکندا آهن.

مشهور ناول نگار وڪي بام چوي ٿي ته جڏهن هوءَ ننڍڙي هئي ته ڪيس هڪ پوڙهو ماڻهو مليو جنهن ڪيس هڪ اهڙو سبق سيکاريو جيڪو سبق هن سموري زندگيءَ ساهه سان سانڍيو.

ٿيو هينئن ته هوءَ ڪري پيئي هئي ۾ سندس گوڏي ۾ چيلهه ۾ ڏڪ لڳو هو. پوڙهي ماڻهو کيس زمين تان کنيو. اهو پوڙهو ڪنهن زماني ۾ سرڪس ۾ ڪم ڪندو هو. پوءِ جيئن ئي هن وڪي بام کي رستي تان کڻي اڌاري بيهاريو ۾ سندس ڪپڙن جي مٽي چنبي صاف ڪئي، ته کيس چيائين:

"تو پنهنجو پاڻ کي ان لاءِ زخمي ڪيو جو توکي خبر ئي ڪونهي ته آرام ۾ سکون ڇا ٿيندو آهي. تون پنهنجو پاڻ کي بلڪل ايئن سمجهه، جڙ تون هڪ ڊري، لچڪدار ۾ نرم جوراب وانگر آهين، هڪ ڪاتل خراب جوراب وانگر. اڄ ته آءٌ توکي ٻڌايان ته اهو سڀ ڪجهه ڪيئن ٿو ٿئي؟

توهان ڪٽي به هجو پنهنجو پاڻ کي آرام پهچائي سگهو ٿا. آرام ۾ سکون حاصل ڪرڻ لاءِ رڳو ڪوشش نه ڪريو بلڪ ان تي عمل به ڪريو. آرام ۾ سکون مان مراد سچي دٻاءُ، ڇڪ ۾ مونجهه مان آجائي آهي.

توهان آرام ۾ سکون حاصل ڪرڻ لاءِ سوچيو. سڀ کان پهرين

پنهنجين اکين کي آرام پهچايو. تنهن کان پوءِ چهري جي ٻين عضون کي آرام پهچائڻ لاءِ سوچيندا رهو.

بار بار هي ورجائيندا رهو: "بس.... چڏي ڏي... چڏي ڏي .... هاڻي پرسکون ٿي وڃ."

تنهن کان پوءِ پنهنجو پاڻ کي دٻاءَ کان آزاد محسوس ڪريو ايئن ئي جيئن ڪوبار هر قسم جي دٻاءِ ۽ فڪر کان آجو هوندو آهي.

هيٺ اسين اهڙيون چار تجويزون ڏسيون ٿا، جيڪي توهان کي اهو سيکارڻ ۾ مدد ڪنديون ته توهان کي آرام ۽ سکون کان ڪيئن واقف ٿيڻو آهي.

1. واندڪائيءَ مهل آرام ڪريو

پنهنجي جسم کي ڍرو چڏيو. ايئن ئي جيئن ڪو پراڻو جوراب ڍرو ٿي ويندو آهي. آءٌ به جڏهن آرام ۽ سکون جي نيت سان ميز تي ويهندو آهيان ته هڪ ميرون رنگ جو جوراب پنهنجي ميز تي رکي چڏيندو آهيان ته جيئن مون کي اها يادگيري ايندي رهي ته مون کي اهڙي پراڻي جوراب وانگر پنهنجي جسم کي ڍرو چڏڻو آهي. توهان به پنهنجي يادگيريءَ لاءِ ايئن ئي ڪريو.

اهو ساڳيو ڪم ٻلي به سٽي نموني ڪندي آهي. ڇا توهان ڪڏهن ٻليءَ جي ڪنهن پونگڙي کي اُس ۾ آرام سان سمهندي ڏٺو آهي. جيڪڏهن توهان ڏٺو هوندو ته پوءِ ضرور اهو به ڏٺو هوندوَ ته اهو ڪنهن پُسيل اخبار وانگر هڪ هنڌ آرام سان ٻيو هوندوَ آهي. سندس ڪلها جهڪيل هوندا آهن. ايستائين جو هندستان جا يوگي ته اهو به چون ٿا ته آرام ۽ سکن جي فن ۾ ڪمان حاصل ڪرڻ چاهيو ٿا ته توهان ڪنهن به ٻليءَ کي غور سان ڏسو. سندس حرڪتون جاچيو. مون ڪڏهن به ڪنهن ٻليءَ کي ٽڪل حالت ۾ نه ڏٺو آهي. ۽ نه مون ڪنهن به ٻليءَ جو نروس بريڪ ڊائون ٿيندي ڏٺو ۽ ٻڌو آهي. مون ڪنهن به ٻليءَ کي بي خوابيءَ سبب پريشان ٿيندي نه ڏٺو آهي. مون ڪنهن به ٻليءَ کي معدي جي السر ۾ نه ڏٺو آهي. توهان به انهن بيمارين کان بچي سگهو ٿا، پر شرط اهو آهي ته آرام ۽ سکون کي ممڪن ڪريو جيئن ڪا ٻلي ڪندي آهي.

2. توهان کي جيترو ڪم ڪپي، پلي ڪريو. پر آرام ڏيڻ واري صورتحالت تحت ڪريو. ياد رکو ته جسماني چڪتاڻ ۽ دباءُ ڪلهن جي سور ۽ اعصابي ٽڪ جو باعث ٿئي ٿو.

3. ڏينهن ۾ چار پنج ڀيرا پنهنجو پاڻ کي جاچيو ۽ پنهنجو پاڻ سان ڳالهائيندي هي چئو: "ڇا آءٌ پنهنجي ڪم کي سخت پورهئي طور محسوس ڪري رهيو آهيان. ڇا آءٌ جسم جي انهن عضون کي به ان ڪم ۾ استعمال ڪريان پيو جن کي ان ڪم ۾ شامل ڪرڻ جي ضرورت ئي نه آهي؟"

ان طرز عمل سان توهان کي پاڻ ۾ آرام ۽ سکون واري عادت وجهڻ ۾ سهولت ٿيندي. جيئن ڊاڪٽر ڊيوڊ هارورڊ فنڪ لکي ٿو:

اهي ماڻهو جيڪي نفسيات کي سمجهن ٿا تن لاءِ اها عادت لکين ڊالرن کان به وڌيڪ قيمتي آهي."

4. ڏينهن ختم ٿيڻ کان اڳ هڪ ڀيرو وري پاڻ کي جانچيو:

"آءٌ ڪيترو ٽڪ محسوس ڪريان پيو.... آءٌ ڪيترو ٽڪل نظر اچان پيو؟ جيڪڏهن آءٌ ٽڪل آهيان ته اهو ان ڪري ته ڪونهي جو مون دماغي ڪم ڪيو يا وري ڪو اهڙو طريقو آهي، جيڪو مون ان ڪم ڪرڻ لاءِ اختيار ڪيو؟"

ڊينئل ڊبليو جوزلين جو چوڻ آهي ته:

"آءٌ پنهنجي سڄي ڏينهن جي ڪارڪردگيءَ جو اندازو انهيءَ ڳالهه مان نه لڳائيندو آهيان ته آءٌ ڏينهن جي پڇاڻيءَ تي ڪيترو ٽڪل آهيان. بلڪ ان ڳالهه مان لڳائيندو آهيان ته آءٌ ٽڪل نه آهيان."

هو وڌيڪ چوي ٿو:

"جڏهن آءٌ ڏينهن پوري ٿيڻ وقت پنهنجو پاڻ کي ٽڪل محسوس ڪندو آهيان يا منهنجي مزاج ۾ ڪاوڙ اهو ثابت ڪري ته اڄ آءٌ واقعي گهڻو ٽڪل آهيان ته پوءِ آءٌ بنا ٽڪ جي اهو چئي سگهان ٿو ته منهنجو اڄوڪو ڏينهن اجائي ڪارڪردگيءَ سبب خراب رهيو. ڪم جي معيار ۽ مقدار بنهي لحاظ کان منهنجي ڪارڪردگي ڪاسني نه رهي."

جيڪڏهن آمريڪا جو هر ڪاروباري شخص مٿيون گُر سکي ونڊي ته بلڊ پريشر جهڙي مهلڪ بيماريءَ سبب ٽيندڙ موتن ۾ رات وچ ۾ گهٽيءَ حد تائين گهٽتائي اچي سگهي ٿي ۽ اسين پنهنجا اسپتالن کي اهڙن مريضن سان پرڻ کان به محفوظ رکي سگهون ٿا. جسم کي فڪرن، اجائين ڳڻتين ۽ ٽَڪُ بي حال ڪري اندر ئي اندر اڏوهي وانگر کائي ڇڏيو آهي ۽ ان جو بنيادي سبب آرام نه ڪرڻ آهي ته پوءِ اسين گهٽيءَ حد تائين پاڻ کي ۽ ٻين کي بچائي سگهون ٿا.

باب چوٿون

اها بوريت ختم ڪريو، جيڪا ٽڪ، پريشانيءَ ۽ ڪاوڙ جو سبب بڻجي ٿي

ٽڪ جو هڪ وڏو سبب بوريت به آهي. وضاحت طور اسين ايلس جو مثال وٺون ٿا. اها ئي ايلس جيڪا توهان جي گهٽيءَ جي ڪنڊ تي رهي ٿي:

"هڪ رات ايلس پنهنجي آفيس مان ٽڪل ٽڪل گهر پهتي. سندس مٿي ۾ سور هو. سندس چيلهه ۾ به ڪافي تڪليف هئي. هوءَ ايترو ته ٽڪل هئي جو هن رات جي مانيءَ کائڻ کان سواءِ ئي سمهڻ ٿي چاهيو. ماءُ جي سمجهائڻ تي هوءَ کاڌي جي ميز تي اچي ويهي. ان دوران ٽيليفون جي گهنٽي وڄي. ٻئي پاسي سندس بواءِ فرينڈ هو. هن ايليس کي ڊانس جي دعوت ڏني. اهو ٻڌي ايليس جي اکين ۾ چمڪ اچي وئي. هن جذبات ۾ ڪر موڙيو. ڊوڙندي به ٻه ڏاڪا چڙهندي ڏاڪڻ ڏريعي پنهنجي ڊريسنگ روم پهتي. ڪپڙا مٽايائين ۽ پنهنجي بواءِ فرينڈ جي دعوت جي موٽ ۾ ساڻس رقص ڪرڻ لاءِ رواني ٿي وئي. هوءَ صبح جو ٽين وڳي تائين ڊانس ۾ مصروف رهي ۽ جڏهن گهر واپس موٽي آئي ته هن ۾ ٽڪ جو ڪو نالو نشان ئي نه هو. هوءَ ايترو ته خوش هئي. جو صبح تائين ستي ئي ڪانه ۽ پوءِ ايئن ئي سمهندي جاڳندي صبح جو وقت تي بلڪل چست ۽ تازي توانيءَ تي آفيس هلي وئي."

ان مان ڇا ظاهر ٿيو؟

ڇا 8 ڪلاڪ اڳ ايليس کي واقعي ٽڪ هو؟ ڇا هوءَ اصل ۾ ٽڪل هئي؟

ها، يقينن هوءَ ٺڪل هئي. هوءَ ان ڪري ٺڪل هئي، جو هوءَ پنهنجي آفيس جي عام رواجي ۾ هڪجهڙي ڪم سبب بيزار ٿي پئي هئي، بور ٿي ويئي هئي، يا شايد ان وقت پنهنجو پاڻ کان ۽ بيزار هئي، پر جڏهن ڪيس تفريح جو موقعو مليو تہ سندس بيزاري ختم ٿي ويئي. هوءَ ٺڪل هوندي ۽ بر وقت تازي تواني ٿي ويئي. اهڙيون لکين ايلسائون توهان جي پرپاسي ۾ رهن ٿيون. توهان ۽ انهن مان هڪ ٿي سگهو ٿا.

اها هڪ جاتل سچاتل حقيقت آهي تہ جسماني پورهئي کان وڌيڪ توهان جو جذباتي رويو توهان کي ٺڪائي ٿو. ڪجهہ سال اڳ جوزف اي هارميڪ .... پي. ايچ. ڊي.... پنهنجن تجربن تي مشتمل هڪ رپورٽ شايع ڪئي هئي تہ بوريت ڪهڙي نموني اسان کي ٺڪائي ٿي ڇڏي.

ڊاڪٽر ميڪ چوڪرن جي هڪ گروپ کي ٽيسٽ جي مرحلي مان گذاريو. ڪيس خبر هئي تہ انهن چوڪرن کي ان ٽيسٽ ۾ تمام گهٽي دلچسپي هئي. نتيجو چا نڪتو. چوڪرا جلد ئي ٺڪجي پيا. ڪين ننڊ اچڻ لڳي، هنن مٿي جي سور ۾ اکين تي ڏٻاءَ جي شڪايت ڪئي ۽ ڪن چوڪرن جو تہ معدو ۽ خراب ٿي پيو. جڏهن تہ اهو ڪو پورهئي وارو ڪم نہ ڪو نہ هو. تہ پوءِ چا اهي سموريون شڪايتون ڪوڙيون هيون؟ يا تصوراتي هيون؟ نہ بلڪل نہ. انهن شاگردن جا طبي معائنا ڪيا ويا هئا، جن مان ثابت ٿيو تہ جڏهن ۽ ڪو ماڻهو بوريت جو شڪار ٿئي ٿو تہ سندس جسم رت جي ڏٻاءَ ۾ آڪسيجن جذب ڪرڻ واري عمل جي ڪارڪردگي کي خراب ڪريو ڇڏيو ۽ پوءِ جيئن ئي اهو ماڻهو پنهنجي ڪم ۾ دلچسپي ۽ راحت محسوس ڪري ٿو ٽيئن ٽيئن سندس متاثر ٿيل ڪارڪردگي آهستي آهستي عام حالت تي اچيو وڃي، پر مونکي ڪٿي ۽ ٺڪ محسوس نہ ٿيو حالانڪ آءٌ ان دوران جبلن تي ۽ لهندو چڙهندو رهيس، پر هر هنڌ عام رواجي صورتحال محسوس ڪيم.

جڏهن ڪولمبيا جو هڪ ڊاڪٽر ايڊورڊ ٿورن ڊائيڪ ٺڪ جي سلسلي ۾ پنهنجا تجربا ڪري رهيو هو تہ هن ڪيترن ئي نوجوانن کي

سندن دلچسپيءَ وارن ڪمن ۾ مصروف ڪري، هڪ هفتي تائين سجاڳ حالت ۾ رکيو. ڪافي تحقيقاتي ڪم ڪرڻ کان پوءِ ڊاڪٽر اعلان ڪيو:

"ڪم جو نہ هجڻ به بوريت جو حقيقي سبب آهي. جيڪڏهن توهان ڪنهن ديني ڪم ۾ رڌل آهيو تڏهن به اهو تمام گهٽ ٿيو هوندو جو توهان کي گهٽو ڪم ڪرڻ جي باوجود ڪڏهن ڪو ٿڪ محسوس ٿيو هجي، پر اصل ۾ توهان کي ٿڪ تڏهن ٿيو هوندو جڏهن توهان ان کان به گهٽ پورهئي وارو ڪم ڪيو هوندو ۽ توهان کي ان ۾ ڪا خاص دلچسپي به نہ هوندي. مثال طور توهان هفتي جو اهو آخري ڏينهن ياد ڪريو جڏهن توهان سخت پريشان هئا. توهان کي ڪيترن خطن جو جواب ايڏا ڏيٽو هو. ڪيترن ماڻهن سان توهان ملي ئي نہ سگهيا هئا. چؤطرف مسئلا ئي مسئلا هئا. مطلب تہ ان ڏينهن ايئن ٿي لڳو تہ سڀ ڪجهہ غلط ٿي رهيو آهي. توهان بهتر ڪارڪردگي نہ ڏيکاري سگهيا هئا. تنهن ڪري توهان جي متي ۾ به سور هو ۽ توهان تڪڙا تڪڙا گهر پهچي جڻ تہ ڊهي پيا هئا. پر ٻئي ڏينهن توهان جي ڪارڪردگي بهتر هئي. توهان ڪالهہ جي مقابلي ۾ اڄ ڏهوڻو وڌيڪ ڪم ڪيو هو. پر ان جي باوجود توهان تازا توانا گهر پهتا ۽ پوءِ به خوش باش هئا. ڇا توهان ڪڏهن اهڙي ڪنهن تجربي مان گذريا آهيو؟ پر آءُ ذاتي طور تي اهڙي تجربي مان گذري چڪو آهيان.

جيڪو سبق توهان کي سکڻو آهي، اهو هي آهي:

"اسان جو ٿڪ اسان جي ڪم جي وڌيڪ هڻڻ سبب نہ ٿو ٿئي. بلڪ اهو اسان جي بوريت، ڪاوڙ ۽ ڪشمڪش واري حالت سبب ٿئي ٿو."

اهي ماڻهو خوش قسمت هوندا آهن، جيڪي کي اهڙو ڪم ڏنڏو ڪندا آهن، جن مان کين مزو پيو ايندو آهي. اهڙا ماڻهو سچ پچ تہ خوش قسمت هوندا آهن. ڇو تہ اهڙا ماڻهو وڌيڪ توانائي، وڌيڪ

خوشي ۾ گهٽ ڳٽتين ۾ گهٽ فڪرن سبب گهٽ ٽڪبا آهن ۾ سدائين خوش باش ۾ تازا توانا رهندا آهن. ته جتي توهان جي دلچسپي جو سامان موجود هوندو آهي، ته جڙ اتي توهان جي توانائي ۾ واڌ ويجهه جو سامان به موجود هوندو آهي. توهان جي دلچسپي پاڻ ئي پاڻ توهان جي توانائي وڌائيندي رهندي آهي. ناراض زال يا ناراض. مڙس سان گڏ چند قدم هلڻ به ڏکيو لڳندو آهي، پر ڪنهن دلربا سان توهان ڏهه ميل به ڪلندي ڪُڏندا هلندا ويندا آهيو ۾ توهان کي ذرو به ٽڪ محسوس نه ٿيندو آهي.

اهڙيءَ صورت ۾ پلا اسان چا ٿا ڪري سگهون؟ اسان کي دلچسپي ونڊ لاءِ چا ڪرڻ کپي؟ اچو ته هڪ استينو گرافر جو مثال اڳيان رکون ته هن ان سلسلي ۾ چا ڪيو؟

تلسا، اوڪلاهاما جي هڪ تيل ڪمپنيءَ ۾ استينو گرافر طور خدمتون انجام ڏيئي رهي هئي. هر مهيني ڪيترن ڏينهن تائين سندس واسطو هڪ غير دلچسپ ۾ بور ڪم سان پوندو هو. ڪيس هڪ چيپل فارم تي تيل جو حساب ڪتاب ۾ انگ اکر گڏ ڪرڻا پوندا هئا. اهو هڪ نهايت خشڪ ۾ بور ڪندڙ ڪم هو. هن ان ڪم کي دلچسپ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪيئن؟ هوءَ روزانو پنهنجو پاڻ سان بحث ڪندي هئي. هوءَ انهن فارمن کي ڳٽيندي هئي، جن کي هن پريو هوندو هو ۾ پنهرن جو ان کان وڌيڪ فارم پرڻ جي ڪوشش ڪندي هئي. شام جو هوءَ وري پريل فارمن کي ڳٽيندي هئي ۾ ٻئي ڏينهن انهن کان وڌيڪ تعداد ۾ فارم پرڻ ۾ لڳي ويندي هئي. ان جو نتيجو ڪهڙو نڪتو؟ جلد ئي هوءَ ان قابل ٿي ويئي جو انهن بور ڪندڙ فارمن کي ٻين استينو گرافرن جي مقابلي ۾ وڌيڪ تعداد ۾ پرڻ جي ڪوشش ڪئي ۾ ان ۾ ڪامياب وئي. ان جو ڪيس ڪهڙو صلو مليو؟ سندس ساراهه ڪئي ويئي، يعني سندس ڪم کي ساراهيو ويو. چا ان جي سلي ۾ ڪيس ترقي ڏني ويئي؟ يا سندس پگهار وڌيو؟ بلڪل نه، پر ان سان سندس اهو ٽڪ ختم ٿي ويو. جيڪو ڪيس اڳ ان ڪم جي بوريت سبب ٽيندو هو. ڪيس مزو اچڻ لڳو ته هن هڪ بور ڪندڙ ڪم

کي دلچسپ ڪم ۾ بدلائي ڇڏيو هو. سندس سڪون، اطمينان ۽ مسرت ۾ اضافو ٿيو هو."

آءٌ توهان کي ساڪ سان چئي سگهان ٿو ته ان استينو گرافر جو داستان بلڪل سچو آهي، ڇاڪاڻ ته ان ئي استينو گرافر سان پوءِ منهنجي شادي ٿي هئي.

هڪ ٻي استينو گرافر جو داستان به پيش ڪجي ٿو. ان ۾ هڪ عام ڪم کي دلچسپ بنائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. پهرين ڪيس به اهو ڪم نه وٺندو هو. سندس نالو مس ويلي جي گوردن آهي. هن پنهنجو اهو داستان مون کي لکي ماڻيو هو جيڪو هينئن هو:

"منهنجي آفيس ۾ چار استينو گرافر آهن ۽ انهن ڇڻن ئي استينو گرافرن کي مختلف اهلڪارن کان خط وصول ڪري، انهن کي ٽائيپ ڪرڻو هوندو آهي. اسان کي اها سموري ڪارروائي بيزاريءَ واري لڳندي هئي. هڪ ڏينهن هڪ شعبي جي معاون انچارج مون کي هدايت ڪئي ته آءٌ سندس لکيل هڪ ڏگهي خط کي جلد ٽائيپ ڪري ڏيان. مون ڪيس سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ته آءٌ اهو خط اڳ به ٽائيپ ڪري چڪي آهيان ۽ هاڻي به ان کي معمولي درستگيون ڪري ٻيهر ٽائيپ ڪرڻ کان سواءِ به ماڻي سگهجي ٿو. پر هن سخت رويو اختيار ڪندي چيو ته جيڪڏهن آءٌ ڪيس اهو خط نئين سر ٽائيپ ڪري نه ڏيندس ته هو ان کي ڪنهن ٻئي استينو گرافر کان ٽائيپ ڪرائيندو. مون کي سندس ٻگاهه تي سخت ڪاوڙ آئي ۽ منهنجو رويو به ساڻس ڪنهن حد تائين وڙهڻ جهڙو ٿي ويو. پر پوءِ مون فيصلو ڪري خط وري ٽائيپ ڪرڻ شروع ڪيو. ان دوران مون سوچيو ته جيڪڏهن منهنجي هيءَ نوڪري هلي ويئي ته پوءِ ٻيا ڪيترا اهڙا بيروزگار ماڻهو ويٺا آهن، جيڪي اها نوڪري حاصل ڪرڻ لاءِ هر شرط قبول ڪري ۽ ننهن چوٽيءَ جو زور لڳائي. به اها نوڪري حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا ۽ اهو به ته پوءِ ته آءٌ پاڻ به پريشان ٿيندس ۽ پگهار نه ملڻ ڪري ڪيترا ٻيا مسئلا به پيدا ٿي پوندا.

وڌيڪ اهو ٻ تہ مون کي هيءَ نوڪري ٻ اهو ڪم ڪرڻ لاءِ ئي تہ ملي آهي. اهو سوچي آءٌ پرسڪون ٿي ويس ۾ مون پنهنجو پاڻ کي بهتر محسوس ڪرڻ شروع ڪري ڏنو. مون پنهنجي ذهن کي اهو محسوس ڪرائڻ شروع ڪيو تہ آءٌ آفيس جو هر ڪو ڪم ايئن ڪرڻ جي ڪوشش ڪندين، جڏهن تہ مون کي ان ۾ مزو پيو اچي، جڏهن تہ مون کي ان ڪم ۾ ذرو ٻ مزو نہ پئي آيو. پوءِ مون محسوس ڪيو تہ جڏهن آءٌ ان ڪم کي اهو سوچي ڪندي هيس تہ مون کي ان ۾ مزو پيو اچي تہ پوءِ مون کي واقعي ان ۾ مزو پيو ايندو هو. تنهن ڪري هاڻي مون کي پنهنجو ڪم اڪلائڻ لاءِ وڌيڪ وقت وڃائڻ جي ضرورت ئي نہ هئي. منهنجي اهڙي نموني رويي بدلائڻ سان ڪم ۾ بهتري اچڻ لڳي ۾ آفيس ۾ منهنجو مانُ ٻ وڌي ويو ۾ مون کي هڪ سٹي ڪارڪن طور ليکيو ويندو هو ۾ پوءِ جڏهن هڪ اهم شعبي جي وڏي آفيسر کي سندس لاءِ هڪ پرائيويٽ سيڪريٽريءَ جي ضرورت پيئي تہ پوءِ هن مون کي ان عهدي تي ڪم ڪرڻ جي آڇ ڪئي. چو تہ آءٌ بنا ڪنهن ٽڪجڻ جي گهٽو ڪم ڪرڻ جي عادي ٿي چڪي هئس.... ۾ اهو سڀ ڪجهہ مون پنهنجو ذهني رويو بدلائي ۾ ڪم ۾ دلچسپي وٺي ڪيو."

هن وڌيڪ لکيو:

"منهنجي لاءِ اها هڪ اهم ڳالهہ هئي ۾ ان جي ڪري منهنجي ڪارڪردگي ٻ حيران ڪندڙ نموني بهتر ٿي. ڇاڪاڻ تہ مون پنهنجو پاڻ کي سڃاڻي ورتو هو."

مس گولڊن پروفسر هنيز وهنجر جي فلسفي تحت ڪم ڪيو هو جيڪو اسان کي اهو سيکاري ٿو تہ:

"ڪم ڪرڻ وقت ايئن ظاهر ڪريو تہ جڻ توهان ان ڪم مان تمام گهڻا خوش آهيو ۾ پوءِ اهو ڪم ايئن ئي ڪندا رهو."

هن چيو تہ:

"جيڪڏهن توهان اداڪاري ڪندي محسوس ٻ ڪندؤ تہ

توهان ان ڪم مان خوش آهيو ۽ ايئن اداڪاري ڪندي ڪجھ وقت اهو ڪم ڪندا رهندؤ تہ توهان جي اها اداڪاري جلد ئي حقيقت ۾ بدلجي ويندي ۽ توهان کي واقعي پاڻ بہ ان ڪم ۾ مزو پيو ايندو ۽ ان ڪم ۾ دلچسپي وٺڻ لڳندؤ."

هارلن اي هوورڊ ڪجھ سال اڳ هڪ فيصلو ڪيو هو جنهن سندس زندگي ئي بدلائي ڇڏي. هن هڪ بور ۽ غير دلچسپ ڪم کي دلچسپ ڪري ڇڏيو. سندس ڪم سچ پچ تہ دلچسپيءَ کان خالي هو. پليٽون ڊوئڙ، ڪائونٽر کي صاف ڪرڻ ۽ هاءِ اسڪول جي لنچ روم ۾ آئس ڪريم سپلاءِ ڪرڻ. جڏهن تہ ٻيا چوڪرا ان وقت راند روند يا چوڪرين سان گپ شپ ۾ مصروف هوندا هئا. هارلن بہ پنهنجي ڪم کان بيزار ٿي چڪو هو. ڪيس اهو ڪم نہ وڻندو هو ۽ هو ان سان نفرت ڪندو هو. پر ان جي باوجود اهو ڪم ڪرڻ سندس مجبوري هئي. هن آئيس ڪريم بابت پڙهڻ شروع ڪيو تہ اها ڪيئن ٿي ٺهي. ان کي تيار ڪرڻ ۾ ڪهڙيون شيون استعمال ٿين ٿيون ۽ کي آئيس ڪريمون ٻين آئيس ڪريمن کان مزي واريون ڇو هونديون آهن. هن آئس ڪريم جي ڪيمسٽريءَ کي پڙهڻ شروع ڪيو ۽ هاءِ اسڪول جي ڪيمسٽريءَ جي مضمون ۾ سندس قابليت جو ذڪر ٿيڻ لڳو. هاڻي هو فوڊ ڪيمسٽريءَ ۾ ايتري تہ دلچسپي وٺڻ لڳو جو هن فوڊ ٽيڪنالاجي ۾ خاص تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ اسٽيٽ ڪاليج ۾ داخلا ورتي. جڏهن نيويارڪ ڪوڪا ڪولا هڪ سئو ڊالرن جي انعام جو اعلان ڪيو جيڪو ان شاگرد کي ملڻو هو جيڪو ڪوڪا ۽ چاڪليٽ جي استعمال تي هڪ بهترين مقالو لکندو تہ توهان کي خبر آهي تہ اهو انعام ڪنهن کٽيو؟ ها.. اهو انعام ان ئي شاگرد کٽيو جڏهن تہ مقابلي ۾ ڪيترن ئي ڪاليجن جي تمام گهڻن شاگردن حصو ورتو.

جڏهن هارلن هوورڊ کي نوڪري حاصل ڪرڻ ۾ پريشاني ٿيڻ لڳي تہ هن هڪ ليبارٽري کولي ورتي. اها ليبارٽري سندس گهر جي تهہ خاني ۾ کولي ويئي هئي. ان ليبارٽريءَ ٺهڻ جي ڪجھ وقت کان پوءِ ئي هڪ قانون منظور ٿيو جنهن ۾ ڪير ۾ بيڪٽيريا شامل ڪرڻ

لازمي قرار ڏنو ويو. هارلن اي هوورڊ جلد ئي پنهنجي علائقي جي 14 ڪير ڪمپنين لاءِ بيڪٽيريا تيار ڪرڻ لڳي ويو ۽ هن ڪم ۾ هٿ ونڊائڻ لاءِ به معاون بہ پر تي ڪيا.

اڄ ڪان 25 سال پوءِ هو ڪٿي ٻينو هوندو؟ جيڪي ماڻهو هن وقت فوڊ ڪيمسٽريءَ جو ڪاروبار هلائي رهيا آهن، انهن مان ڪيترا رٽائرڊ ٿي چڪا هوندا يا مري ڪپي ويندا ۽ انهن جي جاءِ اهي ئي نوجوان والاريندا، جيڪي اڄ سچي جذبي ۽ همٿ سان اهو ڪم ڪن پيا. هارلن ٿي سگهي ٿو تہ ان وقت پنهنجي ميدان ۾ نالي وارن ماڻهن مان هڪ ليکيو وڃي، بلڪ سندس اهي ڪلاس ميٽ جيڪي آئس ڪريم وڪڻڻ تي مٽس چٽرون ڪندا هئا، اها شڪايت ڪندا پيا نظر ايندا تہ ڪين تہ اڳتي وڌڻ جو موقعو ئي نہ مليو هو. هارلن کي پڙ ڪڏهن بہ اهو موقعو نہ ملي ها، جيڪڏهن هو هڪ بور ڪندڙ غير دلچسپ ڪم کي دلچسپ ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪري ها.

ڪيترا سال اڳ هڪ ٻئي نوجوان کي بہ ساڻئي شڪايت هئي. سندس ڪم بہ غير دلچسپ ۽ بور ڪندڙ هو. ڪيس هڪ ليٿ مشين تي بيهي نٽ بولٽ ٺاهڻا پوندا هئا. سندس نالو سام هو. سام کي اهو ڪم پسند نہ هو، پر ڪيس ڊپ هو تہ جيڪڏهن هن اهو ڪم ڇڏيو تہ پوءِ ڪيس ٻئي هنڌ شايد ڪو ڪم ئي نہ ملي. مجبوري سبب ڪيس اهو ئي نہ وٽندڙ ڪم ڪرڻو پيو پئي. تنهن ڪري سام فيصلو ڪيو تہ هو ان ڪم کي دلچسپ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو. تنهن ڪري هن پنهنجي پرسان ڪم ڪندر مشين جي پورهيت سان مقابلو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. انهن ٻنهي مان هڪ ڪاريگر کي لوه جي کهري سطح کي صاف ستڙو ۽ سڌو ڪري سهڻو ڪرڻو هو. جڏهن تہ ٻئي ڪاريگر کي وري ان مان بولٽ کي گهربل گولائيءَ وانگر ٺاهڻو هو. اهي ٻئي هڪ وقت ئي مشينون هلائي پاڻ ۾ مقابلو ڪندا هئا تہ ڪير ٿو وڌيڪ بولٽ تيار ڪري. ان سان ڇا ٿيو جو فورمين کي سندن ڪم وٽڻ لڳو ۽ ڪم ۾ بهتري اچڻ تي سام جي ساک بہ ٻهندي ويئي. فورمين کي سام جي ڪم ڪرڻ جو انداز ۽ معيار بہ وٽيو ۽ هن جلد ئي سام کي هڪ

ٻئي اجا وڌيڪ سڻي ڪم تي لڳائي ڇڏيو. اها جڙ تہ سام جي ترقي ڪرڻ جي شروعات هئي. 30 سالن کان پوءِ سام سيموئيل ووڪيلن بالڪون لوڪو موٽيو ورڪس جو صدر ٿي چڪو هو.

جيڪڏهن هڪ غير دلچسپ ڪم کي دلچسپ ڪري ڪم جي معيار کي بهتر نہ ڪري ها تہ اجا تائين ڪنهن ليٿ مشين تي ڪم ڪندي ڪندي پوڙهو ٿي وڃي ها.

ايڇ. وي ڪالٽن بورن ريڊيو خبرن جو مشهور تجزيو ڪندڙ هو. تنهن هڪ ڀيري مون کي ٻڌايو تہ هن هڪ غير دلچسپ ڪم کي دلچسپ ڪيئن ڪيو. هن ٻڌايو تہ جڏهن سندس عمر 22 سال هئي تہ هو مال چاري گذارو ڪندو هو. هو مال کي چارو وجهندو هو ۽ ڪين پاڻي پيارينڊو هو. مال کي چارڻ بہ سندس ذميداري هئي. هن وڌيڪ ٻڌايو تہ مون پوءِ سائيڪل تي سڄي انگلستان جو چڪر لڳائي ڪجهہ وڌيڪ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ هڪ ڏينهن بک ۽ بي حال ٿي فرانس پهتس. هن چيو تہ مون اتي پهچي 5 ڊالرن ۾ وٽس موجود ڪيمرا وڪرو ڪئي ۽ هڪ اخبار ۾ نوڪريءَ لاءِ اشتهار ڏٺم. "ڊَ نيويارڪ هيرالڊ" جي پيرس ايڊيشن ۾ سندس اهو اشتهار شايع ٿيو جنهن کان پوءِ ڪيس اسٽيريو اسڪوپ مشينون گهر گهر وڃي وڪرو ڪرڻ جي نوڪري ملي ويئي. هن پيرس ۾ گهر گهر وڃي اهي مشينون وڪڻڻ شروع ڪيون. جيتوڻيڪ هو فرانسيسي ٻوليءَ کان اڻ ڄاڻ هو تنهن هوندي بہ هن پهرين سال ڪميشن طور پنج هزار ڊالر ڪمايا ۽ ان وقت ڪيس ان سال جي وڏ ۾ وڏ مشينون وڪرو ڪندڙ سيلزمين جي فهرست ۾ شامل ڪيو ويو.

هن ٻڌايو تہ ان ڪاميابيءَ سان منهنجو اعتماد ايترو تہ وڌيو جو جيڪر هاورڊ ۾ ڊگري حاصل ڪرڻ وقت بہ نہ وڌي ها. ان تجربي ڪري ڪيس فرانسيسي زندگي بابت واقفيت ٿي ۽ پوءِ جڏهن هن ريڊيو تي نوڪري ڪئي تہ سندس اهو تجربو ڪيس تمام گهڻو ڪم آيو. هن ڪهڙي نموني پنهنجو پاڻ کي هڪ سٺو سيلز مين ثابت ڪيو جڏهن تہ ڪيس فرانسيسي ٻولي بہ نہ ٿي آئي. ٿيو ايئن جو هو سندس مالڪ

کان سامان ونڻ مهل فرانسيسي ماڻهن سان ڳالهائڻ واسطي کڻڻا جملا استعمال ڪجن، سي پني تي لکائي ونندو هو ۽ پوءِ انهن کي ياد ڪري. ماڻهن سان سڌي نموني ڳالهائي، سندن من موهي ونندو هو. هو جڏهن ڪنهن گهر جي اطلاع ڏيڻ واري گهنٽي وڄائيندو هو تہ گهر مان ڪا عورت دروازي تي اچي بيهندي هئي ۽ ڪلڻن بورن پني تي لکيل ياد ڪيل جملا ڳالهائي. ڪيس اها شيءِ خريدڻ تي مجبور ڪندو هو ۽ جڏهن کو اهڙو جملو ڪير ڳالهائيندو هو جنهن جو جواب ڪيس نہ ايندو هو تہ يڪدم ڏکو ٿي ڪلها هيٺ مٿي ڪندي رڳو اهو پيو چوندو هو تہ "آءٌ آمريڪي آهيان، آءٌ آمريڪي آهيان." ۽ سندس چوڻ جو اهو انداز ماڻهن کي ڏاڍو وڻندو هو.

تنهن کان پوءِ هو مٿي تان ٽوپي لاهي نوڙت سان اهي ٻيا رٽيل جملا ڳالهائيندو هو. جيڪي هن ماڻهن کان لکائي ياد ڪري ڇڏيا هوندا هئا. يا وري ڪڏهن عورتن کي متاثر ڪرڻ لاءِ فرانسيسي جملا لکيل پنو انهن کي ڏيکاري چوندو هو تہ آءٌ هينئين فرانسيسي سکي ڳالهائيندو آهيان. ڪڏهن تہ اهي عورتون مرڪي سندس همٿ افزائي لاءِ سامان وٺي ڇڏيندیون هيون ۽ ايئن کل پوڳ ۽ واري انداز ۾ سنجيده ٿي، هن هڪ غير دلچسپ ڪم کي دلچسپ ڪري ڪافي ڪجهہ حاصل ڪيو. هن چيو تہ آءٌ روزانو ڪم تي وڃڻ کان اڳ پاڻ کي آرسيءَ ۾ ڏسي چوندو هوس:

> "ڪالٽن بورن، جيڪڏهن توکي پيٽ پرٽو آهي تہ پوءِ هي ڪم ڪرٽوئي پوندئي ۽ جڏهن توکي اهو ڪم ڪرٽو آهي تہ پوءِ ڇو نہ اهو دلچسپيءَ سان ڪرين. جڏهن تون ڪنهن در جي گهنٽي وڄائين ٿو تہ ايئن سمجهہ تہ تون کو اداڪار آهين ۽ سامهون وارو تماشائي ۽ سڌي اداڪاري ڪري داد بہ حاصل ڪر ۽ رقم بہ ڪماءِ تہ پوءِ بس ڪم ۾ دلچسپي وٺي، سڪون ۽ اطمينان سان اهو ڪم ڪر."

هن چيو تہ :

"روزانہ واري اها ڳالھ ٻولھ. جيڪا آءٌ آرسي اڳيان بيھي پنھنجو پاڻ سان ڪندو ھوس. منھنجي لاءِ نھايت ڪارائتي ثابت ٿي ۽ اھو ڪم جنھن کان مون کي نفرت ھئي. اھو منھنجي لاءِ دلچسپ ۽ آمدنيءَ وڌائڻ جو ذريعو بڻجي پيو."

جڏھن مون ڪالٽن بورن کان پڇيو: تون اھڙن آمريڪين کي ڪو قيمتي مشورو ڏيندين. جيڪي ڪاميابي حاصل ڪرڻ چاھين ٿا تہ ھن جواب ڏنو:

"ھا. صبح جو سوير اٿي پنھنجو پاڻ سان ڳالھائي. پاڻ کي ھمٿايو. اسين جسماني صحت تي تہ ڏيان ڏيون ٿا. اسين ورزش لاءِ تہ صبح جو سوير اٿي اڌ ڪليل اکين سان بہ سير تي نڪريو وڃون. پر روزانو صبح جو ڪن روحاني مشقن جي بہ ضرورت ھوندي آھي تہ جيئن اسين ذھني طور تي تيار ۽ پرسڪون ٿي سگھون. روزانو صبح جو پنھنجو پاڻ سان ايئن ئي ڳالھايو. جيئن آءٌ ڳالھائيندو ھيس."

ڇا روزانو پنھنجو پاڻ سان ڳالھائڻ چريائپ آھي يا وري ٻاراڻو عمل. نہ ايئن بلڪل ڪونھي. بلڪ پاڻ نفسيات جي اصول مطابق آھي تہ:

"اسان جي زندگي ۾ اھو ئي ڪجھ ٿئي ٿو جيڪي ڪجھ اسان جون سوچون ان کي بنائڻ چاھين ٿيون."

اھي لفظ ايڄا بہ ساڳئي سچائي ۽ حقيقت رکن ٿا. جنھن حقيقت ۽ سچائيءَ جا اھي 18 صديون اڳ ھئا. جڏھن مارڪس اوري لس انھن کي پھريون پيرو پنھنجي ڪتاب "Meditations" ۾ لکيا ھئا تہ اسان جي زندگي ائين ھجي ٿي. جيئن اسان جون سوچون ان کي ناھڻ گھرن ٿيون."

توھان پنھنجو پاڻ سان ڳالھائيندي. پاڻ کي اھا ھدايت ڏيئي سگھو ٿا تہ توھان اھي سوچون اختيار ڪريو. جيڪي توھان کي ھمٿ ۽ حوصلو ڏين. توانائي ۽ امن ۽ سڪون پھچائين. انھن شين جي باري ۾ پنھنجو پاڻ سان ڳالھائيندي. جن جا توھان شڪر گذار آھيو.

احسان هيٺ آهيو. توهان پنهنجي ذهن تي اهڙين سوچن سان پري سگهو ٿا، جيڪي توهان کي همٿ ۾ حوصلو، امن سکون ۾ خوشيون ۾ فرحت ڏين.

صرف صحيح سوچيو ۾ جنهن ڪم ۾ هٿ وجهو اهو دلچسپي ۾ مزي سان ڪريو. توهان چاهيو ته ڪنهن بور ڪم کي به دلچسپي ونڊي خوشگوار يا گهٽ ۾ گهٽ قابل قبول ڪري سگهو ٿا. توهان جي ڪم ڪرڻ واري هنڌ جو مالڪ صرف ان ڪري چاهي ٿو ته توهان پنهنجي ڪم ۾ دلچسپي ونو جو هو توهان جي وسيلي پنهنجو ڪم وڌائي ۾ بهتر بڻائي، وڌيڪ رقم ڪمائڻ جي فڪر ۾ هوندو آهي، پر اسان کي اهو وساري ڇڏڻ گهرجي ته اسان جو مالڪ چا ٿو چاهي؟ توهان صرف اهو ياد رکو ته پنهنجي ڪم ۾ دلچسپي پيدا ڪري، توهان پنهنجي لاءِ آسانيون پيدا ڪري، پنهنجي زندگيءَ جون خوشيون وڌائي سگهو ٿا. ڇو ته توهان پنهنجي سجاڳ هئڻ وارو ان وقت ڪم ڪار ۾ مصروف رهو ٿا ۾ جيڪڏهن توهان کي پنهنجي ڪم ۾ دلچسپي نه هوندي ته پوءِ بيزاريءَ سبب توهان جي ٻئي ڪنهن ڪم ۾ به دلچسپي نه رهندي. توهان پنهنجو پاڻ کي اهو ياد ڏيارينداً رهو ته توهان پنهنجي ڪم ۾ دلچسپي ونڊي، پنهنجو پاڻ کي فڪرن ۾ ڳڻتين کان بچائي سگهو ٿا ۾ وقت گذرڻ سان گڏوگڏ ترقيءَ ۾ پگهار ۾ اضافو به حاصل ڪري سگهو ٿا. پر جيڪڏهن توهان کي ترقي نه ملي يا پگهار نه وڌي ته به توهان نقصان ۾ نه آهيو ڇو جو توهان جو اهو عمل توهان کي ٽڪجڻ کان بچائيندو ۾ پوءِ توهان پنهنجو باقي بچيل وقت به سکون، اطمينان ۾ مزي سان گذاري سگهو ٿا.

باب پنجون

چا توهان پنهنجي جسم جو ڪو عضوو وڪڻڻ چاهيندؤ؟

آءٌ هارولڊ ايبٽ کي گذريل ڪيترن سالن کان سچاڻان ٽو. هو ويب سٽي ميسوري جو رهاڪو آهي. هو منهنجي اداري ۾ ليڪچرر مئنيجر طور بہ ڪم ڪري چڪو آهي. هڪ ڏينهن اسان جي ملاقات ڪنساس سٽيءَ ۾ ٽي ۾ هو مون کي پنهنجي گاڏيءَ ۾ ويهاري ميسوريءَ ۾ واقع منهنجي فارم ڏانهن روانو ٿيو. سفر دوران مون کانئس پڇيو تہ هو فڪرن کان آجو ڪيئن رهيو؟ سندس جواب مون کي هڪ متاثر ڪندڙ داستان ٻڌايو. جنهنَ کي آءٌ ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندس. هن مون کي ٻڌايو:

"آءٌ تمام گهڻو فڪرمند رهندو هوس. پر 1937ع جي بهار واريءَ مند هئي. هڪ صبح جڏهن آءٌ ويب سٽي جي اولهندي ڏوگر ٽي استريٽ تان لنگهي رهيو هيس تہ منهنجي اکين اڳيان هڪ نظارو اچي ويو. جنهن پوءِ مون کي سمورن فڪرن کان آجو ڪري ڇڏيو. اهو سڀ ڪجهہ ڏهن سيڪنڊن دوران ٽيو ۾ انهن ڏهن سيڪنڊن دوران مون جيئڻ جو اهو فن سکي ورتو جيڪو آءٌ گذريل ڏهن سالن کان سکي نہ سگهيو هوس.

گذريل ٻن سالن کان آءٌ ويب سٽي ۾ سيڊي سامان جو هڪ دوڪان هلائي رهيو هوس. آءٌ نہ صرف پنهنجي سموري گڏ ڪيل رقم وڃائي چڪو هوس، پر قرضن جي بار هيٺان هئس ۾ گذريل ستن سالن کان اهي قرض لاهي نہ سگهيو هوس. منهنجو سيڊي جو

دڪان بند ٿئي هفتو ٿي چڪو هو ۽ آءُ مرچنٽ اينڊ مائينز بئنڪ ڏانهن وڃي چڪو هوس ته جيئن اتان ڪجهہ رقم اوڌر طور حاصل ڪري ڪنساس سٽي وڃي اُتي ڪا نوڪري حاصل ڪريان.

آءُ ڪنهن هارايل جواريءَ وانگر هلي رهيو هيس. آءُ نہ صرف پنهنجي جنگ هارائي چڪو هيس، پر منهنجو اعتماد بہ ختم ٿي چڪو هو. اوچتو منهنجي نظر هڪ اهڙي ماڻهوءَ تي پيئي، جيڪو ٻنهي ٽنگن کان محروم هو. هو ڪاٺ جي هڪ ننڍڙي تختي تي ويٺل هو، جنهن ۾ ڦيٽا لڳل هئا. جيڪي ان تختي کي اڳتي پوئتي ڪندا ٿي رهيا. ان ماڻهوءَ جي هٿن ۾ ڪاٺ جا بہ ننڍڙا بلاڪ هئا، جن کي هٿن ۾ جهلي هو انهن جي مدد سان تختي کي اڳتي ڏڪي رهيو هو. جيئن ئي ان ماڻهوءَ رستو پار ڪيو منهنجي ساٿس ملاقات ٿي ويئي. ان ماڻهوءَ جيئن ئي مون کي ڏٺو هڪ پيار پري مرڪ منهن تي آڻي، مون کي سلام ڪري پڇيائين: "ڇا اڄوڪو صبح سهڻو نہ آهي؟" هن نهايت جوش ۽ ولولي سان اهو سوال ڪيو هو. آءُ سندس پير ۾ ٻيهي سوچي رهيو هوس تہ آءُ هن جي مقابلي ۾ ڪيترو نہ شاهوڪار آهيان. جو مون وٽ بہ صحتمند ٽنگون موجود آهن، جن سان آءُ پاڻ ئي هلي سگهان ٿو. آءُ جيڪو ٿوري دير اڳ پنهنجو پاڻ کي مظلوم سمجهي رهيو هوس، سو پاڻ ئي پاڻ شرمندو ٿيندو ويس. مون پنهنجو پاڻ سان ڳالهائيندي سوچيو تہ جيڪڏهن هي ماڻهو ٻنهي ٽنگن کان محروم ٿي بہ ايترو خوش مزاج آهي تہ آءُ ٻنهي ٽنگن جو مالڪ هوندي بہ ان ماڻهوءَ وانگر خوش مزاج، خوش باش ۽ پراعتماد ڇو نہ آهيان؟ مون کي پنهنجي خوش قسمتيءَ جو احساس ٿيڻ لڳو. محروميءَ جا جذبا ختم ٿي ويا ۽ آءُ سينو تاڻي بيٺس.

مون بئنڪ مان رڳو هڪ سئو ڊالر اوڌر وٺڻ جو سوچيو هو. پر پوءِ ان وقت مون ۾ ايتري همٿ ۽ حوصلو پرجي ويو جو مون فيصلو بدلائي بہ سئو ڊالر اوڌر وٺڻ جو ارادو ڪيو. هاڻي آءُ نهايت اعتماد سان بئنڪ وارن کي ٻڌائي ٿي سگهيس تہ آءُ نوڪري حاصل ڪرڻ لاءِ ڪنساس سٽي وڃي رهيو آهيان ۽ مون کي ان سلسلي

ڀر ۾ سئو ڊالر قرض گھرجي. آءٌ نہ صرف بئنڪ مان قرض حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويس، پر پوءِ مون کي نوڪري ۾ ملي ويئي."

"هاڻي مون پنھنجي ٻاٽ روم جي آرسيءَ تي هيٺيان لفظ پني تي لکي چمبڙائي ڇڏيا آھن ۽ روزانو شيو ڪرڻ وقت انھن کي غور سان پڙھندو رھندو آھيان.

"آءٌ ان ڪري فڪرمند ھئس تہ منھنجي پير ۾ جوتا نہ ھئا، پر پوءِ جڏھن ھڪ شخص کي ڏٺم، جنھن جون ئي ٽنگون نہ ھيون تہ مون کان جوتن واري ڳالھ ئي وسري ويئي."

مون ھڪ پيرو ايڊي رڪن بيڪر کان پڇيو تہ توھان جڏھن پنھنجن ساٿين سان گڏ بحر اوقيانوس ۾ جان بچائڻ وارين ٻيڙين ۾ بي يارو مددگار سمنڊ جي لوڻ ۾ ھئا تہ ان وقت توھان کھڙو وڏو سبق سکيو؟"

ھن جواب ڏنو تہ:

"مون ان تجربي مان جيڪو وڏو سبق سکيو اھو ھي تہ جيڪڏھن توھان وٽ پيئڻ لاءِ تازو پاڻي ۽ کائڻ لاءِ ماني موجود ھجي تہ پوءِ توھان کي ڪاب شڪايت ڪرڻ نہ ڪپي."

ٽائيم ميگزين ۾ ھڪ سارجنٽ بابت ھڪ مضمون شايع ٿيو ھو. اھو سارجنٽ گواول ڪئنال وٽ زخمي ٿيو ھو. سندس نڙيءَ تي گولي جو ھڪ ٽڪر اچي لڳو ھو. ان سارجنٽ کي ست پيرا رت منتقل ڪرڻ واري عمل مان گذرڻو پيو ھو. ھن پنھنجن ڊاڪٽرن کي چني کي کانئن پڇيو:

"ڇا آءٌ جيئرو رھي سگھندس؟"

ڊاڪٽرن جواب ڏنو:

"ھا. تون بچي ويندين ۽ جيئرو ۽ ٻہ رھندين."

ھن ڊاڪٽرن کان وري ٻيوسوال پڇيو:

"ڇا آءٌ ڳالھائڻ ٻولھائڻ جي قابل ٿي ويندس؟"

ڊاڪٽرن وري ٻہ 'ھا' ۾ جواب ڏنو.

ھن آخري ۾ چنيءَ ۾ ڊاڪٽرن کي لکي موڪليو:

"ھاڻي جھنم ۾ وڃن منھنجا فڪر ۽ پريشانيون."

پڪ سان توهان جا فڪر ۾ پريشانيون ان سارجنٽ جي فڪرن ۾ پريشانين کان وڌيڪ نه هوندا.

اسان جي زندگين ۾ 90 سيڪڙو شيون صحيح هونديون آهن. صرف ڏهه سيڪڙو اهڙيون هونديون آهن، جيڪي غلط هونديون آهن. جيڪڏهن اسين هر وقت خوش رهڻ چاهيون ٿا ته پوءِ اسان کي کپي ته انهن 90 سيڪڙو شين يا ڳالهين تي نظر رکون ۽ 10 سيڪڙو غلط ڳالهين کي وساري ڇڏيون. جيڪڏهن اسان کي هروپرو ڏکن ۽ تڪليفن کي هنج ۾ ويهارڻ جو شوق آهي ته پوءِ پلي توهان انهن 10 سيڪڙو ڳالهين کي به هر وقت دماغ ۾ ويهاريو ويٺا هجو. ان سان نه صرف دماغ هر وقت پريشان رهندو پر اهڙين سوچن سبب معدو به خراب رهندو ۽ آخرڪار ان ۾ به السر ٿي پوندي.

انگلستان جي ڪيترن ئي چرچن جي پتين تي صرف هي به اکر لکيل آهن:

"سوچيو ۽ شڪر ادا ڪريو."

اهي لفظ اسان جي دلين تي به نقش هئڻ کپن ته اسان کي انهن نعمتن جو شڪر ادا ڪرڻ کپي، جيڪي خدا اسان کي ڏنيون آهن ۽ انهن لاءِ هر وقت ڏاڍي تعاليٰ جو ٿورو مڃيندو رهجي.

گليور جو سفرنامو لکندڙ جوناٿن سوفٽ به نهايت قنوطيت پسند هو. ڪيس پنهنجي دنيا ۾ اچڻ تي به افسوس هو ۽ اڪثر ڏک پيو ڪندو هو. هو پنهنجي سالگرهه واري ڏينهن ڪارا ڪپڙا پائي، سارو ڏينهن گذاريندو هو پر تنهن هوندي به هن خوش ۽ خوش مزاجي ڏيندڙ عظيم قوتن جي تعريف ڪئي ۽ اعلان ڪيو ته دنيا ۾ انسان جي علاج لاءِ بهتر ڊاڪٽرن جا نالا "ڊاڪٽر خوراڪ، ڊاڪٽر سڪون ۽ ڊاڪٽر خوشي آهن." تنهن ڪري توهان به ڪوشش ڪري ڊاڪٽر خوشيءَ سان رابطو ڪري، هر وقت پرسڪون رهڻ جو سوچيو.

اسين انهن نعمتن تي به ڏيان ڏيون ٿا، جيڪي الله تعاليٰ اسان جي آسپاس رکيون آهن. اهي علي بابا جي افسانوي خزانن کان به وڌيڪ اهم آهن. صرف ڏکن ۽ غلط ڳالهين بابت سوچڻ پنهنجو پاڻ

کي اجايو پريشان ڪرڻ آهي. الله تعاليٰ توهان کي ايترو ته شاهوڪار ڪيو آهي، جنهن جو توهان تصور به نه ٿا ڪري سگهو. توهان کي الله تعاليٰ ٻه هٿ، ٻه پير، ٻه ٽنگون، ٻه ڪن، سوچڻ لاءِ هڪ دماغ ۽ ٻيا ڪيترائي قيمتي عضوا ڏنا آهن، جن جو اسان وٽ قدر ئي ڪونهي. توهان انهن مان ڪو هڪ به وڪڻو ته ٻئي مان ڪم هلائي سگهو ٿا، پر ان جي باوجود توهان ايئن ڪرڻ پسند نه ڪندؤ. ٻلا چو؟ چا توهان پنهنجين ٻنهي اکين کي هڪ لک ڊالرن ۾ وڪرو ڪرڻ پسند ڪندؤ. نه. ٻلا هڪ اک ته وڪڻي سگهو ٿا، جو توهان ٻي اک سان ڪم هلائي ويندؤ. نه.... بلڪل نه.... چو؟

ٻلا هڪ هٿ هڪ ٽنگ هڪ جيرو گردو ڪا نه ڪا شيءِ ته وڪڻي شاهوڪار ٿيو پر ڪوبه ان لاءِ تيار نه ٿو ٿئي ۽ غريب هوندي به مات ٿيو وڃي. توهان پنهنجن ٻارن ۽ گهر ڀاتين کي وڪڻڻ پسند ڪندؤ؟ جي نه ته پوءِ توهان پاڻ وٽ هر وقت موجود ان قيمتي ملڪيت ۽ مال متاع کي ته ڳڻيو ۽ خدا جو شڪر ادا ڪريو جنهن توهان کي اهي سڀ نعمتون ڏنيون آهن. جيڪڏهن توهان انهن کي وڪڻو ڪٽي ٻ، ته ٻه جيڪر انهن مان ڪنهن هڪ ۾ تڪليف ٿئي ٿي ته توهان کي پاڻ کي ڪيڏي تڪليف ٿئي ٿي ۽ ان جي علاج معالج تي ڪيترو خرچ اچيو وڃي، پر جڏهن اهي سڀ عضوا صحيح حالت ۾ هوندا آهن ته پوءِ ڪڏهن توهان اهو ياد ڪري ڏٺي تعاليٰ جو شڪر ادا ڪيو آهي.

چا اسان ڪڏهن پنهنجن انهن سمورن اثاثن جو قدر ڪيو آهي؟ هرگز نه....

جيئن شوپنهار چوي ٿو:

"اسين انهن نعمتن بابت ڪڏهن سوچيون ئي نه ٿا، جيڪي اسان وٽ موجود آهن، پر رڳو انهن نعمتن بابت سوچيون ٿا، جن کان اسين محروم آهيون."

ها بلڪل صحيح، اهو اسان سيني جو سڀ کان وڏو المیو آهي ته اسين انهن نعمتن بابت نه ٿا سوچيون، جيڪي اسان وٽ موجود آهن، پر

انهن نعمتن بابت سوچيون ٿا، جيڪي ٻين کي ته مليل آهن، پر اسان کي ايا نه مليون آهن. نه ته جيڪر جيڪي ملي ٿو تنهن تي ئي شڪر ڪريون ته گهڻي ڳالهه آهي. ان ئي ڳالهه انسان کي ايترو ته نقصان رسايو آهي، جيترو هيترين بيمارين ۾ جنگين به نه پهچايو هوندو.

ان ئي رجحان جان پالمر کي به بي يارو مددگار ڪري ڇڏيو ۽ سندس گهر کي ذري گهٽ تباهه ڪري ڇڏيو. ان کي سڃيءَ ڳالهه جي خبر آهي، ڇو ته جان پالمر پاڻ ئي مون کي اهو ٻڌايو هو. هو پيٽرسن، نيو جرسي ۾ رهندو هو. هن مون کي ٻڌايو ته:

"فوجي خدمتن کان فارغ ٿيڻ کان پوءِ جيئن ئي آءٌ گهر پهتس ته مون هڪ ڪاروبار شروع ڪيو. مون ڏينهن رات محنت ڪئي ۽ سڀ ڪجهه ٺيڪ ٺاڪ هلي رهيو هو پر ڪجهه وقت کان پوءِ هڪ تڪليف ڏيندڙ دور شروع ٿيو. مون وٽ فاضل پرزا ۽ ٻيو سامان موجود نه هو. تنهن ڪري مون کي ڊپ هو ته متان اوچتو منهنجو ڏنڏو ٽپ نه ٽي وڃي. آءٌ ايترو ته پريشان هيس، جو منهنجي حالت رحم جوڳي ٿي چڪي هئي. آءٌ ايترو ته چيڙاڪ ۽ بيزار ٿي پيو هوس، جو ان سان منهنجو گهر تباهه ٿي ويو. تڏهن هڪ ڏينهن منهنجي هڪ هجتي دوست مون کي چيو: "جاني، توکي شرم اچڻ کپي جو ايترو پريشان آهين، ڇا دنيا ۾ تون اڪيلو ئي اهڙو ماڻهو آهين، جيڪو پريشان آهي، يا جنهن کي مسئلا آهن. دنيا ۾ توکان وڌيڪ پريشان ماڻهو به آهن. ڏٺيءَ جو شڪر ڪر جو ايا تون ان حال تي نه پهتو آهين. فرض ڪر جيڪڏهن تنهنجو ڪاروبار ختم ٿي ويو ته به ڇا ٿيو. تون ٿورو ترسي حالتن کي بهتر بنائي. نئين سر ڪاروبار شروع ڪري سگهين ٿو. پنهنجين غلطين تي نظر ڏري انهن کي سڌار ته حالتون پاڻ ئي بهتر ٿي ويندیون."

ياد رهي ته منهنجو اهو دوست فوج ۾ خدمت ڪندي معذور ٿي چڪو هو. هن چيو ته توکي ايا به جيتريون نعمتون خدا ڏنيون آهن، جيڪڏهن رڳو انهن لاءِ ئي خدا جو شڪر ادا ڪندو رهين

تہ ٽڪجي پوندين. پر تون تہ هر وقت ناشڪريءَ جون ڳالهيون پيو ڪرين. مون کي ڏس، منهنجي صرف هڪ ٻانهن آهي. اڌ چهرو گولي لڳڻ سبب خراب ٿي چڪو آهي. ان جي باوجود آءٌ ناشڪري نہ ٿو ڪريان تہ الله تعاليٰ منهنجا ٻيا عضوا تہ صحيح سلامت رکيا آهن. جنهن سان آءٌ پنهنجي حياتي بهتر نموني گذاريان پيو. جيڪڏهن تون اجايو ويچارڙ بند نہ ڪيو تہ پوءِ تنهنجي صحت خراب ٿي ويندي. دوست ۽ ساٿي ڇڏي ويندئي. مٽ مائٽ ۽ پري ٿي ويندئي ۽ آخر تنهنجي گهر ۾ زال ۽ ٻارن سان جهيڙو متو پيو هوندو ۽ هڪ وقت اهڙو ٻه ايندو جو تون اڪيلو رهجي ويندين.

"منهنجي دوست جي انهن لفظن جڙ تہ منهنجي اندر جي دنيا ئي بدلائي ڇڏي ۽ مون کي اهو سوچڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو تہ آءٌ تہ ٻين ڪيترن کان گهڻو بهتر آهيان. مون ان ئي وقت فيصلو ڪيو تہ پنهنجو پاڻ ۾ بهتر تبديلي آڻي وري اڳ وارو جان پالمر بڻجي وڃان ۽ پوءِ مون ايئن ئي ڪيو ۽ واپس پرسڪون ٿي ويس."

منهنجي هڪ عزيز لوسائيل بليڪ ٻه اهڙين ئي حالتن جو شڪار رهي ۽ ان کان اڳ جو هو ٻه اهو سبق سکي تہ اسان وٽ جيڪا نعمت موجود آهي، ان لاءِ شڪر ادا ڪريون، نہ ڪي ان تي جيڪا اسان کي مليل نہ آهي.

منهنجي لوسائيل سان ڪيترا سال اڳ ملاقات ٿي هئي. ان وقت اسين ٻئي ڪولمبيا يونيورسٽي جي اسڪول آف جرنلزم ۾ مختصر ڪهاڻي لکڻ جي سکيا ونڊي رهيا هئاسين. هوءَ ڪجهہ وقت اڳ پنهنجي زندگيءَ جي هڪ وڏي ڏک مان گذري هئي. ان وقت هوءَ ايروزونا ۾ رهندي هئي. هن مون کي پنهنجو جيڪو داستان ٻڌايو اهو هن ريت هو:

"آءٌ يونيورسٽي آف ايروزونا ۾ پڙهي رهي هئس. ان ڪانسواءِ آءٌ ڳوٺ ۾ تقرير ڪرڻ ۽ موسيقيءَ جو درس ٻه ڏيندي هئس. موسيقيءَ جي سکيا آءٌ پنهنجي گهر ۾ ئي ڏيندي هئس. آءٌ زندگيءَ

جي سمورين دلچسپين ۾ حصو وٺندي هئس. پوءِ پلي اهي عام دعوتون هجن يا ڊانس پارٽي. گهوڙي سواري کان وٺي. جيڪا سواري ملندي هئي. تنهن ۾ دلچسپي وٺي مزو ماڻيندي هئس. پر پوءِ اوچتو هڪ ڏينهن بيمار ٿي پيس. ڊاڪٽر کي ڏيکاريم تہ پتو پيو تہ کا پريشانيءَ جهڙي بيماري آهي ۽ پوءِ ڊاڪٽر مون کي صلاح ڏني تہ آءٌ هڪ سال تائين بستري تي رهي آرام ڪريان. تنهن هوندي بہ هن مون کي اها پڪ نہ ڏني تہ ڪو آءٌ ٻيهر پنهنجن پيرن تي بيهي پراڻين سرگرمين ۾ حصو وٺي سگهنديس. "

"آءٌ تہ اهو ٻڌي ئي اڌ چري ٿي پيس تہ مون کي يڪو هڪ سال تائين بستري تي رهڻو پوندو. آءٌ روئڻ لڳس تہ اهو سڀ ڪجهہ ڪيئن ٿيو؟ ۽ صرف مون سان ڇو ٿيو ڇا اها کا منهنجي ڪنهن گناهہ جي سزا هئي؟ آءٌ روئيندي ۽ ڪُٽڪندي رهيس. منهنجو ذهن باغي ٿي ويو. ان ۾ خراب خراب خيال اچڻ لڳا. پر پوءِ بہ آءٌ ڊاڪٽر جي چوڻ تي بستر تي آرام لاءِ ويهي رهيس. منهنجو هڪ پاڙيسري روڊلف هڪ آرٽسٽ هو اهو مون وٽ آيو ۽ چيائين:

"تون سوچين ٿي تہ تون هڪ سال بستري تي هوندينءَ تہ اهو تو سان ظلم ٿيو آهي. اهو چونہ ٿي سوچين تہ الله تعاليٰ توکي ٽڪائڻ بدران آرام جو موقعو ڏنو آهي. جنهن دوران تون هر ڳالهہ کان بي فڪر ٿي. پنهنجي مستقبل جي پروگرام ۽ ٻين ڳالهين تي غور ويچار ڪري ٿي سگهين. جنهن لاءِ تو وٽ اڳ کو وقت نہ هو. پنهنجو پاڻ کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪر. تون ايندڙ ڪجهہ مهينن اندر ئي روحاني ترقي حاصل ڪري وٺندينءَ ايتري ترقي. جيتري تو ڪڏهن پنهنجي زندگيءَ ۾ بہ حاصل نہ ڪئي هوندي"

"آءٌ پنهنجي پاڙيسريءَ جي ڳالهہ ٻڌي پرسکون ٿي ويس ۽ مون پنهنجي اندر هڪ نئون شعور پيدا ڪرڻ شروع ڪيو. مون روحاني تاثير وارا ڪتاب پڙهڻ شروع ڪيا تہ جيئن انهن مان لاڀ حاصل ڪريان. مون هڪ دفعو هڪ ريڊيو ڪمپيئر کان ٻڌو تہ توهان اهو سڀ ڪجهہ ڪري سگهو ٿا. جيڪي ڪجهہ

توهان جي اندر لڪل آهي. مون اڳ به اهڙيون ڳالهيون ٻڌيون هيون، پر هن ڀيري ته جڙ اهي لفظ مون سان چمبڙي پيا.

پوءِ مون اهي ڳالهيون سوچڻ شروع ڪيون جن تحت آءُ پنهنجي زندگي گذاري سگهان ٿي. مون صحت، خوشيءَ، تندرستيءَ، آرام ۽ راحت بابت سوچڻ شروع ڪيو. خوبصورت نوجوان ڏيءَ جهڙي نعمت حاصل ٿيڻ تي شڪر ڪيم. پنهنجين اکين جهڙين نعمتن بابت سوچيم. ٻنهي ٻڌڻ جي قوت تي شڪر ڪيم. الله تعاليٰ طرفان ڏنل نعمتن تي غور شروع ڪيم ته حيرت سان جڙ اکيون ڦاٽي ويون. سڀ غذا ملي رهي هئي، کاڌي پيتي لاءِ ڪابه پريشاني نه هئي، جيڪو گهرندي هئس اهو ملندو هو. سڀ موسيقي ٻڌڻ لاءِ ريڊيو ٽي وي ۽ رڪارڊر پليئر موجود هئا، پڙهڻ لاءِ هر موضوع تي ڪتاب رکيل هئا، سڀ دوست هئا ۽ اهو سڀ ڪجهه هو جيڪو گهڻن وٽ نه هو ته پوءِ آءُ ڇو پئي پريشان ٿيا....؟ منهنجا دوست ۽ مائٽ منهنجي صحت لاءِ بي حد پريشان هئا ۽ مون سان ايترا ماٺهو ملڻ لاءِ ايندا هئا، جو ڊاڪٽرن کي آخرڪار اها هدايت ڏيڻي پئي ته هڪ وقت ۾ صرف هڪ ماڻهو هڪ مخصوص وقت تائين ملي سگهي ٿو. ان وقت مون کي پتو پيو ته منهنجا دوست ۽ مائٽ مون کي ڪيترو چاهين ٿا، جن سان اڳ مصروفيتن سبب ملڻ جو ئي وقت نه ملندو هو. مون کي ته سال گذرڻ جو احساس ئي نه ٿيو ۽ الله جي مهربانيءَ سان صحت ۾ بهتر ٿي ويئي. هاڻي آءُ هڪ ڀرپور زندگي گذاري رهي آهيان ۽ بستري تي گذاريل ان هڪ سال جي شڪر گذار آهيان. جيڪو منهنجو هڪ نهايت سنو ۽ قيمتي سال هو. هاڻي آءُ هر وقت موجود نعمتن تي هر وقت خدا جو شڪر ادا ڪندي رهندي آهيان. منهنجون اکيون ڪلي ويون آهن. اهي سڀ موجود نعمتون منهنجي لاءِ هڪ وڏو خزانو آهن، خاص طور تي جسماني صحتيابي. مون کي افسوس ٿيندو آهي ته مون ان وقت تائين جيئري ۽ خوش رهڻ جو فن نه سکيو جيستائين مون موت سان اکيون نه ملايون."

منهنجي پياري لوسائيل بليڪ تون پلي محسوس ڪرين يا نہ پر تو بلڪل اهو ئي سبق سکيو ۽ سيکاريو جيڪو ڊاڪٽر سميوئيل جانسن ٻہ سئو سال اڳ سکيو هو:

ڊاڪٽر جانسن جو چوڻ آهي تہ :

"هزار ڊالر سالياني ڪمائڻ کان بهتر آهي تہ هر شيءِ ۽ هر واقعي جي روشن پهلو تي نظر رکڻ جي عادت اختيار ڪئي وڃي."

ياد رهي تہ اهي لفظ ڪنهن پيشيور ماهر جي واتان نہ نڪتا آهن، پر هڪ اهڙي شخص جي وات مان نڪتا آهن، جيڪو ويهن سالن تائين بک، غربت، ڪاوڙ ۽ پريشانين جو شڪار رهي، چيڑاڪ ٽي پيو هو پر آخر هن حالتن کي منهن ڏيڻ سکي ورتو ۽ پوءِ هڪ نهايت مايہ ناز اديب طور سامهون آيو ۽ خوش گفتاريءَ ۾ نالو ڪمايائين.

لوگن پرل سال سمٿ ڪجهہ دانش ۽ حڪمت وارا لفظ هن ريت چئي، سموريءَ ڀَالهہ کي مختصر ڪري ٻڌايو:

"هرڪو انسان زندگيءَ ۾ ٻن ڀَالهين جي خواهش ڪندو آهي: پهرين اها تہ اهو سڀ ڪجهہ حاصل ڪري ونڊي جنهن جي سندس دل ۾ خواهش آهي. ٻي اها تہ اهو سڀ ڪجهہ حاصل ڪرڻ کان پوءِ ان جو مزو ماڻي. پر صرف عقلمند ماڻهو ئي ايئن ڪري سگهندا آهن."

چا توهان اهو ٻڌڻ پسند ڪندؤ تہ ردّي ۾ سنڊ تي پليٽون ڏوئيندي، ان معمولي ڪم مان ڪيئن تمام گهڻو مزو ماڻي سگهجي ٿو؟ جيڪڏهن توهان کي اهو معلوم ڪرڻو هجي تہ پوءِ توهان بورگ هلڊ بل جو مشهور ڪتاب "مون ڏسڻ چاهيو ٿي" پڑهو.

اهو ڪتاب هڪ اهڑيءَ عورت لکيو آهي، جيڪا اڌ صديءَ کان نابين هئي. هوءَ لکي ٿي:

"منهنجي فقط هڪ اک مان ديد پوندي هئي ۽ منهنجي اها اک بہ ايتري تہ متاثر هئي، جو مون کي ان اک جي بہ صرف هڪ ڪنڊ مان ٿورو ڪجهہ نظر ايندو هو. آءٌ ڪو ڪتاب تڏهن پڑهي

سگھندي هئس. جڏھن ان کي کٽي بلکل اکين آڏو جھليان ۽ پوءِ اک تي زور ڏيئي پڙھان، پر پوءِ به آءٌ ان کي پڙھندي گھٽي ڏکيائي محسوس کندي هيس."

پر ان عورت پنھنجي ان خاميءَ سبب مظلوم ٿيڻ کان انکار کري چڏيو. هن مظلوميت جو لباس نہ پاتو ۽ اها ڳالھ مڃڻ کان انکار کري چڏيائين تہ کو هوءَ ٻين سيني ماڻھن کان 'مختلف' آهي. ننڍپڻ ۾ هوءَ ٻين ٻارن سان راند کيڏڻ گھرندي هئي، پر سندس نظر واري معذوري سندس آڏو ايندي هئي. هوءَ ٻين ٻارن وانگر راند روند ۾ کا سڻي کارکردگي ڏيکاري نہ سگھندي هئي، پر هن همٿ نہ هاري ۽ هن کوشش جاري رکي ۽ آخرکار هوءَ به ٻين ٻارن وانگر آهستي آهستي راندين ۾ سرگرم ٿيندي ويئي. هن گھر ۾ پنھنجي تعليم به جاري رکي. هوءَ ٽلھن لفظن وارا کتاب پڙھندي هئي ۽ اهي کتاب به پنھنجي اکين جي ايترو تہ ويجھو رکندي هئي، جو سندس اکين جا چپر کتابن سان وڃي لڳندا هئا، تنھن هوندي به هن کالیج مان ٻہ ڊگريون حاصل کيون. هن کولمبيا يونيورسٽيءَ مان ايم. اي جي ڊگري حاصل کئي. هن هڪ ننڍي ڳوٺ جي اسکول ۾ ٻارن کي پڙھائڻ شروع کيو ۽ ترقي کندي کندي هڪ مشهور کالیج ۾ پروفيسر جي عهدي تي پهچي ويئي. هن ڇهہ سال کالیج ۾ پڙھايو. هوءَ عورتن جي کلبن ۾ ليکچر به ڏيندي هئي ۽ ريڊيو تي به کتابن ۽ ادبين بابت ڳالھائيندي هئي. هن لکيو تہ:

"منھنجي ذهن ۾ اهو کتکو موجود هو تہ کٽي آءٌ بلکل نابين نہ ٿي ويان. پر ان ڊپ کي وس ۾ کرڻ لاءِ مون پنھنجي زندگيءَ ۾ خوش مزاجيءَ جو رنگ پري چڏيو."

1943ع ۾ جڏھن سندس عمر 52 سال هئي تہ هڪ معجزو ٿيو. مشهور ميو کلينک ۾ سندس اکين جو آپريشن ٿيو جنھن کان پوءِ هوءَ هاڻي اڳ جي ڀيٽ ۾ 40 ڀيرا وڌيڪ تيز ڏسڻ لڳي آهي. هاڻي سندس دنيا اڳ کان وڌيڪ روشن ٿي چکي آهي- وڌيڪ دلپسند ۽

مزي واري هاڻي ڪيس باورچي خاني جي سنڪ ۾ پليٽون ڏوئڻ بہ هڪ مزي وارو عمل محسوس ٿئي ٿو. هوءَ پليٽون ڏوئڻ وقت صابڻ جي گجيءَ سان راند ڪندي رهندي آهي. ان جي ٻُلبلن کي ڪٽي روشنيءَ ڏانهن ڪري، انهن جي مختلف رنگن جو مزو ماڻيندي ٿي رهي. هوءَ انهن جا رنگ برنگي انڊلٽ جهڙا رنگ ڏسي ڇرڪ ڇري ٿيو ٿي پوي. هوءَ رڌڻي جي سنڪ مٿان ٽهيل دريءَ مان جهاتي پائي ٻاهر ٽيندڙ برف باريءَ کي ڏسندي ٿي رهي، جتي ڪاجهرڪي جڏهن سندس اڳيان ڦُر ڪري اڏامي ٿي ته ان جي آواز جو مزو ماڻي ٿي. هوءَ صابڻ جي گجيءَ ۾ اڏامندڙ جهرڪيءَ کان ايترو ته متاثر ٿي آهي، جو پنهنجي ڪتاب جي پڃاڻي ئي انهن لفظن سان ڪئي اٿس.

"اي خدا! آءٌ تنهنجي ٿورائتي آهيان.... ٿورائتي آهيان ۾ هميشه رهنديس!"

توهان غور ڪريو ته هوءَ صرف ان ڳالهہ تي خوش آهي، خدا جو شڪر ادا ٿي ڪري ته هوءَ هاڻ پليٽون ڏوئي سگهي ٿي، صابڻ جي گجيءَ واري پاڻيءَ ۾ انڊلٽ جا رنگ ڏسي سگهي ٿي ۽ برفباريءَ دوران اڏامندڙ جهرڪين کي ڏسي خوش ٿئي ٿي.

اهو سڀ ڪجهہ ڏسي ۽ سوچي توهان ۾ مون کي انهيءَ ڳالهہ تي جو احساس ٿيڻ کپي ته اسان جي زندگيءَ جو هر ڏينهن ڪيترين رنگينين سان ڀرپور آهي، پر اسين ايترا ته نابين ٿي چڪا آهيون، جو اسان کي اهي رنگينيون ڏسڻ ۾ ئي نہ ٿيون اچن ۽ اسان ۾ انهن جو مزو ماڻڻ جي همت ئي ڪونهي. جيڪڏهن توهان فڪرن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ ۽ زندگيءَ سان پيار ڪرڻ چاهيو ٿا ته پوءِ ياد رکو:

"پنهنجن تڪليفن ۽ مسئلن کي ڳڻڻ بدران انهن تمام گهڻين نعمتون کي ڳڻيو جيڪي توهان کي ڏينهون ويون آهن."

باب ڇهون

ياد رکو: مُئل ڪتي کي ڪو ڏڏو به نه ٿو هڻي

1929ع ۾ هڪ اهڙو واقعو ٿيو. جنهن قومي تعليمي حلقن ۾ وڏ پڪڙ وجهي ڇڏي. سڄي آمريڪا مان دانشور اهو واقعو ڏسڻ لاءِ شڪاگو پهچي ويا. ڪجهه سال اڳ هٿ چنڙ نالي هڪ نوجوان روزگار جي سلسلي ۾ گهٽ حيثيت وارين نوڪرين ۾ لڳو رهيو هو. هن ويٽر، سيلزمين طور ڪم ڪيو پر پوءِ هن پڙهائڻ وارو ڪم شروع ڪيو. هاڻي اهو ئي نوجوان آمريڪا جي هڪ عظيم يونيورسٽي، يونيورسٽي آف شڪاگو جي هڪ وڏي عهدي تي پهچي ويو هو. سندس عمر رڳو ٽيهه سال هئي، ناقابل يقين. پوڙها تعليمي ماهر پنهنجو مٿو پٽي رهيا هئا. ان نوجوان تي تنقيد جو زور هو. ايستائين جو اخبارون به هن جي خلاف ٿي بينيون هيون. جنهن ڏينهن ان نوجوان کي آجياٽو ڏيڻو هو ان ڏينهن سندس هڪ دوست هن جي پيءُ کي چيو:

"اڄ صبح مون کي ان وقت سخت صدمو ٿيو. جڏهن مون توهان جي پٽ جي خلاف اخبارن ۾ مضمون پڙهيو."

ان نوجوان جي والد چيو:

"هائو سڄ ٿو چوين، منهنجي پٽ جي سخت مذمت ڪئي ويئي آهي، پر توکي خبر آهي ته مئل ڪتي کي ڪوبه ڏڏو نه هڻندو آهي."

ها هڪ ڪتو جيترو اهم هوندو آهي، اوترا وڌيڪ ماڻهو ڪيس ڏڏو هڻندا. پرنس آف ويلز جيڪو پوءِ ايڊورڊ اٺون سڏائڻ لڳو ان وقت ڊيون شائر جي وارث مائوٽ ڪالیج ۾ پڙهندو هو. ان وقت شهزادي جي

عمر 14 سال هئي. هڪ ڏينهن سامونڊي فوج جي هڪ عملدار ڪيس روئندي ڏٺو ۽ ان جو سبب پڇيو. شهزادي ڦهرين ته سبب ٻڌائڻ کان انڪار ڪيو پر پوءِ ڪيس اصل ڳالهه ٻڌائي ڇڏيائين. ڪيس سامونڊي فوج جي ڪيڊٽن ٽڏا هنيا هئا. ڪاليج جي ڪمانڊر انهن ڇوڪرن کي سڏايو ۽ کين هينئن چيو:

"شهزادي توهان جي شڪايت نه ڪئي آهي، پر آءٌ پاڻ اهو ڄاڻڻ چاهيان ٿو ته توهان ايئن ڇو ڪيو؟"

ڪافي هڻ وٽ کان پوءِ آخرڪار ڪيڊٽن مڃيو ته ها هنن شهزادي سان بدتميزي ڪئي هئي. هنن اهو سڀ ڪجهه ان لاءِ ڪيو جو هو جڏهن ڪنهن وقت شاهي سامونڊي فوج جو ڪمانڊر ۽ ڪيپٽن ٿي وڃي ته اسين ڇئي سگهون ته اسان ان کي ٽڏا هنيا هئا، جيڪو هينئر بادشاهه ٿيو وينو آهي. تنهن ڪري توهان کي جڏهن ٽڏا هنيا وڃن، توهان تي تنقيد ڪئي وڃي يا ڏکا ڏنا وڃن ته ياد رکو ته اهو اڪثر ان ڪري ٿئي ٿو ته توهان کي توهان جي اهميت جو احساس ڏيارڻ وڃي. ان جو مطلب اهو هوندو آهي ته توهان کي نه ڪو ڪارنامو ڪرڻ وارا آهيو يا ڪري چڪا آهيو تنهن ڪري توهان تي ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي. کي ماڻهو ڪائنس وڌيڪ اهل ۽ قابل ماڻهن تي تنقيد ڪن ٿا، اهو ان لاءِ ته ان سان کين هڪ قسم جو سڪون ملي ٿو.

مثال طور مون کي هڪ عورت جو خط مليو. ان خط ۾ هن جنرل وليم بوٿ کي نندڻو هو. جنرل وليم بوٿ سالويشن آرمي جو باني هو. مون هڪ تقرير ۾ جنرل بوٿ کي زبردست خراج تحسين پيش ڪيو هو جنهن جي جواب ۾ ان عورت اهو خط لکيو هو. ان خط ۾ ان عورت جنرل وليم بوٿ تي الزام هنيو هو ته هن 80 لک ڊالرن جي رقم خرد برد ڪئي هئي، جيڪا غريبن جي مدد لاءِ گڏ ڪئي ويئي هئي. ان عورت جو اهو الزام بلڪل غلط، بي بنياد ۽ بي معنيٰ هو ۽ اها عورت حقيقت کي مڃڻ لاءِ تيار ئي نه هئي. اها پاڻ کان گهٽو وڌيڪ معتبر ۽ وڏيءَ هستيءَ خلاف مذمت ڪري رڳو پنهنجن جذبن کي سڪون پهچائي رهي هئي. مون سندس فضول خط ردي‌ءَ جي ٽوڪريءَ حوالي ڪيو ۽

خدا جو شڪر ادا ڪيم تہ ان جھڙي فضول ۽ نامعقول عورت سان منھنجي شادي نہ ٿي هئي. ان خط مون کي جنرل بوٿ بابت تہ ڪجھ نہ ٻڌايو هو پر البتہ سنڊس پرمر ڪلي ويو هو. ان خط ۾ سنڊس باري ۾ گھڻو ڪجھ لکيو ويو هو. شوپن هار ڪيترا سال اڳ چيو هو:

"رواجي ۽ بيهوده ذهن رکندڙ ماڻھو عظيم شخصيتن جي خامين ۽ برائين کي ظاهر ڪري تمام گھڻي خوشي محسوس ڪندا آهن."

ڪو به شخص ييل جي صدر کي ڪميٽو ۽ بيهوده شخص نہ ٿو سڏي سگھي، پر ان جي باوجود ييل جي هڪ اڳوڻي صدر ٽموٿي ڊوائيٽ ان شخص جي مذمت ڪندي تمام گھڻو سڪون محسوس ڪيو هو جيڪو آمريڪي صدر جي عهدي جو اميدوار هو. ييل جي صدر خبردار ڪيو هو تہ جيڪڏهن اهو ماڻھو آمريڪا جو صدر چونڊجي ويو تہ:

"اسين اکئين ڏسنداسين تہ اسان جي زالن ۽ ڌيئرن کي بي راهہ رويءَ لاءِ قانوني تحفظ ملي ويو آهي ۽ انهن کي شريفانہ طور تي بي آبرو ڪيو ويندو ڪين داغدار ڪيو ويندو نيڪي ۽ پارسائيءَ جو جنازو نڪري ويندو خدا ۽ انسان ۾ئي نفرت جو شڪار ٿي ويندا."

ايئن ٿئي لڳو جڻ اها هٽلر جي مذمت ڪئي پئي وڃي. ڇا واقعي ايئن آهي؟ پر نہ اها هٽلر جي نہ پر ٽامسن جعفرسن جي مذمت ڪئي پئي ويئي. اهو ئي لافاني ٽامسن جيفرسن جنهن آزاديءَ جو اعلان لکيو هو جمهوريت جو بو سڏجي ٿو اها ان جي مذمت ڪئي پئي وڃي.

پر اهو واقعو تہ گھڻو وقت اڳ پيش آيو هو. ٿي سگھي ٿو تہ ان وقت تائين انساني ذهن ۾ بهتريءَ جا آثار بيدار ٿي چڪا هجن. اچو تہ اسين ايڊمرل پيريءَ تي غور ٿا ڪريون.

ايڊمرل پيري 6 اپريل 1909ع تي اتر قطب پهچي دنيا کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو هو. هڪ اهڙي منزل ماڻڻ لاءِ بهادر ماڻھو صدين کان ڪوششون ڪندا پيا آيا آهن ۽ ان جدوجهد دوران ڪيترن ماڻھن جون جانيون بہ ضايع ٿي چڪيون آهن. پيري ذاتي طور تي پاڻ بہ سياري ۾ ٻڪ سبب مرڻ جھڙو ٿيو پيو هو ۽ سرديءَ سبب سنڊس پيرن جون اٺ آڱريون ايترو تہ جمي چڪيون هيون، جو انهن کي ڪٽي اڇلائڻ کانسواءِ ٻيو ڪو

چارو ڪو نه هو. هن ايتريون ته تڪليفون برداشت ڪيون هيون، جو ڪيس خطرو هو ته متان ڪٽي جنوني نه ٿي وڃي. سندس وڏا آفيسر واشنگٽن ۾ سڙي پچي رهيا هئا ته ڪين اهو به ساڻ هو ته پيريءَ کي سندس انهيءَ ڪارنامي سبب تمام گهٽي مشهوريءَ ۾ خراج تحسين ملي رهيو هو تنهن ڪري هنن پيريءَ تي اهو الزام هٽڻ شروع ڪيو ته هن سائنسي مقصدن لاءِ ساموندي سفر ڪرڻ واسطي رقم گڏ ڪئي ۽ ان رقم کي پنهنجي اتر قطب واري مهم ۾ استعمال ڪيو. شايد ڪين پنهنجو اهو الزام صحيح لڳو پئي، چاڪاڻ ته توهان جنهن ڳالهه تي يقين ڪرڻ چاهيو پيا، ان ڳالهه تي توهان جو يقين ڪرڻ ناممڪن ٿي وڃي ٿو. هو پيريءَ کي ذليل ڪرڻ لاءِ ايتري قدر تيار هئا، جو صدر مڪ ڪنلي کي حڪم ڏيڻو پيو ته پيري اتر قطب ۾ پنهنجي مهم جاري رکي.

جيڪڏهن پيري واشنگٽن ۾ وينو ساموندي فوج لاءِ خدمت انجام ڏيندو رهي ها ته ڇا سندس ايتري مذمت ڪئي وڃي ها؟ مٿس ايتري تنقيد ٿئي ها؟ بلڪل نه... ڇو ته ان صورت ۾ هو ايترو اهم نه هجي ها، جو ٻين آفيسرن کي ساڻس ساڙ ٿئي ها. جنرل گرانٽ کي ته ايڊمرل پيريءَ کان به وڌيڪ ڪڙو تجربو ٿيو. 1862ع ۾ جنرل گرانٽ اها فيصلو ڪندڙ فتح حاصل ڪئي ۽ اها پهرين فيصلہ ڪن فتح هئي، جنهن مان اتر کي مزو آيو هو. هڪ اهڙي فتح جيڪا هڪ ٻنپهرن جو حاصل ڪئي ويئي هئي. هڪ اهڙي فتح جنهن جنرل گرانٽ کي رات وچ ۾ هڪ قومي هيرو بنائي ڇڏيو. پر اها عظيم فتح حاصل ڪرڻ کان رڳو ڇهن مهينن بعد اتر جي هيرو کي گرفتار ڪيو ويو هو ۽ ڪانئس فوج جي ڪمان ڦري ويئي. هو بي عزتيءَ ۽ پنهنجي ذليل ٿيڻ تي ڳوڙها ڳاڙيندو رهيو.

جنرل يو. ايس گرانٽ کي ان عظيم الشان فتح جي ڪجهه مهينن کان پوءِ ڇو گرفتار ڪيو ويو هو؟ ان جو وڏو سبب اهو هو ته هن پنهنجن اعليٰ آفيسرن، جيڪي انتهائي مغرور به هئا، جي دلين ۾ ساڙ جي باهه ٻاري ڇڏي هئي. جيڪڏهن اسين صرف تنقيد لاءِ تنقيد سبب پريشان آهيون ته پوءِ ياد رکو:

مخالفت لاءِ تنقيد اڪثر ان ماڻهو لاءِ تعريف ۽ ساراهه جو ٻيو روپ هوندي آهي. يادرکو ته مئل ڪتي کي ڪير به ڏڻو نه ٿو هڻي."

باب ستون

توهان هيئن ڪريو، تنقيد جو توهان تي ڪوبہ اثر نہ ٿيندو

مون کي هڪ پيرو ميجر جنرل سميڊلي بٽلر کان انٽرويو وٺڻ جو موقعو مليو. هن مون کي ٻڌايو تہ جڏهن هو نوجوان هو تہ کيس ان وقت مشهوري حاصل ڪرڻ جو تمام گهٽو شوق هو. هو هر ڪنهن ماڻهوءَ تي پنهنجو سڀو تاثر ڇڏڻ ۾ دلچسپي رکندو هو. انهن ڏينهن ۾ هو معمولي تنقيد بہ برداشت نہ ڪندو هو پر هن اعتراف ڪيو تہ 30 سالن جي فوجي زندگيءَ کيس مضبوط ترين ماڻهو جو روپ ڏئي ڇڏيو. هن ٻڌايو تہ:

> "مون تي تمام گهٽي تنقيد ڪئي ويئي ۽ مون کي تمام گهٽو ذليل بہ ڪيو ويو. جهڙي نموني ڪنهن ڪتي، نانگ يا اهڙي ڪنهن ٻئي موذي جانور کي ذليل ڪيو ويندو آهي. منهنجي هر اهڙي لفظ سان بي عزتي ڪئي ويئي، جنهن کي لکڻ ۽ ٻڌائڻ مناسب ڪونهي. پوءِ ڇا آءٌ انهن سمورين ڳالهين ڪري پريشان ٿيس؟ بلڪل نہ... جڏهن مون کي خبر پوندي هئي تہ ڪو منهنجي خلاف ڳالهائي رهيو آهي تہ مون ڪڏهن ڪنڌ ورائي بہ نہ ڏٺو تہ ڪير بڪواس ڪري رهيو آهي."

مون کي اڃا بہ اهو وقت ياد آهي تہ جڏهن ڪيترا سال اڳ بالغن جي تعليم جي سلسلي ۾ ٽيل هڪ گڏجاڻيءَ ۾ "نيويارڪ سن" جي عيوضيءَ مون تي ۽ منهنجي ڪم تي تمام گهٽي تنقيد ڪئي ۽ پنهنجي اخبار ۾ منهنجي خلاف آرٽيڪل بہ شايع ڪيو هو. پوءِ ڇا مون کي ڪاوڙ آئي؟ ڇا مون ان کي پنهنجي بي عزتي محسوس ڪيو؟

ها. آءٌ ان عمل تي ڪاوڙيو به هوس ۾ مون ان کي پنهنجي ذاتي بي عزتي ۽ سمجهيو هو. مون روزانه نيويارڪ سن جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي چيئرمين گل هوجز کي ٽيليفون ڪري گهرَ ڪئي ته هو پنهنجي اخبار ۾ هڪ اهڙو مضمون شايع ڪري، جنهن ۾ اصل حقيقتون ڏنل هجن ۽ انهن کي پنهنجو رخ ڏنل نه هجي. آءٌ جرم جي نوعيت موجب ان جي سزا ڏيڻ جو قائل آهيان، پر اڄ جڏهن آءٌ اهو سڀ ڪجهه سوچيان ٿو ته مون کي شرم ٿو اچي ته مون اهو سڀ ڪجهه چا ڪيو؟ هاڻي آءٌ سوچيان ٿو ته جن ماڻهن ان وقت اخبار خريد ڪئي هوندي، انهن مان ڪيترا اهڙا هوندا، جن اهو مضمون پڙهيو ئي نه هوندو. ڪي ٻيا اهڙا هوندا جن ٿورو پڙهي ڇڏي ڏنو هوندو. صرف ڪي ٿورا اهڙا هوندا، جن وٽ اجايو وقت هوندو. تن اهو مضمون تفصيل سان پڙهيو هوندو. پر پوءِ انهن به هفتي ڏيڍ کان پوءِ ان کي وساري ڇڏيو هوندو. پلا ڪنهن وٽ ايترو وقت آهي جو بين جي معاملن ۾ ٽنگ اڙائي.

آءٌ هاڻي محسوس ڪريان ٿو ته ماڻهو توهان ۾ منهنجي باري ۾ نه ٿا سوچين ۽ نه ئي انهن کي ڪا پرواهه هوندي آهي ته ماڻهو سندن باري ۾ چا ٻيا سوچين؟ ناشتي کان اڳ ۽ ناشتي کان پوءِ ويندي رات جو ڊنر تائين هرڪو پنهنجي باري ۾ ئي ٻيو سوچيندو آهي. هن وٽ پڪڙ واري تيز رفتار دنيا ۾ ماڻهن وٽ پنهنجي لاءِ سوچڻ واسطي ئي پورو وقت ڪونهي ته هو بين بابت اجايو چا سوچيندا. جيڪڏهن سندن مٿي ۾ ٿورو به سور هوندو ته اهي منهنجي ۽ توهان جي موت جي خبر ٻڌي به ڪو تاثر ڪونه ڏيندا، چو ته کين اصل فڪر سندن پنهنجي مٿي جي سور جو هوندو.

اسان تي ڪير ڪهڙا به الزام هڻي، اسان کي سنجيدگيءَ سان نه وٺڻ کپي ۽ نه ئي ان تي پنهنجي رحم جوڳي حالت ڪرڻ کپي. مون ڪيترن سالن جي تجربي کان پوءِ اهو راز حاصل ڪيو ته جيتوڻيڪ آءٌ ماڻهن کي پنهنجي مٿان غير منصفاڻي تنقيد کان پري نه ٿو رکي سگهان ته پوءِ مون کي انهن تي ڏيان ئي نه ڏيڻ کپي. ٻين جي اجائين سجائين ڀالهين تي سڙڻ کان بهتر آهي ته پنهنجو ڏيان ٻئي ڪنهن چڱيءَ ڀالهه تي لڳائي خوش رهجي.

اچو تہ ان ڳالھ جي وڌيڪ وضاحت ڪريون. آءٌ هر ڪنهن تنقيد ڪي نظر انداز ڪرڻ جي ڳالھ نہ پيو ڪريان، آءٌ رڳو غير منصفاڻي تنقيد جي ڳالھ پيو ڪريان.

مون هڪ پيرو ايليز روز ويلٽ کان پڇيو تہ، اها غير منصفاڻي تنقيد ڪي ڪيئن منهن ڏيندي آهي ۽ خدا ڪي خبر آهي تہ ان تي تمام گھڻي ۽ غير منصفاڻي تنقيد ڪئي ويئي هئي. وائيٽ هائوس ۾ رهندڙ ڪنهن بہ عورت جا ايترا دوست دشمن نہ هوندا، جيترا دوست ۽ دشمن سندس حصي ۾ آيا هئا.

هن ٻڌايو تہ هڪ نوجوان چوڪريءَ طور هو نهايت شرميلي هئي ۽ ان ڳالھ کان ڊڄندي هئي تہ ماڻھو منهنجي باري ۾ چا چوندا. هوءَ تنقيد کان ايترو تہ ڊڄندي هئي جو هن هڪ پيرو پنهنجي پڻيءَ (روز ويلٽ جي پيٽ) ڪي چيو تہ اها ان سلسلي ۾ ڪيس ڪا سڻي صلاح ڏني. هن ڪيس چيو تہ پڻي آءٌ فلاڻو فلاڻو ڪم ڪرڻ چاهيان ٿي، پر ماڻھن جي تنقيد ۽ تبصرن کان ڊڄان ٿي. روز ويلٽ جي پيٽ سندس اکين ۾ اکيون ملائيندي چيو:

"جيستائين تون دل سان اهو سمجھين ٿي تہ تون حق تي آهين، ان وقت تائين ان ڳالھ کان ڪڏهن بہ پريشان نہ ٿي تہ ماڻھو تنهنجي باري ۾ چا ٿا چون."

ايليز روز ويلٽ ٻڌايو تہ اها نصيحت ڪيترن سالن کان پوءِ ان وقت منهنجي ڪم آئي، جڏهن آءٌ وائيٽ هائوس ۾ رهندي هئس. هن مون کي ٻڌايو تہ رڳو هڪ اهڙو طريقو آهي، جنهن سان اسين هر قسم جي تنقيد کان بچي سگھون ٿا ۽ اهو طريقو آهي تہ اسين متيءَ جي مورت بڻجي، ڪنهن شوڪيس ۾ سينگارجي ويهون.

"توهان اهو ئي ڪجھ ڪريو جنهن بابت توهان جي دل چوي تہ اهو صحيح آهي، چو تہ تنقيد تہ توهان تي ٿيڻي آهي. جيڪڏهن توهان ڪجھ ڪندا تہ بہ توهان تي تنقيد ٿيندي ۽ جيڪڏهن ڪجھ بہ نہ ڪندا تڏهن بہ ڪنهن نہ ڪنهن بهاني توهان تي تنقيد ضرور ڪئي ويندي."

اها هئي سندس صلاح. توهان کي وٺي يا نہ؟ جڏهن مون انٽر نيشنل آمريڪن ڪارپوريشن جي صدر آنجهاني مٽيو سي برش کان سوال ڪيو ته. ڇا هن کي به ڪڏهن تنقيد جي معاملي ۾ احساس ٿيو آهي؟ موت ۾ هن وراڻيو:

"ها. شروع ۾ آءٌ پاڻ تي تنقيد سبب تمام گهڻو حساس هوندو هئس. انهن ڏينهن ۾ منهنجي خواهش هئي ته منهنجي اداري جا سمورا ماڻهو مون کي صحيح سمجهن. پر جڏهن هو ايئن نہ ڪندا هئا ته مون کي ڪٿتي ٿي پوندي هئي. آءٌ ان پهرين شخص کي خوش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هوس. جنهن منهنجي مخالفت ڪئي هئي. پر ان پهرين شخص کي خوش ڪرڻ جي ڪوشش دوران تيسين کو ٻيو شخص مخالفت ۾ بينو هوندو هو پر پوءِ جڏهن ايئن ٿيڻ وارو سلسلو وڌي ويو ته پوءِ مون محسوس ڪيو ته تنقيد کان بچڻ لاءِ ماڻهن جي مجروح احساسن تي جيترو وڌيڪ مرحم رکڻ جي ڪوشش ڪندس. اوترا ئي دشمن وڌندا ويندا. پوءِ آخرڪار مون سوچيو ته. "جيڪڏهن ماڻهن جي ميڙ ۾ سيني کان مٿي ڪنڌ ڪٽي هلبو ته ضرور تنقيد ٿيندي "منهنجي ان سوچ منهنجي تمام گهڻي مدد ڪئي. ان وقت کان وٺي اڄ تائين مون اهو اصول ناهي ڇڏيو آهي ته سٽي کان سنو ڪم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهندس ۽ ان کانپوءِ پنهنجي پاڻ مٿان پراٽي ڇٽي کولي ڇڏيندو آهيان ته جيئن تنقيد جي برسات جا ڦڙا منهنجي ڳچيءَ تي پوڻ بدران انهيءَ ڇٽيءَ مٿان ترڪي پري وڃي ڪرن."

جڏهن چارلس شواب پرنسٽن يونيورسٽيءَ ۾ شاگردن کي خطاب ڪري رهيو هو تڏهن هن اهو مڃيو ته هن زندگيءَ جو جيڪو اهم ترين سبق سکيو. اهو سبق ڪيس هڪ جرمن ڪاريگر سيکاريو جيڪو سندس مل ۾ ڪم ڪندو هو. اهو پوڙهو جرمن ڪاريگر مل جي ٻين ڪاريگرن سان ڏگهي بحث مباحثي ۾ اٽڪي پيو. هو اڪيلو هو جڏهن ته ڪنهن معاملي تي ٻين سيني ڪاريگرن جي راءِ گڏيل

هئي. هنن پوڙهي کي ڪٽي پرسان درياه ۾ اڇلائي ڇڏيو. هن وڌيڪ تفصيل ٻڌايا:

"جڏهن اهو پوڙهو جرمن منهنجي آفيس ۾ اندر گهڙيو ته گپ ۾ سجو ٽڦيو پيو هو. سندس ڪپڙن مان پاڻي ٽمي رهيو هو. مون ڪانئس پڇيو ته هن بين ڪاريگرن کي ڇا چيو هو جو هنن کيس ڪٽي درياءَ ۾ ڦٽو ڪيو. ان پوڙهي جيڪو جواب ڏنو سو هي هو: "مون ته صرف ڪلي ڏنو هو."

شواب چيو: "پوءِ مون ان جرمن ڪاريگر جي لفظن کي هڪ قول جو درجو ڏيئي ڇڏيو:

"مون ته صرف ڪلي ڏنو هو."

اهو قول ان وقت انتهائي ڪم اچي ٿو جڏهن توهان ناجائز تنقيد جو شڪار هجو يا غير منصفاڻي تنقيد جو شڪار ٻڌجي رهيا هجو. توهان ان ماڻهوءَ کي ترت جواب ڏيئي سگهو ٿا، جيڪو توهان کي توهان جي ڀالهه جي ورندي ڏئي، پر ان ماڻهو کي ڇا ٿا ڪري سگهو جيڪو توهان جي ڀالهه ٻڌي چڑڻ بدران کلي ڏئي.

جڏهن توهان ۾ آءُ اجائي تنقيد ۾ غير منصفاڻي تنقيد جو نشانو ٻڌجي رهيا هجون ته اسان کي ياد رکڻ کپي ته:

"پنهنجي لاءِ بهتر ڪان بهتر لائحه عمل ناهيون. ايترو بهتر جيترو توهان سوچي سگهو ٿا، ۾ تنهن ڪان پوءِ پنهنجي پراڻي چٽي پاڻ مٿان کولي هلڻ لڳو ته جيئن تنقيد جي برسات جا ڦڙا توهان جي ڳچيءَ تي پوڻ بدران چٽيءَ تان ترڪي پري وڃي ڪرن."

حصو ٻيو

ماڻهن سان ميل ميلاپ جا بنيادي گُرَ

"اچو تہ دوست ٺاهيون ۽ اثر رسوخ وڌايون."

هڪ اهڙو ڪتاب آهي، جيڪو انساني ناتن بابت لکيو ويو آهي. جنهن ۾ ماڻهن سان ميل ميلاپ جا بنيادي گُرَ سيکاريا ويا آهن. ان کانسواءِ پرسڪون زندگي گذارڻ لاءِ دوستن جي اهميت بابت لکيو ويو آهي. اهو ڪتاب تنقيدي رويو اختيار ڪرڻ کان بچڻ سيکاري ٿو ۽ ٻين ماڻهن جي ساراهہ ڪرڻ ۽ انهن جي تعريف ڪرڻ لاءِ چوي ٿو. چو تہ ايئن ڪرڻ سان ماڻهن سان اسان جا ناتا بهتر ٿين ٿا ۽ اسان جي پنهنجي دل بہ خوش ۽ مطمئن ٿي وڃي ٿي، ۽ جيڪي ڳالهيون اسان کي دنياوي معاملن ۾ خوش ڪن ٿيون، اهي ئي اسان کي گهرو معاملن ۾ خوش رکي سگهن ٿيون ۽ گهر جون اهي ئي خوشيون هر انسان، پوءِ پلي اهو مرد هجي يا عورت ان جي پهرين ضرورت آهن.

باب اڻون

جيڪڏهن توهان کي ماکي کپي ته
پوءِ ماناري کي لت نه هڻو

مئي 1931ع تي انساني شڪار جو هڪ حساس منظر عروج تي هو. نيويارڪ شهر جي رهواسين ان کان اڳ اهڙو نظارو ڪڏهن به ڪو نه ڏٺو هو. ڪرولي جيڪو ڏوهارين جي دنيا ۾ 'ٽُوگن' (Two Gun) جي نالي سان مشهور هو ۽ پوليس کي گهربل هو. هو هڪ قاتل به هو ۽ پوليس کي سندس ڳولا هئي. هو نه سگريٽ ۽ نه ئي شراب پيئندو هو. تنهن هوندي به کانئس قتل ٿي ويو هو. هو ويسٽ اينڊ اوينيو ۾ پنهنجي محبوبہ وٽ ترسيل هو ۽ پوليس سندس گهر کي گهيرو ڪري ورتو هو. ڏيڍ سئو پوليس وارن سندس محبوبہ جي گهر کي گهيري رکيو هو. پوليس وارن سندس محبوبہ جي گهر جي ڇت ۾ سوراخ ڪري ان مان ڳوڙها گئس اڇلائڻ شروع ڪئي هئي ته جيئن ڪرولي پنهنجي پاڻ کي پوليس حوالي ڪري. تنهن کان پوءِ پوليس پرپاسي جي عمارتن تي پنهنجون مشين گنون لڳائي ڇڏيون. ان کان پوءِ اڌ ڪلاڪ کان وڌيڪ عرصي تائين نيويارڪ جو اهو سنو رهائشي علائقو مشين گنن جي گجگوڙ ۽ پستول جي گولين جي ڪرڪاٽ سان گونجندو رهيو. ڪرولي هڪ ڪرسيءَ پٽيان لڪيل هو جنهن تي گهر جو سمورو فالتو سامان پيل هو ۽ هو ڪرسيءَ پويان پوليس تي اندا ڏنڊ گوليون هلائي رهيو هو. ماٺهو به تجسس مان ان مقابلي جو نظارو ڪري رهيا هئا. هڪ اهڙو پوليس مقابلو جيڪو هن کان اڳ هن علائقي جي رهواسين ڪڏهن به نه ڏٺو هو. اٽڪل ڏهہ هزار ماٺهو اهو مقابلو ڏسي

رهيا هئا. آخرڪار ڪرولي کي گرفتار ڪيو ويو. تڏهن پوليس ڪمشنر اي پي مل روني اعلان ڪندي ماڻهن کي ٻڌايو تہ 'ٽُوگن' ڏوهارين جي دنيا جي سپ کان خطرناڪ ڏوهارين مان هڪ هو.

پر 'ٽُوگن' پنهنجو پاڻ کي ڇا سمجهندو هو؟ اها اسان کي خبر آهي، ڇاڪاڻ تہ جيئن ئي پوليس مقابلو هلي رهيو هو ۽ پوليس سندس اپارٽمينٽ جي ان حصي تي گوليون هلائي رهي هئي، جتي ڪرولي لڪل هو. ان دوران ڪرولي ٽُوگن هڪ خط لکيو هو. اهو خط ڪنهن اڪيلي ماڻهوءَ لاءِ نہ هو پر اهو ان ماڻهو ڏانهن هو. جنهن جو ڪنهن نہ ڪنهن طرح ان خط ۾ لکيل ڳالهين سان تعلق هو. جنهن وقت هو اهو خط لکي رهيو هو. سندس زخمن مان رت وهي رهيو هو ۽ رت جا ڦڙا ان ڪاغذ تي ٻہ ڪري رهيا هئا. جنهن تي هو خط لکي رهيو هو. ڪرولي پنهنجي خط ۾ لکيو هو:

"منهنجي سيني اندر هڪ بيزار دل دڙڪي رهي آهي، پر هيءَ مهربان دل آهي ۽ هيءَ دل ڪنهن کي بہ نقصان پهچائي نٿي سگهي."

پوليس مقابلي کان ٿوري دير اڳ ڪرولي پنهنجي محبوبا سان ڪچهريءَ ۾ مست مگن هو. جيئن ئي هو گاڏيءَ ۾ سوار ٿي رستي تي هلڻ لڳو تہ پوليس جي هڪ سپاهيءَ سندس گاڏي روڪي ۽ هن سان ڪجهہ هن طرح مخاطب ٿيو:

"مهرباني ڪري مون کي پنهنجو ڊرائيونگ لائسنس ڏيکاريو."

ڪرولي پنهنجي زبان مان هڪ لفظ بہ نہ ڪڍيو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي پوليس واري کي گولي هڻي ماري ڇڏيائين. جيئن تي اهو پوليس وارو زمين تي ڪريو ڪرولي پنهنجي ڪار مان ان پوليس واري جو روالور هٿ ۾ کڻي، ساڳئي روالور سان پوليس واري کي هڪ بي گولي بہ وهائي ڪڍيائين ۽ اِهو ئي اُهو قاتل هو جيڪو پنهنجي خط ۾ لکي رهيو هو:

"جيتوڻيڪ منهنجي ڇاتيءَ ۾ هڪ بيزار ڪندڙ دل آهي، پر اها نهايت مهربان دل آهي. جيڪا ٻين کي نقصان نہ ٿي رسائي سگهي."

تنهن کان پوءِ ڪرولي کي موت جي سزا جو حڪم ٿيو ۽ هو جڏهن "سنگ سنگ جيل" ۾ واقع پنهنجي موت- گهر ۾ آندو ويو تہ جيئن ڪيس بجليءَ جي ڪرسي تي ويهاري موت جي سزا ڏني وڃي. ان وقت ڇا ڪرولي هينئن چيو:

"هيءَ اها سزا آهي. جيڪا مون کي ماڻهن کي مارڻ جي ڏوهہ ۾ ملي رهي آهي."

نہ.... بلڪل نہ. بلڪ ڪرولي ان وقت چيو هو:

"هيءَ اها سزا آهي. جيڪا مون کي ان ڏوهہ ۾ ملي پئي تہ مون پنهنجي حفاظت ڇو ڪئي ۽ پنهنجو پاڻ کي بچائڻ جي ڪوشش ڇو ڪيم؟"

ان داستان مان کڻڻو نتيجو ٿو نڪري. ان داستان مان اهو نتيجو ٿو نڪري تہ ٽوگن ڪرولي کنهن بہ ڳالهہ لاءِ پنهنجو پاڻ کي ڏوهي قرار نہ ڏنو. ڇا ڏوهارين ۾ اهو ئي غير معمولي رويو ڏٺو ويو آهي؟ جيڪڏهن توهان ايئن ٿا سمجهو تہ پوءِ ڪروليءَ جو هي داستان بہ پڙهو:

"مون پنهنجي زندگيءَ جا ڪيترا سال ۽ مهينا ماڻهن ۾ ننڍيون ننڍيون خوشيون ورهائڻ ۾ گذاريا. انهن جي مدد ۾ گذاريا هئم. سندن مدد ڪئي هئم ۽ ساڻن سهڪار ڪيو هئم ۽ ان جي موت ۾ مون کي نفرت، ڏڪار ۽ ذلت کانسواءِ ڪجهہ بہ نہ مليو ۽ اهو ئي سڀ ڪجهہ هو جنهن مون کي هڪ قاتل جي روپ ۾ پيش ڪيو."

اَل ڪيپون بہ اهو ئي چوندو هو. اهو بہ هڪ بدنام ڏوهاري هو. ان بہ ڪڏهن نہ تہ پنهنجو پاڻ کي ننڍيو نہ ئي پاڻ تي ڪو ڏوهہ ڏنو. هو بہ پنهجو پاڻ کي عام ماڻهن جو خير خواهہ سڏيندو هو. هڪ اهڙو خير خواه، جنهن جي خير خواهيءَ کي ڪير بہ نہ ٿو ميڃي، جنهن جي کنهن بہ ڪڏهن بہ ساراهہ نہ ڪئي ۽ جنهن کي سمجهڻ ۾ غلطي ڪئي ويئي هئي.

نيويارڪ جو مشهور ڏوهاري ڊچ شلٽز بہ ايئن ئي چوندو هو. هن

هڪ اخباري انٽرويو ۾ اهو انڪشاف ڪيو هو تہ هو عوام جو حقيقي خير خواهہ ۽ سندن نوڪر آهي. هو عوام جي پلائيءَ ۽ خير جي ڪمن ۾ دلچسپي وٺندو رهندو هو.

نيويارڪ جيل جي وارڊن لي وس لائوس سان منهنجي دلچسپ خط و ڪتابت رهي. هن ڪيترائي سال نيويارڪ جيل جي وارڊن طور گذاريا هئا ۽ منهنجي ساڻس خط و ڪتابت ان موضوع تي هئي، جنهن جو ذڪر هلي رهيو آهي. جيل جي ان وارڊن انڪشاف ڪيو هو تہ:

"هن جيل ۾ فقط ڪجهہ اهڙا ڏوهاري آهن، جيڪي پنهنجو پاڻ کي ڏوهاري مڃين ٿا. اهي بہ اهڙائي انسان آهن، جهڙا تون ۽ آءٌ. ورنہ اڪثر توهان کي اهو ٻڌائي سگهن ٿا تہ هنن ڪجوڙي ڇو ٽوڙي؟ فلاڻو ڏوهہ ڇو ڪيو؟ فلاڻي واردات ڪرڻ پويان ڪهڙو سبب هو وغيره وغيره؟ اهي ڏوهاري پنهنجي ڪيل ڏوهہ جو ڪو نہ ڪو منطقي جواز رکن ٿا ۽ شڪايت ڪندا رهن ٿا تہ ڪين بنا ڏوهہ جي گرفتار ڪيو ويو آهي."

جيڪڏهن ال ڪيپيون، ٽُوگن ڪرولي، ڊچ شلٽز ۽ جيلن ۾ بند ٻيا ڏوهاري پنهنجو پاڻ کي ڏوهاري نہ ٿا مڃن ۽ پنهنجي ڪنهن بہ غلط ڪم سبب پاڻ کي ڏوهاري نہ ٿا سمجهن تہ پوءِ انهن ماڻهن بابت ڪهڙي راءِ آهي، جن سان آءٌ ۽ توهان روزانہ ملندا رهندا آهن.

جان ونا ميڪر اهڙن استورن جو باني آهي، جيڪي سندس نالي تي هلن ٿا. هن هڪ پيرو مڃيو تہ:

"مون ٽيهہ سال اڳ اهو سبق سکيو تہ ڪنهن کي چنڊ پٽڻ اسان جي بيوقوفي ۽ چريائپ آهي، ڇو تہ خدا هر ڪنهن کي هڪ جيتري ذهانت نہ ڏني آهي."

هن تہ جلد اهو سبق سکي ورتو پر مون کي ذاتي طور تي اهو سبق سکڻ ۾ ڪافي دير ٿي ويئي:

"100مان 99 پيرا ايئن ٿئي ٿو تہ ماڻهو ڪنهن بہ ڳالهہ لاءِ پنهنجو پاڻ کي ذميدار نہ ٿا سڏين. پنهنجو پاڻ تي نہ تہ ٻين جي تنقيد

مڃن ٿا. نہ وري پنهنجو احتساب ڪندي اهو ڏسن ٿا تہ ڪائنس ايڏي وڏي غلطي ڇو ۽ ڪيئن ٿي؟"

تنقيد/ يا نقطہ چيني هڪ اجائي ۽ بيڪار ڳالهہ آهي. ڇوتہ اها ڳالهہ ٻئي ماڻهوءَ کي دفاع ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏي ٿي ۽ اهو ماڻهو پنهنجو پاڻ کي وري ثابت ڪرڻ لاءِ جواز ڳولڻ تي مجبور ٿي پوي ٿو. هو پنهنجو پاڻ کي حق تي ثابت ڪرڻ لاءِ ننهن ڇوٽيءَ جو زور لڳايو ڇڏي. تنقيد ۽ نقطہ چيني هڪ خطرناڪ ڳالهہ بہ ثابت ٿئي ٿي. ڇو تہ ان سان بين جي عزت نفس مجروح ٿئي ٿو ۽ اها تنقيد انهن جي اهميت گهٽائڻ جو سبب بڻجي ٿي. جنهن ڪري انهن ۾ ڪاوڙ ۽ چڙ وڏي ويڃي.

دنيا جي مشهور نفسياتي ماهر بي. ايف. سڪز پنهنجن تجربن جي آڌار تي ثابت ڪيو آهي تہ:

"جيڪڏهن توهان ڪنهن جانور جي سڌي سلوڪ سبب ساڻس پيار ڪندؤ سڌو سلوڪ ڪندؤ تہ نہ صرف اهو توهان سان هِري مِري ويندو. پر توهان هن سان جيڪو پيار ۽ محبت ڪيو يا سڌو سلوڪ ڪيو. تنهن کي بہ ياد رکندو آهي. جڏهن تہ توهان جنهن جانور سان سڌو سلوڪ نہ ڪيو هوندو تہ اهو بہ توهان کي ڏسي ڪنڌ ڦيرائي ڇڏيندو يا وري پنهنجي رويي مان ثابت ڪندو تہ هو توهان کي پسند نہ ٿو ڪري"

تجربن ثابت ڪيو آهي تہ انسان بہ ايئن ئي ڪن ٿا. انهيءَ جانچ ۽ تجربن جي نتيجن کي انسانن تي بہ لاڳو ڪري سگهجي ٿو. اسين جڏهن ڪنهن تي ڇوهہ چنڊيون ٿا. تنقيد ڪريون ٿا يا خاميون ڪڍون ٿا تہ اسين کو ڪيس بدلائي نہ ٿا سگهون. پر اجايو هن کي پنهنجي خلاف ڪري ٿا ڇڏيون. هو اسان جي سلوڪ تي اسان کي سڌو نہ ٿو سمجهي. اسان سان ڪاوڙيل رهي ٿو. جڏهن بہ اسان سان ڪٽي ملي ٿو تہ اسان کي سڌيءَ نظر سان نہ ٿو ڏسي.

تنقيد ۽ نقطہ چيني نہ صرف ڪاوڙ يا پريشانيءَ جو سبب بڻجي

ٿي. پر ڪاوڙ ۾ ناراضگيءَ سبب، نه صرف توهان وٽ ڪم ڪار ڪندڙ ملازم، پر گهر ياتي ۾ دوست يار ۾ مٽ مائٽ به توهان کان پري ٿي وڃن ٿا. يا وري سندن همٽ گهٽجي ٿي. هنن جي صورتحال ۾ ڪابهتري نه ٿي اچي.

اوڪلاهاما سان تعلق رکندر جارج بي جانسن هڪ انجنيئرنگ ڪمپنيءَ ۾ سيفٽي ڪو آرڊينيٽر (ملازمن کي حفاظت مهيا ڪندڙ) طور ڪم ڪري ٿو. سندس ذميندارين مان هڪ اها به آهي ته هو ڏسي ته سندس ڪمپنيءَ جا ملازم جڏهن فيلڊ تي ڪم لاءِ روانا ٿين ته مٿي تي هيلمٽ ضرور پائي وڃن. پر جيڪڏهن ڪو ملازم ايئن نه ٿو ڪري ته پوءِ هو ڪيس ڪمپنيءَ جي قائدن قانونن بابت ٻڌائي، انهن تي عمل ڪرڻ تي زور پري ٿو. تڏهن کي ماڻهو سندس زور پرڻ تي ڪاوڙ ۾ هيلمٽ پائين ٿا. پر سندس پٽ ڏينديءَ اهو لاهيو ٿا ڇڏين. تنهن کان پوءِ جارج کين سمجهائڻ لاءِ هڪ نئون طريقو اختيار ڪيو. جڏهن هو ڏسندو هو ته ڪن ملازمن کي هيلمٽ پاتل نه آهن ته انهن وٽ وڃي ڪائنئن پيار سان پڇندو هو ته، ڇا اهي هيلمٽ پائڻ بعد اوهان ڏکيائي محسوس ٿا ڪيو؟ يا وري توهان جي مٿي تي صحيح نموني فٽ نه ٿا ٿين؟ تنهن کان پوءِ هن ملازمن کي خوشگوار نموني ۾ پيار سان سمجهايو ته هيلمٽ ان ڪري ناهيا ويا آهن ته جيئن توهان ڪنهن اتفاقي حادثي سبب مٿي تي ڏڪ لڳڻ کان بچي سگهو. جيڪا ڳالهه اڳتي هلي خطرناڪ به ٿي سگهي ٿي. پوءِ هن کين صلاح ڏني ته جيتوڻيڪ حادثو هر وقت نه ٿو ٿئي، پر ڪنهن به وقت ان جي ٿيڻ جو امڪان ته آهي. ڪمپني ڳرا خرچ پري ايترا هيلمٽ تيار ڪري توهان کي پائڻ تي مجبور ڪري ٿي، ان ۾ ڪمپنيءَ جو ڪو ذاتي فائدو ڪونهي، هي سڀ ڪجهه ته توهان جي حفاظت لاءِ آهي، پوءِ به جيڪڏهن پائڻ نه چاهيو ته توهان جي مرضي. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو ماڻهن جي اڪثريت سندس چوڻ تي هيلمٽ پائڻ شروع ڪيو ۽ ڪنهن به قسم جي ناراضگي ظاهر نه ڪئي. پاڻ ايندي ويندي ڪيس ڏسي مرڪي اڳتي وڌي ويندا هئا.

تنقيد ۾ نقطہ چيني سبب جيڪي تباهيون اچن ٿيون، تن جي ذڪر سان تاريخ ڀري پيئي آهي. مثال طورتوهان ٿيوڊور روز ويلٽ ۾ ٽيفٽ جي وچ ۾ ٽيل تڪرار کي ڏسي سگهو ٿا. اهو هڪ اهڙو تڪرار هو جنهن ڪري ري پبليڪن پارٽي ورهائجي ويئي. ۾ وڊ رو ولسن کي وائيٽ هائوس پهچڻ ۾ آساني ٿي پئي. اچو تہ اسين انهن سببن کي پرکيون، جنهن ڪري اهو سڀ ڪجهہ ٿيو.

1908ع ۾ جڏهن ٿيو ڊور روز ويلٽ وائيٽ هائوس کي خدا حافظ ڪيو تہ ان وقت هو ٽيفٽ جي حمايت ڪري رهيو هو. جيڪو هڪ چونڊيل صدر هو. تنهن کان پوءِ ٿيو ڊور روز ويلٽ، شينهن جي شڪار لاءِ آفريقا روانو ٿي ويو. جڏهن هو شڪار تان واپس گهر پهتو تہ هن وڏو سياسي ڏماڪو ڪيو. هن ٽيفٽ جي قدامت پسند پاليسين تي تمام گهڻي تنقيد ڪئي، ڪيس ڏليل ڪيو ۾ هن ڪوشش ڪئي تہ هو ٽئين عرصي لاءِ بہ پنهنجي لاءِ صدارتي نامزدگي حاصل ڪري. هن "بُل موز" پارٽي ناهي ۾ ايندڙ چونڊن ۾ وليم هاورڊ ٽيفٽ ۾ ري پبليڪن پارٽيءَ کي صرف بہ سيٽون مليون. اها چونڊن ۾ هڪ اهڙي هار هئي، جنهن جو اڳ ۾ ڪو مثال نہ ٿو ملي.

ٿيوڊور روز ويلٽ، ٽيفٽ تي الزامن جو مينهن وسائي ڇڏيو. پر ڇا ٽيفٽ بہ پنهنجو ڪو ڏوهہ مڃيو؟ بيشڪ هن ڪوبہ ڏوهہ نہ مڃيو. ٽيفٽ اڪين ۾ لڙڪ آڻي چيو:

"مون جيڪي ڪجهہ ڪيو مون کي خبر ڪونهي تہ ان جي بدران ٻيو ڇا ٿي ڪري سگهيس."

ڏوهہ ڪنهن جو هو روز ويلٽ يا ٽيفٽ جو؟ آءٌ توهان کي بلڪل سچائيءَ سان ٻڌايان ٿو تہ مون کي ان بابت ڪجهہ بہ پتو ڪونهي ۽ نہ ئي مون کي ان باري ۾ جاڻڻ جو ڪو شوق يا ضرورت آهي، پر جيڪا ڳالهہ آءٌ توهان کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان. اها هيءَ آهي تہ روز ويلٽ جي تنقيد ۽ نقطہ چيني بہ ٽيفٽ کي ان ڳالهہ تي مجبور نہ ڪري سگهي تہ ڪو هو مڃي تہ ها مون ڏوهہ ڪيو آهي. جڏهن تہ هو ڪنهن نہ ڪنهن حد تائين ڏوهاري بہ هو پر روز ويلٽ جي

تنقيد کان پوءِ هن ڏوهه مجرڻ بدران پنهنجو سچو زور پاڻ کي حق تي ثابت ڪرڻ ۾ لڳائي ڇڏيو. ۽ هر پيري اکين ۾ لڙڪ آڻي پاڻ کي سچو ۽ حق تي ثابت ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪندو رهيو.

توهان ٽي پال ڊوم تيل اسڪينڊل جو مثال به سامهون رکي سگهو ٿا. 1920ع جي شروع ۾ اهو اسڪينڊل اخبارن ۾ وڏين سرخين سان ايندو رهيو. ان اسڪينڊل عوام کي ڪافي ڳڻتيءَ ۾ وجهي ڇڏيو هو. چاڪاڻ ته ان کان اڳ اهڙو اسڪينڊل ڪڏهن به اخبارن ۾ نه آيو هو. ان اسڪينڊل جون اهم ڳالهيون هن ريت هيون:

البرٽ بي فال هارڊنگ ڪابينه ۾ گهرو سيڪريٽري طور شامل هو. ڪيس اها ذميداري ڏني ويئي هئي ته ايلڪ هل ۽ ٽي پارٽ ڊوم تي واقع حڪومتي تيل جي ذخيرن کي نيلام ڪري ڇڏيو. تيل جا اهي ذخيرا آمريڪي ساموندي فوج جي مستقل استعمال لاءِ رکيا ويا هئا. ڇا سيڪريٽري فال انهن غير جانبداراڻي نيلام کي ممڪن بڻايو. نه. هن هرگز ايئن نه ڪيو. پر هن پنهنجي هڪ واقف کي اهو ٺيڪو ڏيئي ڇڏيو. جنهن جو نالو ايڊورڊ ايل دوهيني هو ۽ ان وري موٽ ۾ ڇا ڪيو؟ هن سيڪريٽري فال کي هڪ لک ڊالرن جو نذرانو پيش ڪيو. جڏهن ته سيڪريٽري فال ان نذراني کي قرض جو نالو ڏيندو هو. تنهن کان پوءِ سيڪريٽري فال آمريڪي فوج کي حڪم ڏنو ته ان علائقي مان انهن تيل ڪمپنين کي نيڪالي ڏني وڃي، جن جا لاڳاپيل ڪوهه ايلڪ دوهيني جي تيل وارن کوهن جو تيل پاڻ ڏانهن ڇڪي رهيا آهن. انهن ڪمپنين کي ڏنڊي جي زور تي اتان ڪڍيو ويو تنهن ڪري هنن انصاف لاءِ عدالت جو در کڙڪايو ۽ ٽي پات اسڪينڊل جي راز تان پردو کنيو. اهڙيءَ ريت هڪ اهڙو طوفان اچي ويو جنهن هارڊنگ انتظاميا جي تباهيءَ جو رستو کولي ڇڏيو. اهو طوفان ري پبلڪن پارٽيءَ لاءِ به وڏو خطرو ٽي پيو ۽ البرٽ بي فال کي آخرڪار جيل وڃڻو پيو. ڪيس تمام گهڻو نندیو ويو. هن کي ايترو نندیو ويو جو ان وقت تائين آمريڪا ۾ ڪنهن کي به نه نندیو ويو هو. ڇا فال تي ان جو ڪو اثر پيو؟ بلڪل نه. ڪيترن سالن کان پوءِ هربرٽ هوور هڪ عوامي

گڏجاڻيءَ ۾ تقرير ڪندي انڪشاف ڪيو تہ صدر هارڊنگ جي موت جو سبب اها ڏني پريشاني ۽ صدمو هو جيڪو سندس دوست سيڪريٽري فال ڏنا بازيءَ ذريعي ڪيس پهچايو هو. جڏهن سيڪريٽري فال جي زال اهو تبصرو ٻڌو تہ هن رڙيون ڪندي چيو:

"چا فال، هارڊنگ سان ڏغابازي ڪئي هئي؟ نہ... نہ منهنجي مڙس ڪڏهن بہ ڪنهن سان دوکو يا ڏغابازي نہ ڪئي هئي. منهنجي مڙس اڳيان جيڪڏهن دنيا جي سون جون سموريون کاڻيون آڻي رکيون ويجن، تہ بہ هو دوکو ۽ ڏغابازي نہ ڪندو... اصل ۾ دوکو ۽ ڏغابازي تہ پاڻ منهنجي مڙس سان ٿي، اهڙي ڏغابازي جيڪا ڪيس قاسيءَ جي تختي ڏانهن کڻي ويئي."

اها انساني فطرت آهي تہ غلط ڪم ڪندڙ سموريءَ دنيا کي تہ غلط سڏي سگهي ٿو پر پنهنجو پاڻ کي ڪڏهن بہ ڏوهہ نہ ڏيندو آهي. اسان سيني ۾ اها انساني فطرت موجود آهي، تنهن ڪري مون کي يا توهان کي ڪڏهن ڪنهن تي نقطہ چيني يا تنقيد ڪرڻي پوي تہ اسان کي ال ڪيپون، ٽُوگن ڪرولي ۽ البرٽ فال کي ياد رکڻ کپي. اسان کي اهو احساس ڪرڻ کپي تہ تنقيد يا نقطہ چيني پاليل ڪبوترن وانگر هوندي آهي، جيئن اهي پاليل ڪبوتر آسمان جي وسعت تي اڏامي هيٺ لهي وري اسان جي گهر پهچي ٿا وڃن، ساڳئيءَ ريت اسان جي تنقيد ۽ نقطہ چيني جو رخ اسان ڏانهن بہ مڙي سگهي ٿو. اسان کي اهو بہ احساس ڪرڻ کپي تہ اسين جنهن شخص کي تنقيد ۽ نقطہ چيني جو نشانو بنايون پيا، چا ان کي واقعي سڌارڻ چاهيون ٿا؟ اسين جنهن شخص کي نندیون پيا، سياڻي هو بہ پاڻ کي حق تي ثابت ڪرڻ لاءِ اسان کي نندي سگهي ٿو.

15 اپريل 1865ع تي ابراهم لنڪن فورڊ ٿيٽر ويجهو واقع هڪ سستي رهائشي ڪمري ۾ مئل حالت ۾ مليو هو. جان ولڪس بوٿ ڪيس گولين هڻي ماريو هو. لنڪن جو لاش هڪ اهڙيءَ ڪٽ تي پيل هو جيڪا سندس قدبت کان ڪافي ننڍي هئي. سندس بستري مٿان هڪ پينٽنگ لڳل هئي ۽ پرسان آتشدان ۾ باهہ جا شعلا پڙڪي رهيا

هئا. لنڪن جي لاش ڏانهن اشارو ڪندي سنڊس سيڪريٽري جنگ اسٽانٽن چيو هو:

"هي ان ماڻهوءَ جو لاش آهي، جنهن انساني دلين تي حڪومت ڪئي. انساني دلين تي حڪومت ڪندڙ ان شخص جهڙو ٻيو ڪو مون اڄ تائين ناهي ڏٺو."

ماڻهن سان رابطا ۽ ميل ميلاپ ڪرڻ وارو اهڙو ڪهڙو ڳجهو راز هو جيڪو ابراهم لنڪن وٽ موجود هو جنهن ڪيس عوامي دلين تي حڪومت ڪرڻ سيکاريو؟ مون ڏهن سالن تائين ابراهم لنڪن جي زندگيءَ بابت پڙهيو آهي. ۽ تي سال رڳو پنهنجي ڪتاب " Lincon the unknown" لکڻ ۾ لڳايا هئم. مون کي پڪ هئي ته مون لنڪن جي شخصيت ۽ سنڊس زندگيءَ جي هر پهلوءَ بابت لکي ڇڏيو آهي ۽ ايترو تفصيلي لکيو اٿم. جيترو ڪنهن شخصيت بابت ڪو اديب لکي سگهي ٿو. مون لنڪن جي ماڻهن سان رابطن، اُٺَ ويهه ۽ ڳالهه ٻولهه بابت خاص طور تي ذڪر ڪيو هو ۽ مثال ڏنا هئا. پر ڇا لنڪن ۽ ڪڏهن تنقيد ۽ نقطه چيني جو سهارو ورتو هو؟ ها بلڪل.... انڊيانا جي هڪ نوجوان جي روپ ۾ هن نه صرف تنقيد ۽ نقطه چينيءَ جو سهارو ورتو هو پر هن اهڙا خط ۽ نظم به لکيا هئا، جن ۾ ماڻهن تي چٽرون ڪيون ويون هيون. سنڊن مذاق اڏايو ويو هو. ڪين ڏليل ڪيو ويو هو. هو انهن لڪتن کي رستي هلندي اهڙن هنڊن تي اڇلائي ڇڏيندو هو جتي اهي آسانيءَ سان ماڻهن کي هٿ اچن ۽ اُهي ڪٽي پڙهن. سنڊس انهن لکن ماڻهن تي اثر ڪيو هو ۽ انهن ۾ ڪاوڙ جو جذبو پيدا ڪيو هو. ايستائين جو لنڪن عملي طور تي وڪالت شروع ڪرڻ کان پوءِ به ماڻهن تي حملا ڪرڻ ۽ چوهه چندڙ بند نه ڪيا هئا. هو انهن خلاف اخبارن ۾ ڪليو ڪلايو خط پيو لکندو هو. 1842ع جي خزان جي موسم ۾ هن هڪ سياستدان تي چٽرون ڪيون ۽ هن خلاف اسپرنگ فيلڊ جنرل ۾ هڪ گمنام خط شايع ڪرايو. اهو خط پڙهي علائقي جي ماڻهن ڏاڍو مزو ورتو ۽ سنڊس مذاق پريل لفظن مان چُسڪا پريا. پر حساس ۽ معذور شيلڊز جنهن تي چٽرون ڪيون ويون هيون، اهو

ڪاوڙ ۾ تپي ٽاماٽي ٽي ويو. جيتوڻيڪ خط گمنام نالي سان لکيل هو پر شيلبز ان خط لکندڙ جو ڏس پتو ڪيڏي ورتو. هو گهوڙي تي چڙهيو ۽ لنڪن پويان روانو ٿي ويو. هن لنڪن کي دوبدو وڙهڻ جو چئلينج ڪيو پر لنڪن وڙهڻ نه ٿي چاهيو. هو ڊوئيل جي به خلاف هو پر پنهنجي عزت بچائڻ لاءِ ڪيس اهو چئلينج قبول ڪرڻو پيو. شيلبز لنڪن کي اهو اختيار ڏنو هو ته اهو پنهنجي مرضيءَ وارو هٿيار کڻي جيئن ته لنڪن جا هٿ ڊگها هئا. تنهن ڪري هن هٿيار طور تلوار جي چونڊ ڪئي ۽ تلوار هلائڻ جا گُر به سکڻ شروع ڪيائين. مقابلي واري مقرر ڏينهن هو ۽ شيلبز مقرر هنڌ تي پهتا. هنن اوستائين مقابلو جاري رکڻ جو پهه ڪيو جيستائين پنهي مان ڪو هڪ مارجي نه ٿو وڃي. پر آخري وقت تي پنهي جا حمايتي پهچي ويا ۽ انهن ٽياڪڙي ڪري معاملي کي ئي ختم ڪرائي ڇڏيو ۽ ايئن اهو مقابلو ٽيڻ کان رهجي ويو.

اهو واقعو لنڪن جي زندگيءَ جو هڪ اهڙو واقعو ثابت ٿيو. جنهن کيس هڪ نهايت قيمتي سبق سيکاريو. اهو سبق اهو هو ته ماڻهن سان ڪيئن ميل ميلاپ رکجي ۽ اڻجي ويهجي. پوءِ هو ماڻهن سان رابطا رکڻ، ميل ميلاپ ۽ اُٺ ويهه بابت گهڻو ڪجهه سکي ويو هو. ۽ ان کان پوءِ هن وري ڪنهن تي به چڙون نه ڪيون ۽ نه ڪنهن سان اهڙو ڪو مذاق ڪيائين، جنهن سان ان جي دل آزاري ٿئي.

وقت گذرندو رهيو.... گهرو ويڙهه دوران لنڪن لڳاتار هڪ پئي پويان ميڪ سليلن، پوپ، برن سائيڊ، هوڪر ۽ ميڊ کي جنرلن طور عهدي تي مقرر ڪيو پر انهن لنڪن کي تمام گهڻو مايوس ڪيو. اڏ قوم انهن جنرلن جي ڪارڪردگيءَ کي نندیو پر لنڪن انهن جنرلن جي نااهليءَ تي ڪوبه تبصرو نه ڪيو.

جڏهن مسز لنڪن ۽ ٻين ماڻهن ڏکڻ جي رهواسين بابت گٽا لفظ استعمال ڪيا. تڏهن لنڪن اهو جواب ڏنو هو ته:

> "انهن کي تنقيد جو نشانو نه بڻايو وڃي ۽ متن تنقيد نه ڪئي وڃي. اسين به سندن جاءِ تي هجون ها ته انهن حالتن ۾ اهو ئي ڪجهه ڪريون ها. جيڪي ڪجهه هو هن وقت ڪري رهيا آهن."

جيڪڏهن هن زمين تي ڪو اهڙو شخص موجود هو جنهن کي نقط چيني ڪرڻ جو موقعو مليو يا تنقيد ڪرڻ جو موقعو مليو ۽ هن نقط چيني ڪرڻ يا تنقيد ڪرڻ کان پاڻ کي بچائي رکيو تہ پوءِ اهو لنڪن کان سواءِ ٻيو ڪو ماڻهو تي ئي نہ ٿو سگهي.

اچو تہ هڪ مثال ذريعي ان ڳالهہ جي وضاحت ڪريون. گيٽس برگ جي جنگ جولاءِ 1863ع جي پهرين ڏينهن ۾ وڙهي ويئي. 4 جولاءِ جي رات وچ ۾ جنرل لي ڏکڻ ڏانهن پوئتي پير ڪري پڇڙ تي مجبور ٿي پيو هو. جڏهن تہ سموري ملڪ تي ڪارا ڪڪر چانيل هئا ۽ زوردار طوفاني مينهن وسي رهيو هو. جڏهن جنرل لي پنهنجي هارايل فوج سان گڏ پوٽو ميڪ واري هنڌ تي پهتو تہ سندس اڳيان چوليون هٽندڙ سمنڊ ۽ پويان فتح حاصل ڪندڙ يونين آرمي هئي. جنرل لي جڏ تہ ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسي چڪو هو. سندس بچڻ جو تہ ڪو آسرو ئي نہ هو. پر لنڪن صورتحال جو جائزو ورتو. سندس سمجهہ ۾ اها ڳالهہ آئي تہ قدرت کيس هڪ نايابموقعو مهيا ڪيو آهي. کيس اهو موقعو مليو هو تہ هو جنرل لي ۽ سندس هارايل فوج جي باقي رهيل فوجين کي گرفتار ڪري يڪدم جنگ ختم ڪري سگهيو ٿي. تنهن ڪري لنڪن جون اميدون پوريون ٿيڻ جو وقت اچي پهتو هو. هن جنرل ميڊ کي اهو حڪم ڏنو تہ هو جنگي ڪائونسل جي گڏجاڻي سڏائڻ ۾ وقت نہ وڃائي، پر يڪدم جنرل لي جي فوج مٿان حملو شروع ڪري لنڪن نہ صرف پنهنجو اهو حڪم هڪ لکت ذريعي ٽيليگرام وسيلي روانو ڪيو پر هڪ خاص ماڻهوءَ کي بہ اهو حڪم ڏيئي جنرل ميڊ ڏانهن روانو ڪيائين ۽ تڪڙيءَ کارروائيءَ جو حڪم ڏنائين. پر جنرل ميڊ چا ڪيو؟ هن لنڪن جي حڪمن جي ابتڙ ڪم ڪيو. هن جنرل ڪائونسل جي گڏجاڻي سڏائي لنڪن جي حڪم جي پڇڪڙي ڪئي ۽ لنڪن جي حڪمن تي عمل ڪرڻ کان نٽايو. ايتري ۾ درياءَ پرسڪون ٿي ويو ۽ جنرل لي پنهنجي فوج سميت اهو پار ڪري پڇي ويو. لنڪن سخت ڪاوڙيل هو. هو رڙيون ڪندو رهيو تہ آخر منهنجي حڪمن تي عمل نہ ڪرڻ جو سبب چا هو؟ هو پنهنجي پٽ رابرٽ کي رڙيون ڪري چوندو رهيو:

"منهنجي حڪم تي عمل نہ ڪرڻ جو مطلب ڪهڙو هوءَ هو اسان جي ور چڙهي چڪا هئا ۽ اسان کي صرف هڪ هٽ اچتي وڏائي کيس پڪڙڻو هو تنهن کان پوءِ اسين جيئن چئون ها هو ايئن ڪن ها. اهڙيءَ حالت ۾ تہ ڪو نااهل کان نااهل جنرل بہ لي کي شڪست قبولڻ تي مجبوري ڪري وجهي ها ۽ جيڪڏهن آءٌ ان وقت ڏڏي تي موجود هجان ها تہ آءٌ تہ ايئن ئي ڪريان ها."

هو ڪاوڙ ۾ سخت محروميءَ ۽ مايوسيءَ جو شڪار هو. آخر ڪار ٽڪجي هڪ ڪرسيءَ تي ويهي رهيو ۽ جنرل ميڊ ڏانهن خط لکڻ شروع ڪيائين، جنهن ۾ هن لکيو هو:

"منهنجا پيارا جنرل!

مون کي پڪ ئي نہ ٿي ٿئي تہ جنرل لي ۽ سنڊس فوج جي پڄي نڪرڻ سان اسين جنهن بدقسمتيءَ جو شڪار ٿيا آهيون، تون انهن جي خراب اثرن کان واقف نہ هوندين. هو آسانيءَ سان اسان جي ور چڙهي ويجي ها. هو اسان جي پڪڙ کان گهڻو پري نہ هو. سنڊس گرفتاري ملڪ ۾ هلندڙ گهرو ويڑهہ کي ختم ڪرائي پئي سگهي، پر توهان ان کي پڄڻ جو موقعو ڏيئي گهرو ويڑهہ کي ايڏا ڊگهو ڪرڻ جو موقعو ڏيئي ڇڏيو. هاڻي اها گهرو ويڑهہ اڻ ڄاتل عرصي تائين جاري رهي سگهي ٿي. توهان گذريل سومر تي جنرل لي تي حملي ۾ ناڪام رهيا. هڪ اهڙي موقعي تي ناڪام رهيا جڏهن هو مڪمل طور تي توهان جي وس ۾ هو. تہ پوءِ توهان مان ڪهڙي اميد رکي سگهجي ٿي، تہ توهين درياءَ جي ڏکڻ ۾ وڏيڪ فوجي ڪاميابيون حاصل ڪري سگهو ٿا. توهان جي صلاحيت تي شڪ ڪري سگهجي ٿو ۽ مون کي اهڙي ڪابہ اميد ڪونهي تہ ڪو توهان پنهنجي صلاحيت جي اعتبار کان ڪي اثرائتا جنرل ثابت ٿيندؤ. توهان فتح حاصل ڪرڻ جو هڪ نهايت آسان موقعو هٿان وڃائي ڇڏيو. توهان جي ان سونهري موقعي ضايع ڪرڻ جو مون کي ايترو تہ ڏک ٿيو آهي، جنهن کي لفظن ۾ بيان نہ ٿو ڪري سگهجي."

توهين چا ٿا سمجهو ته اهو خط پڙهي جنرل ميڊ جو ڪهڙو تاثر آيو هوندو؟

پر توهان جي اطلاع لاءِ عرض ته جنرل ميڊ اهو خط پڙهيو ئي ڪو نه. چو ته لنڪن ڪيس اهو خط اماڻيو ئي نه هو. اهو خط لنڪن جي وفات کان پوءِ سندس پين ڪاغذن سان گڏ هٿ آيو هو.

منهنجو اهو اندازو آهي.... ۽ اهو منهنجو پنهنجو اندازو ئي ٿي سگهي ٿو ته خط پڙهڻ کان پوءِ لنڪن دريءَ مان ٻاهر نهاريو هوندو ۽ پنهنجو پاڻ سان ڳالهائيندي چيو هوندو ته:

"هڪ منٽ غور ڪر ته مون کي ايتري تيزي نه ڏيکارڻ گهرجي. منهنجي لاءِ اها آسان ڳالهه آهي ته وائيٽ هائوس ۾ ترسيل جنرل ميڊ لاءِ اهي حڪم جاري ڪريان، جڏهن ته آءٌ گينٽس برگ جي صورتحال کان بلڪل واقف نه آهيان ۽ جيڪڏهن مون ان هنڌ تي گذريل هفتي ايترو رت وهندي ڏٺو هجي ها، جيترو جنرل ميڊ ڏٺو هو ته ۽ منهنجي ڪنن ۾ جنگ ۽ زخمي ٿيل ۽ مرندڙن جي رڙين جا آواز پيا گونجن ها ته ٿي سگهي ٿو ته آءٌ به جنرل لي تي حملو ڪرڻ کان لنوائي وڃان ها، جيئن جنرل ميڊ ڪيو. جيڪڏهن آءٌ هي خط جنرل ميڊ کي اماڻيان ٿو ته ان سان منهنجي ڪاوڙيل جذبن کي ته سڪون ملي ويندو، پر اهو خط جنرل ميڊ کي انهيءَ ڳالهه تي مجبور ڪري ڇڏيندو ته هو پنهنجو پاڻ کي حق تي ثابت ڪرڻ لاءِ ننهن چوٽيءَ جو زور لڳائي ۽ پوءِ هو پنهنجا حمايتي گڏ ڪري منهنجي مذمت جي ڪوشش ۾ ڪري سگهي ٿو. هي خط سندس جذبات ۽ احساسن تي ڪو خوشگوار اثر نه ڇڏيندو ۽ سندس فوجي صلاحيتن تي ڪٽُ چاڙهي ڇڏيندو ۽ ايئن ۾ ٿي سگهي ٿو ته هو اهو خط ملڻ کان پوءِ عهدي تان ئي استعيفيٰ ڏئي ڇڏي"

جيئن آءٌ اڳ ۾ ئي لکي چڪو آهيان ته لنڪن اهو خط لکڻ کان پوءِ اماڻڻ بدران پاسيرو رکي ڇڏيو هو. چو ته سندس تجربن کيس اهو سبق سيکاريو هو ته تنقيد ۽ نقطه چينيءَ جو نتيجو ڪو چڱو نه ٿو نڪري

ٽيوڊور روز ويلٽ چوي ٿو ته هو آمريڪا جي صدر طور ڪڏهن ڪنهن نازڪ مسئلي جي ور چڙهي ويندو هو ته هو ان وقت وائيٽ هائوس ۾ لڳل لنڪن جي وڏي تصوير ڏانهن ڏسي. پنهنجو پاڻ کان اهو پڇندو هو ته:

"جيڪڏهن لنڪن منهجي جاءِ تي هجي ها ته هو ان نازڪ مسئلي کي ڪيئن منهن ڏئي ها ۽ هو ان مسئلي کي ڪهڙي نموني حل ڪري ها."

۽ پوءِ مون کي ان مسئلي جو ڪو نہ ڪو سٽو حل ملي ويندو هو. سو هاڻي جيڪڏهن ڪنهن وقت توهان ڪنهن اهڙي مسئلي ۾ اچي وڃو ته يڪدم پنهنجي ڪنهن آئيڊيل شخصيت کي اڳيان رکي کانئس پڇيو:

"جيڪڏهن توهان کي اهو مسئلو پيش اچي ها ته توهان ڇا ڪريو ها؟"

پوءِ ٿي سگهي ٿو ته توهان کي پنهنجي سوال جو جواب ملي وڃي. مارڪ ٽوئين کي به جلد ڪاوڙ ايندي هئي ۽ اڪثر آپي کان ٻاهر نڪري ويندو هو. هڪ پيري هو ڪنهن ڳالهه تان ڪاوڙجي پيو ۽ دوست کي خط ۾ لکيائين ته، "توکي شرم وڃان ٻڌي مرڻ کپي" هڪ ٻئي موقعي تي هن هڪ ايڊيٽر تي رڳو ان ڪري ڪاوڙ ڪئي، جو هن جي پروف ريڊر سندس لکيل خط ۾ ڪيل ڪن غلطين کي سڌاريو هو. هن اهو حڪم ڪيو ته:

"منهنجي خط کي جيئن آهي ۽ جهڙو آهي جي بنياد تي شايع ڪريو ۽ پنهنجي پروف ريڊر کي چئو ته اهو خط ۾ سڌاري وارو ڪم پنهنجي ناڪاره ذهن تائين محدود رکي."

مارڪ ٽوئين اهڙي قسم جون حرڪتون ڪري سڪون محسوس ڪندو هو ۽ پنهنجو پاڻ کي بهتر محسوس ڪندو هو ۽ اهڙا خط لکي سندس ڪاوڙ به ختم ٿي ويندي هئي ۽ گهٽو ڪري ڪنهن کي ڪو

نقصان بہ نہ ٿيندو هو جو سندس زال اهي خط وٽي ٽپال ۾ موڪلڻ جو بهانو ڪري اهي موڪليندي ئي نہ هئي ۽ ايئن اهي خط ڪڏهن بہ انهن ماڻهن تائين پهچندا ئي ڪو نہ هئا، جن کي لکيا ويا هوندا هئا.

ڇا توهان ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ کان واقف آهيو جنهن کي توهان نہ صرف بدلائڻ، پر منظم ڪرڻ بہ چاهيو ٿا ۽ سندس سڌري وڃڻ ۾ بہ دلچسپي رکو ٿا.

صحيح. بلڪل صحيح. اها تمام سٺي ڳالهہ آهي ۽ آءٌ توهان جي انهن ڪوششن کي ساراهيان ٿو پر چو نہ ان نيڪ ڪم جي شروعات اسين پنهنجو پاڻ کان ڪريون. ٻين کي سڌارڻ بدران پنهنجو پاڻ کي سڌارڻ وڌيڪ بهتر آهي.

ڪنفيوشس چوي ٿو:

"پنهنجي پاڙيسريءَ جي چت تي پيل برف جي شڪايت اوستائين نہ ڪريو جيستائين توهان پنهنجي در اڳيان ڦٽو ڪيل ڪچرو صاف نہ ٿا ڪري وٺو."

آءٌ جڏهن نوجوانيءَ واري زماني ۾ ماڻهن کي متاثر ڪرڻ جي جذبي سان پريل هئس، تڏهن مون رچرڊ هاربنگ ڊيوس کي هڪ بيوقوفيءَ وارو خط لکيو هو. هو نامياروادیب هو ۽ آمريڪا جي مشهور نالي وارن اديبن ۾ ليکيو ويندو هو. آءٌ اديبن بابت هڪ مضمون لکي رهيو هئس ۽ مون ڊيوس کان پڇيو هو تہ هو مون کي پنهنجي ادبي ڪم ڪرڻ جي طريقيڪار بابت ٻڌائي. ڪجهہ وقت کان پوءِ مون کي هڪ خط مليو جنهن جي آخر ۾ هيئن لکيو هو:

"هي خط لکرايو ويو آهي، پر ان کي پڙهڻ جي زحمت ڪڏهن بہ نہ ڪئي ويئي آهي."

آءٌ ان لکت مان تمام گهڻو متاثر ٿيو هئس ۽ مون محسوس ڪيو هو تہ اهو خط لکڻ وارو هڪ نهايت وڏي... نهايت مصروف.... نهايت اهميت واري شخصيت هوندو. آءٌ جيتوڻيڪ ڪا وڏي مصروف شخصيت نہ هئس، پر رچرڊ کي متاثر ڪرڻ ۽ هن مٿان پنهنجو تاثر

چڏڻ چاهيم ٿي، تنهن ڪري مون ۾ سندس نالي لکيل ٻئي خط کي اهو لکي مڪمل ڪيو هو ته:

"هي خط لکرايو ويو آهي، پر ان کي پڙهڻ جي زحمت ڪڏهن ۾ نه ڪئي وئي آهي."

هن منهنجي خط جو جواب ئي نه ڏنو هو. هن منهنجو خط ئي واپس اماڻي چڏيو هو پر ان تي اهو ضرور لکيو هئائين ته:

"تنهنجون خراب عادتون حد کان وڌي ويون آهن."

اها حقيقت ۾ هئي ته مون هڪ بيوقوفاڻي حرڪت ڪئي هئي. ۽ اهڙو جواب ڏيڻ ۾ سندس حق هو پر ان جي باوجود هڪ انسان طور مون کي سخت ڪاوڙ آئي هئي. مون کي ايتري ته سخت ڪاوڙ هئي جو ان واقعي جي ڏهن سالن واري عرصي کان پوءِ جڏهن مون رچرڊ جي موت جي خبر پڙهي ته تڏهن ۾ ڏهن ڀر جيڪا پهرين ڳالهه آئي، اها هيءَ هئي ته هن مون کي ڏک پهچايو هو مون کي رنجايو هئائين. حالانڪ مون کي پوءِ پنهنجي ان سوچ تي تمام گهڻو ڏک ۾ ٿيو هو.

ماڻهن سان گڏيل رابطا، ميل ميلاپ ٿيڻ وقت اسان کي اهو ياد رکڻ کپي ته اسين ڪنهن منطقي مخلوق سان رابطا نه پيا ڪريون، پر اسين هڪ جذباتي مخلوق سان رابطا ڪري رهيا آهيون. هڪ اهڙيءَ مخلوق سان رابطا ڪري رهيا آهيون، جيڪا نه صرف تعصب رکي ٿي، پر غرور ۽ پاڻ پسند ڪرڻ واري ۾ آهي.

ٽامس هار ڊي هڪ حساس ناول لکندڙ هو. جڏهن مٽس تنقيد ڪئي ويئي ته هن ناول لکڻ ئي چڏي ڏنو. ٽامس چيٽرٽن هڪ انگريز شاعر هو. هن تي جڏهن تنقيد ڪئي ويئي ته هو سهي نه سگهيو ۽ آپگهات ڪري جهان چڏايائين.

بينجمن فرينڪلن پنهنجي نوجوانيءَ ڪان وٺي ئي ماڻهن سان رابطا ڪرڻ جاڻندو ئي نه هو پر تنهن ڪان پوءِ هو سفارتي ادب احترام ۾ ايترو ته ماهر ٿي ويو جو پوءِ ڪيس فرانس ۾ آمريڪي سفير مقرر ڪيو ويو. عام ماڻهن سان رابطن جي سلسلي ۾ سندس ڪاميابيءَ جو راز ڪهڙو هو؟ ان راز تان پردو کڻندي هن چيو:

"مون فيصلو ڪيو هو تہ آءٌ ڪنهن بہ ماڻهوءَ خلاف نہ ڳالهائيندس ۾ جڏهن بہ ڪنهن جي باري ۾ ڳالهہ ڪندس تہ سندس چگي ڳالهہ ئي ڪندس. سندن چگائين بابت ڳالهائيندس ۾ برائين بابت ڪجهہ بہ نہ چوندس."

ڪوبہ احمق ۾ بيوقوف شخص تنقيد تہ ڪري سگهي ٿو نقطہ چيني بہ ڪر سگهي ٿو مذمت بہ ڪري سگهي ٿو شڪايت بہ ڪري سگهي ٿو ۾ ڪيترائي بيوقوف ۾ احمق ماڻهو سڀ ڪجهہ ڪري سگهن ٿا.

ڪارل لائل چوي ٿو:

"هڪ عظيم ماڻهو جهڙي نموني عام ماڻهن سان سنو ورتاءُ ڪري ٿو تہ سندس ان سني ورتاءَ سبب عظمت جي واضح جهلڪ نظر اچي ٿي."

هڪ رسالي "فلائيٽ آپريشن" ان ڳالهہ جو انڪشاف ڪيو تہ باب هوور جيڪو هڪ مشهور پائليٽ هو ۾ فضائي مظاهرن دوران هوائي جهازن جا ڪرتب بہ ڏيکاريندو هو. اهو سان ڊيگو ۾ هڪ فضائي مظاهري کان پوءِ واپس گهر وڃي رهيو هو ۾ هو هوا ۾ هو تہ اتي ئي 300 فوٽ اوچائيءَ تي سندس جهاز جون ٻئي انجڻيون اوچتو بند ٿي ويون. پر ان جي باوجود هن نهايت مهارت جو مظاهرو ڪندي جهاز کي رن وي تي حفاظت سان لاهي ورتو. جيتوڻيڪ جهاز کي سخت نقصان پهتو پر مسافرن مان ڪنهن کي بہ رهڙ نہ آئي. هوور جيئن ئي جهاز کي حفاظت سان هيٺ لاٿو هن جهاز ۾ پيل ٻارڻ جي پڙتال ڪئي. سندس شڪ صحيح هو. ٻي جنگ عظيم واري ان جهاز ۾ جنهن کي هو اڏائي رهيو هو. تنهن ۾ ان جهاز جي ٻارڻ بدران هڪ جيٽ جهاز جو ٻارڻ پريل هو. هوائي اڈي تي واپس پهچي هن ان ميڪنڪ سان ملڻ جي خواهش ڏيکاري، جنهن ان جهاز جي سروس ڪئي هئي. جيئن ئي هن ميڪنڪ سان ملاقات ڪئي تہ ان روئي ڏنو چو تہ سندس ٿوريءَ غلطيءَ سبب هڪ قيمتي جهاز کي تمام گهڻو نقصان پهتو هو ۾ ڪيتريون قيمتي جانيون ضايع ٿي سگهيون ٿي.

توهان هوور جي ڪاوڙ سمجهي سگهو ٿا. هو موت جي منهن مان بچي آيو هو. هو جيتري به ڪاوڙ ڪري ها گهٽ هئي. ڪوبه شخص سندس ڪاوڙ جي انتها جو اندازو لڳائي سگهيو ٿي ۽ ان سلوڪ کان به سڀ واقف هئا، جيڪو هوور جهڙو هڪ مشهور ۽ شاندار هوا باز ڪنهن ميڪنيڪ سان ڪري سگهيو ٿي، جنهن هن سميت ڪيترن ماڻهن جون جانيون خطري ۾ وجهي ڇڏيون هيون. پر هوور ان ميڪنڪ کي ڪجهه به نه چيو. ساڻس گهٽ وڌ نه ڳالهايائين، نه ڪيس چڙهون ڏنائين، پر هن ميڪنڪ جي ڪلهي تي هٿ رکي صرف ايترو چيو هو:

"مون کي پڪ آهي ته تون ٻيهر اهڙي خوفناڪ غلطي نه ڪندين، آءٌ چاهيان ٿو ته سياڻي منهنجي جهاز جي سروس وري به تون ئي ڪرين."

اڪثر ايئن ٿيندو آهي ته ماءُ پيءُ پنهنجن ٻارن تي تنقيد ۽ نقطه چيني پيا ڪندا آهن. جا اوهان سمجهو ٿا ته آءٌ اهڙن ماءُ پيءُ کي ان لاءِ چنڊ ڦٽيندس ته اهي پنهنجن ٻارن تي تنقيد نه ڪن، پر توهان غلط پيا سمجهو آءٌ کين ڪجهه به نه چوندس، پر کين اهو ضرور چوندس ته اهي پنهنجن ٻارن کي تنقيد ۽ نقطه چيني جو نشانو بڻائڻ کان اڳ آمريڪي صحافت جي شاهڪارن مان هڪ شاهڪار "پيءُ وساريو چڏي" ضرور پڙهن. اسين ان شاهڪار جو هيٺ ذڪر ڪريون ٿا. اهو مضمون ريڊر ڊائجسٽ سميت دنيا جي ڪيترن ئي اخبارن ۽ رسالن ۾ ترجمو ٿي شايع ٿي چڪو آهي.

پيءُ وساري چڏي....

ڊبليو لونگسٽن لرنڊ

"منهنجا ننڍڙا، پيارا ۽ معصوم پٽ، آءٌ تو سان ان وقت ڳالهائي رهيو آهيان جڏهن تون گهريءَ ۽ منيءَ ننڊ ۾ ستل آهين. تو پنهنجو هڪ هٿ پنهنجي ڳل جي بلڪل هيٺان رکيو آهي، جڏهن ته تنهنجا خوبصورت وار تنهنجي نرڙ تي پکڙيا پيا آهن. آءٌ هن وقت تنهن جي ڪمري ۾ اڪيلو ويٺو آهيان. ڪجهه دير اڳ آءٌ پنهنجي لائبريريءَ ۾ ويهي ڪي ڪتاب ۽ ڪاغذ ڏسي رهيو هئس ته اوچتو مون کي ندامت

۾ پشيمانيءَ جي احساس وکوڙي ورتو ۽ ان ندامت ۾ پشيمانيءَ ئي مون کي تنهن جي بستري تائين پهچايو آهي.

"منهنجا پٽ! آءٌ انهن ڳالهين بابت ويچاري رهيو هئس، جن سبب اڄ صبح جو پاڻ ۾ تکرار ٿيو هو. تو صبح جو وهنجڻ بدران رڳو آلي ٽوال سان منهن اگهڙ ۾ ئي عافيت سمجهي هئي ۽ جڏهن تون اسڪول وڃڻ جي تياري ڪري رهيو هئين، تنهنجي ان حرڪت تي مون توکي چڙڀ ڏني هئي. مون توکي ان ڪري به گهٽ وڌ ڳالهايو جو تو پنهنجو بوٽ پالش نه ڪيو هو ۽ مون کي ان وقت به ڪاوڙائي هئي، جڏهن تو به ڪاوڙ منجهان پنهنجون ڪي شيون پٽ تي اڇلايون هيون.

"ناشتي تي به آءٌ توکي گهٽ وڌ ڳالهائيندو رهيس. تون شين کي هتي هتي رکي رهيو هئين ۽ تو ناشتي کي به ميز تي ڪيرائي چڏيو هو. اسڪول ويندي جيتوڻيڪ انهيءَ سموريءَ ڪاوڙ باوجود جڏهن تو مون کي خدا حافظ چيو ته، مون ڪاوڙ منجهان ڪوبه جواب نه ڏنو ۽ تون ايئن ئي هليو وئين.

پوءِ ٻنيهرن جو جڏهن آءٌ تنهنجي جاسوسي ڪندي گهر کان ٻاهر نڪتس ته ڏٺم ته تون گهٽيءَ ۾ زمين تي گوڏا ڪوڙي گولين سان راند ڪري رهيو هئين. تنهنجا جورابا به ڦاٽا پيا هئا. مون تنهنجي دوستن سامهون تنهنجي بي عزتي ڪئي ۽ توکي ڏکيندو گهر گهلي آيس. جيڪڏهن تو انهن مهانگن جورابن کي پاڻ خريد ڪيو هجي ها ته توکي انهن جو قدر ٿئي ها ۽ اهو احساس ٿئي ها ته مون کي چو ڪاوڙ آئي هئي.

پٽ، تون اهو سوچ ته جيڪڏهن تون منهنجي جاءِ تي هجين ها ته پاڻ به ائين ئي ڪرين ها. چا توکي خبر آهي ته ان کان پوءِ جڏهن آءٌ پنهنجي لائبريريءَ ۾ ويٺو هئس ته تون نهايت هيسيل نموني مون وٽ هليو آيو هئين. تنهنجي اکين مان تنهنجي ڏک جو احساس ٿي رهيو هو. آءٌ تنهنجي ان اجائي مداخلت تي وري ڪاوڙجي پيو هئس. مون ڪاوڙ مان توڏانهن نهاريندي پڇيو هو: "وري هتي ڇاجي لاءِ آيو آهين؟" تون ڊپ ۾ لائبريري جي چائنٽ تي ئي بيهي رهيو هئين. مون

توکان وري پڇيو هو: "توکي چا تو کپي؟" تو ان وقت ڪجھ نہ چيو پر ڏوڙي اچي پنھنجون ٻانھون منھنجي ڳچيءَ ۾ وجھي مون کي پيار ڪئي. جڏھن تون ان محبت سان مون کي چمبڙيو ھئين، جيڪا محبت خدا منھنجي لاءِ تنھنجي دل ۾ وڏي ھئي تہ جيڪا ڪڏھن بہ ختم نہ ٿي ٿئي، جنھن کي ڪڏھن بہ نظر انداز نہ ٿو ڪري سگھجي، تہ بہ مون توکي ان جي ڪا سڻي موت نہ ڏني ھئي ۽ تون بلڪل ماڻ ۾ تيزيءَ سان ڏوڙندو انھيءَ رستي تان واپس موٽي ھليو وئين، جنھن رستي تان آيو ھئين ۽ تنھنجي ڏاڪڻين چڙھڻ جو آواز بہ منھنجي ڪنن ۾ گونجندو رھيو.

منھنجا پيارا پٽ! تنھنجي اڇڻ کان پوءِ منھنجو روح بہ پڙھڻ تان ڪجي ويو جيڪي ڪاغذ منھنجي ھٿ ۾ ھئا، اھي ڪري پيا ۽ مون کي ھڪ اڻ ڏٺو ڊپ ٿي پيو تہ مون اھو سڀ ڪجھ ڇو ڪيو جيڪو مون کي نہ ڪرڻ ڪپي ھا. مون ۾ ھڪ اھڙي عادت ھئي، جيڪا صرف ٻين جون خراب ڳالھيون ئي ڳولينديءَ ھئي، جڏھن تہ انھن ۾ ڪيتريون چڱايون بہ ھيون. ھڪ اھڙي عادت جنھن مون کي اجايو ۽ لڳاتار پنھنجي پٽ کي دڙڪا داڻا ڏيڻ تي مجبور ڪيو.

پٽ! ان جو سبب اھو ڪونھي تہ ڪو آءٌ تو سان پيار نہ ٿو ڪريان، پر اصل سبب اھو آھي تہ مون بہ تو مان کي اميدون رکيون ھيون ۽ توکي پاڻ جيتري عمر جو سمجھي سلوڪ ڪيو ھو. مون تو مان اھا ئي اميد ڪئي، جيڪا آءٌ پنھنجي ھم عمر وارن مان ڪندو آھيان.

پٽ تنھنجي ڪردار ۾ ڪٿي بہ ڪا خامي نہ آھي. تنھنجي ننڍڙي دل ايتري وسيع آھي، جنھن ۾ سمنڊ سمائجي وڃي، تنھنجي دل جي انھيءَ وڏي ۽ وسيع ھڻ جو احساس مون کي تڏھن ٿيو جڏھن تو منھنجي بي انتھا ڪاوڙ دڙڪن، داھن ۽ بي عزتيءَ ڪرڻ باوجود سڀ ڳالھيون وساري پشيمان ٿي ڏوڙي اچي منھنجي ڳچيءَ ۾ ٻانھون وجھي، مون سان پيار ڪيو ھو ۽ موت نہ ملڻ تي مايوس ٿي ھليو وئين.

منھنجا پٽ! اھو ئي سبب آھي جو آءٌ رات جي اوندھ ۾ تو وٽ ھليو آيو آھيان ۽ تنھنجي اڳيان سخت شرمندگي محسوس ڪري

رهيو آهيان. منهنجا پٽ! مون کي خبر آهي ته آءُ اهو سڀ ڪجهه توکي ان وقت چوان ها جڏهن تون بلڪل سجاڳ هئين. ته توکي سمجهه ۾ ئي نه اچي ها. پر آءُ توکي پڪ ٿو ڏياريان ته سياڻي کان تون مون کي هڪ بلڪل مختلف پيءُ طور پسندين. آءُ تنهنجي خوشيءَ ۾ خوش هوندس ۽ تنهن جي ڪل سان گڏ ڪلندس. بي صبر نه ٿيندس ۽ زبان تي قابو رکندس. توکي اجايو گهٽ وڌ نه ڳالهائيندس ۽ نه چڙبون ڏيندس. آءُ سدائين اها ڳالهه ذهن ۾ رکندس ته منهنجي مقابلي ۾ تون اجا ٻار آهين ۽ تنهنجي منهنجي سوچ ۾ فرق آهي.

منهنجا پٽ! مون کي افسوس آهي ته مون توکي پنهنجي برابر سمجهي سلوڪ ڪيو ۽ تو مان اها ئي اميد رکيم. جيڪا پنهنجي هم عمر مان رکندو آهيان. پر منهنجا پٽ! هاڻي مون کي خبر پئجي ويئي آهي ته تون هڪ معصوم روح آهين. اجا ڪالهوڪي ته ڳالهه آهي ته تون اسان جي هنج ۾ ڪلي مرڪي رهيو هئين."

فقط تنهنجو بابا

سو ماڻهن کي اجايو نندڻ بدران اسان کي ڪپي ته هنن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون ته هنن ايئن چو ۽ چا جي لاءِ ڪيو؟ اسان جو اهو سلوڪ اسان جي ٻين تي تنقيد ۽ نقطه چيني ڪرڻ واري سلوڪ کان ڪافي بهتر آهي. ۽ ڪافي فائدو پهچائي سگهي ٿو. اسان جي اها عادت اسان ۾ صبر، برداشت ۽ ٻين سان سٺو سلوڪ ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندي.

جيئن ڊاڪٽر جانسن چيو هو:

"خدا به پنهنجي بندن کان ان وقت تائين پڇاڙو نه ٿو ڪري، جيستائين هو پنهنجي زندگيءَ جا ڏينهن پورا نه ٿو ڪري"

ته پوءِ توهان ۽ مان ماڻهن تي اجايا چوهه چو چنڊيون ۽ صبر ۽ برداشت کان ڪم چو نه وٺون. جيڪا هڪ سٺي ڳالهه آهي.

"ڪنهن تي اجائي تنقيد ڪرڻ بدران پاڻ کي بدلائڻ جي ڪوشش ڪريون. ڪنهن تي به چوهه چنڊڻ يا شڪايت ڪرڻ کان پاسو ڪريون."

باب نائون

عام ماڻهن سان لڳ لاڳاپن جو مڪيه راز

عام ماڻهن سان ڪيئن ملجي ۽ ڪم وٺجي؟

وسيع آسمان هيٺ قائم هن دنيا ۾ ڪنهن به شخص کان ڪم ڪرائڻ جو صرف هڪ ئي طريقو آهي. ڇا توهان ڪڏهن پنهنجي دماغ تي زور ڏيئي ان طريقي بابت سوچيو آهي؟ ها بلڪل. صرف هڪ ئي طريقو آهي جيڪو اهو آهي ته:

"ٻئي ماڻهوءَ کي ان ڳالهه تي قائل ڪيو ويجي ته هو گهربل ڪم ڪري"

ياد رکو ته ان کانسواءِ دنيا ۾ ڪوبه اهڙو ڪو ٻيو طريقو ڪونهي جنهن ذريعي ڪنهن ماڻهوءَ کان ڪو ڪم وٺي سگهجي.

بي شڪ، توهان ايئن ڪري سگهو ٿا ته پستول جي زور تي ڪنهن ماڻهوءَ جي هٿ مان واڇ لاهرائي وٺو. توهان پنهنجن نوڪرن کي مجبور ڪري سگهو ٿا ته هو ڪو ڪم ڪن، پر هو اهو ڪم اوستائين ڪندا رهندا، جيستائين توهان سندن سِر تي سوار آهيو. ڇو ته ڪين ڊپ هوندو ته توهان مالڪ هئڻ جي ناتي ڪين نوڪريءَ مان ڪڍي نه ڇڏيو. توهان ڪنهن ٻار کي به مارڪٽ ذريعي پنهنجي ڳالهه مڃڻ تي راضي ڪري سگهو ٿا، پر اهڙا ظالماڻا ۽ اڻڳا طريقا اڇوڪي دور ۾ به ڪارائتا نه رهيا آهن.

صرف هڪ ئي طريقو اهڙو آهي، جنهن سان آءٌ توهان کي ڪنهن ڪم لاءِ راضي ڪري سگهان ٿو. اُهوِ اهو ته يا ته آءٌ توهان کي ان لاءِ قائل ڪريان يا توهان ان ڪم عيوض جيڪي گهرو سو ڏيان.

سگمنڊ فرائيڊ چوي ٿو ته هر اهو ڪم جيڪو آءٌ يا توهان ڪريو ٿا، ان پٺيان به مقصد هوندا آهن:

1. جنسي ضرورت.
2. عظيم ٿيڻ جي ضرورت.

آمريڪا جي مشهور فلاسفر مان هڪ فلاسفر جان ڊيوي وري ان سلسلي ۾ هڪ ڏار ڳالهه ڪري ٿو. ڊاڪٽر ڊيويءَ جو چوڻ آهي ته انساني فطرت جيڪا انتهائي خواهش رکي ٿي، اُها اِها آهي ته ڪيس "اهميت ڏني وڃي". ان ڳالهه کي ياد رکو ته اهميت حاصل ڪرڻ جي خواهش هڪ اهم خواهش آهي ۽ ان سلسلي ۾ توهان کي هن ڪتاب ذريعي به ڪافي ڪجهه معلوم ٿي ويندو.

توهان کي ڇا کپي؟ توهان ڇا حاصل ڪرڻ چاهيو ٿا؟ توهان کي ڪو گهٽو ڪجهه نه کپي. صرف کي ٿوريون خواهشون آهن، جيڪي پوريون ٿيڻ گهرجن. عام طور تي ماڻهو جن خاص ڳالهين جي خواهش رکن ٿا، اهي هي آهن:

1. صحت ۽ زندگيءَ جو تحفظ.
2. خوراڪ.
3. ننڊ.
4. دولت ۽ اهي شيون جيڪي دولت سان خريد ڪري سگهجن ٿيون.
5. فاني زندگيءَ کان پوءِ دائمي زندگي.
6. جنسي تسڪين.
7. پنهنجن ٻارن جي خوشحالي.
8. اهميت حاصل ڪرڻ جو احساس.

تقريبن هر خواهش پوري ٿي سگهي ٿي، سواءِ هڪ خواهش جي، جيڪا ڪڏهن ڪڏهن ئي پوري ٿئي ٿي. ۽ اها ئي خواهش آهي جنهن کي فرائيڊ عظيم ٿيڻ جي خواهش سڏي ٿو. جڏهن ته ڊيوي وري ان ساڳئي خواهش کي "اهميت حاصل ڪرڻ واري خواهش" جو نالو ڏئي ٿو.

لنڪن هڪ ڀيري اهو چوندي پنهنجي ڳالهه شروع ڪئي هئي ته، "هر ڪو داد حاصل ڪرڻ چاهي ٿو."

وليم جيمز چيو:

"انساني فطرت جو اصول آهي تہ کيس ساراهيو وڃي، سندس قدر ڪيو وڃي ۽ کيس اهميت ڏني وڃي."

انسان ۽ جانورن وچ ۾ جيڪو خاص فرق موجود آهي، ان ۾ اها خواهش بہ شامل آهي تہ جانور جي مقابلي ۾ انسان هر حالت ۾ چاهي ٿو تہ کيس اهميت ڏني وڃي، ساراهيو وڃي." ان ڳالهہ جي وضاحت آءٌ توهان کي هڪ مثال ذريعي سمجهايان ٿو:

"آءٌ نندپڻ ۾ ميسوري جي ٻنين ۾ رکم ڪندو هئس. منهنجي پيءُ جانورن جو هڪ ڊڻ پالي رکيو هو. اسان جو چوپايو مال ايترو تہ سٺو هوندو هو جو اسين انهن کي جانورن جي ميلي ۾ مقابلي لاءِ موڪليندا هئاسين. اهي ميلا اسان جي علائقي کان سواءِ ٻرپاسي جي علائقن ۾ بہ لڳندا هئا ۽ اسان جو مال انهن ۾ موڪليو ويندو هو جنهن ۾ ڪيترا ڀيرا اسان جي جانورن انعام بہ حاصل ڪيو. منهنجي پيءُ انهن انعامن کي سانڍي رکيو هو ۽ جڏهن اسان وٽ ڪو مهمان ايندو هو تہ منهنجو پيءُ کين وڏي فخر سان اهي انعام ڏيکاريندو هو. جيتوڻيڪ جن جانورن کي اهي انعام مليا هئا، تن کي ان جي ڪابہ پرواهہ نہ هئي، پر منهنجو والد انهن انعامن کي سيني سان سانڍي رکندو هو. ڇاڪاڻ تہ اهي انعام ڪيس پنهنجي اهميت ۽ فخر جو احساس ڏيارينداهئا. جيڪڏهن اسان جا وڏا پنهنجي اهميت جي احساس ۾ ورتل نہ هجن ها تہ اسان جي تهذيب ۽ تمدن جو اڳتي وڌڻ بہ ممڪن نہ هو. جيڪڏهن ايئن هجي ها تہ اسان ۽ جانورن ۾ ڪو ٿوروئي فرق هجي ها."

اهو اهميت حاصل ڪرڻ جو احساس ۽ خواهش ئي هئي، جنهن ڊڪنز کي اهو سوچڻ تي مجبور ڪيو تہ، هو ڪو لافاني ناول لکي يا وري راڪ فيلر ۾ ان ئي خواهش تہ تمام گهڻي دولت حاصل ڪرڻ جو تحرڪ پيدا ڪيو. ها اها ئي تہ خواهش هوندي آهي جيڪا توهان جي پاڙي ۾ رهندڙ ڪنهن مالدار شخص کي تمام عاليشان عمارت ٺاهڻ تي مجبور ڪندي آهي تہ جيئن پيا ان کي ڏسي سندس ساراهہ ۽ واهہ واهہ ڪن.

اها ئي تہ خواهش هوندي آهي، جيڪا توهان کي سٺا سٺا ڪپڑا

پائڻ تي مجبور ڪندي آهي. جديد ترين گاڏين ۾ گهمڻ تي لالچائيندي آهي ۽ اها خواهش ئي ته هوندي آهي. جنهن تحت توهان ٻين سان پنهنجن ڏهين ٻارن بابت پيا ڳالهائيندا آهيو.

ڪڏهن ڪڏهن اها خواهش ٻيو رخ ٻه وٺندي آهي. ها. اها ئي ته خواهش هوندي آهي. جيڪا ڪيترن نوجوانن کي ڏوهاري سرگرمين ۾ حصو وٺڻ تي مجبور ڪندي آهي. جنهن ذريعي حاصل ڪيل مال وسيلي اهي ٿاٻ باٽ جي زندگي گذارڻ چاهيندا آهن. نيويارڪ جي اڳوڻي پوليس ڪمشنر اي. پي ملروني انڪشاف ڪيو هو ته نوجوان ڏوهاري جڏهن قانون جي پڪڙ ۾ ايندا آهن ته گرفتاريءَ کان پوءِ سندن خواهش هوندي آهي ته تر جي وڏين اخبارن ۾ ٽي وي عيوضين کي سڏايو وڃي. جيڪي سندن بابت ابتيون سبتيون خبرون ڏيئي ٻه ڪين رات وچ ۾ هيرو واري اهميت ڏياري ڇڏين. سندن تصويرون اخبارن ۾ اچن ۽ هو ٻه ٻين اداڪارن ۽ راندگرن وانگر پنهنجن ڪارنامن سبب. پوءِ پلي اهي ڏوهاي ڪارنامائي چو نه هجن. اهميت حاصل ڪن.

جيڪڏهن توهان مون کي اهو ٻڌايو ته توهان اهميت حاصل ڪرڻ جي خواهش ڪهڙي نموني پوري ڪريو ٿا ته آءٌ توهان کي ٻڌائي سگهان ٿو ته توهان چا آهيو؟

مثال طور جان ڊي راڪ فيلر پنهنجي اهميت جي احساس وڌائڻ لاءِ پنهنجي دولت وسيلي. چين جي گاديءَ واري شهر بيجنگ ۾ هڪ اهڙي جديد ترين اسپتال ٺهرائي. جتي لکين غريب ماڻهن لاءِ علاج جون جديد سهوليتون موجود هيون. اتي انهن ماڻهن جو علاج ٿئي ٿو جن کي راءِ فيلر ڪڏهن ڏٺو ۽ ٻڌو ئي نه هوندو ۽ نه وري آئينده ڪڏهن کين ڏسي يا ساڻن ملي سگهندو. پر ٻئي پاسي وري ان جي ابتڙ ڳالهه ٿي ويئي.

ڊلنجر پنهنجي اهميت جي احساس جي پورائيءَ لاءِ ٻئنڪن کي ڦرڻ ۽ قتل غارتگريءَ وارو رستو ورتو. جڏهن اين. پي. اي جي ماڻهن هن جي گرفتاريءَ لاءِ سندس چوگرد گهيرو تنگ ڪيو ته تڏهن هو هڪ گهر ۾ وڃي لڪو ۽ اعلان ڪيائين ته. "منهنجو نالو ٻه ڊلنجر آهي." ڪيس ان ڳالهه تي فخر هو ته هو عوام جو پهريون نمبر وڏو دشمن آهي.

تہ پوءِ توهان محسوس ڪيو تہ ڊلنجر ۾ راڪ فيلر ۾ اهميت حاصل ڪرڻ جو ڪهڙو مقابلو هو انهن ۾ ڪهڙو فرق هو. ٻنهي اهميت حاصل ڪرڻ لاءِ اهو ڪجهہ ڪيو جنهن لاءِ سندن ذهن سندن رهنمائي ڪئي.

اسان جي تاريخ انهن مشهور ۽ معروف هستين جي مزيدار مثالن سان پري پئي آهي، جن اهميت حاصل ڪرڻ لاءِ جدا جدا طريقا استعمال ڪيا ۽ جدوجهد ڪئي. ايستائين جو جارج واشنگٽن جي خواهش هئي تہ ڪيس "جليل القدر" جي نالي سان سڏيو وڃي. ڪولمبس اها خواهش ڪئي هئي تہ ڪيس "امير البحر" يا وري "وائسراءِ هند" سڏيو وڃي. ڪيٿرين ڊي گريٽ اهڙا خط ڪولينڊي ئي نہ هئي، جن تي "هر امپريل مئجسٽي" لکيل نہ هوندو هو. ۽ مسز لنڪن وائيٽ هائوس ۾ مسز گرانٽ تي هڪ شينهٽ وانگر گجگوڙ ڪئي هئي تہ: "تون منهنجي موجودگيءَ ۾ پنهنجي سيٽ تي ڇو ويٺين، جڏهن آءٌ ايڏا پنهنجي سيٽ تي نہ ويٺي هئس."

اسان جي ڪروڙ پتي ماڻهن 1928ع ۾ ايڊمرل بائيرڊ جي مهمن واسطي ايتريون تہ وڏيون رقمون خرچ ڪيون، جو هن پوءِ سندس سر ڪيل برفاني چوٽين تي انهن مالدار ماڻهن جا نالا رکيا هئا. ۽ وڪٽر هيوئر جي خواهش هئي تہ هن جيڪي ڪارنامہ ڪيا آهن، انهن جي عيوض پئرس جو نالو بدلائي سندس نالي پوئيان رکيو وڃي.

ڪي ماڻهو ٻين جو ڏيان ڇڪائڻ ۽ همدرديون حاصل ڪرڻ لاءِ نهايت ڪريل حرڪتون بہ ڪن ٿا، جنهن ذريعي هو پنهنجي اهميت جو احساس ڏياري سگهن حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا.

مثال طور هڪ اڳوٽي آمريڪي خاتون 'ول مسز مڪ ڪنلي پنهنجي اهميت جو احساس ڏيارڻ لاءِ پنهنجي مڙس آمريڪي صدر کي مجبور ڪيو تہ هو ملڪ جي اهم معاملن کي مڪمل طور تي نظر انداز ڪري، رڳو سندس سيراندي ويهي ڪيس لوريون ڏيئي سمهاري ۽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ايئن ڪندو رهي تہ جيئن ڪيس گهري ننڊ اچي وڃي.

هوءَ پنهنجي مڙس جو ڏيان ڇڪائڻ جي ايتري تہ شوقين هئي، جو

هڪ پيري ڏندن جي هڪ ڊاڪٽر وٽ نقلي ڏند لڳرائڻ ويئي هئي ۽ پنهنجي مڙس کي مجبور ڪيائين ته جيستائين سندس ڏند نٿي لڳي نه تا وڃن. اوستائين ڊاڪٽر جي ڪلينڪ ۾ ويٺو هجي ۽ جڏهن هو ڪنهن بهاني پرڏيهي سيڪريٽريءَ سان گڏجي هڪ اهم شخصيت سان ملاقات لاءِ ويو ته خبر پوڻ تي هن ايترو ته هنگامو ڪيو جو سندس مڙس آمريڪي صدر اها ملاقات مختصر ڪري ڊوڙندو ڪلينڪ پهچي ويو هو.

مشهور ليکڪ ميري رابرٽ رائن هارٽ مون کي هڪ نوجوان عورت بابت ٻڌايو هو جيڪا پاڻ کي اهميت ڏيارڻ واسطي ڪريل حرڪتن تي لهي آئي هئي. مسز برائن هارٽ ٻڌايو ته:

"اها نوجوان عورت هڪ مريض طور پاڻ کي مشهور ڪري بستري تي پئجي رهي. پوڙهي ماءُ سندس تيمارداري پيئي ڪندي هئي. پوڙهيءَ ماءُ کي سندس تيمارداريءَ لاءِ گهر جي پهرينءَ کان ٽين ماڙ جا ڏينهن ۾ الاهي ڪيترائي چڪر هڻڻا پوندا هئا ۽ تيمارداريءَ جو اهو سلسلو ڏهن سالن تائين اويسائين هلندو رهيو جيستائين اها پوڙهي ماءُ پنهنجي جوان ڏيءَ جي تيمارداري ڪندي ڪندي پاڻ مري نه ويئي. هڪ ڏينهن ڏيءَ جي تيمارداري ڪندي هوءَ ڪري پيئي ۽ مري ويئي. ماءُ جي مرڻ کان پوءِ اها نوجوان عورت ڪجهه ڏينهن ته بستري تي پئي رهي، پر پوءِ جڏهن ڏٺائين ته ٻيو ڪوبه اهڙو ماڻهو ڪونهي، جيڪو هن ۾ دلچسپي وٺي يا سندس تيمارداري ڪري ته پوءِ يڪدم اٿي ڪڙي ٿي ۽ پنهنجا ڪم ڪار پاڻ ڪرڻ لڳي ۽ عام زندگيءَ ڏانهن موٽي آئي."

ڪي ماهر ان باري ۾ به هم خيال آهن ته ڪي ماڻهو پنهنجو پاڻ کي اهميت ڏيارڻ واسطي ايترا ته چريا هوندا آهن، جو اهي آخرڪار ذهني مريض ٿي پوندا آهن ۽ چريائپ جي ان احساس تحت به اهميت حاصل ڪرڻ جا جتن ڪندا رهندا آهن. آمريڪا ۾ هن وقت به اهڙن ذهني مريضن جو تعداد دنيا جي ٻين ملڪن ۾ ذهني مريضن جي تعداد کان تمام گهڻو وڌيڪ آهي.

اهي ڪهڙا سبب آهن، جيڪي ڪين ان حالت تي پهچڻ تي مجبور ڪن ٿا؟ ان سوال جو معقول جواب ته ڪير به نه ٿو ڏيئي سگهي، پر اندازي موجب ڏهني مريضن جو اڌ تعداد اهڙن مريضن تي مشتمل هوندو آهي، جن جي ڏهني ڪارڪردگيءَ ۾ ڪابه خامي ڏسڻ ۾ نه ٿي اچي. ٻين لفظن ۾ ته انهن ۾ ڪا ڏهني خامي هوندي ئي ڪونهي. سندن ڏهن جا سيل اوترا ئي صحتمند هوندا آهن، جيترا ڪنهن نارمل انسان جا هئڻ ڪپن. انهن حالتن ۾ اهو سوال وري ٿو اٿي ته اهي ڪهڙا سب آهن جنهن سان اهي اڌ چريا سمجهيا وڃن ٿا.

مون اهو ئي سوال پنهنجن مشهور نفسياتي اسپتالن مان هڪ مشهور ڊاڪٽر کان پڇيو جيڪو پنهنجي پيشي ۾ تمام نالیوارو هو ۽ ڪيترا اهم ڪم ۽ ڪارناما ۽ سرانجام ڏنا هئائين. ان جواب ڏنو ته "مون کي خبر نه ٿي پوي ته اهي ماڻهو ان حالت تي ڇو ۽ ڪيئن ٿا پهچن."

هن وڌيڪ چيو ته:

"آءٌ ته چا ٻيو ڪوبه مشهور ڊاڪٽر توهان کي اهوبه ٿو ٻڌائي سگهي ۽ نه دعويٰ سان چئي ٿو سگهي ته اهي جنون جي ان حالت ۾ ڪيئن ٿا پهچن ۽ ڪيئن ڏهني مريض ٿي ٿا وڃن، پر منهنجي پنهنجي خيال ۾ ان جو هڪ اهم سبب اهو ٻه ٿي سگهي ٿو ته کين پنهنجي ان حالت تحت پنهنجي اهميت جو احساس ڏيارڻ جو موقعو ملیو وڃي. جڏهن ته هوش ۽ هواس جي حقيقي دنيا ۾ کين اهڙو موقعو نه ٿو ملي سگهي يا گهٽ ٿو ملي."

پوءِ ڊاڪٽر صاحب هڪ اهڙي مريض جو قصو ٻڌايو جيڪو هن ريت هو:

"مون وٽ اڃا ٻه هڪ اهڙي مريضه علاج هيٺ آهي، جنهن جي شادي سندس لاءِ هڪ ڏکوئيندڙ مثال بڻجي وئي. هوءَ محبت جي ڳولائو هئي.... ڪيس هر حالت ۾ محبت ڪپي ٿي. هوءَ جنسي تسڪين چاهيندي هئي. ڪپيس ٻار ڪپندا هئا. ڪيس ٻارن سان پيار هو. ڪيس سماجي حيثيت ٻه گهربل هئي، پر حالتن سندس

سمورين اميدن تي پاڻي ڦيري ڇڏيو. سندس مڙس سندس جوش جذبي جو ساٿ نه ڏئي سگهيو. هو ساڻس اوتري محبت ئي نه ڪندو هو جيتري مريضه کي ڪائنس گهربل هئي. ايستائين جو هو ساڻس گڏ ماني به ڪو نه ڪائيندو هو ۽ هن زال کي مجبور ڪيو ته هوءَ اڪيلي سِر ماني کائي ۽ سندس ماني مٿي ڪمري ۾ ڪٽي اچي. ڪيس ٻارن جو چاهه هو پر مڙس کي اهڙو ڪوبه شوق نه هو. هوءَ سماجي حيثيت چاهيندي هئي، پر ڪيس اها به نه ملي. انهن حالتن ڪيس ذهني مريضه ڪري ڇڏيو. هوءَ جنون جي حالت ۾ پهچي ويئي ۽ هن خيالن ئي خيالن ۾ مڙس کي طلاق ڏيئي ڇڏي ۽ پنهنجو ڪنواري هئڻ وارو نالو ٻيهر رکي ڇڏيو. هاڻي سندس خيال آهي ته ڪنهن وڏي انگريز ڪٽنب ۾ سندس شادي ٿي چڪي آهي ۽ هوءَ هر ڪنهن تي زور ڏيندي رهندي آهي ته ڪيس ليڊي اسمٿ ڪري سڏيو ويجي."

ڊاڪٽر وڏيڪ ٻڌايو:

"جيستائين ٻارن جي خواهش جو تعلق آهي ته ان سلسلي ۾ سندس خيال آهي ته هر رات ڪيس هڪ نئون ٻار ڄائو آهي. آءٌ جڏهن به ساڻس ملڻ ويندو آهيان ته هوءَ مون کي ٻڌائيندي آهي ته رات مون هڪ ٻار ڇٽيو آهي."

حقيقت جي دنيا سندس سمورا خواب چڪنا چور ڪري ڇڏيا، پر عقل ۽ هوش کان آجي هن دنيا ۾ ڪيس پنهنجن سمورن خوابن جي تعبير ملي چڪي آهي. هن خيالن ئي خيالن ۾ اهو سڀ ڪجهه حاصل ڪري ورتو جيڪو ڪيس حقيقي دنيا ۾ گهربل هو ۽ عقل ۽ هوش جي دنيا ۾ اهو ممڪن نه هو. ڊاڪٽر مون کي وڏيڪ ٻڌايو:

"جيڪڏهن منهنجي وس ۾ به، هجي ها جو سندس دماغ ۾ هٽ وجهي ڪيس صحيح ڪري سگهان ها، ته به آءٌ ايئن نه ڪريان ها، ڇاڪاڻ ته هوءَ پنهنجي جنون جي ان حالت ۾ جيتري خوش آهي، اوتري هوش جي دنيا ۾ اچڻ کان پوءِ ڪڏهن به خوش نه رهي سگهي ها."

ڪي ماڻهو پنهنجي اهميت جي احساس ۾ ايترا ته جنوني ٿي پوندا آهن، جو اهي پوءِ اصل ۾ ئي جنون جي حالت ۾ پهچيو وڃن ۽ عقل ۽ هوش جي دنيا ڇڏڻ کان پوءِ کين اهو سڀ ڪجهه ملي ٿو وڃي، جنهن جي کين خواهش هوندي آهي ۽ حقيقي دنيا ۾ اهو سڀ ڪجهه ملي نه سگهندو آهي.

توهان اندازو ته ڪريو ته توهان ۽ اسان ڪهڙا ڪهڙا نه معجزا ڏيکاري سگهون ٿا، پر شرط اهو آهي ته اسين ماڻهن کي ايماندارانه طور تي سراهيون، سندن واه واه ڪريون ۽ کين دل کولي داد ڏيون.

چارلس شواب هڪ اهڙو ماڻهو هو جنهن جي سالياني پگهار ڏهه لک ڊالرن کان وڌيڪ هئي. (هيءَ انهن ڏينهن جي ڳالهه آهي، جڏهن انڪم ٽيڪس ڏيڻ جو رواج نه هو ۽ اهو ماڻهو جيڪو هفتي ۾ 50 ڊالر به ڪمائيندو هو، تنهن کي مالدار شخص سڏيو ويندو هو). 1921ع ۾ اينڊريو ڪارنيگي، چارلس شواب کي نئين قائم ڪيل يونائيٽيڊ اسٽيل ڪمپنيءَ جو پهريون صدر مقرر ڪيو هو. ان وقت سندس عمر رڳو 38 سال هئي. (تنهن کان پوءِ چارلس شواب يو. ايس اسٽيل کان پوءِ ڌار ٿي بيٿليم اسٽيل ڪمپنيءَ جي سربراهي سنيالي هئي، جيڪا ان وقت هڪ بيمار صنعت جي روپ ۾ هئي. پر پوءِ سندس ڪوششن سبب آمريڪا جي انتهائي گهٽو نفعو ڏيندڙ ڪمپنيءَ طور ليکجڻ لڳي هئي.)

اينڊريو ڪارنيگي، چارلس شواب کي چوڏهه لک ڊالرن کان وڌيڪ سالياني پگهار ڏيندو هو. هين لفظن ۾ 3 هزار ڊالرن کان وڌيڪ روزانو چو؟ چا شواب کي ايترو ذهين هوندو ويو ڪيس فولاد تيار ڪرڻ ۾ کا خاص مهارت حاصل هئي. نه، ائين ته نه هو. مون کي شواب پاڻ ٻڌايو هو ته سندس ماتحتن مان ڪيترا ٻيا اهڙا هئا، جيڪي ان فن ۾ خاص مهارت رکندا هئا ۽ فولاد ٺاهڻ ۾ ڪيترا ڀيرا وڌيڪ قابليت وارا هئا. شواب مون کي ٻڌايو ته ڪيس ايترو وڌيڪ پگهار ڏيڻ جو سبب اهو هو ته هو ماڻهن سان ميل ميلاپ رکڻ جو ماهر هو. ماڻهن سان رابطي رکڻ جا گُر ڄاڻندو هو. عام ماڻهن سان ڪيئن لهه وچڑ ڪجي وارو گُر

هو بهتر ڄاڻندو هو. مون شواب کان پڇيو هو تہ ان ميدان ۾ ڪاميابيءَ جو راز ڪهڙو هو؟ هن جيڪو راز مون کي ٻڌايو. اهو آءٌ توهان کي سندس ئي واتان ٻڌايان تہ بهتر. اهي اهڙا لفظ آهن جن کي سوني پاڻيءَ سان لکي اسڪولن، ڪاليجن، دڪانن ۽ آفيسن ۾ لڳائڻ کپي. اهي اهڙا لفظ آهن، جيڪي زباني ياد ڪري هارن کي بہ سيکاري ياد ڪرائڻ کپن ۽ اهڙا لفظ آهن، جن تي جيڪر باقائدگيءَ سان عمل ڪجي تہ شايد زندگي ئي بدلجي وڃي. شواب ان راز تان پردو هٽائيندي چيو هو:

"منهنجي خيال ۾ منهنجي وڏي خوبي اها هئي تہ ماڻهن جي جوش، جذبي ۽ ولولي کي اپاريندو هئس ۽ مون ۾ صرف اها ئي وڏي خوبي آهي. ماڻهن ۾ جوش، جذبي ۽ ولولي کي اپارڻ لاءِ آءٌ نہ صرف سندن ڪم کي ساراهيندو رهندو آهيان، پر ہين اڳيان بہ سندن واہ واہ ڪندو رهندو آهيان. سندن ڪم جو قدر ڪندو آهيان ۽ کين همٿائيندو آهيان."

هن وڌيڪ ٻڌايو تہ:

"ڪنهن بہ شخص جي مهارتن ۽ صلاحيتن کي سندن وڏن آفيسرن جي تنقيد اڏوهيءَ وانگر ڪائي ٿي ڇڏي يا وري ايئن جيئن ڪاٺ کي باهہ ساڙي ٿي ڇڏي. آءٌ ڪڏهن بہ ڪنهن بہ ملازم تي تنقيد نہ ڪندو آهيان. آءٌ ان ڳالهہ تي يقين رکان ٿو تہ ماڻهن کي همٿائي، سندن حوصلو وڌائي ۽ ساراهي، کين وڌيڪ سرگرم ڪري ڪائنن وڌيڪ ڪم ونڻي سگهجي ٿو. آءٌ صرف ماڻهن کس ساراهيندو آهيان ۽ سندن ڪم کي همٿائيندو رهندو آهيان. باقي هو پاڻ ڪندا آهن."

هي اهو طريقو آهي جيڪو شواب استعمال ڪندو هو. ڇا ٻيا ماڻهو بہ ايئن ڪندا آهن. نہ، بلڪل نہ. اهي تہ پاڻ ان جي ابتڙ ڪندا آهن، جيڪڏهن کين سندن ماتحت جو ڪو ڪم پسند نہ ايندو آهي تہ ان تي ڏاڪا ٻڌي چڙهي ٽا وڃن ۽ جيڪڏهن ماتحت جي ڪنهن ڪم مان خوش بہ ٿين ٽا تہ ان کي ساراهين نہ ٽا تہ متان مٿي نہ چڙهي

وڃي، جڏهن ته ايئن بلڪل ڪونهي. هو سارا هڙ بجاءِ پنهنجا چپ سبي ٿا چڏين. جڏهن ته ڪنهن کي سارا هڙ ۽ هڪ سنو عمل آهي، جنهن سان ٻئي جو مانُ مٽي ٽئي ٿو. هڪ پوڙهي شخص چيو هو:

"هڪ پيري مون کو غلط ڪم ڪري چڏيو مون کان هڪ غلطي ٿي ويئي. تڏهن هر پاسي کان گوڙ شروع ٿي ويو. مون تي تنقيد ۽ نقطہ چيني ٽيڙ لڳي، پر هڪ پيري جڏهن مون کو چگو ڪم ڪيو ته ڪٽان ۽ ڪنهن ۽ ان کي ڪونہ سارا هيو هڙ ته ڪجهہ ٽيو ئي نہ هو. نہ ڪنهن داد ڏنو ۽ نہ ڪنهن سارا هہ ڪئي. هر طرف خاموشي ئي خاموشي، هڙ ته ڪجهہ ٽيو ئي ناهي."

شواب اهو ۽ چيو هو ته:

"مون هڪ ڀرپور زندگي گذاري آهي. آءٌ ڪيترن اهڙن ماڻهن سان رابطي ۾ رهيو آهيان، جيڪي دنيا جي مختلف حصن ۾ آباد آهن. انهن ۾ ڪيترائي مشهور ۽ عظيم ماڻهو شامل آهن، پر مون اڄ تائين اهڙو ڪو ۽ شخص نہ ڏٺو جنهن کي سارا هيو ويو هجي، جنهن کي خراج تحسين پيش ڪيو ويو هجي ۽ هن پوءِ پنهنجون سموريون صلاحيتون استعمال نہ ڪيون هجن."

شواب نهايت بي تڪلفيءَ سان ٻڌايو ته اينڊريو ڪارنيگي جو راز ۽ اهو ئي هو ته هو ۽ پنهنجن ساٿين جي بنا ڪنهن هڪ جي واکاڻ ڪرڻ ۾ دير نہ ڪندو هو. هن ٻڌايو ته ڪارنيگي سندس فوت ٿيل ملازمن جي ڪم جي سارا هہ ڪرڻ ۾ ۽ بخل کان ڪم نہ وٺندو هو. هن پنهنجي لاءِ ۽ قبر جو هڪ ڪتبو ٺهرايو هو جنهن تي ڪجهہ هن ريت لکيل هو:

"هتي اهو ماڻهو آرام پيو ڪري، جنهن کي انسان ذات کي پنهنجي چوگرد گڏ ڪرڻ جي مهارت حاصل هئي... انهن انسانن کي جيڪي ڪانئس ۽ تمام گهڻا هوشيار ۽ باصلاحيت هئا."

جان ڊي راڪ فيلر جي ڪاميابيءَ جو راز ۽ اهو ئي هو ته، هو ۽ ماڻهن جي سارا هہ ڪندي نہ ڏاپندو هو. اهو ئي سبب هو جو هو ماڻهن

سان هر وقت سڏا ناتا رکڻ ۾ ڪامياب رهيو. هو ماڻهن سان ميل ميلاپ رکڻ جو ماهر هو. مثال طور جڏهن سندس هڪ پارٽنر ايڊورڊ ٽي بيڊ فورڊ کي ڏکڻ آفريقا ۾ ڏهه لک ڊالرن جو نقصان ٿيو تہ راڪ فيلر مٿس تنقيد ڪندي مٿس چوڻ ۾ چندي ٿي سگهيو پر ڪيس خبر هئي تہ بيڊ فورڊ بهترين ڪارڪردگيءَ جو مظاهرو ڪيو آهي. تنهنڪري هن اِن نقصان کي وساري ڇڏيو پر مورگو ڪيس مبارڪون ڏنائين تہ هن سندن سيڙپ جو 60 سيڪڙو نقصان ٿيڻ کان بچائي ورتو.

ڪجهہ سال اڳ هڪ سروي ڪيو ويو هو. اهو سروي انهن شادي شده عورتن بابت هو جيڪي گهران پڇي ٿيون وڃن. ان سروي ۾ اهو پڇيو ويو تہ اهي ڪهڙا سبب آهن. جنهن ڪري ڪين گهران پڇڻ تي مجبور ٿيڻو ٿو پوي. توهان کي خبر آهي تہ سندن گهران پڇڻ جو مکيہ سبب ڇا هوءِ اهو هي هو تہ:

"ڪين ساراهيو نہ ٿو وڃي. هو پلي ڇا بہ ڪن. پر مڙس ڪين پڇي بہ نہ ٿو. هو ڪيترو بہ سٺو ڪم ڪن. پر مڙس سميت سندن گهر جو ڪوبہ پاتي سندن ڪم کي ساراهي نہ ٿو باقي خراب ڪم تي سڀ دل کولي تنقيد ڪن ٿا."

۽ جيڪڏهن مڙسن جي گهران پڇڻ جو سروي ڪرايو وڃي تہ بہ آءٌ توهان سان شرط لڳائڻ لاءِ تيار آهيان تہ اهي بہ اهو ئي سبب ٻڌائيندا تہ ڪين ساراهيو نہ ٿو وڃي. تنهن ڪري ان مان ثابت ٿيو تہ ساراهہ هر ماڻهو جي ڪمزوري آهي. پلي پوءِ اهو مرد هجي يا عورت.

تنهن ڪري هر شادي شده مرد توڙي عورت کي ڪپي تہ اهي هڪ ٻئي جي ساراهہ ڪن. سندن ڪيل ڪم جي تعريف ڪن. واهہ واهہ ڪن. پوءِ ڏسو تہ ڪهڙو ٿو معجزو ٿئي. توهان جي گهر ۾ جيڪا هر وقت رنجهہ ڪنجهہ آهي اها بہ ختم ٿي ويندي.

منهنجي ڪلاس جي هڪ شاگرد ٻڌايو تہ هڪ پيري سندس زال ڪيس هڪ درخواست ڪئي. قصو هيئن هو تہ سندس زال ۽ ڪي ٻيون عورتون چرچ ۾ سندن ذات جي سڌاري واري هڪ پروگرام ۾ حصو ونڊي رهيون هيون. ان ڇوڪريءَ پنهنجي مڙس کي درخواست ڪئي تہ

هو ڪيس اهڙن ڇهن ڀالهين جي فهرست تيار ڪري ڏئي. جن جي باري ۾ ڪيس پڪ هجي تہ انهن تي عمل ڪري هوءَ هڪ بهترين زال ثابت ٿي سگهي ٿي. ان همراهہ اسان کي ٻڌايو تہ:

"پهرين تہ آءٌ اهڙي درخواست تي حيران ٿي ويس. جيتوڻيڪ آءٌ اهڙيون ڇهہ ڀالهيون تجويز ڪري ٿي سگهيس. جن تي عمل ڪري منهنجي زال هڪ سٽي زال ثابت ٿي سگهي ٿي ۽ منهنجي زال بہ اهڙيون هڪ هزار ڀالهيون ٻڌائي سگهي ٿي. جن تي عمل ڪري آءٌ بہ هڪ سٽو مڙس ثابت ٿي سگهيس ٿي. پر مون پنهنجي زال کي چيو تہ. مون کي ان سلسلي ۾ سوچڻ ڏي. آءٌ توکي صبح جوٻڌائيندس."

هن ڀالهہ کي جاري رکندي وڌيڪ ٻڌايو تہ:

ٻئي ڏينهن صبح جو آءٌ سوير ئي جاڳي پيس. مون هڪ گلن جي دڪاندار کي فون ڪيو تہ مون کي ڇهہ وڏا ۽ سٺا گل آڻي ڏي. مون انهن گلن سان گڏ هڪ خط لکيو ۽ زال کي ڏيئي ڇڏيو. ان خط ۾ مون لکيو هو تہ:

"آءٌ اهڙيون کي بہ ڇهہ ڀالهيون لکي نہ ٿو سگهان. جن تي عمل ڪري تون هڪ سٽي زال ثابت سگهين. آءٌ تہ تو سان ايئن ئي محبت ڪريان ٿو. جيئن تون آهين. آءٌ تو سان تمام گهٽي محبت ڪريان ٿو تو ۾ هر ڀالهہ مڪمل آهي. تون پاڻ سڄي مڪمل آهين. تو ۾ ڪابہ خامي ڪونهي تہ پوءِ آءٌ ڪهڙيون ڇهہ ڀالهيون لکان. مون کي تنهنجي هر ڀالهہ سان محبت آهي."

آءٌ جڏهن شام جو گهر پهتس تہ توهان کي خبر آهي تہ گهر جي چائٽ تي ڪنهن اڇي منهنجو استقبال ڪيو. ها. بلڪل صحيح. منهنجي زال ٻاهر اڇي منهنجو والهانہ استقبال ڪيو. سندس اکين ۾ پيار مان ڳوڙها تري آيا هئا. اهو ٻڌائڻ جي ضرورت ڪونهي تہ ڪيس ڏسي آءٌ بہ خوشيءَ مان چريو ٿي پيو هئس. مون پنهنجي زال تي تنقيد نہ ڪئي هئي. جڏهن تہ هن پاڻ ئي مون کي هن مٿان تنقيد لاءِ چيو هو.

ٻئي آچر تي منهنجي زال اهو قصو پنهنجين ساهيڙين سان ڪيو. ڪيتريون ئي سنڌس ساهيڙيون چرچ مان ٽي، پوءِ منهنجي گهر آيون ۽ چيائون ته اسان ان کان سڻي ڳالهه ڪڏهن به نه ٻڌي هئي. جيئن توهان پنهنجي زال کي چيو هو. ان وقت مون کي احساس ٿيو ته دنيا ۾ ساراهه کان وڌي ٻي ڪابه طاقت ڪونهي.

هڪ ڀيري مون ڇهه ڏينهن ۽ ڇهه راتيون ڪائڪ پيئڪ ڪانسواءِ گذاريون. ڇهن ڏينهن جي ٻُک کان پوءِ مون کي ايتري بک لڳي رهي هئي، جيتري مون کي فاقن جي ٻئي ڏينهن پئي لڳي. مون کي خبر آهي ۽ توهان کي به خبر هوندي ته جنهن ماڻهوءَ جو ڪنٽب ڇهن ڏينهن کان لنگهڙ ڪاٽيندو هوندو تنهن جي ڪهڙي حالت هوندي ۽ هو پاڻ کي ڪيترو نه ڏوهاري محسوس ڪندو هوندو. هو پاڻ کي ان لاءِ ڏوهاري محسوس ڪندو هوندو ته هن سنڌس گهر پاتين لاءِ ڪاڏي پيتي جو بندوبست ڇو نه ڪيو. جيڪي سنڌس آسري هئا، پر ٻئي پاسي ڇهه ڏينهن، ڇهه مهينا، ڇهه سال ته نهيو ڪڏهن ايئن به ٿيندو آهي ته هو پلي پنهنجي گهر پاتين لاءِ چا به ڪٽي ڪري، ڪير به سنڌس واه واهه نه ڪندو، پر ڪٽي ڪنهن کي ڪُٽ لڳي ته ڳالهائيندي دير نه ڪندا."

الفريڊ هيونٽ پنهنجي دور جو هڪ عظيم فنڪار هو. هن فلم Reunion Indiana ۾ مرڪزي ڪردار ادا ڪيو هو. سنڌس چوڻ هو ته:

"مون کي پنهنجي عزت نفس کانسواءِ ٻئي ڪنهن جي به پرواهه ڪونهي"

اسين پنهنجي گهر پاتين، ٻارن ٻچن ۽ نوڪرن جي جسماني پرورش ۽ بهتريءَ لاءِ ته گهڻو سوچيون ٿا، پر سنڌن عزت نفس جي پرورش ۽ واڌ ويجهه بابت ڏيان نه ٿا ڏيون. اسين ڪين سنو ڪاڏو پيتو ته ميسر ڪري ڏيون ٿا ته جيئن اهي تازا توانا ۽ چست رهن، پر ڪين داد تحسين ۽ ساراهه ڪرڻ کان لنوائي ٿا وڃون.... اهي اهڙا لفظ آهن جيڪي ڪين سالن تائين ياد رهن ٿا.

پال هاروي پنهنجي هڪ ريڊيو پروگرام جنهن جو نالو "داستان جو باقي حصو" ۾ ٻڌائيندو هو ته سنجيده داد تحسين ۽ ساراهه جو

انساني زندگي تي ڪهڙو نہ سنو اثر ٿئي ٿو. هن ٻڌايو تہ ڪيترا سال اڳ هڪ اسڪول ٽيچر پنهنجي شاگرد استيوو مورس کي چيو هو تہ، استيوو ڪلاس روم ۾ هڪ ڪوئو گهڙي آيو آهي، ان کي ڳولڻ ۾ منهنجي مدد ڪر." توهان ڏٺو تہ ان استاد استيوو کي اها ذميداري ڏيئي ڪيس ڪيترو نہ سرخرو ڪيو هو جو استيو کي محسوس ٿيو تہ شايد سموري ڪلاس ۾ هن کان وڌيڪ بهادر ۽ ذميدار ڪو ٻيو ڪونهي، جو ڪيس ايئن ڪرڻ لاءِ چيو پيو وڃي. توهان کي اهو ٻڌي حيرت ٿيندي تہ استيو هڪ نابين شاگرد هو پر هن ۾ ٻڌڻ جي صلاحيت ٻين کان وڌيڪ هئي. اهو ئي پهريون موقعو هو جڏهن سندس ان صلاحيت جو قدر ڪيو ويو هو. اتان کان ئي استيو جي هڪ نئين زندگيءَ جي شروعات ٿي. وقت گذرڻ سان گڏ اهو استيو ونڈر نالي آمريڪا جو هڪ تمام مشهور پاپ سنگر ٿي سامهون آيو. هن پاڻ بہ ڪيترا گانا لکيا ۽ ڳايا.

ڪي ماڻهو وري ان کي خوشامد ۽ چاپلوسيءَ ۾ شامل ڪن ٿا. ان کي ٻئي کي مکڙ هڻڻ بہ چوندا آهن. پر اهو ڪم کو بهتر ڪم ڪونهي، خاص طور تي ذهين ماڻهن تي تہ بلڪل نہ ٿو ٽهڪي. بي شڪ خوشامد ۽ چاپلوسي ذهين ماڻهن تي اثر نہ ٿي ڪري. چو تہ اها خود غرضي، غير سنجيده ۽ اثر کان بلڪل خالي محسوس ٿئي ٿي، پر اها ڳالهہ بہ هڪ حقيقت آهي تہ ڪي ماڻهو ساراهہ جا ايترا تہ بکايل هوندا آهن، جو ان لاءِ سڀ ڪجهہ برداشت ڪري ويندا آهن، جيئن ڪو بکايل شخص گاهہ کائڻ لاءِ بہ تيار ٿي ويندو آهي.

ايستائين جو ملڪ وڪٽوريا بہ خوشامد پسند هوندي هئي. برطانوي وزيراعظم بنجمن ڊيزيلي جيڪو هڪ ذهين ۽ سياڻو وزيراعظم هو سو چوندو هو تہ جيتوڻيڪ ملڪ وڪٽوريا سان رابطي ۾ رهڻ هڪ ڏکيو عمل هو پر سندس خوشامد ۽ چاپلوسيءَ ذريعي هو پنهنجا گهڻا مقصد حاصل ڪري وٺندو هو.

توهان کي خبر آهي تہ خوشامد، چاپلوسيءَ ۽ ڪنهن جي حقيقت ۾ ساراهہ ڪرڻ ۾ ڪهڙو فرق آهي. فرق بلڪل واضح آهي. هڪ

سنجيده عمل آهي ۾ ٻيو غير سنجيده، پڪ سان ساراهه ۾ واه واه ڪرڻ هڪ سنجيده عمل آهي، جيڪو دل سان ڪيو وڃي ٿو، پر چاپلوسي ۾ خوشامد هڪ غير سنجيده عمل آهي، جيڪو دلڙن نه چاهيندي به ٻئي کي خوش رکڻ لاءِ ڪرڻو پوي ٿو.

هڪ عمل توهان جي دل ۾ اندر جو سچو آواز هوندو آهي. يعني داد تحسين، خراج تحسين يا ساراهه جو عمل، ته ٻيو عمل رڳو توهان جي وات مان نڪتل ٻلها لفظ هوندا آهن. يعني خوشامد ۾ چاپلوسيءَ جو عمل. هڪ عمل (ساراهه) بي غرض هوندو آهي ته ٻئي عمل (چاپلوسيءَ) ۾ ڪاڻ ڪا غرض لڪل هوندي آهي. پهرين عمل جي سپ ڪو واکاڻ ڪندو آهي ۾ ٻئي عمل کي هرڪو ننديندو آهي. مشهور چوٽي آهي ته، "دشمن کان نه ڊڄو منافق کان ڊڄو جيڪي توهان جي اجائي خوشامد ۾ چاپلوسي ڪندا رهندا آهن. تنهن ڪري آءٌ توهان کي ڪليل لفظن ۾ چوان ٿيو ۾ خوشامد ۾ چاپلوسيءَ جي ترغيب نه ڏيو ڏيان، جو آءٌ پاڻ ان ڳالهه جو سخت مخالف آهيان. آئون ته توهان کي زندگيءَ جي نئين راه کان واقف ڪري رهيو آهيان. مون هڪ پيرو خوشامد ۾ چاپلوسيءَ جي باري ۾ پڙهيو هو:

"خوشامد ۾ چاپلوسيءَ جو مطلب ڪنهن ماڻهوءَ کي اهو ئي ڪجهه محسوس ڪرائڻو آهي، جيڪي ڪجهه هو چاهي ٿو."

اسين جڏهن ڪنهن مسئلي بابت سوچ ويچار نه ڪندا آهيون ۾ بظاهر واندا نظر پيا ايندا آهيون ته ان وقت اسين عام طور تي پنهنجي قيمتي وقت جو 95 سيڪڙو حصو پنهنجي ذات بابت سوچڻ ۾ مصروف ڪندا آهيون. پر جيڪڏهن اسين پنهنجي باري ۾، يعني پنهنجي ذات بابت سوچڻ ڇڏي ڏيون ته اهو وقت بچائي ان وقت دوران ٻين ماڻهن جي چگائين بابت سوچڻ لڳون ته چاپلوسيءَ ۾ خوشامد جهڙين ڪريل حرڪتن کان بچي ويندا سين. ڇو ته اسان کي سندس حقيقي چگائين بابت اڳ ۾ ئي خبر هوندي ۾ اسين سندس انهن ئي چگين ڳالهين کي ساراهي به هن کي خوش ڪري سگهون ٿا.

اڄ ڪلهه اسين ڪيترين ئي سنين ڀگالهين تان هٽ ڪٽي ويا آهيون. انهن مان هڪ ڪنهن جي ساراهه ڪرڻ جي عادت ۽ آهي. اسين ان عادت کي وساري ۾ نظر انداز ڪري چڪا آهيون. ايستائين جو پنهنجي پٽ يا ڌيءَ کي ۽ سندن ڪنهن سني ۾ چڱي ڪم تي نه ٿا ساراهيون. توهان جو پٽ يا ڌيءُ اسڪول مان ڪابهترين رپورٽ ڪٽي آيا هجن يا توهان جي ڌيءُ پهريون پيرو رڌڻي ۾ وڃي ڪوسٽو ڪاڏو تيار ڪيو هجي يا پٽ تعليمي ميدان ۾ ڪو ڪارنامو ڏيکاريو هجي، يا زال توهان سيني لاءِ سني دعوت ڪئي هجي. مطلب ته اسين سمورن معاملن کي عام رواجي نموني ۾ ڏسي، ان تي ڪو خاص تبصرو يا راءِ نه ٿا ڏيون. جنهن سان سندن دل خوش ٿئي، هرڪو پنهنجي ڪم جي ساراهه ٻڌي خوش ٿيندو آهي. انهن سيني جي جاءِ تي پاڻ کي رکي ڏسو ته توهان کا چڱي ڀگالهه ڪئي هجي ۽ ڪنهن ۽ توهان جي ساراهه ڪرڻ بدران ان کي بلڪل نظر انداز ڪري ڇڏيو هجي ته توهان جي دل تي ڇا گذرندو. ياد رکو ته ٻارن کي ڪاب ڀگالهه ايتري خوشي ۾ راحت نه ٿي ڏئي. جيتري سندن ماءُ پيءُ سندن واه واه ڪري کين پهچائي سگهن ٿا.

جڏهن ڪو تقرير ڪندڙ ڪنهن وڏي ميڙ کي خطاب ڪندو آهي ۾ ٻڌندڙ ڪيس نه ساراهيندا آهن ته پوءِ سندس دل ٽٽي پوي ٿي. هو حوصلو هاري مايوسي ٿي وڃي ٿو ۾ اهوئي سڀ ڪجهه ڪنهن ڀگاٽي يا فنڪار سان ۽ ٿئي ٿو. توهان جي آفيس ۾ ڪم ڪندڙ ڪو اهلڪار هجي يا معمولي ڪارڪن، دڪانن يا ڪارخانن ۾ ڪم ڪندڙ ڪارڪن هجن يا اسان جا گهر ياتي يا دوست احباب. هر ڪنهن کي سندس سني ڪم يا ڀگالهه تي ساراهيو. توهان هڪ پيرو ايئن ڪري ته ڏسو توهان کي خود محسوس ٿيندو ته توهان جي ساراهه تي اهي ڪيترا نه خوش ٿا ٿين. سندن حوصلو نه وڌايو ويندو ته اهي مايوس ٿي ويندا. ياد رکو ته اسان جي چوگرد جيڪي انسان رهن ٿا، انهن مان هر ڪنهن کي سندن چڱي ڪم يا ڀگالهه تي ساراهه جي گهرج هوندي آهي ۾ ايئن ڪٽي چئجي ته هو ساراهه جو بکيو هوندو آهي ۾ توهان جي ٿوري واه واه سندن پيٽ پريو ٿي ڇڏي.

توهان ڪنهن دوست جو ٿورو مڃو احسان مندیءَ جا جذبا ڏيکاريو. توهان ڏسندؤ ته ٻئي پيري جڏهن توهان وري ساڻس ملڻ ويندؤ ته اهو توهان جو اڳتي وڌي وڌي جوش جذبي سان آڏر ياءُ ڪندو.

نيو فيئر فيلڊ جي هڪ عورت پاميلا کي، ٻين آفيس جي ڏميدارين سان گڏ آفيس جي هڪ پنگيءَ جو ڪم بہ ڏسڻو پوندو هو. جيئن ته اهو هڪ ڪريل (گندو) ڪم ڪندو هو تنهن ڪري آفيس جا ٻيا ماڻهو ڪيس سڻي نظر سان نہ ڏسندا هئا.

پاميلا ڏسندي هئي ته ڪڏهن ڪڏهن اهو پنگي دل سان ۽ ڪافي سڻو ڪم ڪندو هو تنهن ڪري هوءَ بہ سيني جي اڳيان سندس ڪم کي ڏاڍو ساراهيندي هئي. تنهن ڪري جلد ئي سندس ڪم ۾ ايڏا وڌيڪ بهتري ايندي ويئي ۽ پوءِ سندس ٻيا بہ تعريف ڪرڻ لڳا ۽ ايئن هو بہ ڏينهون ڏينهن بهتر کان بهتر ڪم ڪرڻ لڳو. جو وڏا آفيسر بہ سندس ڪم کي ڏسي هلندي هلندي سندس ساراهہ کان سواءِ نہ رهندا هئا. ايمانداريءَ واري ساراهہ ۽ واه واه جا سڀ نتيجا نڪرن ٿا. جڏهن ته تنقيد ۽ نقطہ چيني ويتر ٻيڙو ٻوڙيو ٿي ڇڏي.

توهان ماڻهن کي رنجائي يا مٽن ٽوڪ بازيءَ وسيلي کين بدلائي نہ ٿا سگهو. هاڻ توهان کي هڪ پراڻي چوٽي ٻڌايان ٿو مون ان چوٽيءَ کي هڪ ڪاغذ تي لکي پنهنجي ڊريسنگ ٽيبل جي وڏي آرسيءَ تي هڻي ڇڏيو آهي ۽ ايندي ويندي منهنجي ان تي نظر پوندي رهندي آهي. اچو ته توهان کي اهو ٻڌايان ته اها چوٽي ڪهڙي آهي، ته اها هيءَ آهي:

"مون کي زندگي رڳو هڪ ٻيري ملي ٿي. تنهن ڪري جيڪڏهن آءٌ ڪا نيڪي يا نيڪ ڪم ڪري سگهان ٿو انسان ذات تي ڪا مهرباني ڪري سگهان ٿو ته پوءِ بهتر آهي ته اهو سڀ ڪجهہ جلد ڪان جلد ڪري وٺان. مون کي نيڪ ڪم ۾ دير نہ ڪرڻ ڪپي ۽ نہ ڪو ان کي سياڻپ تائين ملتوي ڪرڻ ڪپي. ٿي سگهي ٿو ته منهنجي لاءِ اهو سياڻو اڃي ئي نہ..."

ايمرسن چيو هو ته:

"مون سان ملڻ وارو هر ماڻهو مون کان بهتر آهي، جو آءٌ ان کان هر وقت ڪجهه نه ڪجهه سکان ٿو."

پلا جيڪڏهن ايمرسن جهڙو وڏو ماڻهو به ايئن سوچي سگهي ٿو ته پوءِ توهان ۽ آئون ڇو نه ٿا سوچي سگهون؟ اچو ته پنهنجين ڪاميابين بابت سوچڻ تان هٿ کڻي ڇڏيون. پنهنجين خواهشن بابت سوچڻ تان به هٿ کڻي وٺون.... اچو ته اسين ٻين ماڻهن جي چڱين ڳالهين بابت سوچيون ۽ انهن ۾ جيڪي سٺيون عادتون ۽ ڳالهيون آهن، انهن تي نظر رکون ۽ اهي اختيار ڪريون. خوشامد ۽ چاپلوسيءَ کي وساري ڇڏيون.... ايمانداريءَ سان ٻين جي تعريف ڪريون.... ساراهه ڪريون.... واه واه ڪريون. اها سٺي عادت اختيار ڪرڻ سان اسان ۾ نيڪ ڪم جو جذبو اڀا وڌندو. توهان هڪ پيرو ايئن ڪري ته ڏسو توهان جي زبان مان نڪتل ساراهه جا ٻه ٽي لفظ، ٻين ماڻهن کي سموري عمر ياد رهندا. بيشڪ توهان پاڻ به اها ڳالهه وساري ڇڏيو. پر توهان جنهن جي ساراهه ڪئي هوندي، اهو اها ڳالهه ايترو جلد نه وساريندو ۽ توهان کي سدائين ياد رکندو.

تنهن ڪري مهرباني ڪري پنهنجي سوچ سٺي رکو ۽ ايمانداريءَ سان ٻين جي ساراهه ڪري انهن کي ۽ پاڻ کي سدائين خوش رکو.

باب ڏهون

هن ڳالهه تي عمل ڪريو، ڪڏهن به اڪيلا نه رهندو

آءٌ گرميءَ جي موسم ۾ اڪثر ميامي ڊنڊ تي مڇين جي شڪار لاءِ ويندو رهندو آهيان. ذاتي طور تي مون کي سٽرابري ۽ آئسڪريم پسند آهي، پر مون کي خبر آهي ته مڇين کي سٽرابري ۽ آئسڪريم توڙي اهڙيون ٻيون شيون پسند نه آهن، پر اهي صرف جيت جڙڻ کائڻ پسند ڪن ٿيون، تنهن ڪري آءٌ جڏهن مڇيءَ جي شڪار تي ويندو آهيان ته اهو وساري ڇڏيندو آهيان ته مون کي ڇا پسند آهي، بلڪ اهو ياد رکندو آهيان ته مڇين کي ڪهڙي شيءِ گهٽي وٽي ٿي. آءٌ مڇيون پڪڙڻ واريءَ ڪنڊيءَ ۾ سٽرابري يا آئسڪريم نه، پر جيت ۽ وڏا ڪينئان لڳائيندو آهيان ۽ انهن کي مڇين اڳيان پيش ڪري عرض ڪندو آهيان ته:

"ڇا توهان کي اهي جيت ۽ ڪينئان وٽن ٿا؟"

پوءِ توهان پاڻ به انسانن جو شڪار ڪندي اهو فارمولو چو نه ٿا اختيار ڪريو؟ اهو ئي سبب ڪجهه ٻي عالمي جنگ دوران برطانيه جي وزيراعظم لائيڊ جارج ڪيو هو جڏهن ڪنهن کانئس پڇيو ته:

"جنگ واري زماني جي ٻين اڳواڻن، مثال طور ولسن ۽ آر لانڊو وغيره کي ته ماڻهو وساري چڪا آهن، پر توهان اڃا تائين اقتدار ۾ ڪيئن ويٺا آهيو؟"

هن جواب ۾ چيو:

"اهو ان ڪري ته مون اهو سبق سکي ورتو آهي ته ڪنڊيءَ ۾ ڪجهه وڃهو جيڪو مڇيءَ کي پسند هجي."

اسين ان لاءِ چو ڀالهايون ته اسان کي ڇا پسند آهي؟ چو ته اها ٻاراڻي حرڪت هوندي ته جيڪي توهان چاهيو اهو ڪريو. پر ٽي سگهي ٿو ته توهان سان گڏ ڪنهن ٻئي کي ان ۾ ڪابه دلچسپي نه هجي. ڇا ٻيا به توهان وانگر سوچين ٿا؟ جي نه ته پوءِ توهان اڪيلا چو ٿا ايئن ڪريو؟

تنهن ڪري هن دنيا ۾ رهندڙ ماڻهن کي متاثر ڪرڻ جو صرف هڪ ئي طريقو آهي ۽ اهو هي ته توهان ماڻهن کان پڇو ته کين ڇا کپي ۽ هو ڇا ٿا چاهين؟ سندن خواهش ڇا آهي؟ پوءِ يا ته توهان پاڻ سندن انهيءَ خواهش تي عمل ڪريو يا وري کين ان جي پوري ٿيڻ جو رستو ڏيکاريو يا سيکاريو ته جيئن کين جيڪو کپي سو ملي وڃي.

تنهن ڪري سياڻي صبح جو اٿي توهان اهو نه سوچيو ته توهان کي ٻين کان ڪهڙو ڪم ڪيڻ ونڊو آهي. پر هر شخص کان پڇو ته هنن ڪمن مان ڪير ڪهڙو ڪم بهتر طور ڪري سگهي ٿو ۽ پوءِ ان کي اها ئي ذميداري ڏيو جنهن ۾ هو دلچسپي وٺي ٿو. ان سان هو دل سان اهو ڪم ڪندو.

جيڪڏهن توهان جو پٽ سگريٽ پئي ٿو ته ڪيس ان کان روڪڻ بدران کين اهو ٻڌايو ته ان جا ڪهڙا نقصان آهن. چو ته جيڪا خراب شيءِ يا ڀالهه هو پاڻ سمجهي وٺندو يا نه ڪندو اها زوريءَ ڇڏائڻ کان وڌيڪ بهتر آهي. اهو هڪ اهڙو فارمولو آهي. جيڪو سيني تي لاڳو ٿئي ٿو. پوءِ پلي اهو ڪو انسان هجي يا وري ڪو جانور.

مثال طور.... هڪ ڏينهن رالف والدو ايمرسن ۽ سندس پٽ ان ڪوشش ۾ لڳا پيا هئا ته جيئن ڊگيءَ جي ننڍڙي گابي کي واڙ ۾ واڙڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. پر هو بار بار عام غلطي ڪري رهيا هئا. جيڪا اسين سڀ ڪندا آهيون. يعني ته اسين اهو چاهيندا آهيون ته جيڪي اسين چاهيون ٿا اهو ٽيڻ کپي. ايمرسن ڊگيءَ کي هڪ پاسي ڏکو ڏئي رهيو هو ۽ سندس پٽ وري ٻئي پاسي کان ان کي ڇڪي رهيو هو پر ڊگيءَ جي گابي به ضد ڪري ورتو ۽ پنهنجون ٽنگون زمين تي تڏي. واڙ ۾ وڃڻ کان نابري واري ڇڏي. سندن هڪ آئرش

نوڪرياڻي اهو سڀ ڪجهه غور سان ڏسي رهي هئي. هوءَ لکيل پڙهيل ته نه هئي، پر جانورن بابت پي پٽ کان وڌيڪ ڄاڻندي هئي. ڪيس خبر هئي ته ڍڳيءَ کي ڪيئن راضي ڪجي. تنهن ڪري هن ڍڳيءَ جي ٻچي جي وات ۾ آگر وجهي، سندس بدن پيار سان مهٽڻ شروع ڪيو ته ان جو به ڏيان هٽي ويو ۽ هو بنا ڪنهن وڌيڪ روڪ ٽوڪ جي اٽي بينو ۾ پاڻيهي واڙڻ هليو ويو.

پنهنجي پيدا ٿيڻ کان وٺي اڄ ڏينهن تائين توهان ان ڪري سرگرم عمل رهيا آهيو ته جيئن توهان پنهنجي خواهشن کي پورو ڪري سگهو. توهان جو هر عمل توهان جي خواهشن جي تابع رهيو آهي. توهان کي اهو وقت ياد آهي، جڏهن توهان ريڊ ڪراس کي چندو ڏنو هو. ڇا لاءِ ته توهان جي خواهش هئي ته ڪو نيڪ ڪم ڪريو تنهن ڪري توهان پنهنجي اها خواهش پوري ڪئي. جيڪڏهن توهان پنهنجي انهن احساسن کي پنهنجي دولت تي ترجيح نه ڏيو ها ته ڪڏهن به ريڊ ڪراس کي چندو نه ڏيو ها. ٿي سگهي ٿو ته توهان ان ڪري به چندو ڏنو هجي ته توهان کي چندو ڏيڻ کان انڪار تي شرم ايندو هجي، يا وري توهان جي ڪنهن مٽ مائٽ يا دوست يار توهان کي ايئن ڪرڻ تي مجبور ڪيو هجي. ته ان سموري قصي ۾ جيڪا ڳالهه اهم آهي، اها هيءَ ته توهان ريڊ ڪراس کي ان لاءِ چندو ڏنو جو توهان ايئن چاهيو ٿي، پوءِ پلي ڪٽي ٻين جي چوڻ تي ڪٽي.

هيري اَي اوور اسٽريٽ پنهنجي ڪتاب "انساني عملدرآمد تي اثر انداز ٿيڻ" ۾ لکي ٿو:

> "اسان جو ڪوبه عمل ان خواهش جي تابع هوندو آهي، جيڪا خواهش اسان کي دل ۾ موجود هوندي آهي. ماڻهن جو تعلق پلي ڪٽي ڪهڙي به شعبي سان هجي، ڪاروباري شعبي سان هجي، گهر سان هجي، اسڪول سان هجي، سياست جي ميدان سان هجي، انهن کي جيڪا سڀ صلاح ڏيئي سگهجي ٿي، اها هيءَ آهي ته سڀ کان اڳ ماڻهن ۾ هڪ اٽٽر گهرج جو احساس پيدا ڪيو پوءِ اهو جيڪو ڪجهه ڪندو سموري دنيا ان سان گڏ هوندي آهي ۽ هو اڪيلو نه رهندو آهي."

اينڊريو ڪارنيگي، غربت جو ماريل اسڪاٽ لينڈ جو هڪ ڇوڪرو. جنهن پنهنجي نوڪريءَ جي شروعات رڳو ٻه سينٽ تي ڪلاڪ پگهار سان ڪئي. ترقيءَ جون منزلون طئ ڪري ڪروڙ پتي ٿي ويو. هن پنهنجي شروعاتي زندگيءَ جو اهو سبق سکيو ته ماڻهن کي متاثر ڪرڻ.... انهن تي پنهنجو اثر رسوخ قائم رکڻ جو صرف هڪ ئي طريقو آهي ته ٻين ماڻهن سان ان لهجي ۾ ڳالهايو وڃي ته هو چا ٿا چاهين. جيتوڻيڪ اينڊريو صرف چار درجا پڙهيل هو پر هن ان هوندي ٻه اها ڳالهه سکي ورتي هئي. جيڪا گهڻا پڙهيل ڳڙهيل ايجا تائين سکي نه سگهيا آهن. هن ڇاڻي ورتو ته ٻين ماڻهن سان ڪيئن هلجي ۽ انهن سان ڪيئن پيش اچجي. انهن سان ڪيئن لاڳاپا برقرار رکجن جو هنن جي ڪم ٽيڪ سان گڏوگڏ پنهنجو ٻه قدر وڌي.

مثال طور، سندس سالي پنهنجن ٻن ٻارن سبب پريشان هئي. اهي ٻئي ڇوڪرا ييل ۾ رهندا هئا ۽ پنهنجي ڪم ۾ ايترا ته مصروف هئا، جو پنهنجي گهر خط لکڻ جي ٻه فرصت نه هئن ۽ پنهنجي ماءُ جي لکيل خط کي ٻه اهميت نه ڏيندا هئا يا کڻي ائين چئجي ته موٽ ئي نه ڏيندا هئا.

ڪارنيگي سندن ماءُ سان سئو ڊالرن جي شرط هنئي ته اهي ڇوڪرا ضرور کيس خط لکندا. تنهن ڪري هن چا ڪيو جو ٻنهي ڇوڪرن کي هڪ خط لکيائين ۽ کين چيائين ته آءُ خط ۾ 5_5 ڊالر جو نوٽ موڪلي رهيو آهيان، پر خط ۾ ڪابه رقم ڇاڻي واڻي نه رکيائين. موٽ واريءَ ٽپال ۾ کيس ٻنهي ڇوڪرن جو جواب يڪدم ملي ويو ته، "پيارا انڪل اينڊريو، توهان جي مهرباني، توهان خط ۾ رقم موڪلڻ جو لکيو هو پر...." باقي جملو توهان پاڻ سمجهي سگهو ٿا.

ڏيان ڇڪائڻ ۽ ترغيب ڏيارڻ جو هڪ ٻيو مثال ٻه پڙهي ونو.

استان اسان جي هڪ ڪورس جو شاگرد هو. هڪ ڏينهن جڏهن هو گهر واپس پهتو ته هن ڏٺو ته سندس سيڪ ڪان ننڍو پٽ ٽم ڪمري ۾ زور زور سان فرش تي لتون هڻي رهيو هو. کيس ٻئي ڏينهن اسڪول وڃڻو هو جنهن لاءِ هو هينئر ڪان ئي احتجاج ڪري رهيو هو. ته اسڪول نه ويندس. استان جو عام ردعمل ته اهو هئڻ کپندو هو ته هو

پٽ کي ڪمري ۾ وڃي وجي سمجهائي ها ته ڪيس هر حالت ۾ اسڪول وڃڻو پوندو. پر هن سمجهي ورتو ته ايئن ڪرڻ سان ٿم تي ڪوبه خاص اثر نه ٿيندو. تنهن ڪري هن پرسڪون انداز ۾ ويهي سوچڻ شروع ڪيو ته جيڪڏهن آءُ ٿم جي جاءِ تي هجان ها ته ڪهڙي نموني خوشيءَ سان اسڪول وڃان ها. پوءِ ٻئي زال مڙس گڏجي ويهي رهيا ۽ اهي ڳالهيون سوچڻ لڳا. جنهن سان ٿم خوشيءَ سان اسڪول وڃڻ تي راضي ٿي وڃي. ٿم کي پينٽنگ، ڳائڻ وڄائڻ، دوست ٺاهڻ وغيره جو شوق هو تنهن ڪري هنن ان تي عمل ڪرڻ جو سوچيو.

پوءِ استان مون کي ٻڌايو ته:

"اسان رڌڻي ۾ وڃي هڪ ميز رکي، ان تي پينٽنگ شروع ڪئي. ان ڪم ۾ منهنجي زال ۽ ٻيو پٽ باب ۽ آءُ سڀ شامل ٿي وياسين. جلد ئي ٿم به هڪ ڪنڌ ونڊي اتي اچي بيهي رهيو. تنهن کان پوءِ هن به خواهش ڪئي ته ڪيس به ان عمل ۾ شامل ڪيو وڃي. نه، توکي پهرين اسڪول وڃي پينٽنگ بابت سکڻو پوندو. مون ٿم کي ٻڌايو ته ڪيئن هو اسڪول ۾ پينٽنگ بابت سکي سگهي ٿو. ٻئي ڏينهن صبح جو جڏهن آءُ ننڊ مان جاڳيس ته مون کي لڳو ته شايد آءُ ئي سوير اٿيو آهيان. آءُ ڊاڪڻ لهي هيٺ آيس ته چا ٿو ڏسان ته ٿم مون کان اڳ سجاڳ ٿي ڪرسيءَ تي وينو آهي. مون کانئس پڇيو ته تون ايترو سوير اٿي چا پيو ڪرين؟ هن چيو: آءُ اسڪول وڃڻ جي انتظار ۾ آهيان ۽ چاهيان ٿو ته ليٽ نه پهچان. اسان سڄي ڪٽنب جي خواهش پوري ٿي، جو ٿم ۾ اسڪول وڃڻ جي شديد خواهش پيدا ٿي چڪي هئي، هڪ اهڙي خواهش جيڪا ڪنهن به بحث مباحثي يا ڌمڪيءَ سان پيدا نه ٿي ٿي سگهي."

توهان ڪڏهن به ڪنهن کان ڪو ڪم ونڊ جا خواهشمند هجو. ڪنهن ڪم ڏانهن راغب ڪرڻ چاهيو ته ان سان ڳالهائڻ کان اڳ ٿورو ترسي پنهنجو پاڻ کان پڇو ته توهان کيس ان ڪم لاءِ ڪيئن ٿا راضي ڪري سگهو.

هڪ پيري مون نيويارڪ جي هڪ هوٽل ۾ هڪ وڏو هال مسواڙ تي حاصل ڪيو. مون اهو هال ويهن راتين لاءِ مسواڙ تي ورتو هو. منهجو پروگرام ليڪچرن جو هڪ سلسلو شروع ڪرڻ جو هو. آءُ اڳ ۾ ان مقصد لاءِ هال مسواڙ تي وٺندو رهندو هئس.

منهنجي ليڪچرن جي سلسلي جي شروعات کان ٿورو اڳ هوٽل جي انتظاميہ اوچتو مون کي ٻڌايو تہ هن پيري مون کي هال جي مسواڙ اڳ جي مقابلي ۾ ٽيٽي پرٽي پوندي مون کي اها خبر تڏهن ٻڌائي ويئي جڏهن ٽڪيٽون ڇپجي ۽ ورهائجي چڪيون هيون. ڪارڊ ۽ ورهائجي چڪا هئا ۽ ليڪچرن جي ان سلسلي جو تفصيل ۽ پڌرو ٿي ويو هو.

ظاهر آهي تہ قدرتي طور تي آءُ وڌيڪ مسواڙ ڀرڻ لاءِ تيار نہ هئس، پر منهنجي چاهڻ يا نہ چاهڻ سان هوٽل انتظاميہ تي ڪهڙو فرق ٿي پيو. ڪين رڳو ان ڳالهہ ۾ دلچسپي هئي تہ سندن فائدو ڇا ۾ آهي ۽ هو ڇا ٿا چاهين. مون ۽ ڏينهن پوءِ هوٽل جي مئنيجر سان ملاقات ڪئي ۽ کيس چيم:

"مسواڙ ۾ اضافي بابت توهان جو خط پڙهي مون کي تمام گهڻو صدمو ٿيو. تمام گهڻو ڏک ٿيو. پر آءُ ان سلسلي ۾ توهان کي ڏوهاري نہ ٿو سمجهان. آءُ توهان جي جاءِ تي هجان ها تہ شايد آءُ پاڻ ۽ ايئن ئي ڪريان ها. هوٽل جي مئنيجر طور توهان جو فرض آهي تہ هوٽل جي نفعي کي نظر ۾ رکو ۽ جيڪڏهن توهان ايئن نہ ڪندؤ تہ هوٽل جي انتظاميہ جو توهان کي رکڻ مان ڪو فائدو نہ ٿيندو. اچو تہ پاڻ گڏجي ان ڳالهہ تي ويچاريون تہ توهان جي ان اوچتي قدم سان هوٽل انتظاميہ کي ڪيترو فائدو ۽ ڪيترو نقصان ٿي سگهي ٿو جنهن ڪري توهان مسواڙ وڌائڻ لاءِ زور پيري رهيا آهيو."

تنهن کان پوءِ مون هڪ ڪاغذ ڪيسي مان ڪڍيو ان جي وچ ۾ هڪ ڊگهي اُيي لڪير ڪڍي. ان کي ٻن حصن ۾ ورهائي ڇڏيم. پوءِ مون هڪ حصي تي "فائدو" ۽ ٻئي تي "نقصان" لکيو.

مون فائدي واري خاني ۾ لکيو تہ. "آءُ مسواڙ تي هال نہ ٿو ونان." تنهن کا پوءِ مئنيجر کي ٻڌايم تہ. "جيڪڏهن آءُ اهو هال مسواڙ

تي نہ ٿو وڃان تہ پوءِ توهان کي اهو فائدو ٿيندو تہ توهان ان هال کي ڊانس يا ڪنهن بي تقريب لاءِ مسواڙ تي ڏيئي چڏيندؤ جنهن سان توهان کي مالي فائدو ٿيندو. چاکاڻ تہ اهڙين تقريبن لاءِ ماڻهو وڏيڪ مسواڙ ڏيڻ لاءِ بہ تيار ٿي ويندا آهن ۽ جيڪڏهن آءٌ پراڻي مسواڙ کي ويهہ ڏينهن ليڪچر ڏيڻ لاءِ هال کي روڪي رکندس، تہ بہ توهان کي نقصان ئي ٿيندو. جو آءٌ توهان جي مرضيءَ موجب مسواڙ نہ ڏيندس.

تنهن کان پوءِ مون کيس چيو تہ، هاڻي اچو تہ نقصانن جي ڳالهہ ڪريون. پوءِ مون کيس ٻڌايو تہ منهنجي وڏيڪ مسواڙ نہ ڀرڻ سبب لازمي طور تي توهان کي مالي نقصان ٿيندو. چو تہ آءٌ توهان جي مرضيءَ واري مسواڙ نہ ڏئي سگهندس ۽ مون کي گهٽ مسواڙ وارو ٻيو ڪو هال ڳولڻو پوندو. توهان کي نقصان اهو ٿيندو تہ منهنجي ليڪچررن ٻڌڻ جي سلسلي ۾ جيڪي وڏي تعداد ۾ تعليم يافتہ ۽ تهذيب يافتہ ماڻهو توهان جي هوٽل ۾ اچڻا هئا، اهي هاڻي ٻئي ڪنهن هنڌ ايندا، نہ تہ هونئن اهي هتي اچن ها تہ ليڪچرن ۾ شرڪت کان سواءِ ٻيو ڪو ڪاڏو پيتو بہ هوٽل تان کائين ها، جنهن سان توهان کي مالي فائدو ٿئي ها، پر هاڻي اهو بہ نقصان ۾ شامل سمجهو. چو تہ توهان جيڪڏهن پنج هزار ڊالر پري بہ پنهنجي هوٽل جي مشهوري ڪريو تہ بہ ايترا پڙهيل ۽ سلجهيل ماڻهو توهان جي هوٽل ۾ نہ ايندا، جيترا منهنجي ليڪچر ٻڌڻ لاءِ لڳاتار ويهہ ڏينهن ٻيا ايندا ۽ تنهن کان پوءِ بہ جتي ويندا تہ توهان جي هوٽل جي ساراهہ ٻيا ڪندا.

پوءِ مون پنهنجو لکيل "نقصان" ۽ "فائدي" وارو ڪاغذ مئنيجر حوالي ڪيو تہ هو ان تي غور ويچار ڪري پوءِ مون کي پنهنجي فيصلي کان آگاهہ ڪري.

مون کي ٻئي ڏينهن ئي مئنيجر جي خط جي صورت ۾ جواب ملي ويو تہ منهنجي هال جي مسواڙ ۾ 300 سيڪڙو نہ، پر هاڻي رڳو 50 سيڪڙو واڌ ڪئي ويندي.

توهان غور ڪيو تہ مون مسواڙ ۾ رعايت حاصل ڪرڻ واسطي ڪٿي بہ اهو نہ چيو تہ مون کي ڇا ڪپي، پر مون صرف ڪين سندن

نقصان ۽ فائدا ٻڌايا ۽ فيصلو ٻه هنن تي ڇڏي ڏنم ته هو هاڻي ڇا ٿا چاهين.

فرض ڪريو ته آءٌ ٻه اهو ئي رستو اختيار ڪريان ها، جيڪو ٻيا ڪندا آهن ۽ فطري رستو ٻه آهي ته ڪاوڙ مان مٿيجر جي ڪمري ۾ ڏوڪيندو ويان ها ۽ ڪيس ڪاوڙ مان چوان ها ته توهان هاڻي اوچتو مسواڙ وڌائڻ جو ذڪر ڪيئن ٻيا ڪريو؟ جڏهن منهنجي ليڪچرن جون ٽڪيٽون ڇپجي چڪيون آهن ۽ ڪارڊ ۽ پمفليٽ ورهائجي ويا آهن، توهان ايئن ڪري مون کي بليڪ ميل ۽ پريشان ٻيا ڪريو. توهان مون کي اڳواٽ چو نه ٻڌايو ۽ اهو ته آءٌ هن ٻيري وڌيڪ مسواڙ نه ڏيندس ۽ پوءِ لاءِ پوءِ ڏسي ونڊنداسين وغيره.

توهان کي خبر آهي ته پوءِ ڇا ٿئي ها. ٻئي ڏريون هڪ ٻئي کي مجائڻ لاءِ دليلن جو انبار لڳائي ڇڏين ها ۽ وري سري ڪجهه ٻه نه ها.

ماڻهن سان ناتن ۽ انساني ناتن جي سلسلي ۾ آءٌ توهان کي هڪ بهترين صلاح ڏيان ٿو. اها صلاح هينري فورڊ جي هڪ قول تي ٻڌل آهي، جنهن چيو هو:

> "جيڪڏهن ڪاميابيءَ جو ڪو راز موجود آهي ته اهو هي آهي ته توهان ۾ اها اهليت هجڻ کپي ته توهان ٻين جي ڳالهه ۽ خيال سمجهي سگهو ۽ معاملي کي ان ماڻهوءَ جي نقطه نظر سان گڏوگڏ پنهنجي نقطه نظر مطابق ڏسو."

اها صلاح اهڙي آهي جو ان تي عمل ڪري اسين گهٽو ڪجهه پرائي سگهون ٿا.

اها هڪ بلڪل سادي سودي صلاح آهي ۽ ايتري واضح آهي، جو هرڪو ان کي سمجهي ان تي عمل ڪري سگهي ٿو. پر ان جي باوجود ٻه هن دنيا ۾ رهندڙ 90 سيڪڙو ماڻهو 90 سيڪڙو موقعن تي ان موجب عمل ئي نه ٿا ڪن ۽ ان صلاح کي نظر انداز ڪريو ڇڏين.

مثال طور، توهان پنهنجي تازي آيل ٽپال تي نظر وجهو. توهان ڏسندؤ ته تمام گهٽا خط اهڙا هوندا، جنهن ۾ ان صلاح کي نظر انداز

ڪيو ويو هوندو. هيٺ آءُ صرف هڪ خط جو ذڪر ڪريان ٿو. اهو خط هڪ اشتهاري ايجنسيءَ جي ريڊيو ڊپارٽمينٽ جي سربراه لکيو آهي. هڪ اهڙي اشتهاري ايجنسي جنهن جون آفيسون ٻين ڪيترن ملڪن ۾ ۽ قائم آهن. هي خط سموري ملڪ جي مقامي ريڊيو اسٽيشنن جي مئنيجرن کي اماڻيو ويو آهي. ان خط جي هر هڪ پئراگراف بابت ردعمل کي بريڪيٽن جي انداز ۾ لکيو ويو آهي. پهرين توهان اهو خط پڙهو:

مسٽر جان بلينڪ
بلينڪ ولي، انڊيانا

پيارا مسٽر بلينڪ:

"اسان جي ڪمپنيءَ جي خواهش آهي ته ريڊيو جي ميدان ۾ اشتهاري ڪمپنيءَ طور پنهنجي برتري برقرار رکي.

(ڪنهن کي اها پرواهه آهي ته توهان جي ايجنسي ڇا ٿي چاهي؟ آءُ پنهنجن مسئلن ۾ منجهيو پيو آهيان.... بئنڪ منهنجي گروي رکيل گهر کي نيلام ڪرڻ ٻوڌان آهي. ڪالهه اسٽاڪ مارڪيٽ ڪري پيئي.... مون کي ڪالهه رات ڊانس پارٽي ۾ شرڪت جي اجازت نه ملي. جو ڊاڪٽر مون کي ٻڌايو ته آءُ بلڊ پريشر جو شڪار آهيان ۽ تنهن کان پوءِ ڇا ٿو ٿئي؟ آءُ فڪرن ۾ ٻڏل آفيس پهچان ٿو... ٽپال تي نظر وجهان ٿو ته مون کي خبر پوي ٿي ته هيءَ ڪمپني آخر ڇا ٿي چاهي. جيڪڏهن ڪمپنيءَ کي خبر پوي ته خط پڙهي مون ۾ ڪهڙا تاثرات ٿا پيدا ٿين ته ڪمپني يڪدم اشتهاري ايجنسي بند ڪري ٻيو ڪو ڏنڊو وڃي ڪري)

"ايجنسي مضبوط مالي وسيلا رکي ٿي ۽ مالي ڏي وٺ ۾ به اسان جي ڪارڪردگي سٺي رهندي پيئي اچي.

("توهان جي مالي حيثيت به مضبوط آهي. توهان ته سڀ کان سٺو ڪم پيا ڪريو. پر مون کي ان سان ڪهڙو ڏيٽو ونٽو؟ جيڪڏهن توهان جو ادارو جنرل موٽرز ۽ جنرل اليڪٽرانڪ ۽ آمريڪي فوج

جي جنرل اسٽاف کي ڳڏي انهن کان به وڌيڪ هجي، ته به منهنجي صحت تي ڪهڙو اثر پوندو. .... جيڪڏهن توهان ۾ ٿوري به اهليت هجي ها ته توهان کي خبر پوي ها ته آءٌ ذاتي طور تي پاڻ به ڪيڏو وڏو آهيان؟.... آءٌ جيترو وڏو ۽ ذميدار آهيان، اوترا ته توهان پاڻ به نه آهيو. توهان جڏهن پنهنجي ڪاميابين بابت ڳالهائيندا آهيو ته ان وقت مون کي لڳندو آهي ته آءٌ پاڻ ڪيترو نه ننڍو ۽ غير اهم آهيان.")

"اسان جي خواهش آهي ته توهان جي مايه ناز اداري سان پنهنجو ڪاروبار وڌايون.

(تنهنجي خواهش... تنهنجي خواهش.... تون بيوقوف، گڏهه اهو نه ٿو سوچين ته مون کي تنهنجي توڙي آمريڪي صدر جي خواهش سان ڪهڙي دلچسپي ٿي سگهي ٿي. آءٌ توهان کي پهريون ۽ آخري پيرو ٻڌايان پيو ته مون کي ان ڳالهه ۾ دلچسپي آهي ته آءٌ چا ٿو چاهيان، تون چا ٿو چاهين، تنهن سان مون کي ڪابه دلچسپي ڪونهي.)

"چا توهان اسان جي ڪمپنيءَ کي پنهنجي ترجيحي فهرست ۾ شامل ڪندا."

(ترجيحي فهرست چا تون پنهنجي هوش هواس ۾ ته آهين. تو پنهنجي ڪمپنيءَ بابت وڏيون دعوائون ڪري مون کي اهو احساس ڏياريو آهي ته آءٌ گهٽ ۽ حقير هجڻ کان سواءِ غير اهم به آهيان ۽ ان کان پوءِ مون کان پڇين ٿو ته، توهان جي ڪمپنيءَ کي ترجيحي فهرست ۾ شامل ڪريان ٿو ته درخواست ڪندي ايترو به نه لکيوَ ته: "مهرباني ڪري اسان جي ڪمپنيءَ کي ترجيحي فهرست ۾ شامل ڪريو.")

"اسين خط جي تڪڙي جواب جي انتظار ۾ آهيون. هڪ اهڙو جواب جنهن ۾ توهان جي تازه ترين فيصلي جي جهلڪ نظر اچي، چاڪاڻ ته ان تي عمل ڪرڻ اسان ٻنهي جي مفاد ۾ هوندو."

(تون بيوقوف آهين، تو مون کي هڪ نهايت ڪريل خط لکيو آهي ۽ وري مون کان منهنجي فيصلي بابت پڇين پيو. اهو به ان وقت جڏهن

آءُ پنهنجي گهر جي نيلام بلڊ پريشر ۾ ٻين مرضن سبب اڳ ۾ ئي گهڻو پريشان آهيان. تنهنجو چا خيال آهي تہ آءُ ايترو بيوقوف آهيان جو هينئر ئي ويهي تنهنجي خط جو جواب لکڻ شروع ڪري ڏيندس. تو چيو آهي تہ تنهنجي خط جو تڪڙو جواب ڏيان تہ چا تو مون کي واندو سمجهيو آهي. آءُ ٻہ اوترو ئي مصروف آهيان جيترو تون پاڻ. توکي اهو حق ڪنهن ڏنو آهي تہ اتي ويهي مون تي حڪم هلاءِ.)

تنهنجو خير خواه
جان ڊو
مئنيجر ريڊيو ڊپارٽمينٽ

(مهرباني ڪري ان اقتباس تي غور ڪريو جيڪو 'بلينڪ ولي جنرل' مان ورتو ويو آهي. اها ڳالهہ توهان لاءِ دلچسپيءَ واري هوندي ۾ توهان ان کي پنهنجي اسٽيشن تان نشر ڪرڻ پسند ڪندا. هن خط سان گڏ اهو اقتباس ٻہ شامل آهي.)

هڪ ٻيو خط ٻہ حاضر خدمت آهي. اهو خط هڪ وڏي گڊز فارورڊنگ ايجنسيءَ جي سپرنٽينڈنٽ اسان جي ڪلاس جي هڪ شاگرد ايڊورڊ ورميلن کي لکيو هو. توهان اهو خط پڙهو ۾ غور ڪريو تہ اهو خط ان ماڻهوءَ تي ڪهڙا اثر ڇڏيندو جنهن کي اهو خط لکيو ويو آهي، تنهن کان پوءِ آءُ پاڻ توهان کي انهن اثرن کان واقف ڪندس.

آي۔ زريگا اينڊ سنز
28۔ فرنٽ اسٽريٽ، بروکلين، نيويارڪ 11201
(محترم ايڊورڊ ميلن جي ملاحظي لاءِ)
جينٽلمين!

ڪالهہ اسان جون سرگرميون تمام گهڻيون متاثر ٿيون. چاڪاڻ تہ اسان کي سامان دير سان مليو. ان دير سبب اسان کي پنهنجن مزدورن کي اوور ٽائيم ڏيڻو پيو ۾ اسان جي ٽرڪن کي ٻہ دير ٿي. 10 نومبر تي اسان کي توهان جي ڪمپنيءَ طرفان سامان جو هڪ لاٽ

مليو جيڪو اسان وٽ شام جو 4 وڄي 20 منٽن تي پهتو.

توهان جو سامان دير سان پهچڻ سبب اسان تي جيڪي اثر ٿيا تن تي قابو پائڻ لاءِ اسان کي توهان جو سهڪار ڪپي. اسان جو توهان کي صرف اهو عرض آهي ته مهرباني ڪري پنهنجو سامان اسان کي وقت تي موڪلينداڪريو ته جيئن اسين به ان کي وقت سر اڳيان اماڻي سگهون. جيڪڏهن توهان اسان کي وقت تي سامان اماڻيندا ته ان ۾ توهان کي به اهو فائدو ٿيندو ته توهان جو سامان به وقت سر اڳيان پهچي ويندو ۽ توهان جي ڪاروبار تي به سٺو اثر پوندو."

توهان جو خير خواهه
جَي- پِي- سپرنٽينڈنٽ

اهو خط پڙهڻ کان پوءِ مسٽر ورميلن، جيڪو اي زريگا اينڊ سنز جو سيلز مئنيجر هو تنهن هيٺين تبصري سان مون کي اهو خط اماڻي ڏنو:

"ان خط مان جيڪو ڪجهه حاصل ڪرڻ جي خواهش ڪئي ويئي هئي، معاملو ان جي ابتڙ ٿيو. خط جي شروعات انهن مشڪلاتن کان ڪئي ويئي هئي جيڪي گڊز فارورڊنگ ايجنسي کي پيش اچي رهيون هيون ۽ اسان کي سندن مشڪلاتن بابت ڪابه دلچسپي نه هئي. اسان کان سهڪار گهريو ويو هو پر اهو به نه سوچيو ويو ته اهو سهڪار وري اسان لاءِ به پريشانيءَ جو باعث ٿي سگهيو ٿي ۽ خط جي آخر ۾ اهو به لکيو ويو هو ته جيڪڏهن اسين سهڪار ڪنداسين ته اسان جو سامان به وقت تي منزل تي پهچي ويندو. ٻين لفظن ۾ جنهن ڳالهه ۾ اسان کي دلچسپي هئي تنهن جو ذڪر بلڪل آخر ۾ ڪيو ويو هو ۽ سموري خط مان تعاون بدران غرور ۽ فخر جو تاثر مليو ٿي."

اچو ته ڏسون ته اسين ان خط کي ايا به ڪهڙي نموني بهتر ڪري سگهياسين ٿي. اسان کي پنهنجن مسئلن جو ذڪر ڪري وقت ويڃائڻ نه ڪپي، پر هينري فورڊ جي صلاح تي هلڻ ڪپي:

"ٻين ماڻهن جي ڳالهه ٻڌو ۽ سمجهو ۽ معاملي کي ٻين ماڻهن جي نظر سان ڏسي پوءِ پنهنجي نظر سان ڏسو."

هيٺ اهو ساڳيو خط نظرثاني ڪري وري لکيو ويو آهي. ياد رهي ته خط لکڻ جو اهو طريقو به ڪو بهترين طريقو ڪونهي، پر بهرحال گهڻو بهتر ضرور آهي.

مسٽر ايڊورڊ ورملين،
معرفت اي زريگا اينڊ سنز 28 فرنٽ اسٽريٽ
بروڪلين، نيويارڪ _11201

پياري مسٽر ورملين!

توهان جي ڪمپني گذريل 14 سالن کان اسان سان هڪ سٺي گراهڪ طور ڪم ڪري رهي آهي. اها هڪ فطري ڳالهه آهي ته اسين توهان جي سرپرستيءَ جا ٿورائتا آهيون ۽ توهان کي پنهنجي بهترين ۽ تيز رفتار خدمتن ڏيڻ جا خواهشمند آهيون. پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته جيڪڏهن توهان جا ترڪ دير سان سامان ڪٽي اسان وٽ پهچندا ته اسان لاءِ اهو ممڪن ڪونهي ته توهان لاءِ تيز رفتار نموني خدمتون انجام ڏئي سگهون. جيئن 10 نومبر تي توهان جو سامان دير سان ملیو هو. ان جو سبب اهو آهي ته منجهند کان پوءِ اسان جا ٻيا گراهڪ به پنهنجو سامان اماٽين ٿا. اهڙيءَ ريت اڌي تي ترڪن جو جڙ ميلو لڳي ٿو وڃي ۽ توهان جا ترڪ به ان ميلي وچ ۾ ڦاسيو ٿا پون. تنهنڪري توهان جو سامان اماٽڻ ۾ ڪڏهن ڪڏهن دير ٿي وڃي ٿي. جيتوڻيڪ اها ڪا سٺي ڳالهه ڪونهي، ۽ ان کان بچي به سگهجي ٿو جيڪڏهن توهان کي زحمت نه ٿئي ته اسان کي ترڪ ٻنڌڻ کان پوءِ بدران فجر جو ڪنهن وقت موڪليو ته جيئن ان تي تڪڙو ڏيان ڏيئي. ان سامان کي جلد کان جلد منزل تي اماٽيو وڃي. اهڙي نموني اسان جا مزدور به اوور ٽائيم ڪرڻ بدران وقت تي گهر پهچي پنهنجي گهر وارن سان رات جي ماني گڏجي کائڻ جو مزو حاصل ڪري سگهن ٿا. ان ڳالهه کي ڇڏي

تہ توهان پنهنجو سامان کڻڻ وقت ٿا اماڻيو اسين پوءِ به توهان جي خدمت لاءِ هر وقت حاضر رهنداسين.

توهان جو خير خواهہ
جَي-بِي. سپرنٽينڈنٽ

باربرا نيويارک جي هڪ بينک ۾ نوڪري ڪندي هئي. هوءَ ايروزونا ۾ رهڻ چاهيندي هئي، جتي سندس پٽ رهندو هو جيڪو بيمار هو. باربرا اينڊرسن اسان جي ڪورس ۾ سکيا ورتي هئي ۽ ان سکيا مان فائدو حاصل ڪندي هن ايروزنا ۾ 12 بئنڪن کي هي خط موڪليو هو:

ڊيئر سر!
منهنجو ڏهن سالن کان بئنڪ جو تجربو پڪ سان توهان جي ترقي ڪندڙ بئنڪ لاءِ دلچسپي جو باعث هوندو. آءٌ نيويارک جي بئنڪ جي مختلف شعبن ۾ ڪم ڪندي برانچ مئنيجر جي عهدي تي پهتي آهيان. مون ۾ بئنڪ جا سمورا معاملا هلائڻ جي صلاحيت آهي.
آءٌ ايندڙ مئي کان ايروزنا ۾ رهڻ لاءِ اچان پئي ۽ مون کي پڪ آهي تہ آءٌ توهان جي بئنڪ جي ترقيءَ ۾ نفعو وڌائڻ واري عمل ۾ مددگار ثابت ٿي سگهان ٿي. آءٌ 3 مئي کان ايروزونا ۾ موجود هونديس ۽ توهان کي اهو ٻڌائيندي فخر ٿي محسوس ڪريان تہ آءٌ توهان جي بئنڪ جي مدد ڪرڻ ۾ ڪهڙي نموني ڪم اچي سگهان ٿي.

توهان جي خير خواهہ
باربرا ايل اينڊرسن

توهان جو چا خيال آهي؟ چا مسز اينڊرسن کي سندس خط جي ڪا موٽ ملي؟ جي ها. 12 مان 11 بئنڪن کيس انٽرويو لاءِ گهرايو ۽

پوءِ هن لاءِ فيصلو ڪرڻ مشڪل ٿي پيو ته ڪهڙي بئنڪ ۾ نوڪري ڪري. اهو ڪيئن ٿيو؟ اهو ايئن ته مسز اينڊرسن پنهنجي خط ۾ اهو لکيو ئي نه ته هوءَ چا ٿي چاهي، پر هن اهو لکيو هو ته هوءَ سندن بئنڪ جي ڪهڙي نموني خدمت ڪري سگهي ٿي. هن صرف اداري جي ترجيحات کي نظر ۾ رکيو ۽ پنهنجي ترجيحات تي زور نه ڀريو ته آءٌ هيننءَ چاهيان ٿي يا هونئن.

اڄ ڪلهه سون جي تعداد ۾ سيلزمين ڏڪا ڪائي رهيا آهن. اهي ٽڪل ٽڪل ۽ گهٽ آمدنيءَ جو شڪار نظر اچن ٿا. ايئن ڇو آهي؟ ۽ اهو ان ڪري آهي ته اهي رڳو اها سوچ رکن ٿا ته ڪين چا ڪپي؟ هو اهو محسوس ئي نه ٿا ڪن ته آءٌ يا توهان ڪجهه خريدڻ ۾ چاهيون ٿا يا نه؟ يا وري جيڪڏهن اسان کي ڪجهه خريدڻو به آهي ته چا؟ ۽ جيڪڏهن اسان کي ڪجهه ڪپي به ته اسين بازار وڃي اتي پيل ڪيترين شين مان پنهنجي پسند جي شيءِ حاصل ڪري سگهون ٿا. اسين سڀ پنهنجن مسئلن ۾ ڦاٿا پيا آهيون. جڏهن ڪو سيلز مين اسان کي ٻڌائيندو ته اسان جو مسئلو ڪيئن حل ٿيندو تڏهن ئي وڃي اسان جي ڪنهن شيءِ ۾ دلچسپي پيدا ٿيندي. گراهڪ کي اهو محسوس ڪرائڻو آهي ته هو ڪجهه خريد ڪري رهيا آهن ۽ پاڻ وڪامي نه رهيا آهن.

ڪيترا سيلز مين اهڙا به آهن جيڪي پنهنجي سموري حياتي سيلز ميني ۾ گذاريو ڇڏين، پر اهو ڏسڻ ۽ سمجهڻ جي آخر تائين ڪوشش نه ڪندا آهن ته آخر گراهڪ کي ڪهڙي ڳالهه يا شيءِ پسند آهي. مثال طور آءٌ ڪيترا سال فورٽ مل ۾ رهندو هئس. اها نيو يارڪ جي وچ ۾ ذاتي گهرن جي هڪ ننڍي آبادي آهي. هڪ ڏينهن مون کي ڪٽي ويڙ جي تڪڙ هئي، پر اتفاق سان منهنجي ملاقات ان پراپرٽي ڊيلر سان ٿي ويئي، جيڪو ان علائقي ۾ جائداد وڪرو ۽ خريد ڪرائيندو هو. ڪيس فورٽ مل جي علائقي جي چگهي ڄاڻ هئي، تنهن ڪري مون کانئس پڇيو ته، چا منهنجي گهر ۾ جتي آءٌ رهان ٿو تنهن جي اڏاوت ۾ خراب ٽائيلز لڳايا ويا آهن؟ ته هن چيو ته ڪيس ان بابت

خبر ڪونهي، پر هن مون کي باقي اهو ڪجهہ ٻڌايو جنهن جي مون کي اڳ ۾ ئي خبر هئي. هن مون کي چيو تہ جيڪڏهن مون کي وڌيڪ معلومات ڪپي تہ آءٌ فورٽ هل گارڊنز ايسوسيئيشن کي فون ڪري ڄاڻ ونان، پر ٻئي ڏينهن صبح جو مون کي سنڊس هڪ خط مليو جنهن ۾ هن مون کي گهربل معلومات ڏني هئي. هو چاهي ها تہ باقي ڄاڻ پاڻ بہ ايسوسيئيشن کي فون ڪري حاصل ڪري مون کي ڏي ها، پر هن ايئن ڪرڻ بدران وري بہ مون تي زور پريو تہ آءٌ پاڻ ايسوسيئيشن کي فون ڪري اهو سڀ ڪجهہ پڇي ونان، پر هن ان خط ۾ صرف هڪ ڳالهہ تي زور پريو هو تہ آءٌ پنهنجون انشورنس ڪرائڻ جي سلسلي ۾ ساڻس رابطو ڪريان.

هاڻي توهان سمجهيو ڪيس منهنجي مدد جي نہ، پر پنهنجي مدد ۾ دلچسپي هئي.

جي هاوارڊ جو تعلق الاباما برمنگهم سان آهي.

هن مون کي ٻڌايو تہ هڪ ئي ڪمپنيءَ جي ٻن سيلز مينن هڪ جهڙي صورتحال سان ڪيئن مقابلو ڪيو؟ هو ٻڌائي ٿو تہ:

"ڪيترا سال اڳ آءٌ هڪ ننڍڙي ڪمپنيءَ جي انتظاميا جو ميمبر هئس. اسان جي آفيس جي پر ۾ ئي هڪ وڏي ويمي ڪمپنيءَ جي آفيس هئي. ان ويمي ڪمپنيءَ جي ايجنٽن کي مختلف علائقا ڏنا ويا هئا ۽ اسان جي ڪمپنيءَ جو ويمو ونڊ جو ڏمو ٻن ايجنٽن کي ڏنو ويو هو. آءٌ انهن کي ڪارل ۽ جان جي فرضي نالن سان سڏيان ٿو.

"هڪ ڏينهن صبح جو سوير ڪارل آفيس ۾ پهچي ويو ۽ سرسري طور اهو ذڪر ڪيائين تہ سنڊس ڪمپني ايگزيڪيوٽو لاءِ هڪ نئين ويمي پاليسي شروع ڪئي آهي ۽ ڪيس پڪ آهي تہ اسين ان ۾ ضرور دلچسپي ونڊنداسين ۽ هو وري اسان جي آفيس تڏهن ايندو جڏهن ڪيس ان نئين ويمي پاليسي بابت مڪمل معلومات حاصل ٿيندي تہ هو ان وقت اسان کي تفصيل ٻڌائيندو."

ساڻئي ڏينهن ٻئي ايجنٽ جان سان بہ اسان جي ملاقات ٿي ويئي. اسين منجهند جي ماني کائي ٻيهر آفيس وڃي رهيا هئاسين تہ رستي

هلندي اسان جي جان سان ملاقات ٿي ويئي، جنهن اسان کي ٻڌايو ته هن وٽ اسان لاءِ هڪ خوشخبري آهي ۽ اها هيءَ ته سندس ڪمپني ايگزيڪيوٽوز لاءِ هڪ نئين ويمي پاليسي شروع ڪئي آهي. (هيءَ اها ئي ويمي پاليسي هئي، جنهن لاءِ جان سرسري طور ذڪر ڪيو هو). هن يو ته آءُ چاهيان ٿو ته توهان ان پاليسيءَ جي شروعاتي خريدارن ۾ شامل ٿيو. هن اسان کي ان پاليسي بابت کي خاص خاص ڳالهيون ٻڌايون. هن چيو ته پاليسي بلڪل نئين آهي ۽ آءُ سياڻي توهان جي ملاقات ڪمپنيءَ جي ڪنهن اهڙي وڏي آفيسر سان ڪرائيندس، جنهن کي ان پاليسيءَ بابت ڪافي ڄاڻ هجي ۽ هو توهان کي انهن تفصيلن بابت چڱيءَ ريت واقف ڪري سگهي. اڇو ته پوءِ پهرين اسين هن درخواست فارم تي صحيح ڪريون ته جيئن ان آفيسر کي توهان بابت ڪافي تفصيل معلوم هجن، جنهن سان آءُ توهان جي ملاقات ڪرائيندس. سندس جوش جذبي ۽ ولولي اسان جي اندر اها پاليسي حاصل ڪرڻ جي خواهش ۽ شوق وڌائي ڇڏيو. جيتوڻيڪ اسان کي ايجا ان پاليسيءَ جا تفصيل بہ معلوم نہ هئا، پر جان اسان کي اها پاليسي وڪڻڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو.

ڪارل بہ ايئن ڪري ٿي سگهيو پر هن اها ڪوشش ئي نہ ڪئي ته ڪو اسان جي اندر پاليسي حاصل ڪرڻ جي خواهش کي اپاري سگهي.

هيءَ دنيا خود غرض ماڻهن سان پري پيئي آهي. رڳو ڪي ٿورا ماڻهو آهن، جيڪي ٻين جي بنا ڪنهن غرض جي خدمت ڪرڻ جي تمنا رکن ٿا ۽ تمام گهڻو فائدو بہ حاصل ڪن ٿا. اوون ڊي ينگ نہ صرف نالیوارو قانوندان هو پر هڪ وڏي ڪاروباري شخصيت بہ هو. هن هڪ پيري چيو هو ته:

> "اهي ماڻهو جيڪي پنهنجو پاڻ کي ٻين جي جاءِ تي رکي سوچين ٿا ۽ ٻين ماڻهن جو ڏهن پڙهي ڄاڻن، تن کي پنهنجي مستقبل بابت ڪوبہ اونو نہ هئڻ ڪپي."

جيڪڏهن هن ڪتاب پڙهڻ سان توهان ۾ جيڪڏهن صرف

هڪ خوبي پيدا ٿئي ٿي. يعني توهان ۾ اها ڳالهه پيدا ٿئي ٿي ته توهان ٻين جي نقطه نظر سان سوچڻ لڳو ته پوءِ توهان جي اها هڪ ئي خوبي، توهان جو آئيندو روشن ڪري سگهي ٿي.

ٻين ماڻهن جي سوچ کي نظر ۾ رکڻ ۽ انهن ۾ حقيقي طلب پيدا ڪرڻ جو مطلب اهو بلڪل ڪونهي ته ڪو هو اهو ئي ڪم ڪري جنهن مان توهان کي ڪو فائدو حاصل ٿئي. مسٽر ورميلن جي خطن جي سلسلي ۾ خط لکندڙ ۽ خط وصول ڪندڙ ٻئي خطن ۾ ڏنل تجويزن تي عمل ڪري فائدو حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا. مسز اينڊرسن جي خط سبب بئنڪ توڙي مسز اينڊرسن ٻئي فائدو حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا. بئنڪ کي هڪ سني ملازما ۽ مسز اينڊرسن کي سني نوڪري ملي ويئي.

هڪ سرگرم ۽ بي قرار طلب پيدا ڪرڻ واري اصول تحت ٻنهي ڌرين جي فائدي جو هڪ مثال مچل اي هڊن جو به ڏيئي سگهجي ٿو. هو رهوڊ آئي لينڊ جو رهواسي ۽ شيل آئل ڪمپنيءَ جو علائقائي سيلز مين آهي.

مچل جي خواهش هئي ته هو پنهنجي علائقي جو پهريون نمبر سيلز مين ثابت ٿئي، پر سندن ان ارادي جي رستي ۾ هڪ سروس استيشن رڪاوٽ بڻيل هئي. ان سروس استيشن کي هڪ پوڙهو شخص هلائي رهيو هو ۽ اهو پوڙهو پنهنجي سروس استيشن ۾ صفائي ستڪرائي رکندو ئي نه هو. اها سروس استيشن ايتري ته خراب حالت ۾ هئي، جو ڪوبه هروپرو اوڏانهن نه لڙندو هو ۽ ان جي سيل تمام گهٽ هئي. اهو پوڙهو مئنيجر سروس استيشن جي حالت سڌارڻ لاءِ مچل جي ڪابه ڳالهه يا صلاح مڃڻ لاءِ تيار نه هو. مچل ساٽس ڪافي مغزماري ڪئي، پر ڪيس ڪجهه به نه وريو.. تنهن کان پوءِ مچل اهو فيصلو ڪيو ته مئنيجر کي هڪ اهڙي سروس استيشن ڏيکاري وڃي، جيڪا ان علائقي ۾ نئين کلي هئي. هن جڏهن ان پوڙهي مئنيجر کي اها سروس استيشن ڏيکاري ته هن جون اکيون ڦاٽي ويون. هو انهن سهولتن کان ڪافي متاثر ٿيو جيڪي اها سروس استيشن مهيا

ڪري رهي هئي. مچل جڏهن ٻيو پيرو ان پوڙهي جي سروس اسٽيشن جو دورو ڪيو تہ کيس ڏسي يقين ئي نہ پئي آيو. اها سروس اسٽيشن هڪ صاف ستري سروس اسٽيشن ۾ بدلجي چڪي هئي ۽ ان جي سيل بہ وڌي ويئي هئي. اهڙي نموني مچل جي دل جي خواهش بہ پوري ٿي ويئي ۽ هو ضلعي جو پهريون نمبر سيلزمين ٿي ويو. توهان ڏٺو تہ مچل ان سروس اسٽيشن جي مئنيجر سان جيتري مٺا ماري ڪئي، اها سندس ڪنهن بہ ڪم نہ آئي، پر هن جڏهن کيس وڃي ٻي سروس اسٽيشن جو معائنو ڪرايو تہ ان مئنيجر جي ذهن ۾ مچل جي ڳالهہ ويهي رهي. هن مئنيجر کي هڪ جديد سروس اسٽيشن ڏيکاري، سندس دل ۾ هڪ سرگرم ۽ بي قرار طلب پيدا ڪري ڇڏي ۽ پنهنجي مقصد ۾ڪامياب ٿي ويو ۽ مچل ۽ مئنيجر ٻنهي کي فائدو ٿيو.

ڪيترا ماڻهو ڪاليج جي سطح تائين تعليم حاصل ڪن ٿا. هو آلجبرا ۽ حساب جا مسئلا حل ڪرڻ ۾ ڪافي وقت وجائين ٿا. پر اهو ڏسڻ جي ڪوشش ئي نہ ٿا ڪن تہ سندن پنهنجو ذهن ڪهڙي ڪارڪردگي ڇيو ڏيکاري. مثال طور مون نوجوان ڪاليج گريجوئيٽن کي سڀي نموني ڳالهائڻ سيکاريو. هو ڪئريئر ڪارپوريشن ۾ نوڪري ڪرڻ وارا هئا. ڪئريئر ڪارپوريشن ايئرڪنڈيشن ٺاهيندڙ هڪ وڏو ادارو آهي. ان ڪورس ۾ حصو ونڊڙ نوجوانن مان هڪ نوجوان ٻين نوجوانن کي فارغ وقت ۾ باسڪٽ بال کيڏڻ جي ترغيب ڏيئي رهيو هو. هو کين چئي رهيو هو تہ:

> "آءٌ چاهيان ٿو تہ توهان ٻاهر نڪري باسڪٽ بال کيڏو. آءٌ پاڻ بہ باسڪٽ بال کيڏڻ چاهيان ٿو ۽ پر ڪجهہ موقعن تي اهڙو اتفاق ٿيو جو جمنازيم ۾ باسڪٽ بال کيڏڻ جيترا ماڻهو بہ موجود نہ هئا. اسان مان بہ ڪي ڇوڪرا بال هٿي هُٽي اڇلائيندا رهيا. منهنجي خواهش آهي تہ سياڻي رات جو توهان سڀئي اچو جو آءٌ باسڪٽ بال کيڏڻ چاهيان ٿو"

ڇا هن ڪنهن اهڙي شيءِ بابت ڳالهہ ڪئي، جيڪا توهان چاهيو

ٿا؟ هن توهان کان اهو نه پڇيو ته توهان جمنازيم وڃڻ چاهيو به ٿا يا نه. ته پوءِ توهان کي به اها پرواهه ڪونهي ته هو چا ٿو چاهي؟

چا هن توهان کي ٻڌايو ته توهان جمنازيم استعمال ڪندي انهن شين کي ڪيئن ٿا حاصل ڪري سگهو جيڪي توهان کي کپن ٿا جن جي توهان کي خواهش آهي. اسين پروفيسر اوور استريٽ جي عقلمنديءَ واري صلاح وري ورجايون ٿا:

"اڳ ۾ ماڻهو سرگرم ٿيڻ ۾ ڪجهه حاصل ڪرڻ جي خواهش اُپاريو. سندس دل ۾ اها شيءِ حاصل ڪرڻ جي خواهش ۾ تڙپ پيدا ڪريو جيڪو ايئن ڪري سگهي ٿو سموري دنيا ان سان گڏ هوندي آهي- اهو ڪڏهن به اڪيلو نه هوندو آهي."

سکيا ڪورس ۾ آيل هڪ شاگرد کي سندس ٻار بابت ڪافي فڪر هو. سندس ٻار جو وزن معمول کان ڪافي گهٽ هو ۽ ٻار مناسب غذا کائڻ کان به لنوائيندو هو. ماءُ پيءُ ٻار کي دڙڪا ڏيندا هئا ته هو ڪجهه نه ڪجهه کائي.

"ماءُ چاهيندي هئي ته سندس ٻار سڀ ڪجهه کائي."
پيءُ جي خواهش هئي ته سندس ٻار هڪ صحتمند نوجوان ٿي اپري"

چا ٻار ماءُ پيءُ جي خواهش پوري ڪئي؟ نه بلڪل نه. ڪو عقل جو اندو به اها ڳالهه مڃڻ لاءِ تيار نه هوندو ته ڪو ٽن سالن جو هڪ ٻار ٽيهن سالن جي پيءُ جي دماغ ۾ آيل ڳالهه سمجهي سگهندو. آخرڪار پيءُ کي سمجهه اچي ويئي ۽ هن پنهنجو پاڻ سان ڳالهائيندي چيو:

"ٻار کي چا کپي ۽ آءُ جيڪي ڪجهه چاهيان ٿو ان کي ٻار کي ڪيئن سمجهايان ۽ ٻار جيڪي چاهي ٿو ان کي ڪيئن قبول ڪريان؟"

پيءُ جڏهن ان باري ۾ سوچڻ شروع ڪيو ته پوءِ ڪيس هر ڪا ڳالهه آسان لڳڻ لڳي. سندس پٽ وٽ ٽن ڦيٿن واري هڪ سائيڪل هئي. ٻار ان سائيڪل جي سواريءَ کي تمام گهڻو پسند ڪندو هو ۽

گھر کان ٻاھر ۽ ان سواريءَ جو مزو پيو وٺندو ھو. سندس گھر ويجھو ھڪ وڏو چوڪرو رھندو ھو جنھن جو نالو بُلي ھو. اھو جيئن ته وڏو ھو تنھن ڪري اھو ننڍي چوڪري کي ريجھائي ڪيس سائيڪل تان ھيٺ لاھي، پاڻ پيو ان جو مزو ماڻيندو ھو.

صاف ڳالھ آھي ته ننڍڙو چوڪرو پوءِ روئيندو پنھنجي ماءُ وٽ ايندو ھو. ماءُ ٻار سان گڏ ٻاھر ايندي ھئي، وڏي چوڪري کي ھيٺ لاھي پٽ کي سائيڪل تي ويھاريندي ھئي. اھو قصو گھٽو ڪري روز پيو ٿيندو ھو. ننڍڙي چوڪري کي چا ڪپندو ھو. ان سلسلي ۾ گھٽو عقلمنديءَ سان سوچڻ جي ضرورت نہ ھئي. نہ شرلاڪ ھومز ٿيڻ جي ضرورت ھئي. ٻار جو شانُ مانُ.... سندس ڪاوڙ .... سندس پنھنجي اھميت وڌائڻ جي خواھش.... اھي سڀ مضبوط جذبا ھن اندر گڏ ٿي ڪيس بدلو وٺڻ تي مجبور ڪندا رھندا ھئا. سندس خواھش ھئي ته بُلي جي نڪ تي ھڪ زوردار مڪ وھائي ڪيي. پوءِ جڏھن سندس پيءُ ٻار جي ذھن ۾ اھو ويھاريو ته ھو بُلي کي تڏھن ماري سگھي ٿو جڏھن ھو ماءُ طرفان ٻڌايل ڪاڏو ڪائي ۽ طاقتور ٿئي. پوءِ ٻار ڪاڏو شوق سان ڪائڻ لڳو. ٻار روزانو اھا غذا ڪائڻ شروع ڪئي. جيڪا سندس ماءُ پيءُ ڪيس ڪائڻ لاءِ ڏيندا ھئا ته جيئن ھو جلد کان جلد طاقتور ٿي اھڙو ٿي وڃي جو بُلي کان پنھنجو بدلو پاڻ وٺي سگھي.

جيتوڻيڪ ٻار جو اھو مسئلو ته حل ٿي ويو. پر ساڻس ايڏا ھڪ ٻيو مسئلو ۽ لاحق ھو. جنھن کي ايڏا حل ڪرڻو ھو ۽ اھو ھو رات جو ھنڊ ٿي پيشاب ڪرڻ.

ھو پنھنجي ڏاڏيءَ سان گڏ سمھندو ھو ۽ صبح جو جڏھن سندس ڏاڏي ڏسندي ھئي ته ھن جو ھنڊ پيشاب سان آلو ٿيو پيو ھوندو ھو.

"ڏس پٽ، تو اڄ وري ھنڊ پُسائي ڇڏيو."

"نہ ڏاڏي امان! مون نہ. پر رات توھان ھنڊ پُسايو آھي."

ٻار کي درڪا داٻا ڏنا ويندا ھئا. شرم ڏيارين ويندو ھو ته ھيڏو وڏو ٿي ويو آھين. پر ايڏا ۽ رات جو بستري تي پيشاب ٿو ڪرين. پر اھو سڀ ڪجھ ڪرڻ سان ۽ وريو ڪجھ ۽ ڪونہ. ٻار تي انھن ڳالھين

ڏڪن، شرم ڏيارڻ جو ڪو اثر ئي نہ ٿيو. ماءُ پيءُ ۾ ڏاڏيءَ جي ڪابہ ڪوشش ٻار کي رات جو هنڌ ۾ پيشاب ڪرڻ کان روڪي نہ سگهي، هر صبح ساڻئي ڳالهہ هوندي هئي. پوءِ سڀ هڪ هنڌ گڏ ٿي اهو طريقو سوچڻ لڳا، جنهن سان ٻار کي هنڌ ۾ پيشب ڪرڻ کان روڪي سگهجي. ٻار ڇا ٿي چاهيو؟ ٻار جي خواهش ڪهڙي هئي؟ ڇا هو ڏاڏيءَ وانگر نائيٽ گائون پائن بدران پيءُ وانگر پاجامو پائڻ چاهيندو هو؟ ڏاڏي ٻار جي روزانو هنڌ تي پيشاب ڪرڻ کان بيزار ٿي ويئي هئي، تنهن ڪري هوءَ بہ ٻار کي پاجامو پارائي سمهارڻ تي راضي ٿي ويئي تہ جيئن هن جي رات جو بستري تي پيشاب ڪرڻ واري عادت ختم ٿي وڃي. ٻيو تہ ٻار ڏار هنڌ تي سمهڻ گهرندو هو. پر سندس ڏاڏي ايئن ڪرڻ تي راضي نہ هئي.

پوءِ ٻار جي ماءُ ڪيس هڪ ڊپارٽمينٽ اسٽور وٽي ويئي ۽ سيلز گرل کي چيائين تہ، هي ننڍڙو ٻار توهان وٽان ڪجهہ خريداري ڪرڻ چاهي ٿو.

"سيلز گرل بہ خوش ٿي ٻار کان پڇيو:

"منهنجا ننڍڙا گراهڪ آءٌ تنهنجي ڪهڙي خدمت ڪري سگهان ٿي."

ٻار کي جو ايتري اهميت ملي تہ هو ايڏا وڏيڪ ڦوڪجي ويو ۽ ڪڙين تي ٻيهي پنهنجو قد وڌائڻ جي ڪوشش ڪندي سيلز گرل کي چيائين تہ، "مون کي هڪ بسترو ڪپي." پوءِ ٻار کي بسترو ڏياريو ويو جيڪو هن ۽ سندس والده گڏجي پسند ڪيو ۽ اهو خريد ڪري گهر پهتا. ٻئي ڏينهن اهو بسترو سندن گهر پهچي ويو ۽ ان رات جڏهن ٻار جو پيءُ گهر پهتو تہ ٻار ڊوڙندو دروازي تي آيو ۽ رڙ ڪري پيءُ کي چيائين: "بابا، بابا، جلدي مٿي اچو ۽ منهنجو بسترو ڏسو. جيڪو مون پاڻ خريد ڪيو آهي."

پيءُ هنڌ ڏانهن ڏسندي ٻار کي چيو:

"هنڌ تہ ڏاڍو سٺو آهي. پر تون ان کي روزانو پيشاب ڪري خراب ڪري ڇڏيندين."

"نہ بابا. هاڻي ايئن نہ ٿيندو آءٌ پنهنجو بسترو خراب ٿيڻ نہ ڏيندس."

چوڪر پوءِ پنهنجو واعدو پورو ڪيو. چو ته. اهو هاڻي سندس عزت جو مسئلو هو ۽ ڪيس پنهنجو آندل بسترو پاڻ خراب ڪرڻ بہ سنو نہ پئي لڳو. هاڻي هو هڪ ننڍڙو پاجامو پائي سمهندو هو. هو ڪنهن وڏي ماڻهوءَ وانگر پاڻ کي سمجهڻ لڳو ۽ سندس هلت چلت ئي بدلجي ويئي ۽ هن رات جو هنڊ تي پيشاب ڪرڻ بہ ڇڏي ڏنو.

ٻيو قصو

هڪ ٻيو پيءُ بہ پنهجي ڏيءَ هٿان تنگ ٿي پيو هو. سندس نالو ڪي. ٿي ڊچ مانُ هو هو ٽيليفون انجنيئر هو ۽ اسان وٽ سکڻ ايندو هو. سندن ٽن سالن جي ڏيءَ صبح جو ناشتو نہ ڪندي هئي. ٻار کي هر طرح سمجهايو ويو پر ڪيس ڪابہ ڳالهہ ناشتي ڪرڻ تي راضي نہ ڪري سگهي. آخرڪار ماءُ پيءُ بيزار ٿي پيا تہ پنهنجي ڏيءَ کي ناشتو ڪيئن ڪرايون.

ننڍڙي چوڪري پنهنجي ماءُ جي هر ڳالهہ ہر نقل ڪرڻ پسند ڪندي هئي. هوءَ پنهنجو پاڻ کي وڏي ۽ نوجوان چوڪري سمجهندي هئي. تنهن ڪري هڪ ڏينهن ماءُ پيءُ صلاح ڪري چوڪريءَ کي رڌڻي ۾ وٺي آيا ۽ هڪ ڪرسيءَ تي بيهاري ڪيس چيائون تہ هوءَ بہ ماءُ وانگر ناشو تيار ڪري ڪين کارائي. پوءِ هڪ جذباتي لمحي ہ پيءُ رڌڻي ۾ داخل ٿيو. جتي ڏيءَ ناشتو ٺاهي رهي هئي. پي کي ڏسي ڏيءَ ڪيس چيو تہ. بابا ڏسو. آئون توهان لاءِ ناشتو تيار ڪري رهي آهيان. پوءِ سندن ڏيءَ بنا ڪنهن جي چوڻ جي پنهنجو تيار ڪيل ناشتو ماءُ پيءُ کي بہ ڏنو تہ پاڻ بہ کاڌو. هن اهو ان ڪري ڪيو جو اهو هن پاڻ تيار ڪيو هو. ڪيس پنهنجي وڏي هجڻ ۽ اهميت جو احساس ٿي ويو هو. ناشتو ٺاهيندي ڪيس پنهنجي اهميت جو احساس ٿيو.

وليم ونٽر هڪ پيري چيو هو تہ:

"پنهنجي ذات کي اهميت ڏيارڻ ۽ ان جو اظهار ڪرڻ انساني فطرت جو هڪ حصو ۽ وڏي ضرورت آهي."

چو نہ اسين ان نفسيات کي پنهنجين ڪاروباري ضرورتن لاءِ بہ

استعمال ڪريون. جڏهن به اسان جي ذهن ۾ ڪي سنيون ڳالهيون اچن ته بجاءِ ان جي جو انهن کي زوريءَ ٻين تي ٽاڪيون، چو نه اسين کين چڏي ڏيون ته هو پاڻ به اهڙيون ئي سنيون ڳالهيون سوچين. جڏهن هو اهڙيون ڳالهيون پاڻ ئي سوچيندا ته هو ان احساس سان پريل هوندا ته اهي ڳالهيون، خيال سندن پنهنجا آهن. اهي انهن کي پسند ڪندا رهندا ۽ ٿي سهي ٿو ته هو بنا ڪنهن زور پرڻ جي پاڻ به انهن تي عمل ڪرڻ لڳن.

ياد رکو:

"پهرين ٻئي شخص ۾ هڪ سرگرم ۽ بي قرار طلب اُپاريو هنن جو جذبو وڌايو ۽ جيڪو ايئن ڪري ٿو سموري دنيا ان سان گڏ هجي ٿي ۽ هو ڪڏهن به پاڻ کي اڪيلو نه ٿو سمجهي."

ته پوءِ ٻئي ماڻهو ۾ هڪ سرگرم ۽ بي قرار طلب اُپارڻ جو ڪم هينئر کان ئي شروع ڪريو.

باب يارهون

ٻين ۾ دلچسپي وٺو تہ اُهي ٻہ اوهان ۾ دلچسپي وٺندا

توهان اهو چاٹڑ لاءِ تہ ماڻهن جون دليون ڪهڙن ٽيون ڪٽي سگهجن؟ ۽ انهن کي ڪهڙي نموني دوست بنائي سگهجي ٿو؟ هي ڪتاب چو پڙهي رهيا آهيو توهان چو نہ ٿا ان هستيءَ جي مهارتن کي پڙهو جيڪا دوست ٺاهڻ ۾ ايتري ماهر آهي جو دنيا جي ٻي ڪابہ هستي سندس مقابلو نہ ٿي ڪري سگهي؟ توهان کي خبر آهي تہ اها هستي ڪير آهي؟ توهان روز صبح جو رستي تي ان هستيءَ سان ملي سگهو ٿا. جڏهن توهان هن سان گڏ گڏ ڏهہ قدم بہ هلندؤ تہ اهو پنهنجو پاڻ لوڏي توهان سان دوستي رکڻ چاهيندو. توهان جيڪڏهن ڪا گهڙي ٻيهي ساڻس پيار ڪندؤ تہ هو ان کان بہ وڌيڪ خوشي ظاهر ڪندو ۽ اهو اظهار بہ ڪندو تہ هو توهان کي ڪيترو نہ چاهي ٿو. ۽ توهان کي خبر آهي تہ سندس ان سموري عمل ۾ هن جو ڪوبہ غرض شامل نہ هوندو آهي. هو توهان واپار وڙو ڪرڻ نہ آيو هوندو ۽ نہ ئي ڪيس توهان مان ڪو ٻيو غرض هوندو.

چا توهان ڪڏهن سوچيو آهي تہ ڪتو ئي اهو اڪيلو جانور آهي، جيڪو پنهنجي زندگيءَ گذارڻ لاءِ ڪوبہ ڪم ڪار نہ ٿو ڪري ڪڙي ٻيضا ڏئي ٿي. ڏڳي ڪير ڏئي ٿي. ڪوئل ڪوڪي مسرت پهچائي ٿي، پر ڪتو اهڙو جانور آهي، جيڪو صرف توهان سان پيار ڪري ڪري ٿو.

جڏهن منهنجي عمر پنج سال هئي، تڏهن بابا مون کي پيلن وارن وارو هڪ ڪتي جو پلونگڙو 50 سينٽ ۾ خريد ڪري ڏنو هو. اهو ڪتو منهجو ننڍ پڻ جو ساٿي ٿي رهيو ۽ ان جي ڪري آءُ بہ ڪافي

مصروف ۾ خوش هوندو هئس. روزانو منجهند کان پوءِ اٽڪل سادي ڇهين وڳي ڏاري هو سامهون اگهڙ ۾ اچي ويهندو هو ۽ دروازي ٻاهران ان رستي کي نظر ۾ رکيو وينو هوندو هو جتان مون کي اندر اچڻو آهي ۽ جيئن ئي هو مون کي ڏسندو هو ته گوليءَ وانگر تيزيءَ سان ڊوڙي اچي خوشيءَ وچان منهنجي پيرن ۾ ليٽڙي منهنجي آجيان ڪندو هو.

مون ان ڪتي جو نالو 'ٽپي' رکيو هو ۽ اهو پنجن سالن تائين منهنجو مستقل ساٿي ٿي رهيو. ان کان پوءِ هڪ رات هڪ ڏک جهڙو واقعو ٿيو. ان واقعي کي ڪڏهن به وساري نه سگهندس. هو مون کان صرف ڏهه فوٽ وٿيءَ تي هڪ حادثي ۾ مري ويو. هڪ ٽرڪ کيس چپياڻي ماري ڇڏيو. ٽپيءَ جو موت منهنجي ننڍپڻ جو پهريون وڏو ڏک هو. ٽپي ڪڏهن به نفسيات جي موضوع تي ڪو ڪتاب نه پڙهيو هو نه کيس اهڙي ڪنهن ڪتاب پڙهڻ جي ضرورت هئي. کيس قدرتي طور تي اهڙو شعور هو جو هن صرف ٻن مهينن ۾ پرپاسي جا ايترا دوست ٺاهي ورتا، جيترا مون پاڻ به ٻن سالن ۾ نٿاهيا هئا. هو ماڻهن سان سچيءَ دل سان رلي ملي ويندو هو کين پيار ڪندو هو. انهن جي پيار جو پڇ لوڏي جواب ڏيندو هو پوءِ پلا اهي سندس دوست ڇو نه ٿيندا.

جڏهن ته توهان ڏٺو هوندو ته ڪيترا اهڙا ماڻهو آهن، جيڪي هر قسم جا جتن ڪري اهو پيا چاهيندا آهن ته ٻيا ماڻهو هنن ۾ دلچسپي وٺن، پر سموري حياتيءَ جي جتنن جي باوجود اهي پنهنجو مقصد حاصل ڪري ڪونه سگهندا آهن.

انهن جو نظريو ڪارائتو نه ٿو رهي. ماڻهو توهان ۾ دلچسپي نه ٿا وٺن. وٺن به ڇو؟ هنن کي ته رڳو پنهنجو پاڻ سان دلچسپي آهي، صبح، منجهند، شام کين رڳو پنهنجي ڳڻتي لڳي پيئي هوندي آهي. صرف پنهنجو پاڻ ۾ دلچسپي هوندي اٿن. کين ايترو وقت ئي نه هوندو آهي ته توهان ۾ دلچسپي وٺن. وٺن به ڇو؟ توهان اهڙو ڇا ڪيو آهي جو توهان لاءِ کين دلچسپي پيدا ٿئي. ٿورو سوچيو. پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي ته ڏسو. ڪڏهن توهان به ايئن ئي ٻين ۾ دلچسپي ورتي آهي، جيئن توهان چاهيو ٿا.

نيوبارڪ ٽيليفون ڪمپنيءَ هڪ سروي ڪيو هو. ڪين اهو پتو لڳائڻو هو تہ ٽيليفون تي ڳالهہ ٻولهہ دوران ڪهڙو لفظ وڌيڪ استعمال ٿئي ٿو. شايد توهان اندازو لڳائي ورتو هجي تہ ٽيليفون گفتگو دوران ڪهڙو لفظ وڌيڪ استعمال ٿئي ٿو. جي ها. بلڪل صحيح اهو لفظ آهي "آئون". يعني "آئون" "آئون" ۾ "آئون". پنج سيڪڙو ٽيليفون ڳالهہ ٻولهہ دوران اهو لفظ 3900 ڀيرا استعمال ٿيو. بس رڳو "آئون" "آئون" ۾ "آئون" لڳي ڀيئي هئي.

جڏهن توهان ڪنهن اهڙي گروپ فوٽوءَ کي ڏسو ٿا، جنهن ۾ توهان بہ شامل آهيو تہ سڀ کان پهرين توهان جي نظر ڪنهن کي ٿي ڳولي؟ جيڪڏهن اسين صرف اها ڪوشش ڪريون تہ ماڻهن کي متاثر ڪريون ۾ کين پاڻ ۾ دلچسپي وٺڻ تي مجبور ڪريون تہ پوءِ يقين ڪريو تہ اسين حقيقي ۾ سنجيده دوستن کان محروم رهجي ويندا سين. دوست، بلڪل سچا دوست ايئن نہ ٿا ٺهن.

نيپولين بہ اهو طريقو اختيار ڪيو هو ۾ جوزفين سان پنهنجي آخري ملاقات ۾ هن جن خيالن جو اظهار ڪيو هو اهي هي هئا:

> "جوزفين، آءٌ ايترو تہ خوش قسمت آهيان جو شايد ئي دنيا جو ڪو ٻيو ماڻهو ايترو خوشقسمت ٿي سگهي ٿو... ۾ هن وقت سموري دنيا ۾ تون ئي هڪ اهڙي هستي آهين جنهن تي آءٌ اعتماد ڪري سگهان ٿو."

پر تاريخ لکڻ وارن کي سندس ان ڳالهہ تي شڪ آهي تہ ڪو هو جوزفين تي اعتماد ڪري سگهيو ٿي.

الفريڊ ايڊلر، وينس جو سڀ کان وڏو نفسياتي ماهر هو. هو پنهنجي ڪتاب "توهان جي زندگيءَ جو مقصد ڇا هجڻ گهرجي؟" ۾ لکي ٿو:

> "هڪ اهڙو ماڻهو جيڪو پنهنجي ساڻي انسانن ۾ دلچسپي نہ ٿو وٺي، تنهن کي پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪيترين ئي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو ۾ ٻين ماڻهن لاءِ بہ ڏک جو باعث بڻجي ٿو. اهڙو

ماڻهو انهن ماڻهن مان هڪ هوندو آهي، جيڪي انسان ذات جي ناڪاميءَ جو سبب بڻجن ٿا."

هڪ پيرو مون نيويارڪ يونيورسٽي ۾ مختصر آڪاٽيون لکڻ لاءِ هڪ ڪورس ۾ تعليم ۽ تربيت حاصل ڪرڻ لاءِ داخلا ورتي هئي. ان ڪورس دوران هڪ نالياوري رسالي جو ايڊيٽر اسان جي ڪلاس سان لاڳاپيل موضوع تي ڳالهه ٻولهه ڪندو هو. هن ٻڌايو ته هو پنهنجي ميز تي پيل ڪيترين ئي آڪاٽين مان روزانو صرف هڪ آڪاٽي ڪڍندو آهي. ان آڪاٽيءَ جا شروعاتي پئراگراف پڙهي ئي ڪيس اندازو ٿي ويندو آهي ته ان ڪهاڻيءَ جو ليکڪ ٻين ماڻهن کي پسنديدگيءَ جي نظر سان ڏسي ٿويا نه. هن چيو:

"جيڪڏهن مون کي لڳي ٿو ته هن ڪهاڻيءَ جو ليکڪ ماڻهن کي پسنديدگيءَ جي نظر سان نه ٿو ڏسي ته آءٌ سمجهي ويندو آهيان ته اهڙيءَ ڪهاڻيءَ کي به ٻيا ماڻهو پسنديدگيءَ جي نگاهه سان نه ڏسندا."

هو هڪ ڏينهن افسانو لکڻ جي موضوع تي ليڪچر ڏيئي رهيو هو. ان دوران هو به پيرا پنهنجي اصل موضوع تان هٽي، هيئن چوڻ لڳو:

"آءٌ معافي ٿو گهران ته آءٌ توهان کان اصل موضوع تان هٽي هڪ وعظ ڪرڻ ۾ لڳي ٿو وڃان. آءٌ توهان کي اهو ڪجهه ٻڌايان ٿو جيڪو ڪو ٻيو تبليغ ڪندڙ توهان کي ٻڌائيندو هوندو. پر ياد رکو ته جيڪڏهن توهان سنا ڪهاڻيڪار ٿيڻ چاهيو ٿا ته پوءِ توهان کي ٻين ماڻهن ۾ سڀ کان وڌيڪ دلچسپي ونڊي پوندي"

جيڪڏهن اهو قول افسانو لکڻ تي پورو اچي سگهي ٿو ته پوءِ اهو قول ماڻهن جي هڪ ٻئي سان سڌي ڳالهه ٻولهه تي پورو چو نه ٿو اچي سگهي.

مون برادوي ۾ هڪ شام هاورڊ ٽرسٽن جي ڊريسنگ روم ۾ گذاري. ٽرسٽن جادوءَ جا ڪرتب ڏيکارڻ ۾ ماهر هو ۽ ماڻهن کي پنهنجي فن مان مزو ڏياري رهيو هو. ماڻهو سندس فن جو اهو مظاهرو ڏسي حيران ٿي ٿي

ويا. ڇهه ڪروڙ ڪان وڌيڪ ماڻهن سندس اهي ڪرتب ڏٺا هئا ۽ هن ويهه لک ڊالر، نفعو ڪمايو هو. مون ٽرسٽن کي چيو ته مون کي پنهنجي ڪاميابيءَ جي راز کان واقف ڪري. سندس پڙهائي سندس ڪاميابيءَ جو سبب نه هئي، چاڪاڻ ته هو ته نندپڻ ۾ ئي گهران ڀڄي ويو هو.

ڇا هن وٽ واقعي ڪو جادو هو؟ نه، بلڪل نه. هن وٽ صرف ٻه شيون اهڙيون هيون، جيڪي ٻين وٽ نه هيون. پهريون ته هو انساني فطرت کان واقف هو ۽ ٻيو ته هو پاڻ ٻين ۾ دلچسپي وٺندو هو.

هن مون کي ٻڌايو ته، آءٌ جڏهن ٻه اسٽيج تي ايندو آهيان ته پنهنجو پاڻ کي چوندو آهيان:

"آءٌ انهن سمورن ماڻهن جو ٿورائتو آهيان، جيڪي منهنجو شو ڏسڻ اچن ٿا. انهن ماڻهن جي اچڻ سبب ئي منهنجي لاءِ اهو ممڪن ٿيو آهي ته آءٌ پنهنجي گذر سفر لاءِ ڪجهه ڪمائي سگهان. تنهن ڪري آءٌ انهن ماڻهن کي وڌ ۾ وڌ مزو ڏيارڻ جي ڪوشش ڪندو رهندس."

هن مون کي ٻڌايو ته هو هينيون جملو هر وقت پنهنجي دل ۾ ورجائيندو رهندو آهي:

"آءٌ پنهنجي ڏسندڙن سان محبت ڪريان ٿو. آءٌ پنهنجي ڏسندڙن سان محبت ڪريان ٿو."

اُتر واري علاقي پينسلوينيا جو جارج بڊ هڪ سروس اسٽيشن هلائيندو هو پر ڪيس مجبورن پنهنجو اهو ڪاروبار بند ڪرڻو پيو. جو سندس سروس اسٽيشن جي جاءِ تي هاءِ وي ٺهي چڪو هو. جنهن سان سندس ڪاروبار کي گهٽو ڏڪ لڳو هو ۽ نقصان کان بچڻ لاءِ هن اهو ڏنڏو ئي چڏي ڏنو جيڪو هو گذريل ٽيهن سالن کان ڪري رهيو هو. واندڪائيءَ جا ڏينهن هن لاءِ بوريت پيدا ڪري رهيا هئا. تنهن ڪري ميوزڪ جو شوقين هئڻ سبب هن پنهنجي پراڻي سارنگيءَ تي ميوزڪ سکڻ شروع ڪيو. پوءِ هن ڏورانهن ملڪن جا سفر شروع ڪيا ته جيئن ٻين مشهور سارنگي نوازن کان ايڪا ڪجهه وڌيڪ سکي سگهي ۽ ان فن بابت وڌيڪ معلومات حاصل ڪري سگهي.

هن ڪيترن ئي سارنگي نوازن سان رابطو ڪيو ۽ ان فن ۾ مهارت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هن ان فن ۾ تمام گهڻي دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي. جيتوڻيڪ هو ڪو اڳ ۾ سارنگي نواز نه هو پر هن ان فن ۾ دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي ۽ شوق سان سکڻ لڳو. هن ڪيترن ئي ماڻهن کي ان سلسلي ۾ پنهنجو دوست بنايو. هو انهن فنڪار دوستن سان گڏجي ميوزڪ جي مختلف مقابلن ۾ حصو وٺڻ لڳو ۽ جلد ئي هو آمريڪا جي اوپرندي حصي ۾ موسيقيءَ جي شوقين ماڻهن ۾ "انڪل جارج" طور مشهور ٿي ويو. جڏهن اسان انڪل جارج جي فن جو مظاهرو ڏٺو ته ان وقت سندس عمر 72 سال هئي ۽ هو پنهنجي زندگيءَ جي هر هڪ گهڙيءَ مان مزو ماڻي رهيو هو. ٻين ماڻهن ۾ گهڻي دلچسپي وٺي، هو ان فن ۾ گهڙي ويو ۽ پنهنجي لاءِ هڪ نئين زندگي ٺاهي ڇڏيائين. جڏهن ته اسان عام طور تي اهو ڏٺو آهي ته عمر جي ان حصي تي پهچي ماڻهو عام طور تي همٿ هاري، زندگيءَ مان مزو ماڻڻ ئي ڇڏي ڏيندا آهن.

ٽيو ڊور روز ويلٽ جي حيران ڪندڙ مقبوليت جي ڳجهن رازن مان هڪ راز اهو به هو ته هو ماڻهن ۾ گهڻي دلچسپي وٺندو هو. ايستائين جو سندس نوڪر به ساٿس محبت ڪندا هئا. سندس هڪ خاص نوڪر جيمز اي اموس سندس بابت هڪ ڪتاب لکيو هو جنهن جو عنوان هو "ٽيو ڊور روز ويلٽ پنهنجي خاص نوڪر جو هيرو" ان ڪتاب ۾ اموس هڪ واقعي جو خاص ذڪر ڪيو آهي، جيڪو هيٺ ڏجي ٿو:

"منهنجي زال هڪ ڏينهن روز ويلٽ کان پڇيو ته خچر ڪهڙي قسم جو ٽيندو آهي؟ چو ته هن صرف خچر بابت ٻڌو هو ۽ ڏٺو ڪڏهن به نه هو. هن پوري تفصيل سان منهنجي زال کي ٻڌايو ته خچر ڪهڙو ٽيندو آهي. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ اسان جي گهر ۾ ٽيليفون جي گهنٽي وڳي (اموس ۽ سندس زال روز ويلٽ اسٽيٽ ۾ هڪ ڊار گهر ۾ رهندا هئا). منهجي زال ٽيليفون ٻڌو. جيڪو صدر روز ويلٽ پاڻ ڪيو هو. هن منهنجي زال کي چيو ته سندس

گهر جي ٻاهران هڪ خچر بيٺو آهي. جنهن کي ڏسي ته اهو کهڙو ٿيندو آهي. ڇاڪاڻ ته منهنجي زال کيس چئي چڪي هئي ته هن خچر نه ڏٺو آهي ۽ پوءِ اسان دريءَ مان هيٺ ڏٺو ته اسان جي گهر جي دريءَ کان ٿورو پر پرو خچر ٻڌو بيٺو هو جيڪو گهر جي دريءَ مان پوري ريت ڏسڻ ۾ آيو ٿي. ان قسم جون ننڍيون ننڍيون ۽ دل خوش ڪندڙ ڳالهيون سندس زندگيءَ جو حصو هيون. جنهن سان نه صرف هو پاڻ خوش ٿيندو هو پر ٻين کي به خوش ڪندو هو. جڏهن به هو اسان جي گهر اچيان لنگهندو هو پوءِ پلي اسان کي ڏسي يا نه ڏسي. سندس اهو آواز ضرور ٻڌندا هئاسين: "هيلو اينيِ. هيلو جيمز" اهو رڳو هڪ دوستاڻو انداز هو جيڪو صدر روز ويلٽ جو هر ڪنهن سان هو حالانڪ هو آمريڪا جهڙي ملڪ جو صدر هو."

اهڙي انسان کان سندس نوڪر ته ڇا. پر ڪو ٻيو ماڻهو به پري رهي نه ٿو سگهي.

هڪ ڏينهن روز ويلٽ وائيٽ هائوس وڃي پهتو. ان وقت ٽيفٽ آمريڪا جو صدر هو ۽ هو سندس زال وائيٽ هائوس کان ٻاهر ويل هئا. روز ويلٽ وائيٽ هائوس جي هر هڪ نوڪر کي نالو وٺي سڏيو. ساٽن هٽ ملايو ۽ سندن خير عافيت پڇي. ياد رهي ته روز ويلٽ ان وقت اڳوڻو صدر هو. جڏهن هن ايلس کي ڏٺو جيڪا ان وقت رڌڻي ۾ ڪم ڪندي هئي ته هن ايلس کان پڇيو ڇا هو هاڻي به مڪئيءَ جي ماني ٺاهي ٿي؟ ايلس کيس ٻڌايو ته ها هوءَ اڃا به مڪئيءَ جي ماني پچائي ٿي. پر صرف نوڪرن لاءِ. ڇاڪاڻ ته نوڪرن کانسواءِ ٻيو ڪوبه اها ماني نه ٿو کائي. خاص طور تي متين حصي ۾ رهندڙ ان کي بلڪل پسند نه ٿا ڪن (سندس اشارو صدر ۽ ان جي گهر ياتين ڏانهن هو) روز ويلٽ کيس چيو ته شايد هو سندس پچايل مڪئيءَ جي لذيذ مانيءَ جي ذائقي کان واقف ئي نه هوندا. منهنجي هاڻي جڏهن صدر سان ملاقات ٿيندي ته کيس ان جي ذائقي کان واقف ڪندس. ڇاڪاڻ ته روز ويلٽ پاڻ به شوق سان مڪئيءَ جي ماني کائيندو هو جيڪا ايلس ئي کيس پچائي ڏيندي هئي.

ٿوريءَ ئي دير ۾ ايلس مڪئيءَ مان پچايل مانيءَ جو هڪ ٽڪرو پليٽ ۾ رکي روز ويلٽ کي پيش ڪيو ۽ هو اها پليٽ هٿ ۾ جهلي مزي سان هلندي ڦرندي ماني کائيندو رهيو. رستي ۾ وائيٽ هائوس جو جيڪوبہ نوڪر ڪيس مليو ٿي، هو ساڻس ڪل ڀوڳ ڪندو ٿي رهيو. هو وائيٽ هائوس جي هر ڪنهن نوڪر سان ايئن ئي ملي ۽ ڳالهائي رهيو هو جيئن هو صدر هجڻ وقت ملندو ۽ ڳالهائيندو هو. هوور جيڪو وائيٽ هائوس ۾ گذريل چاليهن سالن کان خدمتون انجام ڏيئي رهيو هو تنهن جي اکين ۾ ڪيس ڏسي ڳوڙها تري آيا ۽ چيائين:

"گذريل ٻن سالن کان ٻوءِ اسان اڄ وري اهڙو خوشين جو ڏينهن ڏٺو آهي. اهڙن خوشين وارو ڏينهن جنهن جو ڪو مٿُ ئي ڪونهي."

غير اهم ماڻهن سان همدرديءَ جا اهي جذبا نيو جرسيءَ جي هڪ نمائندي ايبڊ وربڊ ايم سيئڪس لاءِ بہ مددگار ثابت ٿيا. هو ٻڌائي ٿو:

"آءٌ جانسن اينڊ جانسن جو سيلزمئن هئس ۽ انهن جون شيون وڪڻندو هئس. هڪ ڏينهن مون کي پنهنجو سامان وڪڻڻ لاءِ هڪ ڊرگ اسٽور وٽ وڃڻ ٿيو. منهنجي اها عادت هئي تہ آءٌ جڏهن بہ ڪنهن اسٽور ۾ ڪا شيءِ وڪڻڻ ويندو هئس تہ ان اسٽور جي ڪلارڪ ۽ سيلز ڪلارڪ سان ضرور ملي ڳالهہ ٻولهہ ڪندو هئس. هڪ ڏينهن آءٌ جڏهن پنهنجي ڪم سان ان اسٽور ۾ آيس ۽ ان جي مالڪ سان ملي ڪيس پنهنجو آربر لڪائڻ لاءِ عرض ڪيم تہ اسٽور جي مالڪ چيو تہ هو جانسن اينڊ جانسن جون شيون وڪڻڻ ۾ دلچسپي نہ ٿو رکي ۽ اهو چئي هن مون کي هليو وڃڻ لاءِ چيو. سندس ان سلوڪ مون کي تمام گهڻو مايوس ڪيو ۽ آءٌ ڪيترائي ئي ڪلاڪ مايوسيءَ جي موڊ ۾ رستن تي بي مقصد گاڏي گهمائيندو رهيس. آخرڪار مون فيصلو ڪيو تہ مون کي هڪ پيرو وري اسٽور جي مالڪ سان ملي ڪيس عرض ڪرڻ کپي تہ هو اسان جون شيون بہ اسٽور ۾ رکي."

هن چيو:

"جڏهن آءٌ ٻيهر استور ۾ داخل ٿيس تہ مون معمول موجب استور ڪلارڪ ۾ سيلز ڪلارڪ سان ملاقات ڪئي ۽ ساڻن ڳالهيون ڪندو رهيس. تنهن کان پوءِ آءٌ جڏهن استور جي مالڪ وٽ پهتس تہ هن مون کي ڏسي مرڪي ڏنو ۽ اٿي بيٺو ۽ منهنجي آجيان ڪيائين ۽ مون کي عام طرح کان ٻہ وڌيڪ آرڊر لکيايائين. مون حيرانيءَ مان استور جي مالڪ کي ڏنو ۽ ڪيس چيم تہ توهان تہ اسان جون شيون وڪڻڻ کان ئي انڪار ڪري ڇڏيو هو پوءِ ايتري ٿوري وقت ۾ اهڙي ڪهڙي تبديلي آئي جو توهان مون کي معمول کان ٻيٽو آرڊر لکايو آهي؟ هن استور ڪلارڪ ڏانهن اشارو ڪندي چيو تہ پهريون ڀيرو آءٌ جڏهن مايوس ٿي ٻاهر نڪتو هئس تہ هي نوجوان مون وٽ اندر هليو آيو هو ۽ مون کي تنهنجي باري ۾ چيائين تہ "هي واحد نوجوان آهي. جيڪو استور ۾ داخل ٿيڻ وقت نہ رڳو عملي جي هر ڪنهن ماڻهوءَ سان ملي سندن مزاج پرسي ڪري ٿو پر بين اسٽاف جي ماڻهن بابت ٻہ پڇا ڪري ٿو جيڪي ان وقت موجود نہ هوندا آهن ۽ جيڪڏهن انهن کي ڪو ڏک، تڪليف ۽ پريشاني ٿي هجي ٿي تہ ان بابت ان کي ٻہ ڏک ۽ تڪليف ٿيندي آهي. هن چيو تہ پوءِ هن ڪلارڪ مون تي زور پريو تہ جيڪڏهن ڪوبہ سيلز مين اسان جي استور مان ڪو آرڊر حاصل ڪرڻ جو حقدار آهي تہ پهريون نمبر هن جو آهي. استور مالڪ ڪلارڪ جي خيال سان اتفاق ڪيو ۽ پوءِ هن مون کي ٻيٽو آرڊر ڏنو بلڪ هو ان کان پوءِ ٻہ مون کي هر وقت همٿائيندو رهيو. آءٌ اها ڳالهہ ڪڏهن ٻہ وساري نہ سگهنديس تہ ٻين ۾ حقيقي دلچسپي وٺڻ ڪنهن ٻہ سيلز مين تہ ڇا هر ماڻهوءَ جي اهم خاصيتن مان هڪ هئڻ گهرجي."

آءٌ پنهنجي ذاتي تجربي جي آڌار تي ان نتيجي تي پهتو آهيان تہ توهان مصروف ترين ۽ اهم ماڻهن جو ڏيان يا تعاون ٻہ حاصل ڪرڻ ڪامياب ٿي سگهو ٿا، جي توهان ان ڳالهہ ۾ سچي ڪوشش ڪريو. اچو تہ هڪ مثال تي غور ڪريون.

"ڪيترا سال اڳ مون بروڪيلن انسٽيٽيوٽ آف آرٽس اينڊ سائنس ۾ افساني لکڻ واري هڪ ڪورس ۾ حصو ورتو هو ۽ ان موقعي تي اسان کي ڪن اهڙن مشهور ۽ معروف ۽ نالیوارن اديبن، جهڙوڪ: ڪيٽلين نورس، فيني هرسٽ، اداتا بيل، ابرٽ پي سن ۽ ريو پرٽ هوگز جهڙن مشهور اديبن جي سهڪارجي ضرورت هئي ته جيئن اهي بروڪيلن اچن ۽ اسان کي پنهنجا تجربا ٻڌائين. تنهن ڪري اسان کين دعوتناما اماڻيا. جنهن ۾ لکيوسون ته اسين سندن ادبي ڪم مان مطمئن آهيون ۽ ان کي ساراهيون ٿا ۽ اهو ته اسان کي سندن هدايتون ۽ صلاح مشوره کپن ۽ اسين جاڻڻ چاهيون ٿا ته توهان جي ڪاميابيءَ جو ڳجهو راز ڇا آهي؟

هر اديب جي دعوتنامي تي اڪثر ڏيڍ سئو شاگردن صحيحيون ڪيون. اسان کين اهو لکيو ته اسان کي احساس آهي ته توهان مصروف ترين شخصيتون آهيو ۽ توهان وٽ ايترو وقت نه هوندو جو ليڪچر تيار ڪري سگهو تنهن ڪري اسان سوالن جي هڪ فهرست دعوتنامن سان گڏ اماڻي آهي ته جيئن توهان پنهنجي ذات ۽ ڪم جي طريقيڪار بابت سوالن جا جواب ڏيئي سگهو. هنن کي اسان جو اهو طريقو ڏاڍو وٽيو. اهڙي طريقي کي پلا ڪير نه پسند ڪندو؟ تنهن ڪري اهي پنهنجن گهرن مان روانا ٿيا ۽ سفر ڪندي بروڪلين پهتا ۽ هنن اسان سان سهڪار ڪيو."

اهو ئي طريقو اختيار ڪندي مون هيٺ ذڪر ڪيل شخصيتن ۽ بين ڪيترين نالیوارين شخصيتن کي به قائل ڪيو ته اهي اسان جي ڪاليج ۾ اچي "تقرير ۽ ڳالهه ٻولهه ڪيئن ڪجي؟" واري اسان جي ڪورس جي شاگردن کي واقف ڪن.

1. ليزلي ايم شا. ٽيو ڊور ڪابينه جو وزير خزانه.
2. جارج ڊبليو وڪز شام ٽيفٽ ڪابينه جو اٽارني جنرل.
3. وليم جيفگز بريان.
4. فرينڪلين ڊي روز ويلٽ.

۽ ڪيترين ٻين نامور شخصيتون

اسين سمورا ماڻهو پوءِ ڪٽي اسين ڪنهن ڪارخاني جا مزدور هجون، ڪنهن آفيس ۾ ڪلارڪ هجون يا وري ڪنهن به ملڪ جا بادشاهه هجون. اسين سڀ انهن ماڻهن کي پسند ڪريون ٿا، جيڪي اسان کي سارهين ٿا. توهان جرمن بادشاهه قيصر جو مثال اکيان رکو. پهرين عالمي جنگ جي خاتمي کان پوءِ جيتري نفرت ۽ ڏڪار ۽ نفرت ان شخص جي حصي ۾ آئي، اوتري سموري دنيا ۾ شايد ئي ڪنهن شخص جي حصي ۾ آئي هجي. ان کي وحشي، جهنگلي، ظالم، جابر ۽ ڪريل سڏيو ويو. ايستائين جو سندس پنهنجي قوم به هن جي خلاف ٿي بيني. ۽ ڪيس پاڻ بچائڻ لاءِ ملڪ ڇڏي ڀڄڻو پيو. هو ڀڄي وڃي هالينڊ پهتو. هن خلاف نفرت جي انتها ايستائين پهتل هئي، جو لکين ڪروڙين ماڻهو ڪيس ڳيا ڳيا ڪري اچلائڻ چاهيندا هئا، ڪيس جيئرو ساڙي مارڻ گهرندا هئا. هن خلاف ايتري ڪاوڙ نفرت ۽ ڏڪار جي ان ماحول ۾ هڪ ننڍي ٻار قيصر جي سارهه ۾ هڪ خط لکيو. ان چوڪري پنهنجي خط ۾ لکيو ته ڪيس ان ڳالهه جي ڪابه پرواهه ڪونهي ته ٻيا ماڻهو قيصر کي چا ٿا چون ۽ هن بابت چا ٿا سوچين، پر هو هميشه پنهنجي بادشاهه سان پيار ۽ محبت ڪندو رهندو. قيصر ان خط کان ڏاڍو متاثر ٿيو ۽ ان ننڍڙي چوڪر کي ساٺس ملڻ جي دعوت ڏني. چوڪر پنهنجي ماءُ سان گڏجي بادشاهه سان ملاقات ڪئي ۽ پوءِ قيصر ان چوڪر جي ماءُ سان ئي شادي ڪري ڇڏي.

سو جيڪڏهن اسان کي دوست ناهٽا آهن، ماڻهن جون دليون ڪٽيون آهن ته پوءِ اسان کي ڪپي ته اسين ٻين ماڻهن جي ڪم اچون. ان ڳالهه تي عمل لاءِ اسان کي وقت ڪپندو. توانائي ڪپندي، خود غرضيءَ جو لباس لاهڻو پوندو ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته پنهنجي ذهن کي ان لاءِ تيار ڪرڻو پوندو. جڏهن ڊيوڪ آف ونڊسر ولي عهد هو ته ڪيس ڏکڻ آمريڪا جي دوري جو موقعو مليو ۽ هن ان دوري کان ڪيترو وقت اڳ اسپيني زبان سکڻ شروع ڪري ڏني ته جيئن ان ملڪ جي ماڻهن سان سندن زبان ۾ ڳالهائي ۽ سندس ان ڳالهه کي پوءِ ڏکڻ آمريڪا جي ماڻهن تمام گهڻو پسند ڪيو ۽ ساٺس محبت ڪرڻ لڳا.

مون سالن کان اها عادت ناهي ڇڏي آهي ته آءٌ پنهنجن دوستن جي سالگره جو ڏينهن ياد رکندو آهيان. آءٌ نجومي نه آهيان. جو مون کي سندن سالگره جي ڏينهن جي خبر پئجي وڃي. ان جي باوجود آءٌ دوستن کان اهو پڇندو آهيان ته ڇا کين ان ڳالهه تي يقين آهي ته ڪنهن جي به سالگره جو ڏينهن ياد ڪري ڪيس مبارڪ ڏيڻ سان ان تي ڪو ٿو اثر پوي ٿو. پوءِ آءٌ کانئس پڇندو آهيان ته يلا هو ٻڌائي ته سندس سالگره جو ڏينهن ڪهڙو آهي؟ مثال طور هو جواب ۾ چوي ٿو ته 24 نومبر ته پوءِ آءٌ ورجائيندو رهندو آهيان ته 24 نومبر. 24 نومبر ۽ پوءِ جڏهن منهنجي دوست جو ڏيان هيڏي هوڏي ٿيندو آهي ته پوءِ آءٌ اها تاريخ پنهنجي ڊائريءَ ۾ لکي ڇڏيندو آهيان. ان ڀهاني مون وٽ پنهنجن ڪيترن ئي دوستن جي ڇهه جون تاريخون لکيل آهن ۽ جيئن ئي انهن مان ڪنهن دوست جي سالگره جو ڏينهن اچي ٿو ته آءٌ ڪيس مبارڪن جو پيغام موڪليا ٿو. منهنجو اهو دوست تمام گهڻو حيران ٿيو وڃي ۽ ڪيس اهو ڄاڻي خوش ٿي ٿئي ته دنيا ۾ آءٌ واحد ماڻهو آهيان جنهن کي سندس سالگره جو ڏينهن به ياد آهي ۽ ڪيس مبارڪباد به ڏيان ٿو.

جيڪڏهن اسين دوستي رکڻ چاهيون ٿا، اسان کي دوستي رکڻي آهي ته پوءِ اسان کي ڪپي ته اسين دوست يا ٻين ماڻهن سان سڀي نموني ملون. انهن سان جوش، جذبي ۽ ولولي سان ملون. جيڪڏهن ڪو دوست توهان کي فون ڪري ته توهان اهڙي نموني ڪيس هيلو ڪريو جو ڪيس احساس ٿئي ته توهان کي سندس فون ٻڌي خوشي ٿي آهي. ڪيترا ادارا اهڙا به آهن جيڪي پنهنجن ٽيليفون آپريٽرن کي اها سکيا ڏين ٿا ته اهي ٽيليفون ڪندڙ سان ايئن ڳالهائين ۽ پيش اچن جو ٽيليفون ڪندڙ کي پاڻ خوشي ٿئي ۽ اهو محسوس ڪري ته اهو ادارو جتي هن فون ڪيو آهي، اهو به هن ۾ تمام گهڻي دلچسپي رکي ٿو.

اچو ته اسين به اهو عهد ڪريون ته هاڻي جڏهن اسان کي به ڪنهن جو ڪو فون ايندو ته اسين به اهڙو ئي سڀو ردعمل ڏيکارينداسين. ٻين ۾ حقيقي دلچسپي وٺي توهان نه صرف سڀا دوست ٺاهيو ٿا، پر پنهنجن گراهڪن، اصيلن ۽ ٻين ماڻهن جي دلين ۾

پنهنجي ڪمپنيءَ، پنهنجي اداري ۾ وڏي ڳالهه ته پنهنجو پاڻ لاءِ به وفاداري ۾ سڀني هجڻ جا جذبات اپاري سگهو ٿا. نيويارڪ جي نيشنل بئنڪ آف نارٿ آمريڪا جي هڪ پرچي ۾ ان بئنڪ جي هڪ اڪائونٽ هولڊر ميڊيلين روز ڊيل جو هڪ خط شايع ٿيو هو جيڪو هيٺ پيش ڪجي ٿو:

"آءٌ توهان کي اهو ٻڌائڻ گهران ٿي ته آءٌ توهان جي بئنڪ جي عملي جي خدمتن کي ساراهڻ چاهيان ٿي ۽ پسند ڪريان ٿي. توهان جي عملي جو هر فرد برجستو خوش اخلاق ۽ هر وقت سهڪار تي آماده هوندو آهي. مون کي ان وقت تمام گهڻي خوشي ۽ راحت محسوس ٿئي ٿي، جڏهن هڪ ڊگهي قطار ۾ انتظار کان پوءِ پنهنجو وارو اچڻ تي، آءٌ ڪائونٽر تي موجود توهان جي عملي سان ڳالهايان ٿي. ته هو مون سان نهايت سڀي نموني پيش اچن ٿا ۽ انتظار سبب مون کي جيڪا پريشاني ٿي، تنهن لاءِ معافي گهرن ٿا. گذريل سال منهنجي والده پنجن مهينن تائين اسپتال ۾ زير علاج رهي، توهان جي عملي جي ميمبرن کي سندس بيماري تي نه صرف افسوس ٿيو پر آءٌ جڏهن به بئنڪ ايندي آهيان ته اهي مون کان سندس خير و عافيت پڇندا رهندا آهن. سندن منهنجي والده لاءِ ايتري فڪر ۽ پريشاني سبب مون کي به ڪافي حوصلو مليو ويجي."

ڇا ان کان پوءِ به ڪو شڪ آهي ته مسز روز ويل ان بئنڪ سان پنهنجو تعلق ختم ڪري ڇڏيندي.

نيويارڪ سٽي جي وڏين بئنڪن مان هڪ جي ڪارڪن چارلس آر والٽرز کي ڪنهن ڪارپوريشن جي سلسلي ۾ هڪ ڳجهي رپورٽ ٺاهڻ لاءِ چيو ويو هو. ڪيس خبر هئي ته صرف هڪ ئي اهڙو شخص آهي جنهن کي سمورين حقيقتن جي ڄاڻ آهي، جن جي ڪيس ضرورت آهي. جيئن ئي والٽرز ان ڪارپوريشن جي صدر جي آفيس ۾ اندر گهڙيو هڪ نوجوان عورت صدر جي آفيس جي دروازي ۾ڀجهاتي وجهي ڪيس ٻڌايو ته وٽس اڄ صدر کي ڏيڻ لاءِ ٽپال جي ڪابه ٽڪلي ڪونهي، هوءَ

سندس سيڪريٽري هئي. تنهن کان پوءِ ان ڪارپوريشن جي صدر والٽرز کي ٻڌايو تہ آءُ پنهنجي 12 سالن جي پٽ لاءِ ٽپال جون ٽڪليون گڏ ڪري رهيو آهيان، جيڪو انهن کي گڏ ڪرڻ جو شوقين آهي.

مسٽر والٽرز صدر کي پنهنجي اچڻ جو مقصد ٻڌايو ۽ ڪائنس سوال پڇڻ شروع ڪيا. هو سندس سوالن جا غير مبهم، غير واضح ۽ گول مول جواب ڏيندو رهيو. هو مسٽر والٽرز سان ڳالهائڻ لاءِ تيار نہ هو ۽ هن ڪنهن نہ ڪنهن بهاني ڪائنس جند ڇڏائڻ ٿي چاهي. مسٽر والٽرز بہ کيس وڌيڪ ڳالهائڻ تي مجبور ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو ۽ ايئن اهو انٽرويو ٿوريءَ ئي دير ۾ ختم ٿي ويو. مسٽر والٽرز اها ڳالهہ پنهنجي ڪلاس ۾ ڪئي. ياد رهي تہ هو اسان جي ڪورس جو هڪ شاگرد هو ۽ نهايت بي تڪلفاڻي انداز ۾ ڪلاس کي ٻڌايائين تہ:

"مون کي خبر نہ هئي تہ هاڻي مون کي ڇا ڪرڻ ڪپي. ان وقت مون کي ياد آيو تہ صدر جي سيڪريٽريءَ هن سان ٽڪلين جو ذڪر ڪيو هو ۽ اهي صدر مطابق سندس 12 سالن جي پٽ کي گهربل هيون ۽ مون کي ياد آيو تہ اسان جي بئنڪ جو پرڏيهي ملڪن سان رابطو رکڻ وارو شعبو (بين الاقوامي ناتن وارو شعبو) ٽڪليون گڏ ڪندو آهي. اهي انهن خطن مان ٽڪليون لاهيندا آهن جيڪي کين پرڏيهي ملڪن مان ايندا آهن.

"ٻئي ڏينهن منجهند ڌاري مون ان ڪارپوريشن جي صدر سان وري ملڻ جو ارادو ڪيو ۽ کيس اهو پيغام اماڻيو تہ مون وٽ سندس پٽ لاءِ پرڏيهي ملڪن جون ٽپال جون ڪجهہ ٽڪليون آهن. پوءِ آءُ جڏهن اتي پهتس تہ هن نهايت جوش ۽ جذبي سان منهنجو آڌر ياءُ ڪيو ۽ گرم جوش سان ائين هٿ ملايو جڻ ڪو آءُ ڪانگريس جو سرگرم ميمبر هجان. هن مرڪي منهنجي آڇيان ڪئي ۽ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو. هن ڪلندي چيو تہ منهنجو پٽ جارج اهي ٽڪليون ڏسي تمام گهڻو خوش ٿيندو."

"اسين اڃ ڪلاڪ تائين ٽپال جي انهن ٽڪلين بابت ڳالهائيندا رهياسين. هن مون کي پنهنجي پٽ جي تصوير بہ ڏيکاري. تنهن کان

پوءِ هو هڪ ڪلاڪ کان وڌيڪ عرصي تائين مون کي گهربل معلومات ڏيندو رهيو. هن مون کي اهو سڀ ڪجهه ٻڌايو جنهن جي ڪيس خبر هئي ۽ جيڪي مون چاڻڻ گهريو ٿي. سندس سيني ۾ جيڪي راز لڪل هئا، هن اهي سڀ منهنجي اڳيان ظاهر ڪري ڇڏيا. هن هيڏانهن هوڏانهن فون ڪري پنهنجي واسطيدارن کان باقي رهيل معلومات به گڏ ڪري مون کي ٻڌائي ڇڏي ۽ ايئن آءُ پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿي ويس."

اهڙو ئي هڪ ٻيو مثال به پڙهي ونو:

سي. ايم ڪنافل تيل جو هڪ ڊيلر هو. هو فلاڊيلفيا جو رهواسي هو ۽ اتي ئي پنهنجو ڪاروبار ڪندو هو. هو سالن کان اها ڪوشش ڪندو پئي رهيو ته هڪ اهڙي اداري کي پنهنجو تيل وڪڻي، جنهن وٽ اسٽورن جو هڪ وڏو سلسلو هو ۽ جنهن جون شاخون سموري ملڪ ۾ پکڙيل هيون. پر اهو ادارو ڪيس اهميت ڏيڻ بدران سندس بدران ڪنهن ٻئي کان ئي تيل خريد ڪندو رهيو. مسٽر ڪنافل پنهنجي هڪ ڪورس جو شاگرد هو. هڪ رات هن ڪورس جي شاگردن اڳيان تقرير ڪندي اسٽورن جي ان سلسلي تي تمام گهڻي تنقيد ڪئي ۽ ان کي قومرلاءِ هڪ لعنت سڏيو.

توهان پاڻ سوچيو ته ان جي باوجود هو حيران هو ته هو اسٽورن جي ان سلسلي کي تيل ڇو نه وڪڻي سگهيو؟ مون کيس صلاح ڏني ته هو تيل جو آرڊر حاصل ڪرڻ لاءِ مختلف گر آزمائي. مختصر اهو ته اسان فيصلو ڪيو ته اسين ڪورس ۾ حصو ونڊرڻ لاءِ هڪ تقريري مقابلو ڪرايون ٿا، جنهن جو موضوع آهي:

"ڇا چيني اسٽورن جو پکڙجڻ ملڪ کي فائدي بدران نقصان پهچائي رهيو آهي."

ڪنافل منهنجي صلاح تي موضوع جي مخالف پهلوءَ تي تقرير ڪرڻ جي حامي پري، هو چين اسٽورن جي دفاع تي راضي ٿي ويو. تنهن کان پوءِ هو سڏو چيني اسٽورن جي اداري جي هڪ ايگزيڪيوٽو وٽ وڃي پهتو ۽ ان کي چيائين:

"آءٌ هتي ان ڪري نہ آيو آهيان جو توهان وٽ پنهنجو تيل وڪرو ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان. پر آءٌ توهان وٽ ان ڪري آيو آهيان تہ توهان مون سان سهڪار ڪريو."

تنهن کان پوءِ هن چيني استورن جي ايگزيڪيوٽو کي تقريري مقابلي بابت ٻڌايو ۽ چيائين:

"آءٌ توهان وٽ تعاون حاصل ڪرڻ آيو آهيان. چو تہ مون کي خبر آهي تہ توهان کانسواءِ ڪو ٻيو شخص مون کي اهي حقيقتون نہ ٻڌائيندو جن بابت مون کي ڄاڻ گهرجي. آءٌ اهو تقريري مقابلو هر حالت ۾ ڪٽڻ چاهيان ٿو ۽ توهان جي تعاون سان مون کي دلي راحت ۽ اطمينان حاصل ٿيندو."

تنهن کان پوءِ جو قصو هاڻي توهين مسٽر ڪنافل جي زباني ٻڌو:

"مون ان چيني استور جي ايگزيڪيوٽو کي رڳو هڪ منٽ تائين ڳالهائڻ لاءِ عرض ڪيو هو. مون کي ڊپ هو تہ متان هو مون سان ملڻ کان ئي انڪار نہ ڪري ڇڏي. تنهن ڪري مون مختصر ملاقات لاءِ عرض ڪيو هو. جيئن ئي مون پنهنجي مسئلي کان مختصر طور تي کيس واقف ڪيو تہ هن يڪدم ڪرسي سرڪائي پنهنجي پاسي ۾ رکي ۽ مون کي ان تي ويهاري انڪل هڪ ڪلاڪ 47 منٽن تائين مون سان ان موضوع تي ڳالهائيندو رهيو. هن پوءِ هڪ ٻئي ايگزيڪيوٽو کي گهرايو. جنهن چيني استورن بابت هڪ ڪتاب لکيو هو. هن نيشنل چيني استور ايسوسيئيشن سان ۾ رابطو ڪيو ۽ ان موضوع تي ٽيل بحث مباحثي جو هڪ نقل منهنجي لاءِ گهرايو. سندس خيال هو تہ چيني استور انسانيت جي صحيح نموني خدمت ڪري رهيا آهن. هو انهن استورن ذريعي انسانيت جي جيڪا خدمت ڪري رهيو هو. ڪيس ان تي تمام گهڻو فخر هو. انساني خدمت جي موضوع تي ڳالهائيندي سندس اکين ۾ هڪ عجيب قسم جي چمڪ پيدا ٿئي ٿي ۽ مون کي اهو محسوس ٿيندي ڪو به عار محسوس نہ ٿو ٿئي تہ سندس ڳالهين منهنجون اکيون کولي ڇڏيون ۽ مون کي اهي ڳالهيون معلوم ٿيون جن بابت مون ڪڏهن سوچيو به نہ هو."

"جيئن ئي آءُ ڪانئس موڪلائي روانو ٿيس تہ هو مون کي پنهنجي آفيس جي دروازي تائين ڇڏڻ آيو. هن منهنجي ڪلهي تي هٿ رکي منهنجي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو. ۽ اميد ظاهر ڪئي تہ آءُ اهو تقريري مقابلو کٽي ويندس. هن مون کي وري ملڻ لاءِ ب چيو ۽ چيائين تہ آءُ دل سان دعا ڪندس تہ تون اهو مقابلو کٽي وڃين. تون مون کي ان جي نتيجن بابت ضرور ٻڌائجانءِ."

تنهن کان پوءِ هن مون کان موڪلائيندي جيڪي آخري لفظ چيا اهي هي هئا:

"مهرباني ڪري بهار جي موسم ۾ اچي مون سان وري ملاقات ڪجو. آءُ توهان کي تيل ۾ هڪ وڏو آربر ڏيڻ چاهيان ٿو منهنجي لاءِ اها ڳالهہ ڪنهن معجزي کان گهٽ نہ هئي. مون کيس تيل خريدڻ لاءِ ب نہ چيو هو تہ ب هو تيل خريدڻ لاءِ تيار هو. حالانڪ هڪ وقت هو تہ آءُ کيس تيل خريدڻ لاءِ منٿون ڪندو هئس ۽ هو راضي نہ ٿيندو هو. مون هن سان ب ڪاڪ ڳالهائڻ دوران هن ۾ ۽ سندس مسئلن ۾ دلچسپي ورتي ۽ کيس ايترو تہ متاثر ڪيم. جيترو آءُ کيس گذريل ڏهن سالن ۾ ب نہ ڪري سگهيو هئس. جڏهن تہ آءُ رڳو پنهنجو پاڻ ۾ ۽ پنهنجي تيل جي وڪري ۾ دلچسپي وٺندو رهيو هئس."

مسٽر ڪنافل توهان کا نئين سڃائي يا ڪا نئين ڳالهہ معلوم نہ ڪئي آهي. ڇو تہ گهٽو عرصو اڳ حضرت عيسيٰ ﷺ جي پيدائش کان ب سئو سال اڳ روم ۾ هڪ شاعر چيو هو:

"اسين ٻين ۾ ان وقت دلچسپي وٺون ٿا. جڏهن اهي اسان ۾ دلچسپي وٺن ٿا."

پر دلچسپي وٺڻ جو انداز سنجيده قسم جو هئڻ کپي. اهڙي ئي نموني جهڙي نموني عام ماڻهن سان تعلقات رکڻ جو معاملو سنجيدگيءَ سان ڪرڻو پوندو آهي. ان ڳالهہ کي نہ صرف ان ماڻهو لاءِ فائدي وارو هئڻ کپي جيڪو دلچسپي ظاهر ڪري رهيو آهي. پر ان

شخص لاءِ بہ فائدي وارو هئڻ گهرجي، جنهن تي ڏيان ڏنو پيو وڃي. ان ڳالهہ مان ٻنهي ڌرين کي فائدو رسڻ کپي.

مارٽن گنز برگ نيويارڪ ۾ اسان جي ڪورس جو شاگرد هو. ان اسان کي ٻڌايو تہ هڪ نرس هن ۾ خاص دلچسپي وٺي، ڪيس ڪيئن بدلائي ڇڏيو. هن ٻڌايو تہ:

"منهنجي عمر ان وقت رڳو ڏهہ سال هئي ۽ اهو شڪراني جو ڏينهن هو. آءٌ شهر جي هڪ اسپتال جي خيراتي وارڊ ۾ علاج هيٺ هئس ۽ ٻئي ڏينهن منهنجو هڪ وڏو آپريشن ٿيڻو هو. مون کي خبر هئي تہ ايندڙ ڪجهہ مهينا مون تي ڳرا ثابت ٿيندا ۽ مون کي تڪليفن ۽ مصيبتن کي برداشت ڪرڻو پوندو. منهنجو پي گذاري ويو هو. آءٌ ۽ منهنجي ماءُ هڪ ننڍڙي اپارٽمينٽ ۾ رهندا هئاسين ۽ اسان جو گذر بي روزگاري الائونس تي هو. انهن ڏينهن ۾ منهنجي ماءُ بہ ڪنهن نہ ڪنهن سبب ڪان مون سان ملڻ لاءِ اچي نہ ٿي سگهي."

جيئن جيئن ڏينهن گذرندو ويو آءٌ ڊپ، هراس، مايوسيءَ ۽ اڪيلائپ جو شڪار ٿيندو ويس. مون کي خبر هئي تہ منهنجي ماءُ بہ گهر ۾ اڪيلي هوندي ۽ منهنجي لاءِ پريشان هوندي. سندس دلداري ڪرڻ لاءِ ڪوبہ ماڻهو اتي موجوود نہ هوندو. ساٿس گڏ ماني کائڻ وارو ڪوبہ نہ هوندو. بلڪ هن وٽ ايترا پئسا ئي نہ هوندا تہ هو اڄ شڪراني واري ڏينهن رات جو ڪا سني ماني کائي سگهي.

"هڪ نوجوان شاگرد نرس منهنجي پريشاني سمجهي ورتي. هوءَ مون وٽ آئي. هن منهنجي منهن تان چادر هٽائي ۽ مون وٽ ويهي رهي. هن منهنجي اکين ۾ آيل لڙڪ ڏسي ورتا ۽ انهن کي پنهنجي هٿن سان اگهڻ لڳي. هن مون کي ٻڌايو تہ هوءَ بہ مون وانگر اڪيلي هئي، پر شڪراني واري ڏينهن ڪيس هر حالت ۾ اسپتال پهچڻو هو ۽ ان موقعي تي پنهنجي گهر ياتين سان گڏ نہ هئڻ سبب ڏکويل هئي. هن مون کان پڇيو تہ ڇا آءٌ رات جي ماني

ساڻس گڏ ڪائڻ پسند ڪندس؟ پوءِ هوءَ رات جي مانيءَ جو به ٽري پري مون وٽ ڪٽي آئي. ماني نهايت مزي واري هئي. هوءَ ماني ڪائڻ دوران مون سان ڳالهائيندي به رهي ۽ منهنجو ڊپ ختم ڪرڻ جي ڪوشش به ڪندي رهي. جيتوڻيڪ منجهند کان پوءِ سندس ڊيوٽي ختم ٿي ويئي هئي، تہ به پوءِ هو رات جو يارهين وڳي تائين مون سان گڏ رهي. هن مون سان ڪيتريون راندیون کيڏيون. ڪيتريون ڳالهيون ڪيون ۽ ايستائين جو مون وٽ ويٺي رهي جيستائين آءٌ مٺي ننڊ سمهي رهيس.

"ان وقت کان وٺي اڄ ڏينهن تائين اهڙا ڪيترائي شڪراني جا ڏينهن آيا آهن، پر انهن مان ڪوبہ اهڙو ڏينهن نہ هو جڏهن مون اسپتال ۾ گذاريل پنهنجو اهو شڪراني وارو ڏينهن وساريو هجي. جڏهن آءٌ بلڪل اڪيلو هئس ۽ آپريشن جي ڊپ کان ڪافي هيسيل ۽ مايوس هئس، منهنجي ماءُ به مون سان گڏ نہ هئي ۽ هڪ اڻ سڃاتل شخصيت اهڙي به هئي، جنهن مون وٽ اچي مون سان همدردي ڪري منهنجو سجو ڊپ ۽ اڪيلائپ ختم ڪري ڇڏيو. آءٌ اڄ به ڪيس ياد ڪريان ٿو تہ هوءَ جتي به هجي خوش هجي."

سو جيڪڏهن توهان چاهيو ٿا تہ ٻيا ماڻهو به توهان کي پسند ڪن ۽ توهان ٻين سان حقيقي ۽ پائيدار دوستي چاهيو ٿا ۽ توهان ٻين جي ايئن مدد ڪرڻ چاهيو ٿا، جيئن پنهنجو پاڻ جي مدد ڪندا آهيو تہ پوءِ اهو اصول سدائين ذهن ۾ رکو:

"ٻين ماڻهن ۾ واقعي دلچسپي رکو تہ اهي به توهان ۾ دلچسپي وٺڻ لڳندا"

باب بارهون

ماڻهن ۾ پاڻ وڻائڻ جا طريقا

آءٌ نيويارڪ جي هڪ ٽپال گهر آڏو بيٺو هئس. مون کي هڪ خط رجسٽر ڪرائڻو هو. ماڻهن جي هڪ ڊگهي قطار هئي ۽ آءٌ ماڻهن جي انهيءَ ڊگهي قطار جو هڪ حصو ٿي پنهنجي واري جو انتظار ڪري رهيو هئس. مون ڏٺو ته واسطيدار ڪلارڪ پنهنجي ڪم ۾ ڪا خاص دلچسپي ڪونہ وٺي رهيو هو بلڪ بيزاريءَ جو شڪار هو. هو ڪيتري وقت کان هڪ ئي قسم جو ڪم ڪري رهيو هو. يعني لفافي جو وزن ڪرڻ، ان تي ٽڪليون هڻڻ، ماڻهن کي بقايا رقم ڏيڻ، رجسٽريءَ جون رسيدون ڏيڻ ۽ وري ٻئي کان لفافو وٺي ساڳيو ڪم ڪرڻ ۽ اهو اُڪلائي وري ساڳيو ڪم ڪرڻ وغيره. ان سان بيزاري نہ ٿيندي ته پلا ٻيو ڇا ٿيندو.

تنهن ڪري مون سوچيو ته آءٌ ان ڪلارڪ کي پاڻ جهڙو ناهڻ جي ڪوشش ڪندس. مون کي ساڻس ضرور ڪا سٽي ڳالهہ ڪرڻ کپي، پر پنهنجي باري ۾ نہ، بلڪ هن جي باري ۾. پوءِ مون پنهنجو پاڻ کان پڇيو ته آءٌ ان شخص جي ڪهڙي خوبي بيان ڪريان، جنهن کي بنياد بڻائي آءٌ سندس سازاهہ ڪريان ته جيئن هو خوش ٿئي. اهڙو سوال ڪڏهن ڪڏهن هڪ مشڪل سوال ثابت ٿيندو آهي، جنهن جو جواب ڏيڻ بہ ڏکيو ٿي پوندو آهي. خاص طور تي تڏهن جڏهن اهو سوال ڪنهن اڻڄاتل شخص بابت توهان جي دل ۾ پيدا ٿي رهيو هجي، پر ان شخص جي سلسلي ۾ منهنجي لاءِ اهو هڪ نهايت آسان سوال ثابت ٿيو. مون کي يڪدم سندن اها خوبي ڏسڻ ۾ اچي ويئي، جنهن جي آءٌ تعريف ڪري سگهيس ٿي. تنهن ڪري جڏهن هو لفافي جو وزن

ڪري رهيو هو تہ مون پوري جوش، جذبي ۽ ولولي سان ان شخص سان ڳالهائيندي چيو:

"منهنجي ۽ اها خواهش آهي تہ منهنجي مٽي جا وار ۽ توهان جي مٽي جي وارن جهڙا هجن. بلڪ منهنجي خواهش آهي تہ توهان پنهنجو مٽو منهنجي مٽي سان بدلائي ڇڏيو."

هن خوشگوار احساس تحت مون ڏانهن ڏٺو. سندس چهري تي مرڪ هئي. هن نهايت دلڪش انداز ۾ چيو: "صاحب! هي وار تہ هاڻي ايترا سٺا نہ آهن جيترا اڳ هئا."

مون چيو: توهان صحيح ٿا چئو تہ هي وار پنهنجو اڳوٽي آب ۽ تاب وڃائي چڪا آهن. پر ان جي باوجود ۽ اُهي ايڏا ۽ زبردست آهن."

اهو ماڻهو يڪدم خوشيءَ ۾ ڀرجي ويو. اسان پوءِ ٿوري گهڻي ٻي ڳالهه ٻولهه ڪئي. تنهن کان پوءِ هن جيڪاآخري ڳالهه مون سان ڪئي اها هئي:

"ڪيترائي ماڻهو منهنجي مٽي جي وارن جي تعريف ڪن ٿا."

آءٌ توهان سان شرط هڻي سگهان ٿو تہ اهو ماڻهو منجهند جي مانيءَ کائڻ لاءِ وڃڻ وقت جڻ تہ هوا جي گهوڙي تي اڏامندو ويو هوندو. آءٌ ان تي ۽ شرط هڻڻ لاءِ تيار آهيان تہ هو شام جو جڏهن پنهنجي گهر پهچي ڊريسنگ ٽيبل جي آرسيءَ اڳيان بيٺو هوندو تہ هن سڀ کان اڳ پنهنجي گهر واريءَ کي سندس وارن جي تعريف ٽيڻ ۽ بابت ئي ٻڌايو هوندو. هن آرسيءَ اڳيان بيهڻ وقت اهو ضرور چيو هوندو تہ واقعي منهنجي مٽي تي خوبصورت وار آهن.

هڪ پيرو مون اهو ئي قصو هڪ گڏجاڻيءَ ۾ بيان ڪيو. اها ڳالهه ٻڌڻ کان پوءِ هڪ شخص مون کان پڇيو: "توهان جي ان تعريف پويان ڪهڙو مقصد هو. توهان ان ماڻهوءَ جي تعريف ڪري ڇا ٿي حاصل ڪرڻ چاهيو؟"

تنهن جو مطلب تہ اسين ايترا خود غرض آهيون جو ڪنهن ذاتي مقصد کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي سٽيءَ ڳالهه جي ساراهه ۽ نہ ٿا ڪري

سگھون. ڪنھن بہ شخص کي ايمانداراڻہ داد تحسين نہ ڏيئي سگھون، تہ پوءِ اسان جي قسمت ۾ ناڪاميءَ کان سواءِ ٻيو ڪجھ بہ لکيل ڪونھي.

پوءِ مون کي ياد آيو تہ آءٌ ان ڪلارڪ کان واقعي ڪجھ وٺڻ وارو ھئس. آءٌ ڪانئس اھو ڪجھ وٺڻ وارو ھئس جيڪو اَملھ ھو ۽ مون اھو سڀ ڪجھ حاصل ڪري ورتو. مون ڪانئس اھي احساسات وصول ڪيا تہ مون ھن لاءِ ڪجھ ڪيو آھي. ۽ جيڪي ڪجھ ڪيو اٿم، تنھن جي موٽ ۾ ٻيو ڪجھ بہ نہ ورتو اٿم. اِھي ئي اُھي احساس ھئا جيڪي مون کانئس وصول ڪيا ۽ اھي ئي احساس آھن جيڪي وقت گذرڻ باوجود بہ اسان کي ياد رھن ٿا.

ماڻھن سان ميل ميلاپ رکڻ، انھن سان رابطا رکڻ ۽ ناتا قائم ڪرڻ جو بہ ھڪ قانون ۽ اصول آھي. جيڪڏھن اسين ان قانون ۽ اصول کي اڳيان رکون ۽ ان تي عمل ڪريون تہ اسين نہ صرف تمام سٺا دوست ٺاھي سگھون ٿا، پر پنھنجي لاءِ مستقل خوشين حاصل ڪرڻ کي بہ ممڪن ڪري سگھون ٿا. ۽ جيڪڏھن اسان ان اصول يا قانون جي پيڇڙي ڪئي تہ پوءِ اسين نہ ختم ٿيندڙ ڏکائين جو شڪار ٿي ويندا سين. اھو قانون يا اصول ھي آھي تہ "ھميشہ ٻئي ماڻھوءَ کي اھو احساس ڏياريو تہ ھو توھان جي لاءِ نھايت اھم آھي."

اسان اڳ ۾ بہ پڙھيو آھي تہ جان ڊيوي چوي ٿو:

"انساني فطرت جي اھا انتھائي خواھش آھي تہ کيس اھميت ڏني وڃي، سندس اھميت کي مڃيو وڃي ۽ کيس بہ اھم سمجھيو وڃي."

۽ وليم جيمز چوي ٿو:

"انساني فطرت جو اھو اصول آھي تہ کيس پسند ڪيو وڃي، کيس سراھيو وڃي، ۽ سندس واھ واھ ڪئي وڃي."

جيئن آءٌ اڳ ۾ توھان کي چئي چڪو آھيان تہ:

"انسان جي اھا ئي خواھش کيس حيوانن کان مٿاھون ڪري ٿي

۽ اها ئي خواهش آهي جيڪا بذات خود تهذيب ۽ تمدن جي وجود ۾ اچڻ جو سبب بڻي."

فلاسفر هزارين سالن کان انساني رابطن جا اصول ناهڻ ۾ مصروف رهيا آهن ۽ انهن سمورن اصولن کي گڏ ڪري هڪ اهم اصول، هڪ اهم نظريو اهو سامهون آيو آهي، جيڪو نظريو سڀني اصولن جو حاصل آهي، انهن سڀني اصولن جو جڙ ۽ روح آهي ۽ اهو نظريو ڪو نئون ڪونهي. اهو ايترو ئي پراڻو آهي جيترو اسان جي تاريخ. 2500 سال اڳ زورو آسٽر (Zoro Aster) فارس ۾ پنهنجن پوئلڳن کي ان نظرئي جي تعليم ڏني. 2400 سال اڳ ڪنفيوشس چين ۾ اهو نظريو پکڙيو. مهاتما بڌ به حضرت عيسيٰ عليه السلام جي پيدائش کان 500 سال اڳ ان نظرئي جو پرچار ڪيو. هزارين سال اڳ هندن جي مقدس ڪتابن به اهو نظريو ئي سيکاريو ۽ پڙهايو. حضرت عيسيٰ عليه السلام به ان ئي نظرئي جي تعليم ڏني:

"ٻين سان اهو ئي سلوڪ ڪريو جيڪو توهان انهن کان پاڻ لاءِ رکو ٿا."

توهان جن ماڻهن سان ملو ٿا، جن سان رابطي ۾ رهو ٿا، ته توهان انهن ماڻهن مان اها اميد ۽ خواهش رکو ٿا ته اهي توهان جي شخصيت کي تسليم ڪن. توهان پنهنجي حقيقي قدر ۽ قيمت کي ڇرائڻ چاهيو ٿا. توهان اهو سوچو ٿا ته توهان جي جيڪا به نندڙي دنيا آهي، تنهن ۾ توهان جي تمام گهڻي اهميت آهي. توهان پنهنجي حقيقي قدر قيمت ڇرائڻ چاهيو ٿا. توهان ٻين واتان اهو ٻڌڻ نه ٿا چاهيو ته توهان خدانخواسته هڪ ڪريل، غير سنجيده ۽ خوشامدي شخص آهيو ان جي برخلاف توهان سنجيده ساراهه کي پسند ڪندا آهيو. پنهنجي ساراهه تي خوش ٿيو ٿا. توهان چاهيو ٿا ته توهان جا دوست احباب، ممت مائٽ ۽ ٻيا سنگتي ساٿي توهان جي خوشنودي حاصل ڪرڻ ۽ توهان جي ساراهه جا ڏڪ پرڻ ۾ مصروف رهن. رڳو توهان اڪيلا اهو نه ٿا چاهيو. پر اسين سڀ به ايئن ئي چاهيون ٿا، تنهن ڪري اچو ته اسين ان سونهري اصول تي عمل ڪريون ته:

"ٻين سان ٻه اهو ئي سلوڪ ڪريو جيڪو سلوڪ توهان ٻين کان پاڻ لاءِ چاهيو ٿا."

ڪيئن؟ ڪڏهن؟ ڪٿي؟ ان جو جواب صرف هي آهي ته 'هميشه هر هنڌ' ايئن ڪريو.

وسڪونسن ڪمپنيءَ جي ڊيوڊ جي. سمٿ اسان جي ڪلاس کي ٻڌايو ته هن ڪهڙي نموني هڪ خوشگوار صورتحال کي منهن ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. جڏهن ڪيس درخواست ڪئي ويئي ته هو هڪ خيراتي شوءِ مشروبات جي اسٽال جي نگراني جو فرض ادا ڪري هن ٻڌايو هو:

"خيراتي شو واريءَ رات آءٌ جڏهن اتي پهتس ته مون ڏٺو ته ٻه اڍڙوٽ عمر جون عورتون مشروبات جي اسٽال آڏو ناخوشگوار موڊ ۾ بيٺيون آهن. صاف ظاهر هو ته انهن مان هر هڪ عورت اهو پئي سوچيو ته هوءَ ئي ان اسٽال جي نگران آهي. آءٌ ايڏا اتي ٻيهي سوچي ئي رهيو هئس ته مون کي ڇا ڪرڻ کپي ته ايتري ۾ شو جي انتظامي ڪميٽيءَ جي هڪ ميمبر مون وٽ آئي ۽ هن ڪيش بوڪ مون کي ڏيندي چيو ته آءٌ توهان جي ٿوراڻتي آهيان جو توهان مشروبات جي اسٽال جي نگراني قبول ڪري ورتي آهي. هن روز ۽ جين نالي انهن عورتن سان منهنجو تعارف ڪرايو ته اهي منهنجون مددگار هونديون ۽ ايڏا آءٌ ڪجهه چوان ئي چوان هوءَ اتان رواني ٿي ويئي."

"ڪافي دير تائين اتي خاموشي ڇانيل رهي. مون کي اهو احساس ٿيو ته ڪيش بڪ اصل ۾ اٽارٽي جي ضمانت هو. مون اهو ڪيش بڪ روز کي ڏيندي چيو ته آءٌ پئسن جي ڇڪي نموني حفاظت نه ڪري سگهندس. تنهن ڪري جيڪڏهن هوءَ اها ذميداري قبول ڪري ته آءٌ پاڻ کي ڪافي هلڪو محسوس ڪندس. تنهن کان پوءِ مون جن کي صلاح ڏني ته اها انهن ٻن ننڍين چوڪرين کي سمجهائي ته سودا مشين کي ڪيئن هلائڻو آهي. جنهن تي سندن ڊيوٽي لڳائي ويئي هئي ۽ مون کيس اهو ٻڌايو ته هوءَ پاڻ ٻه چوڪرين سان گڏ ان سودا مشين تي ڪم ڪري."

اها هڪ نهايت مزيدار شام هئي. روز خوشيءَ مان رقم ڪٽي رهي هئي، جڏهن ته جين ٻنهي چوڪرين سان گڏ ڪم ڪري سندن نگراني ڪري رهي هئي ۽ آءٌ شو جو مزو وٺي رهيو هئس."

توهان کي ان وقت جو انتظار نه ڪرڻ ڪپي ته توهان فرانس جا سفير ڪڏهن مقرر ٿيندا. ۽ توهان ڪڏهن ڪنهن جو قدر ڪندا ۽ ڪنهن جي آجيان ڪندا، ڪنهن جي ڪڏهن ساراهه ڪندا ته ڪنهن جي ڪڏهن واه واه ڪندا. ان لاءِ ڪنهن به انتظار جي ته ضرورت ئي ڪونهي، اهو ڪم ته توهان اڄ بلڪ هينئر کان ئي شروع ڪري سگهو ٿا. نيڪ ڪم ۾ ڪو دير ڪبي آهي ڇا؟"

مثال طور فرض ڪريو ته توهان ويٽريس کي چانهه جو آرڊر ڏنو آهي، پر هوءَ توهان لاءِ ڪافي کڻي ٿي اچي. ته پوءِ اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ توهان کيس آرام سان چئو ته مون کي توهان کي زحمت ڏيندي ڏک ٿو ٿئي، پر آءٌ ڪافي جي مقابلي ۾ چانهه کي ترجيح ڏيان ٿو.

ويٽرس شايد توهان کي اهو جواب ڏئي ته نه سائين، تڪليف وري ڇا جي، اهو ته اسان جي فرض ۾ شامل آهي.

هوءَ ڪافيءَ کي ڇڏي چانهه آڻيندي به خوشي محسوس ڪندي، جو توهان کيس چڱيءَ ڏيڻ بدران ساڻس عزت سان پيش آيا آهيو. توهان هن جي عزت ڪئي، قدر ڪيو:

اهي ننڍا ننڍا جملا، مثال طور:

* مون کي افسوس آهي ته توهان کي زحمت ٿي.
* ڇا توهان هيءَ مهرباني ڪندؤ؟
* ڇا توهان ايئن نه ڪندا.
* ڇا توهان تڪليف ته محسوس نه پيا ڪريو؟
* ڇا توهان کي اها ڳالهه خراب ته نه لڳي؟
* مهرباني ڪري هيئن ڪريو.
* مهرباني.
* آءٌ توهان جو ٿورائتو آهيان.
* توهان دل ۾ نه ڪريو ته هيءَ ڳالهه چوان.

* مهرباني ڪري منهنجي ڀالهه ٻڌو. وغيره وغيره.

اهي جملا تمام گهٽي اهميت رکن ٿا ۽ سڀ نتيجا ڏين ٿا. اچو ته هڪ مثال تي غور ڪريون:

هال ڪينز جي ٻين ناولن کانسواءِ سندس هيٺ ذڪر ڪيل ناول لکن جي تعداد ۾ وڪرو ٿيندا هئا.

(1) The Christian

(2) The Deemster

(3) The Manxman

لکن جي تعداد ۾ ماڻهن اهي ناول پڙهيا هئا. ڪينز هڪ لوهار جو پٽ هو. هن 8 درجا به ڪونه پڙهيا. پر ان جي باوجود جڏهن سندس موت واقع ٿيو ته هو هڪ بهترين ۽ امير ترين ادبي شخصيت هو. سندس حياتيءَ جو داستان هن ريت هو:

هال ڪنيز کي دانتي، جبريل، روزيٽي جي شاعري زباني ياد هئي. ايستائين جو هن روزيٽي جي فنڪاراڻين صلاحيتن تي هڪ مقالو به لکيو هو ۽ هن ان جو هڪ نقل روزيٽي کي به موڪليو هو. روزيٽي اهو ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو هو ۽ شايد دل ۾ ضرور سوچيو هوندائين ته هي نوجوان جيڪو منهنجي باري ۾ اهڙي سٺي راءِ رکي ٿو سو ڏهين نوجوان آهي. تنهن ڪري هن لوهار جي ان پٽ کي لنڊن اچڻ جي دعوت ڏني ۽ کيس اها دعوت به ڏنائين ته هو سندس سيڪريٽري ٿئي ته ڏاڍو سڀو. اهو ئي سڀ ڪجهه هال ڪينز جي زندگيءَ جو هڪ خوشگوار موڙ ثابت ٿيو سندس زندگيءَ لاءِ هڪ سنگ ميل ثابت ٿيو. پنهنجي ان نئين عهدي سبب هو پنهنجي وقت جي اهم ادبي شخصيتن سان ملندو رهيو ۽ انهن سان هر وقت رابطي ۾ رهيو. هو انهن جي صلاح مشورن ۽ نصيحتن تي ڌيان ڏيندو هو ۽ انهن جي حوصلي ۽ همت کان متاثر ٿيندو هو ۽ پوءِ هن هڪ اهڙو ڪٽريئر چونڊيو جنهن کيس عروج جي بلندين تي پهچائي ڇڏيو.

دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ کان ماڻهو "گريبا ڪيسٽل" (Greeba Castle) نالي گهر جي سياحت لاءِ ايندا هئا، جنهن ڪروڙين رپين جي

جائيداد پويان ڇڏي هئي. جيڪڏهن هو هڪ مشهور ۽ معروف هستيءَ جي تعريف ۾ اهو مقالو نه لکي ها ته ٿي سگهي ٿو ته هو غربت ۽ گمنامييءَ جي حالت ۾ ان فاني دنيا مان لاڏاٽو ڪري ويڃي ها.

اها آهي سنجيده ۽ دل سان ساراهڻ جي قوت. اها آهي ڪنهن جي دل و جان ۾ ايمانداريءَ سان ساراهڻ جي قوت.

روزيتي پنهنجو پاڻ کي هڪ اهم شخصيت سڏائيندو هو. ان ۾ حيران ٿيڻ جي ڪابه ڳالهه ڪونهي، جو هر ڪو ايئن چاهيندو ۽ ڪندو آهي.

شايد ڪيترن ئي ماڻهن جون زندگيون ئي بدلجي وڃن، جيڪڏهن ڪو ڪين سنڈن اهميت جو احساس ڏياري. رونالڊ جي رولينڊ جيڪو ڪيليفورنيا ۾ هڪ ڪورس جو انسٽرڪٽر آهي، اهو آرٽ ۽ ڪرافٽ جو استاد به آهي. هن پنهنجي ڪرافٽ جي دڪان جي هڪ شاگرد بابت اسان کي اجهو هينئن واقف ڪيو:

"ڪرس هڪ خاموش طبيعت شرميلو ڇوڪرو هو. هن ۾ پاڻ بابت اعتماد جي ڪافي کوٽ هئي. هو هڪ اهڙو شاگرد هو جيڪو ڪڏهن به اها اهميت حاصل ڪري نه سگهيو. جيڪا ڪيس ملڻ گهرجي ها. آءٌ پاڻ به هڪ ان کان وڌيڪ ايڊوانس ڪلاس کي پڙهائيندو هوس ۽ اهو ڪلاس استينس جي علامت بڻجي ڇڪو هو ۽ شاگردن جي اها خواهش هوندي هئي ته اهي ان ڪلاس ۾ پڙهن.

اربع ڏينهن ڪرس پوري ڏيان سان ڪم ۾ مصروف هو. مون محسوس ڪيو ته سندس دل اندر به اها خواهش پيدا ٿي رهي آهي ته اهو ايڊوانس ڪلاس ۾ شرڪت ڪري. مون کانئس پڇيو ته ڇا هو ايڊوانس ڪلاس ۾ شرڪت ڪرڻ چاهي ٿو؟ منهنجي ڳالهه ٻڌي سندس چهري تي جيڪي تاثرات اپريا آءٌ انهن کي لفظن ۾ بيان نه ٿو ڪري سگهان. ان وقت 14 سالن جي ان شرميلي ڇوڪري جا جذبا ڏسڻ وٽان هئا. هن پنهنجي لڙکن کي اگهندي چيو:

"مسٽر رولينڊ ڇا آئون! ڇا آءٌ واقعي ان قابل آهيان جو انهن ڪلاس ۾ پڙهي سگهان. واقعي مان ايترو سنو ٿي ڇڪو آهيان. مسٽر رولينڊ مسخري ته نه پيا ڪريو؟ مون کيس چيو ته ڪرس

تون واقعي سنو آهين ۽ منهنجي دلي خواهش آهي ته تون ايڊوانس ڪلاس ۾ شرڪت ڪرين."

ان وقت مون پاڻ ۾ چاهيو ٿي ته ڪرس کان پري پر پروڻي وڃان. ڇو ته منهنجي اکين مان ۽ جذبات ۾ لڙڪ تري آيا هئا. ان ڏينهن جيئن ئي ڪرس ايڊوانس ڪلاس مان فارغ ٿي ٻاهر نڪتو ته جڙ سنڊس قد 2 انچ وڌي ڇڪو هو. هن پنهنجين روشن نيرين اکين مان مون ڏانهن ڏسندي چيو.

"توهان جي وڏي مهرباني مسٽر رولينڊ"

ڪرس مون کي اهو سبق سيکاريو جيڪو آءٌ سموري حياتي وساري نه سگهندس. اهو سبق اهو هو ته هر ڪنهن انسان اندر اها خواهش لڪيل هوندي آهي ته کيس اهميت ڏني وڃي. سنڊس اهميت مڃي وڃي. اسين سڀ اهو احساس ڪندا رهندا آهيون ته اسان جتي ۽ وڃون. ويهون. اٿون اسان کي اهم سمجهيو وڃي. اسان جي اهميت کي مڃيو وڃي. مون هاڻي هڪ انوکي طريقو سوچيو آهي. جنهن سان اهو سبق مون کي سدائين ياد رهندو. مون پنهنجي ڪلاس ۾ هڪ چارٽ لڳايو آهي. جنهن تي اهو لکيل آهي ته "توهان اهم آهيو" مون اهو چارٽ پنهنجي ڪلاس ۾ اهڙي هنڌ لٽڪايو آهي. جتي ان تي هر شاگرد جي نظر پئجي سگهي ٿي ۽ مون کي ۽ هر وقت اهو ياد رهي ٿو ته منهنجو هر شاگرد منهنجي لاءِ اهم آهي."

اها هڪ عالمگير سچائي آهي ته توهان جيترن ۽ ماڻهن سان ملو ٿا اهي سمورا ماڻهو اهو احساس رکن ٿا ته اهي پاڻ اهم آهن. ٻين کان ۽ وڌيڪ اهم آهن ۽ هر ڪم ۾ پهرين کين اهم سمجهيو ۽ ليکيو وڃي ۽ انهن جون دليون کٽڻ جو هڪ ئي طريقو آهي ته توهان ۽ کين اهو احساس ڏياريو ته توهان سندن اهميت کي مڃو ٿا. بلڪ نهايت سنجيدگيءَ ۽ سچائيءَ سان مڃو ٿا.

> ياد رکو ته ايمرسن چيو هو : "آءٌ جنهن ۽ ماڻهوءَ سان ملان ٿو ان کي پاڻ کان وڌيڪ اهم سمجهان ٿو ۽ اهڙي نموني ئي انهن کان ڪجهه نه ڪجهه نئون سکي ٿو وٺان."

آءٌ توهان کي اهو ٻڌائڻ چاهيان ٿو ته منهنجي ڪورس ۾ حصو

ونندڙ ڪاروباري ماڻهن کي نموني انهن اصولن تي عمل ڪيو ۽ ان جا ڪامياب نتيجا حاصل ڪيا.

اچو تہ اسين ڪنڪٽي ڪٽ جي هڪ وڪيل جو ٻيو مثال وٺون. (ان وڪيل پنهنجو نالو ظاهر نہ ڪرڻ جي درخواست ڪئي آهي).

منهنجي ڪورس ۾ شامل ٽيڪ ڪان پوءِ يڪدم مسٽر "آر" کي پنهنجي زال سان گڏ لانگ آئلينڊ ڪار ذريعي وڃڻ ٿيو. اتي کين سندس زال جي ڪن مائٽن سان ملڻو هو. سندس زال کيس پنهنجي هڪ پوڙهيءَ آنٽيءَ وٽ ڇڏيو ۽ پاڻ پنهنجن مائٽن سان ملڻ لاءِ رواني ٿي ويئي. مسٽر "آر" کي جلد ئي هڪ پيشيوراٽي تقرير ڪرڻي هئي جنهن جو عنوان هو:

"تعريف ۽ ساراهہ تي عمل ڪرڻ ڪهڙيءَ ريت ممڪن آهي."

هن سوچيو تہ ان پوڙهيءَ عورت سان ڳالهائي سندن تجربن مان ڪجهہ نہ ڪجهہ حاصل ڪري سگهجي ٿو تنهن کان پوءِ هن پوڙهيءَ عورت جي گهر تي هڪ نظر وڌي تہ جيئن ڏسي تہ اها ڪهڙي شيءِ آهي، جنهن کي سڀ کان اڳ ساراهي سگهجي ٿو.

"هن پوڙهيءَ عورت کان پڇيو تہ ڇا هي گهر 1890ع ۾ ٺهيو يا پوءِ؟ پوڙهيءَ جواب ڏنو تہ تون صحيح ٿو چوين، هي گهر 1890ع ۾ ئي ٺهيو هو."

هن پوڙهيءَ عورت کي ڏسندي چيو تہ، هي گهر ڏسي مون کي اهو گهر ياد ٿو اچي، جتي آءٌ ڄائو هئس. هي هڪ خوبصورت گهر آهي ۽ سڀني نموني ٺهيل آهي. اهو هڪ وڏو گهر آهي. توهان کي تہ خبر آهي تہ هاڻي ايترا ڪشاده گهر ڪٿي ٿا ملن.

پوڙهيءَ چيو تہ تون صحيح ٿو چوين. اڄ ڪلهہ جي نوجوان نسل گهرن جي خوبصورتيءَ تي ڪٿي ٿو ڌيان ڏئي. اڄ ڪلهہ تہ ننڍين ننڍين خولين ۾ رهڻ جو رواج عام ٿي ويو آهي.

هن پنهنجي ڳالهہ جاري رکندي چيو:

"هي هڪ اهڙو گهر آهي، جيڪو اسان جي خوابن جي تعبير آهي. هي گهر نهايت پيار ۽ محبت سان ناهيو ويو هو. مون ۽ منهنجي مڙس ڪيترا سال اڳ اهڙي ئي گهر جو خواب ڏٺو هو ۽ ڪيترا سال گذرڻ کان پوءِ هن گهر جي صورت ۾ اسان جي

خوابن کي تعبير ملي هئي. اسان هن گهر جو نقشو ڪنهن انجنيئر کان ڪونہ ٺهرايو هو پر ان جي اڏاوت جي سموري رٿابندي اسان زال مڙس گڏجي ويهي ڪئي هئي."

پوءِ انهيءَ پوڙهيءَ عورت مسٽر "آر" کي سندس اهو سڄو گهر گهمائي ڏيکاريو ۽ هن بہ دل کولي ان گهر ۾ ان ۾ پيل سامان کي ساراهيو. پوڙهي عورت مسٽر "آر" کي سڄو گهر گهمائڻ کان پوءِ پنهنجي گيراج ۾ وٺي ويئي، جتي هڪ ڪار بيٺل هئي. هن چيو:

"منهنجي مڙس پنهنجي وفات کان ڪجهہ وقت اڳ هيءَ ڪار منهنجي لاءِ خريد ڪئي هئي. سندس وفات کان پوءِ مون ڪڏهن بہ ان ڪار ۾ سواري نہ ڪئي آهي. جيئن تہ تون هنن شين جو قدر ڪرين ٿو انهن کي ساراهين ٿو تنهن ڪري آءٌ هيءَ ڪار توکي تحفي ۾ ڏيان ٿي."

هن چيو:

"پر ڇو آنٽي! آءٌ توهان جي خلوص جو قدر ڪريان ٿو پر منهنجي لاءِ اهو ممڪن ڪونهي تہ آءٌ توهان جي هن ڪار جو تحفو قبول ڪريان. آءٌ توهان جو مائٽ بہ نہ آهيان ۽ ٻيو تہ مون وٽ پنهنجي نئين ڪار بہ آهي. توهان جا اهڙا ڪيترا مائٽ هوندا، جيڪي اها ڪار حاصل ڪرڻ چاهيندا هوندا. توهان انهن مان ڪنهن کي اها ڪار ڇونہ ٿا ڏيو؟

مائٽ! ها مائٽ! پوڙهي عورت چيو:

"تون ڪهڙن مائٽن جي ڳالهہ پيو ڪرين، جيڪي منهنجي مرڻ جو انتظار ڪري رهيا آهن تہ جيئن هي ڪار ڦٻائين ۽ منهنجو مال ملڪيت ۽ گهر حاصل ڪن. آءٌ هيءَ ڪار ۽ ملڪيت انهن مان تہ ڪنهن کي بہ نہ ڏيندس."

مسٽر "آر" کيس چيو:

"پلي توهين هيءَ ڪار ڪنهن مائٽ کي نہ ڏيو پر ڪنهن سيڪنڊ هئنڊ ڪار ڊيلر کي تہ وڪڻي سگهو ٿا."

پوڙهيءَ يڪدم رڙ ڪندي چيو:

"وڪڻي ڇڏيان! هيءَ ڪار وڪڻي ڇڏيان!! ڇا تون سوچي سگهين ٿو ته ڪو آءٌ اها ڪار وڪڻي ڇڏيندس جيڪا منهنجي مڙس دل سان خريد ڪري مون کي تحفي ۾ ڏني. ڇا تون سوچي سگهين ٿو ته ڪار وڪڻڻ کان پوءِ آءٌ انهن ماڻهن کي ڏسندي خوش ٿيندي رهندس جيڪي ان ۾ چڙهي منهنجي رستي تي اڇ وچ پيا ڪندا. اهي ان ڪار ۾ چڙهي گهمندا، جيڪا منهنجي مڙس منهنجي لاءِ آندي هئي. آءٌ ته اها ڪار خواب ۾ به وڪڻي نه ٿي سگهان. آءٌ اها ڪار توکي صرف ان ڪري تحفي ۾ پيئي ڏيان ته تون سڻ شين جو قدر ڪرين ٿو ۽ مون کي پڪ آهي ته تون ئي ان ڪار کي سنياليِ رکي سگهين ٿو."

وڪيل گهڻي ئي ڪوشش ڪئي ته هو اها ڪار وڪڻڻ کان لنوائي وڃي، پر هو ان پوڙهيءَ عورت جي جذبن کي ٺيس پهچائي نه ٿي سگهيو هو ڪيس رنجائي نه ٿي سگهيو. اها پوڙهي عورت جيڪا هيڏي وڏي گهر ۾ اڪيلي رهي پيئي هئي ۽ صرف پنهنجن ٻارن جي سهاري جيئري هئي. اها عورت ساراهه ۽ تعريف جي بکايل هئي. هن پنهنجي اهميت جو احسس ڏيارڻ ٿي چاهيو ته ڪڏهن هوءَ به هڪ خوبصورت نوجوان عورت هئي، جنهن کي نه صرف سندس مڙس تمام گهڻو چاهيندو هو پر هن کي ڪار به تحفي ۾ ڏني هئائين. هن نهايت پيار ۽ محبت سان اهو گهر ٺهرايو هو ۽ سامان سان پريو هو.

هاڻي پنهنجي پوڙهائپ واريءَ عمر ۾ سچيءَ ساراهه جي بکايل هئي، تڏهن هن پنهنجي گهر جو ذڪر ڪيو ۽ ان جي ساراهه ٻڌي ائين ٿڙي پئي جڻ، ڪنهن ريگستان ۾ گلاب جو گل ٿڙي پيو هجي. ڪيس احساس ٿيو ته پيا به ان کي اوترو ئي پسند ڪن ٿا جيترو هو پاڻ. هن پوڙهيءَ ٿورو لاهڻ لاءِ اها ڪار جيڪا ڪيس مڙس تحفي ۾ ڏني هئي، اها ان ماڻهوءَ کي تحفي ۾ ڏيئي ڇڏي، جنهن سندس ۽ جنهن گهر ۾ هوءَ رهي پيئي هئي، تنهن جي تعريف ڪئي هئي.

اچو ته ان سلسلي ۾ هڪ ٻيو مثال به ڏسون.

ڊونلڊ ايم ميڪ موهن نيويارڪ ۾ هڪ تعميراتي ڪمپنيءَ ۾ ڪم ڪندو هو. هن هي واقعو ڪجهه هن ريت ٻڌايو:

"اچو ته دوست ناهيون ۽ اثر رسوخ وڌايون." واري ڪورس مان فارغ ٿيڻ کان پوءِ آءُ يڪدم هڪ جج لاءِ لينڊ اسڪيپنگ (قدرتي منظر) جي منظر ڪشي ڪرڻ ۾ مصروف هئس. هڪ ڏينهن اهو جج صاحب ڪي هدايتون ڏيڻ لاءِ مون وٽ آيو.

مون جج کي چيو ته توهان هڪ سنو مشغلو اختيار ڪيو آهي ۽ آءُ توهان جي خوبصورت ڪتن کي ساراهڻ کان سواءِ رهي نه ٿو سگهان. منهنجو خيال آهي ته توهان ميڊيسن اسڪوائر گارڊن شو ۾ انهن تي ڪيترائي انعام کٽي سگهو ٿا.

تعريف ۽ ساراهه جو اهو معمولي اظهار نهايت ڪارائتو ثابت ٿيو. جج صاحب جواب ڏنو ته ها منهنجا ڪتا نهايت پيارا آهن. ڇا توهان انهن کي ڏسڻ پسند ڪندا. پوءِ هن مون کي پنهنجا ڪتا ۽ انهن تي حاصل ڪيل انعام ڏيکارڻ ۾ ڪلاڪ لڳائي ڇڏيو.

تنهن کان پوءِ جج صاحب مون کان پڇيو ته ڇا منهنجو ڪو ننڍو پٽ به آهي.؟

مون چيو: "ها هڪ ننڍڙو پٽ اٿم."

تنهن تي جج صاحب چيو: "ڇا توهان جي پٽ کي ڪتي جو گلر ڏيان ته پسند ڪندو."

مون چيو: "چونه اهڙو تحفو حاصل ڪري ته هو تمام گهڻو خوش ٿيندو."

جج صاحب چيو: "بلڪل ٺيڪ ته پوءِ تون فلاڻو سهڻو گلر پلي کڻي وڃ."

تنهن کان پوءِ جج صاحب مون کي سيڪاريو ته ان کي ڪاڏو ڪيئن ڪارائجي. هن وٽس پيل ڪيترين شيون ڪتي کي ڪارائڻ لاءِ ڏنيون. پوءِ به هو مطمئن نه ٿيو ۽ هو وڃي اهي سموريون هدايتون هڪ پني تي لکي آيو ته جيئن مون کي ياد رهن ۽ آءُ انهن تي سختيءَ سان عمل ڪريان. جج صاحب پنهنجي ڪتي، جنهن جي هونئن قيمت بازار ۾ ڪيترا سئو ڊالر هئي. مون کي مفت ۾ ڏيئي ڇڏيو ۽ پنهنجي

قيمتي وقت مان اڪل ۽ ڪلاڪ ان بابت هدايتون ڏيندي گذاريائين. هن اهو سڀ ڪجهه ڇو ڪيو ان لاءِ ته مون نهايت ايمانداريءَ ۽ خلوص سان سندس ڪتن جي تعريف ڪئي هئي.

مشهور "ڪوڊڪ" ڪمپنيءَ جي مالڪ جارج ايسٽ مين اها ٽرانسپيرنٽ فلم ايجاد ڪئي هئي، جنهن جي ڪري موشن فلمون ٺهڻ شروع ٿيون ۽ ڪروڙين ڊالر ڪمايائين. ان ڪانسواءِ هن پاڻ کي دنيا جو هڪ وڏو ۽ ڪامياب بزنس مين ۽ ثابت ڪيو. پر ايترن ڪارنامن هوندي ۽ سندس نصيب ۾ تمام ٿوري واڪاڻ ۽ ساراهه آئي.

جڏهن ايسٽ مين، ايسٽ مين اسڪول آف ميوزڪ ۽ ڪلب هال ٺاهڻ ۾ رڌل هو ته ان وقت آمريڪا جي ڪرسيون ٺاهيندڙ هڪ ڪمپنيءَ جي ان وقت جي صدر جي خواهش هئي ته هو سندس ٽيئٽر جي ڪرسين سپلاءِ ڪرڻ جو آرڊر ڪين ڏئي. تنهن ڪري ڪمپنيءَ جي صدر مسٽر آرم سن، روچسٽر ۾ ايسٽر مين جي تعميراتي ماهر ذريعي ايسٽ مين سان ملاقات جو وقت حاصل ڪيو.

جڏهن آرم سن، ايسٽ مين سان ملاقات لاءِ اتي پهتو ته ان تعميراتي ماهر جنهن جي ذريعي اها ملاقات طئ ٿي هئي، ڪيس چيو:

> "مون کي خبر آهي ته توهان ڪرسين سپلاءِ ڪرڻ جو آرڊر حاصل ڪرڻ چاهيو ٿا. پر آءٌ توهان کي ٻڌائيندو هلان ته توهان جارج ايسٽ مين سان پنجن منٽن کان وڌيڪ ملاقات نه ٿا ڪري سگهو. ايسٽ مين نظم ۽ ضابطي جو تمام گهڻو پابند آهي. هو هڪ نهايت مصروف شخص آهي تنهن ڪري توهان تمام جلدي ڪيس ملاقات جو مقصد ٻڌائي ٻاهر نڪري اچو."

آرم سن ان هدايت تي عمل ڪرڻ لاءِ پاڻ کي تيار ڪري چڏيو. جڏهن هو ايسٽ مين جي آفيس ۾ داخل ٿيو ته اهو پنهنجي ميز تي ڪاغذن جي ڍير ۾ لڪل نظر اچي رهيو هو. هن آرم سن ۽ ان تعميراتي ماهر کي ڏٺو ۽ اکين تان چشمو لاهي کين گڊ مارننگ چوڻ کان پوءِ پڇيائين ته، آءٌ توهان جي ڪهڙي خدمت ڪري سگهان ٿو. ٺيڪيدار ٻنهي جو هڪ ٻئي سان تعارف ڪرايو جنهن کان پوءِ آرم سن چيو:

"جڏهن آءٌ توهان سان ملڻ جي انتظار ۾ هئس ۽ جيستائين توهان سان ملاقات جو وقت نه اچي پهتو آءٌ توهان جي آفيس کي ڏسندو رهيس ۽ ان جي تعريف ڪرڻ کان سواءِ رهي نه ٿو سگهان. مون کي به خواهش آهي ته آءٌ توهان جهڙي کا سٺي آفيس ٺاهي ان ۾ ويهان. جيتوڻيڪ آءٌ ڪاٺ جو ڪم به ڪندو آهيان، پر پوءِ به مون زندگيءَ ۾ توهان جي آفيس کان سٺي بي کا آفيس نه ڏٺي آهي."

جارج ايسٽ مين جواب ڏنو:

"توهان مون کي اها ڳالهه ياد ڏياري آهي. جيڪا آءٌ گهڻو وقت اڳ وساري چڪو هئس. منهنجي آفيس واقعي ڏاڍي خوبصورت آهي. آهي نه... جڏهن هي نئين نئين آفيس ٺهي هئي ته مون کي ان ۾ ويهندي تمام گهڻو مزو ايندو هو پر هاڻي منهنجي مصروفيت ايتري ته وڌي ويئي آهي ۽ منهنجي دماغ ۾ ايتريون ته ڳالهيون ويڙل هونديون آهن، جو ڪڏهن ڪڏهن ته هفتا گذري ويندا آهن ته پنهنجي آفيس تي چگي نموني نظر به وجهي نه سگهندو آهيان.

پوءِ ميز تان اُٿي آفيس جي دروازي ڏانهن آيو ۽ در تي هٿ ڦيري چيائين ته هن جي ڪائي انگريزي شاهه بلوط وڻ جي آهي. ۽ اها اٽليءَ جي شاهه بلوط وڻ جي ڪائيءَ کان ڪافي مختلف ۽ سٺي آهي. اها ڪائي ٻاهران گهرايل شاهه بلوط وڻ جي ڪائي آهي، جيڪا مون پنهنجي هڪ دوست ذريعي خاص طور تي ٻاهران گهرائي هئي.

تنهن کان پوءِ ايسٽ مين، آرمر سن کي سندس سڄي آفيس گهمائي ڦيرائي ڏيکاري ۽ اتي رکيل فرنيچر ۽ درين دروازن ۽ ٻئي سامان بابت تفصيلي ٻڌائيندو رهيو. ڪمري ۾ هلندي هو هڪ دريءَ وٽ اچي بيهي رهيو ۽ جارج ايسٽ مين سلجهيل انداز ۾ آرمر سن کي انهن ادارن بابت ٻڌايو جن ذريعي هو انسانيت جي خدمت انجام ڏيندو پيو اچي. انهن ادارن ۾ يونيورسٽي آف روچيسٽر، جنرل اسپتال، هوميو پيٿڪ اسپتال، ٻارن جي اسپتال، فريندلي هوم وغيره شامل هئا. مسٽر آرمر سن کيس مبارڪون ڏنيون ته هو انسانيت جي سپ کان وڌيڪ خدمت ڪري پنهنجي دولت جو صحيح استعمال ڪري رهيو آهي.

پوءِ جارج ايسٽ مين هڪ ڪٻٽ کوليو ۽ ان مان هن هڪ ڪيمرا ڪڍي اها ڪئميرا هن هڪ انگريز کان خريد ڪئي هئي ۽ هن ٻڌايو ته ايجاد جي حساب سان اها سڀ کان پهرين سستي ڪئميرا آهي.

آرمر سن، ايسٽ مين کان سندس ڪاروباري جدوجهد بابت پڇيو ته هن ڪهڙي نموني ڪاروبار شروع ڪيو ۽ اڄ جنهن هنڌ بيٺو آهي، اتي پهچڻ لاءِ ڪهڙا ڪهڙا ڪشالا ڪٽيائين. ايسٽ مين کيس ٻڌايو ته سندس ننڍپڻ نهايت غريباڻو هو تنهن ڪري ئي کيس غريبن بابت تمام گهڻو احساس آهي. هن آرمر سن کي اهو به ٻڌايو ته سندس بيوه ماءُ سندس ڪيئن پرورش ڪئي ۽ ان سلسلي ۾ هن کي ڪهڙين نه تڪليفون پيش آيون. هن ٻڌايو ته مون هڪ ويمي ڪمپنيءَ ۾ ڪلارڪ طور به ڪم ڪيو آهي. هن وڌيڪ ٻڌايو ته غربت جي پوت مان چونڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ هن تمام گهڻيون ڪوششون ڪيون ۽ سندس ڪوشش هئي ته ايتري ته دولت ڪمائي جو سندس ماءُ کي ڪوبه ڪم نه ڪرڻو پوي ۽ سندس سموريون تڪليفون ختم ٿي وڃن ۽ آئينده هوءَ نهايت آرام واري حياتي گذاري. ڇاڪاڻ ته هوءَ بورڊنگ هائوس ۾ ڪم ڪري ايسٽ مين کي پالي رهي هئي. آرمر سن ڪائنس ڪيترا ئي سوال ڪيا ۽ سمورن سوالن جا جواب غور سان ٻڌندو رهيو.

ايسٽ مين کيس پنهنجن ڪاروباري تجربن کان به واقف ڪندو رهيو. هن کيس ٻڌايو ته هو پنهنجو سڄو وقت آفيس ۾ ڪم ڪندو رهندو هو. ايستائين جو رات جو دير تائين به ويٺو رهندو هو.

جيمز آرمر سن 10 لڳي 15 منٽن تي ايسٽ مين جي آفيس ۾ داخل ٿيو هو. جتي کيس خبردار ڪيو ويو هو ته هو ايسٽ مين سان 5 منٽن کان وڌيڪ ملاقات نه ٿو ڪري سگهي. پر کيس ايسٽ مين سان ڳالهائيندي هڪ ڪلاڪ کان وڌيڪ ٿي چڪو هو ۽ پوءِ هنن ايڏا به ڪلاڪ ٻيا ملاقات ڪئي.

آخرڪار جارج ايسٽ مين، آرمر سن کي چيو:

گذريل ڀيري آءٌ جڏهن جاپان ويو هئس ته مون اتان کي ڪرسيون خريد ڪيون هيون. آءٌ انهن ڪرسين کي گهر ڪٽي آيس ۽

اتي رکايم. جتي اسين اُس جو مزو وٺندا هئاسين، پر سج جي تپش سبب هاڻي انهن جي پالش خرب ٿي ويئي آهي ۽ رنگ روپ تي به اثر پيو آهي. تنهن کري آءٌ پاڻ مارکيٽ ويس ۽ رنگ خريد کري پاڻ کرسين کي ٻيهر رنگ کيم. ڇا توهان اهو ڏسڻ پسند کندا ته آءٌ کيترو کاميياب ويو آهيان؟ توهان کڏهن منهنجي گهر اچو ۽ منجهند جي ماني به مون سان گڏجي کائو ۽ انهن کرسين کي به ڏسو جن کي مون پاڻ رنگ کري نکاريو آهي.

پوءِ منجهند جي مانيءَ تي ايسٽ مين، آرم سن کي پنهنجي گهر وٽي ويو ۽ کيس اهي کرسيون ڏيکاريائين جن تي هن پاڻ پنهنجن هٿن سان رنگ کيو هو. جيتوڻيڪ انهن کرسين جي قيمت چند ڊالرن کان وڌيڪ نه هئي، پر ايسٽ مين جهڙو کروڙ پتي ماڻهو انهن کرسين تي صرف ان کري فخر کري رهيو هو جو هن پاڻ انهن کرسين تي رنگ کيو هو.

ايسٽ مين کي پنهنجي ٿيٽر لاءِ کرسين جو جيکو آرڊر ڏيڻو هو تنهن جي مالیت 90 هزار ڊالر هئي ۽ پوءِ اهو آرڊر به آرم سن کي ئي مليو. ان وقت کان وٽي ايسٽ مين جي وفات تائين آرم سن ۽ ايسٽ مين جا ناتا گهاٽن دوستن وارا رهيا.

فرانس جي هڪ ريسٽورينٽ جي مالڪ ڪلوڊي مارس اهو ئي اصول اختيار کندي، ان ئي اصول تي عمل کندي، پنهنجي اداري کي هڪ اهم ملازم جي نقصان کان بچائي ورتو. اها خاتون گذريل پنجن سالن کان سنڊس ريسٽورينٽ ۾ ڪم کري رهي هئي ۽ ڪلو ڊي مارس ۽ عملي جي ٻين 21 ڇٽن وچ ۾ ڇڻ رابطي جو ڪم کري رهي هئي. ڪلوڊي مارس کي ان وقت سخت صدمو پهتو جڏهن کيس سنڊس ان ملازم خاتون طرفان ٽپال ۾ هڪ خط پهتو جنهن ۾ مسٽر مارس کي پنهنجي استعيفيٰ اماڻي هئي.

مسٽر مارس مون کي ٻڌايو:

"مون کي اها استعيفيٰ ڏسي سخت حيراني ۽ مايوسي ٿي. مون کي لڳندو هو ته آءٌ پنهنجي ان ملازم سان نهايت سٺو ورتاءُ

ڪندو رهندو هئس ۽ سندس زندگيءَ جي ضرورتن کي ۽ محسوس ڪري وس آهر پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهندو هئس. هوءَ صرف منهنجي ملازمہ ئي نہ هئي، پر آءٌ کيس پنهنجو دوست سمجهندو هئس. ۽ اسان وچ ۾ دوستي جا سڀ ناتا ۽ هئا. شايد مون هن ۾ تمام گهڻيون اميدون رکيون هيون.

"آئون ڪانئس وضاحت گهرڻ ڪان سواءِ سندس استعيفيٰ منظور ڪري نہ ٿي سگهيس. تنهن ڪري آءٌ کيس هڪ پاسي وڃي ويس ۽ کيس چيم تہ پوليٽي توکي اها ڳالهہ سمجهي وڃڻ گهرجي تہ آءٌ تنهنجي استعيفيٰ منظور نہ ٿو ڪري سگهان. آءٌ توکي پنهنجي ۽ پنهنجي اداري لاءِ اثاثو سمجهان ٿو. تون ان ريسٽورينٽ جي ڪاميابيءَ لاءِ ايتري ئي اهم آهين جيترو آءٌ پاڻ مون اهي ڳالهيون ٻئي عملي سامهون ٻہ ڪيون. مون کيس پنهنجي گهر گهرايو ۽ پنهنجي گهر ياتين اڳيان ٻہ سندس ڪارڪردگيءَ کي ساراهيو.

منهنجي ان عمل سبب پوليٽي پنهنجي استعيفيٰ واپس وٺي ڇڏي ۽ آءٌ اڄ مٿس ايترو اعتماد ڪريان ٿو جيترو اڳ ٻہ نہ ڪندو هئس. آءٌ پنهنجي مقصد ۾ رڳو ان ڪري ڪامياب ٿيس جو مون پوليٽي جي خدمتن کي ساراهيو هو سندس ڪم جي واه واه ڪئي هئي. ۽ کيس اهو ٻڌايو هيم تہ منهنجي لاءِ توڙي منهنجي ريسٽورينٽ لاءِ سندس ڪيتري اهميت آهي."

ڊز ريلي برطانيہ جو هڪ نهايت چالاڪ حڪمران هو. سندس چوڻ هو تہ:

"ماڻهن سان سندن باري ۾ ڳالهايو."

سندس اهو ٻہ چوڻ هو تہ:

"ماڻهن سان سندن باري ۾ ڳالهايو. بلڪ ڪلاڪن جا ڪلاڪ سندن ڳالهہ ٻڌڻ لاءِ ٻہ تيار رهو."

"ٻئي ماڻهوءَ کي اهو احساس اُپاريو تہ توهان کيس نهايت اهم سمجهو ٿا ۽ کيس اهو احساس سنجيدگيءَ سان ڏياريو."

حصو ٽيون

ماڻهن کي پنهنجو هم خيال ٿاهڻ جو گُر

باب تيرهون

دشمن ناهڻ کان بچڻ جو طريقو

ٽيوڊور روز ويلٽ جڏهن واشنگٽن ۾ رهندو هو ان وقت هن اهو اعتراف ڪيو هو ته جيڪڏهن هو 75 سيڪڙو به صحيح ثابت ٿي وڃي ته ڇڻ پنهنجي اميدن جي هڪ وڏي حصي کي پورو ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهي ٿو.

جيڪڏهن ويهين صدي جي هڪ اهم شخصيت ايئن ئي چوي ته پوءِ توهان جو پنهنجي ۾ منهنجي باري ۾ ڪهڙو خيال آهي؟

جيڪڏهن توهان کي اها پڪ هجي ته توهان رڳو 55 سيڪڙو صحيح ثابت ٿي سگهو ٿا ته پوءِ توهان وال اسٽريٽ هليا ويو جتي روزانو لکين ڊالر ڪمائي سگهو ٿا. جيڪڏهن توهان کي اها پڪ ڪونهي ته توهان 55 سيڪڙو صحيح ثابت ٿي سگهو ٿا ته پوءِ توهان ٻين ماڻهن کي اهو ڪيئن ٿا چئو ته توهان غلط آهيون؟

جيڪڏهن توهان ايئن ماڻهن کي غلط چوندا رهندؤ ته پوءِ توهان ٻين کي پنهنجو هم خيال ڪيئن ٿا ٺاهي سگهو؟ ڪڏهن به نه. توهان انهن کي ڪڏهن به پنهنجو هم خيال نه ٿا ڪري سگهو. چو ته توهان جڏ سڌو سنئون سندن ذهانت کي مُڪ وهائي ڪيڊي آهي، انهن جي عزت نفس تي حملو ڪيو آهي، سندن شخصيت تي حملو ڪيو آهي. سندن شانُ شوڪت تي حملو ڪيو آهي. توهان جي ان عمل ڪري اهي توهان تي جواب حملو نه ڪري سگهن ٿا. پر توهان پنهنجي اهڙي عمل وسيلي سندن ذهن نه ٿا بدلائي سگهو. جيڪڏهن توهان انهن تي افلاطون جو سمورو فلسفو به اوتي چڏيو ته به توهان سندن راءِ بدلائي نه ٿا سگهو چو ته توهان انهن جي جذبات ۽ احساسن کي ڏڪ رسايو آهي. ڪڏهن به ڪنهن سان به ايئن نه ڳالهايو:

"آءٌ توهان کي فلاڻي فلاڻي شيءِ ثابت ڪري ڏيکاري سگهان ٿو. آءٌ ته توهان کان وڌيڪ ڄاڻان ٿو ۽ توهان کي اهو ڪجهه ٻڌائي سگهان ٿو جنهن جي توهان کي اڳ ڪا خبر ئي نه هئي."

اهو هڪڙي قسم جو چئلينج آهي، جيڪو مخالفت وڌائي ٿو. ٻين کي مخالفت لاءِ اُپاري ٿو ۽ توهان جي سامهون واري ماڻهوءَ کي هروپرو توهان سان وڙهڻ ۽ جوابي ڪارروائي تي مجبور ڪري ٿو.

ماڻهن جا ذهن بدلائڻ هڪ مشڪل ڪم آهي. توهان هڪ مهربان ۽ شفيق ماحول ۾ به ماڻهن جا ذهن بدلائي نه ٿا سگهو ته پوءِ توهان ان ڳالهه کي مشڪل چو ٿا ڪريو. پنهنجو پاڻ کي هروپرو داءَ تي چو ٿا لڳايو؟

جيڪڏهن توهان ڪا ڳالهه ثابت ڪرڻ چاهيو ٿا ته پوءِ ٻين کي اهو چو ٿا ٻڌايو ته آءٌ فلاڻي يا فلاڻي ڳالهه ثابت ڪري سگهان ٿو. توهان کي جيڪڏهن ايئن ئي ڪرڻو آهي ته پوءِ به ان کي رازداري ۽ انتهائي مهارت سان ايئن ڪري ڏيکاريو جو توهان جي سامهون واري کي اهو احساس ئي نه ٿئي ته ڪو توهان کجهه ثابت ڪري ڏيکاري رهيا آهيو. ايئن نانگ به مري ويندو ۽ لٺ به نه پچندي. اليگزينڊر پوپ ان جي مختصر پر جامع تشريح هن ريت ڪئي آهي:

"ماڻهن کي اهڙي نموني سمجهايو جڻ توهان کين کجهه به نه سمجهايو آهي ۽ ماڻهن کي اڻڄاتل شين بابت ايئن ٻڌايو جيئن کنهن وساريل شيءِ بابت ٻڌائي رهيا آهيو."

300 سالن کان به اڳ گليليو چيو هو:

"توهان کنهن به ماڻهوءَ کي کابه شيءِ نه ٿا سمجهائي سگهو. توهان رڳو سندس ايتري مدد ڪري سگهو ٿا ته هو اها شيءِ پنهنجي من ۾ ڳولهي."

ٻئي طرف لارڊ چيسٽر فيلڊ پنهنجي پٽ کي چيو هو ته:

"جيڪڏهن تي سگهي ته ٻين ماڻهن کان وڌيڪ دانشمند ٿيڻ جي ڪوشش نه ڪر. پر هنن کي به پنهنجي دانشمنديءَ بابت نه ٻڌاءِ."

سقراط بہ ڪيترا ڀيرا پنهنجن پوئلڳن کي چيو هو:

"مون کي صرف هڪ ڳالهہ جي خبر آهي تہ مون کي ڪابہ خبر نہ آهي."

آءٌ اها اميد نہ ٿو ڪريان تہ ڪو آئون سقراط کان وڌيڪ عقلمند آهيان. تنهن ڪري مون ماڻهن کي اهو ٻڌائڻ تان هٽ ڪٽي ڇڏيو آهي "اهي غلط آهن يا هيءَ سندن غلطي آهي." ۽ مون کي پنهنجي ان عمل سبب ڪافي فائدو رسيوآهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو اهڙي ڪا ڳالهہ ڪري ٿو جيڪا توهان جي خيال ۾ غلط آهي. ايستائين جو توهان جيڪي ڪجهہ ڄاڻو ٿا. اهو بہ غلط آهي تہ پوءِ ڇا ائين بهتر ڪونهي تہ توهان ڪيس مخاطب ٿي چئو:

"نيڪ آهي. هاڻي اچو تہ ڏسون. تہ آءٌ توهان جي ابتڑ سوچي رهيو هئس. پر ٿي سگهي ٿو تہ آءٌ غلط بہ هجان. آءٌ اڪثر غلطي ڪري وٺندو آهيان ۽ جيڪڏهن آءٌ ڪٿي غلط هجان تہ توهان منهنجي غلطي درست ڪجو. پوءِ اچو تہ اها ڳالهہ سمجهون تہ..."

توهان جا اهي لفظ جادوءَ جو ڪم ڪندا ـ هڪ اثرائتو جادو.

هر ڪنهن قسم جي ڳالهہ ۾ ائين چوڻ تہ "آءٌ غلط بہ ٿي سگهان ٿو. چو تہ مون کان اڪثر غلطي ٿي ويندي آهي. اچو تہ اصل ڳالهہ کي جاچيون. انهن لفظن ۾ غضب جو جادو پريل آهي.

اهي اهڙا لفظ آهن. جن تي هن دنيا ۾ رهندڙ ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي اعتراض نہ ٿيندو.

منهنجي ڪلاس ۾ هڪ شاگرد هارولڊ رينڪي هو. هو ڪاروبار ڪندو هو. هن پنهنجن گراهڪن مان رابطا رکڻ جي سلسلي ۾ اهو ئي نظريو اختيار ڪيو هو. هن ٻڌايو تہ آٽو موبائيل بزنس دپاءُ جو شڪار آهي ۽ اهو ئي سبب هو جو هو پنهنجن گراهڪن سان بدمزاجي ۽ ڪاوڙيل لهجي ۾ ڳالهائي ٿو. خاص طور تي تڏهن جڏهن سندس ڪي گراهڪ مال جي شڪايت ڪٽي وٽس اچن ٿا. ان سان سندس ڪاروبار تي تمام خراب اثر پيو. ماحول بہ اڻ وٽندڙ ٿي پيو. ڏرين ۾ هڪ ٻئي خلاف دليل بازي بہ وڌي ويئي.

مون اهو ڏسي ورتو هو تہ منهنجو اهو عمل مون کي نقصان پهچائي رهيو آهي. ۾ مون کي اهو بہ احساس ٿي ويو هو تہ آءُ ڪاروبار کي بربادي ڏانهن وٺي وڃي رهيو آهيان، تنهن ڪري مون پنهنجي رويي کي بدلائڻ جو سوچيو ۾ هڪ نئون طريقو اختيار ڪيم. مون سوچيو تہ مون کي پنهنجن گراهڪن سان ڪجهہ هن طرح ڳالهائڻ ڪپي:

"اسان جي ڊيلرشپ هن طرح جون غلطيون ڪري ويٺي ۾ اسان کان پاڻ بہ اڻ ڄاڻيون غلطيون ٿي رهيون آهن، جنهن ڪري اسان جو شرم مان ڪنڌ جهڪي ٿو ويڃي. اسان توهان جي سلسلي ۾ بہ ڪيتريون غلطيون ڪيون آهن. مهرباني ڪري اسان کي پنهنجي انهيءَ غلطيءَ کان وقت سر واقف ڪريو تہ جيئن اسين ان لاءِ اوهان کان معافي گهري سگهون ۾ ان جو ڪو تدارڪ ڪري سگهون."

اهو نظريو نهايت ڪارائتو ثابت ٿيو. گراهڪ يڪدم هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيندو هو ۾ سندس جذبات ٺڏا ٿيڻ کان پوءِ اسين ٻئي هلڪا ڦلڪا ٿي ويندا هئاسين. گراهڪ جي ڪاوڙ ڊري ٿيڻ سبب ۾ منهنجو رويو بدلجڻ ڪري ۾ ساڻس سٹي سلوڪ ٿيڻ ڪري اسان ٻنهي کي پوءِ معاملا نبيرڻ ۾ آساني ٿي ويندي هئي. ۾ ڪيترن گراهڪن منهنجو ٿورو بہ مڃيو تہ آءُ ساڻن دوستاڻو سلوڪ سان پيش اچان ٿو. سندن شڪايت غور سان ٻڌي، ان کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪريان ٿو ۾ منهنجا بہ گراهڪ تہ منهنجي اهڙي سلوڪ ڪري ايترو تہ متاثر ٿيا، جو پنهنجا بہ ٻيادوست مون ڏانهن وٺي آيا، جن مون کان بہ نيون گاڏيون خرد ڪيون. ڪاروباري مقابلي واري مارڪيٽ ۾ اسان کي اهڙن گراهڪن جي تمام گهڻي ضرورت پوي ٿي، جيڪي پاڻ سان گڏ پنهنجن دوستن ۾ مائٽن کي بہ اسان جو گراهڪ ڪن. ۾ منهنجو خيال آهي تہ سمورن گراهڪن سان عزت ۾ احترام سان پيش اچڻ، انهن جو قدر ڪرڻ، سندن راءِ جو خيال رکڻ ۾ هنن سان سهڪار وارو ورتاءُ ڪرڻ ۾ پاڻ جهڪائڻ سان اسين ڪاروباري مقابلي ۾ اڳتي وڌي گهڻي ڪاميابي حاصل ڪري سگهون ٿا.

جڏهن اسين مجون ٿا ته اسين غلط ٿي سگهون ٿا ته دنيا جي ڪابه طاقت توهان کي تڪليف يا مسئلي ۾ ڦاسائي نه ٿي سگهي. توهان جي ان عمل سان پنهنجي ڏرين ۾ دليل بازيءَ جو رجحان ختم ٿي ويندو ۽ توهان جو مخالف به اهو سوچڻ تي مجبور ٿي ويندو ته ڪيس به ائين ئي ڪرڻ کپي. هو اها ڳالهه مڃڻ لاءِ به تيار ٿي ويندو ته ڪائنس به غلطي ٿي سگهي ٿي. جيڪڏهن توهان کي پڪ آهي ته فلاڻو شخص غلط آهي ۽ هو واقعي غلطيءَ تي آهي ته پوءِ توهان ڪيس ڪليو ڪلايو ڇئو ٿا ته، "توهان غلط آهيو يا غلطي ڪري رهيا آهيو."

توهان کي خبر آهي ته پوءِ ڇا ٿيندو؟ ته پوءِ اچو ته آءُ توهان کي مسٽر ايس جو هڪ مثال ڏيان. مسٽر ايس نيويارڪ جو هڪ نوجوان وڪيل هو. هڪ پيرو هو آمريڪا جي سپريم ڪورٽ ۾ هڪ ڪيس جي پيروي ڪري رهيو هو. اهو ڪيس نه صرف هڪ وڏي رقم بابت هو پر ان ڪيس ۾ هڪ قانوني نقطو به ملوث هو. دليلن دوران سپريم ڪورٽ جي هڪ جج ان نوجوان وڪيل کي چيو:

قانوني حد جو عرصو ڇهن سالن تائين ٿئي ٿو. ڇا ايئن ڪونهي؟

مسٽر ايس دليل ڏيڻ کان رڪجي ويو. هڪ گهڙي هن جج ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ ڪيس ڇيائين:

"يوئر آنر.....ان قسم جي قانوني معاملن ۾ عرصي جي ڪابه حد نه هوندي آهي."

نوجوان وڪيل جي ڳالهه ٻڌي عدالت خاموش ٿي ويئي.

ان نوجوان وڪيل مسٽر ايس پنهنجو اهو تجربو منهنجي ڪلاس اڳيان پيش ڪندي چيو:

"جيئن ئي مون جج کي اهو جواب ڏنو ته عدالت ۾ خاموشي ڇانئجي ويئي ۽ ايئن پئي لڳو ته جڻ عدالت جي ڪمري جو گرمي پد ٻڙيءَ تي پهچي چڪو آهي. آءُ صحيح چئي رهيو هئس ۽ جج غلطيءَ تي هو. مون کيس سندس غلطيءَ کان واقف ڪيو هو. ڇا منهنجي ان جواب سان معاملو دوستاڻي ماحول ۾ اڳتي

وڌيو؟ نہ بلڪل نہ. جيتوڻيڪ مون کي ايڏا ٻہ پڪ آهي تہ قانوني طور تي آءٌ صحيح هئس ۾ مون کي اها ٻہ پڪ آهي تہ مون ڪيس کي سڻي نموني هلايو. ايتري بهتر نموني جو مون ان کان بهتر نموني ڪو ٻيو ڪيس هلايو ئي نہ هو. پر آءٌ عدالت کي قائل نہ ڪري سگهيس ۾ مون هڪ فاضل ۾ نالياري جج کي اهو چئي هڪ وڏي غلطي ڪئي هئي تہ هو غلط آهي."

صرف کي ٿورا ماڻهو ئي منطقي هوندا آهن، جيڪي ڳالهہ کي سمجهندا آهن. اسان مان ڪيترا ماڻهو تعصب جوشڪار هوندا آهن ۾ ڪيترائي شهري پنهنجو ذهن بدلائڻ لاءِ تيار ئي نہ هوندا آهن. جيڪڏهن توهان ڪنهن کي اهو ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪريو تہ تہ هو غلطيءَ تي آهي يا غلط آهي تہ پوءِ توهان روزانو صبح جو ناشتي کان اڳ هيڏيون پئراگراف ضرور پڙهو. جيڪو جيمز هاروي روبينس جي مشهور ڪتاب "The mind in the making" مان ورتو ويو آهي.

"ڪڏهن ڪڏهن ايئن ٻہ ٿيندو آهي تہ اسين ڪنهن ٻاهرين ڏٻاءَ، ڪنهن جي ڇوڙ يا ڪنهن جذباتي ڏٻاءَ کان سواءِ ئي پنهنجو ذهن بدلائڻ تي تيار ٿي ويندا آهيون، پر جيڪڏهن اسان کي اهو ٻڌايو ويو تہ اسين غلط آهيون، يا اسين غلطيءَ تي آهيون تہ پوءِ اسين اجايو پنهنجي دل سخت ڪري تا وٺون ۾ ٻئي جي ڳالهہ ميڙ لاءِ تيار ئي نہ ٿا ٿيون، پلي پوءِ ڪٽي اها صحيح ئي ڇونہ هجي. اسان کي ٻين طرفان پنهنجي باري ۾ ڪابہ ناڪاري راءِ سڻي نہ ٿي لڳي. اسان کي پنهنجي عادت نہ پر عزت نفس پياري هوندي آهي ۾ جيڪڏهن ڪو اسان جي عزت نفس تي وار ڪري تہ پوءِ اسين کيس نہ بخشيندا آهيون. هڪ ننڍڙو لفظ "منهنجو" انساني زندگيءَ ۾ تمام گهڻو اهم آهي. مثال طور "منهنجو ڪاڏو منهنجو گهر، منهنجو سامان، منهنجو ڪتو، منهنجو ملڪ، منهنجا مائٽ، منهنجي سنگت وغيره." مطلب تہ اسان جي من ۾ هر وقت منهنجو، منهنجو لڳي ئي هوندي آهي، يا وري اسين مان ـ مان پيا ڪندا آهيون.

اسين رڳو انهن نظرين تحت جيئرا رهڻ چاهيندا آهيون. جنهن تحت اسين زندگي گذاريندا آهيون ۾ جيڪڏهن ان دوران ڪو ماڻهو اسان جي انهن نظرين برخلاف ڳالهائي ته پوءِ اسان کي چڙ وٺي ٿي وڃي."

ڪارل راجرز... هڪ مشهور نفسياتي ماهر پنهنجي ڪتاب "On Be coming a Person" ۾ هينئين لکي ٿو:

"آءٌ ان ڳالهه کي قدر جي نگاهه سان ڏسان ٿو ته آءٌ توهان کي اها اجازت ڏيان ته اهو ٻئي ماڻهو جو نقطه نظر سمجهڻ جي ڪوشش ڪري. مون جن لفظن تحت پنهنجو خيال پيش ڪيو آهي، توهان کي اهو عجيب لڳندو. ڇا ڪنهن لاءِ اهو ضروري آهي ته اهو پنهنجي پاڻ کي اجازت ڏئي ته وڃي ٻئي جا خيال معلوم ڪري. ان کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري. منهنجي خيال ۾ ايئن ڪرڻ ضروري آهي. ڇو ته جڏهن اسين ڪنهن شخص کي ٻڌون ٿا ته اسان جو پهريون ردعمل ڪيس سمجهڻ جو نه ٿو هجي. جڏهن ڪو ماڻهو کي احساس ٻڌائي رهيو هوندو آهي. کي رويا بيان پيو ڪندو آهي يا وري ڪنهن ڳالهه تي اعتقاد ڪندو آهي ته ان وقت فوري طور تي اسان جو رجحان اهو هوندو آهي ته اهو ڏسون ته هو صحيح پيو ڳالهائي يا رڳو سندس خيال بيوقوفاڻا آهن. اسين چئون ٿا ته اهو صحيح ڪونهي. اها ڳالهه نامعقول آهي. هي غلط آهي. هي بهتر ڪونهي. ڇا اسين پنهنجو پاڻ کي اها اجازت ڏيون ٿا ته اسين واضح طور تي اهو سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون ته اسان جو اهو بيان ٻئي ماڻهوءَ لاءِ ڪهڙو مطلب رکي ٿو."

هڪ پيري مون گهرن جي اندر سجاوٽ ڪرڻ واري هڪ ماهر سان رابطو قائم ڪيو ۽ کيس عرض ڪيم ته هو منهنجي گهر لاءِ پردا تيار ڪري. هن منهنجي حڪم جي تعميل ڪئي. پردا به تيار ٿي ويا. پر جڏهن مون کي سندس بل مليو ته سخت مايوسي ٿي.

پردا ٽنگڻ کان ڪجهه ڏينهن پوءِ منهنجي هڪ دوستِ منهنجي گهر آئي ۽ پردا ڏسي ان تي آيل خرچ جو پڇيائين. جڏهن مون کيس

خرچ ٻڌايو تہ هوءَ حيران ٿي ويئي ۽ يڪدم پڇيائين: "واقعي توهان اهي پردا ايتري ۾ ٺهرايا آهن؟ منهنجي هاڪار تي هن چيو: اهي مهانگا ٺهرايا اٿوَ. اهو سڀ هو تہ مون پردن جي اصل خرچ کان وڌيڪ رقم ڀري هئي. هوءَ صحيح چئي رهي هئي. پر تمام ٿورا ماڻهو اهڙي سڃائي پسند ڪندا آهن. جنهن ۾ سندن نااهلي ثابت ٿئي. تنهن ڪري انسان هجڻ جي ناتي مون ٻہ پنهنجو دفاع ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. مون ڪيس چيو تہ معيار ۽ پسند جي معاملي ۾ وڌيڪ قيمت ڏيڻ ڪو عيب ڪونهي.

ڪجهہ وقت کان پوءِ منهنجي هڪ ٻي دوستِ گهر آئي. هن پردن کي سراهيو ۽ منهنجي پسند جي واکاڻ ڪئي. تنهن کان پوءِ هن مون کان پڇيو تہ ڇا هوءَ ٻہ پنهنجي گهر کي سينگارڻ لاءِ ايترو خرچ جي عياشي ڪري سگهي ٿي. هن ڀيري منهنجو ردعمل بلڪل مختلف هو. مون پنهنجي مهمان کي چيو:

> "سڀ تہ اهو آهي تہ آءٌ ان عياشيءَ کي برداشت نہ ٿي ڪري سگهيس. اصل ۾ مون پنهنجي بيوقوفيءَ سب پردن جي اصل قيمت کان وڌيڪ رقم ڀري ڇڏي آهي. مون کي افسوس آهي تہ مون اهڙي ماڻهوءَ کان پردا ٺهرايا. جيڪو مون کي نڪي ويو."

جڏهن اسين غلط هوندا آهيون يا غلطي ڪندا آهيون تہ اها ڳالهہ پاڻ تہ ٻين کي ٻڌائڻ ۾ ڪو عار نہ سمجهندا آهيون. پر ٻئي جي واتان پنهنجي ڪنهن ٻہ غلطيءَ بابت ٻڌڻ لاءِ تيار نہ هوندا آهيون. پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو اسان کي نرميءَ سان پنهنجي غلطيءَ بابت واقف ڪري تہ ڪڏهن ڪڏهن سندس پيار واري انداز سبب اسين پنهنجائپ سمجهي سندس اڳيان پنهنجي غلطي مڃي وٺندا آهيون ۽ چوندا آهيون تہ ڪا ڳالهہ نہ آهي. منهنجي دل پنهنجي غلطي مڃڻ جي سلسلي ۾ وڏي آهي.

هوريس گريلي گهرو ويڙهہ وقت آمريڪا جو هڪ مشهور ايڊيٽر هو. هو لنڪن جي پاليسين خلاف هو. ڪيس پڪ هئي تہ هو دليلن سان

لنڪن کي پنهنجي پاليسي بدلائڻ تي راضي ڪري سگهي ٿو. هن لنڪن خلاف پنهنجي مهم شروع ڪئي ۽ ان خلاف لکندو رهيو. مهينا گذري ويا، سال گذري ويا ۽ هن به لنڪن خلاف پنهنجي مهم جاري رکي. ڇا سندس ان عمل سان لنڪن سندس خيالن سان متفق ٿي ويو؟ بلڪل نہ. ڇو ته اهڙي قسم جي عمل سان توهان ڪنهن کي به پنهنجو هم خيال نہ ٿا ڪري سگهو. کين پنهنجي نقطہ نظر سان متفق نہ ٿا ڪري سگهو.

جيڪڏهن توهان ماڻهن سان رابطي ۾ رهي پنهنجي شخصيت جي واڌ ويجهہ ڇاهيو ٿا ته توهان کي بينجمن فرينڪلن جي آتم ڪهاڻي ضرور پڙهڻ کپي. زندگيءَ ۾ اهڙيون ڪهاڻيون تمام گهٽ پڙهڻ لاءِ ملن ٿيون. اهو آمريڪي ادبي شاهڪارن مان هڪ نهايت اهم شاهڪار آهي. بينجمن فرينڪلن اسان کي ٻڌائي ٿو ته هن اجاين بحث مباحثن ڪرڻ ۽ دليلن ڏيڻ کان ڪيئن ڇوٽڪارو حاصل ڪيو ۽ ڪهڙي نموني پنهنجو پاڻ کي آمريڪي تاريخ جو هڪ اهل ۽ حڪمت عملي جو ماهر فرد ثابت ڪيو. بينجمن فرينڪلن جڏهن نوجوان هو ته هڪ لاپرواهہ نوجوان جي حيثيت رکندو هو. تڏهن سندس هڪ پراڻو دوست کيس اڪيلائيءَ ۾ ونڊي ويو ۽ هن کيس کي حقيقتون ٻڌايون. هن کيس چيو:

"بينجمن تون هڪ لاپرواهہ جي بيوقوف انسان آهين. تنهنجو رويو صحيح ڪونهي. توکي جن ماڻهن سان اختلاف آهي ۽ انهن بابت جيڪا راءِ رکين ٿو تنهنجي اها راءِ هنن جي منهن تي چماٽ وانگر لڳي ٿي. تنهنجا دوست سمجهن ٿا ته تون جڏهن سندن محفل ۾ نہ هوندو آهين ته هو پاڻ کي وڌيڪ بهتر محسوس ڪندا آهن. تون ذاتي طور تي ايترو ڪجهہ ڇاڻين ٿو جو ڪنهن به ٻئي شخص کي توکي ڪجهہ به ٻڌائڻ جي ضرورت ڪونهي ۽ نہ ڪو ٻيو اهڙي خواهش ڪندو. ڇو ته اهڙيءَ ريت بدمزگيءَ پيدا ٿئي ٿي ۽ ان کان سواءِ اها هڪ مشڪل ڳالهہ به آهي. اهو ئي سبب آهي جو تون جيڪي ڪجهہ هن وقت ڇاڻين

ٿو ان کان وڌيڪ ڪڍهن بہ ڇاڻي نہ سگهندين ۽ توکي جيڪا خبر آهي، اها بلڪل ٺوري آهي."

بينجمن فرينڪلن جي جنهن خوبيءَ کان آءٌ واقف آهيان، اها هيءَ تہ هن پنهنجي دوست جي نصيحت کي دل سان قبول ڪيو. هو ايترو تہ سمجهدار هو جو هن سمجهي ورتو تہ سندس دوست صحيح پيو چوي. ڪيس اهو بہ احساس ٿي ويو هو تہ هو ناڪاميءَ ڏانهن وڌي رهيو آهي. تنهن ڪري هن پنهنجو پاڻ کي سڌارڻ جي ڪوشش ڪرڻ شروع ڪري ڏني. فرينڪلن ٻڌايو تہ:

"مون اهو اصول اختيار ڪيو تہ آءٌ ٻين جي جذبن سان نہ کيڏندس. مون پاڻ کي اهڙا لفظ چوڻ کان بچائڻ شروع ڪيو جن سان ٻين جي دل آزادي ٿئي ٿي. جڏهن ڪو ٻيو ڪا اهڙي ڳالهہ ڪندو هو جيڪا منهنجي خيال ۾ غلط آهي تہ بہ آءٌ ڪنهن سان بحث مباحثو نہ ڪندو آهيان. مون کي پنهنجي عادتن بدلائڻ سبب جلد ئي فائدو ٿيڻ شروع ٿي ويو. هاڻي ماڻهن سان منهنجي ڳالهہ ٻولهہ سڀي ماحول ۾ ٿيندي هئي. تنهن ڪري اهي بہ مون سان سڀو ورتاءُ ڪندا هئا. هاڻي آءٌ ايئن ڪرڻ جو ايترو تہ عادي ٿي ويو آهيان، جو اها منهنجي عادت بڻجي چڪي آهي."

بينجمن وارو طريقو ڪاروباري دنيا ۾ ڪيئن اختيار ڪري سگهجي ٿو اچو تہ ٻن مثالن ذريعي ان ڳالهہ کي چٽي نموني سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون.

اتر ڪارولينا جي ڪيٿرين، هڪ صنعتي انجنيئرنگ سپروائيزر هئي. هن اسان جي ڪلاس کي ٻڌايو تہ هن اسان جي اداري مان سکيا ونڊ کان اڳ ۾ ان کان پوءِ ڪهڙي نموني هڪ حساس معاملي کي منهن ڏنو. هن ڪلاس کي ٻڌايو تہ:

"منهنجي ذميدارين ۾ هڪ اها بہ ذميداري هئي تہ آءٌ هڪ اهڙو طريقو ڳاهيان، جنهن تحت اسان جي آپريٽرن کي ترغيب ملي تہ اُهي وڌ ۾ وڌ سُٺ تيار ڪن تہ جيئن اسان جي اداري کي ايڪا وڌيڪ نفعو

حاصل ٿئي. اسان اڳ ۾ ئي هڪ اهڙو طريقو اختيار ڪري رکيو هو ۽ ان تي سڌي نموني عمل ٻ ٿي رهيو هو. پر اهو نظام اوستائين فائدي وارو هو جيستائين اسين رڳو ٻن يا ٽن قسمن جو سُٽ تيار ڪندا هئاسين. پر تازو ئي اسان پنهنجي اهليت ۽ صلاحيت وڌائي هئي ۽ هاڻي اسان جو ادارو ايترو قابل ٿي ويو هو جو هو ڏهه ٻارنهن قسمن جو سُٽ تيار ڪري سگهي. هاڻي موجوده نظام ايترو فائدي وارو نه هو ته کو آپريٽرن کي اهڙي ترغيب ڏياري سگهي ته اهي پيداواري صلاحيت وڌائڻ کي ممڪن بڻائين. مون هڪ نئون نظام ٺاهيو. ان نظام تحت اسان کي آپريٽرن کي سُٽ جي ان قسم جي حوالي سان ادائگي ڪرڻي هئي، جهڙو سُٽ هو ٺاهيندو.

مون ان نئين نظام کي انتظاميہ آڏو پيش ڪيو ۽ ان سلسلي ۾ هڪ گڏجاڻي ٽيڻي هئي ته جيئن انتظاميہ کي اها پڪ ڏياري وڃي ته منهنجو ٺاهيل نظام مناسب آهي. اهو هڪ اهڙو نظام آهي، جنهن مان هر ممڪن طريقي فائدو حاصل ٿي سگهيو ٿي. مون کين ٻڌايو ته اهي غلطيءَ تي هئا ۽ اهو ٻ ته اهي ڪٽي ڪٽي استاف سان ناانصافي ڪري رهيا هئا ۽ مون کين انهن سمورن سوالن جا مناسب جواب ڏنا، جيڪي هنن مون کان پڇيا. قصو مختصر ته آءٌ انتظاميہ کي قائل ڪرڻ ۾ هر طرح سان ناڪام رهيس. آءٌ ان کوشش ۾ مصروف رهيس ته پنهنجي تيار ڪيل نئين نظام جو دفاع ڪندو رهان. ان مان جيڪي فائدو ٽيڻو هو ان کان انتظاميہ کي واقف ڪريان ۽ انتظاميہ کي ان تي عمل لاءِ راضي ڪريان، تنهن ڪري اها گڏجاڻي ناڪام ٿي ۽ ڪوبہ فيصلو ٿي نہ سگهيو.

"جڏهن مون ڊيل ڪارنيگي جي ڪورس ۾ داخلا ورتي ۽ ڪورس جا ڪيترائي سبق پڙهڻ ۽ ڪلاسن ۾ شرڪت کان پوءِ مون کي خبر پئجي ويئي ته مون ڪٽي ڪٽي غلطي ڪئي آهي. تنهن ڪري مون انتظاميہ کي ان سلسلي ۾ هڪ بي گڏجاڻي سڏائڻ لاءِ چيو ۽ هن پيري انتظاميہ کان پڇيم ته هو ٻڌائين ته کين ڪٽي مسئلا پيش اچن ٿا ته جيئن انهن کي جوڳي نموني حل ڪيو وڃي. اسان هر هڪ

نقطي تي بحث ڪيو ۽ انتظاميہ کان سندن راءِ ورتي. اها راءِ جيڪا سندن خيال ۾ بهترين راءِ هئي. مون انتظاميہ کي اهو ٻہ عرض ڪيو تہ منهنجي ناهيل نظام کي بهتر هو پاڻ ڪن تہ جيئن ان تي عمل ۾ آساني رهي. گڏجاڻيءَ جي آخر ۾ جڏهن مون پنهنجو ناهيل نظام پيش ڪيو تہ انتظاميہ وڏي جوش ۽ جذبي سان ان کي پاس ڪيو.

"هاڻي مون کي ان ڳالهہ جي پڪ ٿي ويئي آهي تہ جيڪڏهن توهان ڪنهن ماڻهو کي واضح طور ٻڌايو تہ هو غلطي ڪري پيو يا غلط آهي تہ توهان ڪجهہ ٻہ حاصل ڪري نہ ٿا سگهو ۽ورڳو توهان کي نقصان ٿي سگهي ٿو."

اچو تہ هڪ ٻيو ٻہ مثال ڏسون. آءٌ توهان اڳيان هڪ ڳالهہ جي وضاحت ڪندو هلان تہ آءٌ توهان اڳيان جيڪي مثال پيش ڪري رهيو آهيان، مخصوص ۽ منفرد قسم جا مثال نہ آهن ۽ اهڙي قسم جا واقعا هزارين ماڻهن کي پيش ايندا رهندا آهن.

آر. وي ڪرولي نيويارڪ جي هڪ ڪمپنيءَ جو سيلزمين هو جيڪا اسڪريپ جو ڪاروبار ڪندي هئي. ڪرولي انهيءَ ڳالهہ جو اعتراف ڪيو تہ هو پنهنجن انسپيڪٽرن کي ڪافي عرصي کان اهو ٻڌائيندو پئي آيو تہ اُهي غلطيءَ تي آهن ۽ آءٌ ساڻن بحث ۾ اڪثر ڪاميابي ٻہ حاصل ڪري وٺندو هئس، پر ان ڪاميابيءَ جو ٻہ کو سٺو نتيجو نہ ٿي نڪتو.

مسٽر ڪرولي چيو:

"اهي انسپيڪٽر بيس بال وانگر هوندا آهن ۽ جڏهن اهي هڪ پيري کو فيصلو ڪري ڇڏين تہ پوءِ ان تي ٽِڪ ٻڌي بيهي رهندا آهن."

ڪرولي محسوس ڪيو تہ بحث مباحثن ۾ سندس ڪاميابيءَ سبب ڪمپنيءَ کي ڪروڙين رپين جو نقصان ٿي رهيو آهي. تنهن ڪري منهنجي ڪورس ۾ حصو وٺڻ کان پوءِ هن فيصلو ڪيو تہ بحث مباحثي جي عادت ختم ڪري ڇڏيندو ۽ پنهنجي طريقيڪار ۾ سڀني تبديلي آڻڻ جي ڪوشش ڪندو. سندس ان فيصلي جا ڪهڙا نتيجا نڪتا، هيٺ حاصل ڪيل نتيجن جو داستان پيش ڪجي ٿو جيڪو هن پوءِ پنهنجي ڪلاس جي ساڻين کي ٻڌايو. هن چيو:

"هڪ ڏينهن منهنجي آفيس جي فون جي گهنٽي وڳي ۽ ٻئي پاسي هڪ ڪاوڙيل شخص مون سان ٻگالهائي رهيو هو. ان مون کي ٻڌايو ته اسان سندس پلانٽ تي هڪ ڪار جو جيڪو اسڪرپٽ اماڻيو هو اهو ڪو سٺو نه هو ۽ اهو ته سندس فرم ان اسڪرپٽ کي وٺڻ کان انڪار ڪري چڏيو هو ۽ هن مون کي صرف اهو ٻڌائڻ لاءِ فون ڪيو آهي ته آءٌ پنهنجو اهو اسڪريپ واپس گهرائي ونان ته جيئن سندس گودام سامان رکڻ لاءِ جلد خالي ٿي وڃي. ان اسڪريپ جو ڇوٽون حصو اُهي لاهي چڪا هئا ته سندن انسپيڪٽر اتي پهچي ويو ۽ ان جڏهن ان جي جانچ پڙتال ڪئي ته سندس مطابق اهو معيار موجب نه پر ڪافي خراب سامان هو."

"آءٌ يڪدم پلانٽ ڏانهن روانو ٿيس ۽ رستي ۾ پنهنجي دفاع لاءِ به ويچاريندو رهيس. مون سوچيو ته آءٌ ان صورتحال کي سڌي نموني منهن ڏيڻ جي ڪوشش ڪندس. عام حالتن ۾ اهڙي صورتحال تحت آءٌ معيار جا قانون پيش ڪريان ها ۽ انسپيڪٽر کي ان ٻگالهه تي راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان ها ته منهنجو اسڪريپ معياري هو ۽ اهو ته هو قانون جي پڇڪڙي ڪري رهيو آهي."

پر پوءِ مون اهو سوچيو ته نه، آءٌ انهن اصولن تي عمل ڪندس جيڪي ڊيل ڪارنيگي جي ڪورس مان سکيا آٿم.

"آءٌ جڏهن انهيءَ پلانٽ تي پهتس ته ڏٺم ته خريدار ايجنٽ ۽ اسڪريپ انسپيڪٽر جو موڊ ڪو سٺو نه هو. ٻئي بحث مباحثي لاءِ مڪمل تيار ۽ وڙهڻ تي آماده هئا. اسين ان اسڪريپ ڏانهن هلڻ لڳاسين، جنهن کي لاٽو پيئي ويو. ۽ مون کين عرض ڪيو ته اهي مال لاهرائڻ جو ڪم هلڻ ڏين ته جيئن آءٌ ڏسي سگهان ته ان مان ڇا پيو نڪري. مون انسپيڪٽر کي به عرض ڪيو ته هو به رد ڪيل سامان کي ڏار ڏير ڪرائي ۽ جيڪو مال سندس خيال ۾ سٺو آهي، تنهن کي خراب مال کان ڏار ڪرائي ڏير ڪرائي، ڇو ته هو منهنجي پهچڻ کان اڳ ائين ئي ڪري رهيو هو.

آءُ ڪجھ دير اُتي ويھي سڀ ڪجھ ڏسندو رھيس. مون ڏٺو تہ انسپيڪٽر جي پڙتال سخت ھئي ۽ ھو قانون جي غلط تشريح ۽ ڪري رھيو ھو. ھو جن قانونن تحت ان اسڪريپ جي درجابندي ڪري رھيو ھو اھي قانون ان اسڪريپ تي لاڳو نہ ٿي ٿيا. مون ھڪ لمحي تہ اھو سوچيو تہ آءُ ان انسپيڪٽر کان پڇان تہ اھو ڇو غلط قانونن تحت درجہ بندي ڪري رھيو آھي، پر مون ايئن نہ ڪيو بلڪ خاموشيءَ سان سڀ ڪجھ ڏسندو رھيس. تنھن کان پوءِ مون ان انسپيڪٽر کان سوال پڇڻ شروع ڪيا، پر ڪيس ڪٽي ۽ ڪيس اھو محسوس ڪرڻ نہ ڏنم تہ ھو غلط آھي. مون ڪيس رڳو اھو چيو تہ منھنجي سوالن پڇڻ جو مطلب رڳو اھو آھي تہ آءُ آئيندہ ڪمپنيءَ کي صرف اھو مال موڪليان جيڪو ڪين اصل ۾ ڪپي.

آءُ ڪائنس دوستاٽي ماحول ۾ سوال پڇندو رھيس. مون لڳاتار انسپيڪٽر کي اھو پئي چيو تہ ھن غلط سامان کي ڏار ڪري سڻو ڪم ڪيو آھي. منھنجي ان عمل سبب اسان جي وچ ۾ چڪتاڻ واري جيڪا صورتحال ھئي، اھا ھڪ بھتر ماحول ۾ بدلجڻ شروع ٿي ويئي.

آھستي آھستي انسپيڪٽر جو سلوڪ بھتر ٿيندو ويو ۽ آخرڪار ھن ان ڳالھ کي ۽ مڃي ورتو تہ ھو ڪو تجربيڪار انسپيڪٽر نہ آھي ۽ مون کان اسڪريپ بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ لڳو ۽ پنھنجي غلطي ۽ مڃي ورتائين. آخر نتيجو اھو نڪتو تہ ھن سمورو مال قبول ڪري ورتو ۽ اسان کي سموري سامان جو پورو چيڪ ۽ ملي ويو. ان جو سبب اھو ھو جو مون ٻئي شخص کي اھو محسوس ٿيڻ ئي نہ ڏنو تہ ڪو ھو غلطيءَ تي ھو ۽ منھنجي ان عمل سان اسان جو ادارو نہ صرف ھڪ وڏي مالي نقصان کان بچي ويو پر سندس ساک ۽ متاثر نہ ٿي."

ھڪ پيري مارٽن لوٿر ڪنگ جونيئر کان پڇيو ويو تہ امن جي ھڪ پوئلڳ طور ھو ڪھڙي نموني آمريڪي ھوائي فوج جي جنرل ڊينيئل جيمز جي ساراھ ڪندو. جنرل صاحب ان وقت اڪيلو ڪارو ھو جيڪو ايڏي وڏي عھدي تي ڪم ڪري رھيو ھو. ڊاڪٽر ڪنگ جواب ڏنو:

"آءٌ ماڻهن کي سندن اصولن تحت جاچيندو آهيان. سندس جاچ ذاتي اصول تحت نہ ڪندو آهيان."

هڪ پيرو جنرل رابرٽ اي لي پنهنجي ڪمان هيٺ ڪنهن آفيسر بابت پنهنجن بهترين خيالن کي ظاهر ڪيو. ساٿن گڏ موجود هڪ ٻيو آفيسر سندس اهي خيال ٻڌي حيران ٿي ويو ۽ جنرل لي کي چيائين:

"جنرل ڇا توکي خبر آهي تہ جنهن آفيسر لاءِ تو هيترا سٹا خيال ظاهر ڪيا، اهو تنهنجو پهرين نمبر دشمن آهي، ۽ توکي هيناهون ڏيکارڻ جو ڪوبہ موقعو هٹان نہ ٿو وڃائي؟"

جنرل لي ڇيوتہ ها مون کي خبر آهي، پر صدر هن جي باري ۾ مون کان راءِ ورتي هئي، نہ ڪو هن منهنجي باري ۾ ڪانئس راءِ ورتي هئي. توهان جي اطلاع لاءِ عرض تہ آءٌ هن ڪتاب ۾ ڪا نيئن ڳالهہ پيش نہ ٻيو ڪريان. ٻہ هزار سال اڳ حضرت عيسيٰ عليہ السلام فرمايو:

"توهان پنهنجي ئي مخالف سان تمام تيزيءَ سان رضامندي ظاهر ڪريو."

۽ حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي پيدائش کان 2200 سال اڳ مصر جي فرعون پنهنجي پٽ کي هڪ نصيحت ڪئي هئي، جيڪا نصيحت اها هئي تہ، جنهن تي اڄ بہ عمل ڪرڻ جي شدت سان ضرورت محسوس ڪئي ٿي وڃي:

"حڪمت عملي اختيار ڪر، اها تو لاءِ تنهنجي نقط نظر کي ڪامياب ڪرڻ جي ضمانت هوندي۔"

ٻين لفظن ۾ پنهنجن گراهڪن سان، پنهنجن اصيلن سان، پنهنجي زال يا مڙس سان، پنهنجي مخالف سان بحث مباحثي ۾ نہ اٽکو. ساٿن اجايو بحث نہ ڪريو. دليل نہ ڏيو. ڪين غلط نہ سڏيو. ڪين ڪاوڙايو نہ. پر حڪمت عمليءَ ۾ مهارت کان ڪم وٺو.

ٻين ماڻهن جي راءِ جو احترام ڪريو. ڪين ڪڏهن بہ غلط نہ چئو. نہ سندن ڪا غلطي محسوس ڪريو.

باب چوڏهون

شروعات دوستاڻي طريقي سان ڪريو

جيڪڏهن توهان ڪاوڙيل آهيو ڪاوڙ ۾ تپي ڳاڙها ٿي ويا آهيو ۽ پنهنجي انهيءَ ڪاوڙ کي ڪنهن ٻئي تي ٽا ڪيو ته توهان جا جذبات ٺڏا ته ٿي ويندا. توهان پرسڪون ته ٿي ويندا. پر انهيءَ ماٺهوءَ لاءِ توهان جو ڪهڙو خيال آهي، جنهن تي توهان پنهنجي ڪاوڙ لاٿي؟ ڇا هو توهان جي خوشيءَ ۾ شريڪ ٿيندو- ان خوشيءَ ۾ جيڪا توهان کي ڪاوڙ لهڻ کان پوءِ ٿي رهي آهي. ڇا توهان جو اهڙو سلوڪ ڪيس ان ڳالهه لاءِ راضي ڪندو ته هو به توهان جو هم خيال ٿي وڃي ته توهان جيڪي ڪيو صحيح ڪيو؟ ڇا توهان جو اهو رويو توهان کي پرسڪون ڪندو؟

وڊرو ولسن هڪ پيري چيو هو ته:

"جيڪڏهن توهان مون کي هڪ مڪ هڻڻ لاءِ اڳيان وڌندؤ ته پوءِ آءٌ پنهنجون ٻئي مڪون پڪوڙي توهان طرف وڌندس. جيڪڏهن توهان مون کي هڪ ڏڪ هڻندؤ ته آءٌ به ڏڪ هڻڻ جي ڪوشش ڪندس. پر جيڪڏهن توهان مون وٽ اچي مون کي اهو چوندؤ ته اچو ته هن معاملي تي گڏجي صلاح مصلحت ڪريون ته پوءِ پلي اسان جا خيال هڪ ٻئي کان مختلف ئي چو نه هجن ته اسين اهو سمجهڻ جي ڪوشش ڪنداسين ته اسان جا خيال هڪ ٻئي کان مختلف چو آهن ۽ پوءِ اسين جلد ان راءِ جا ٿي ويندا سين ته اسين جن نقطن تي اختلاف رکون ٿا، اهي تمام ٿورا آهن ۽ اهي نقطا وڌيڪ آهن، جن تي اسان جي خيالن ۾ هڪجهڙائي آهي ۽ باقي

ٿورا رهيل نقطا به اهڙا آهن جن تي ٿوري غور ويچار کان پوءِ اسين اڃا وڌيڪ هر خيال ٿي ويندا سين."

وڏرو ولسن جي ان ڳالهه جي سچائيءَ کي راڪ فيلر جونيئر کان وڌيڪ ٻيو ڪو سمجهي ئي نه سگهيو. 1915ع ۾ راڪ فيلر ڪولو رادو جو هڪ نهايت حقير شخص تصور ڪيو ويندو هو. هو نفرت لائق سمجهيو ويندو هو. آمريڪا جي صنعتي تاريخ جي رتوڇاڻ وارين هڙتالن مان هڪ هڙتال گذريل ٻن سالن کان رياست کي لوڏي ڇڏيو هو. ڪارڪن پگهارون وڌائڻ جو مطالبو ڪري رهيا هئا. اهي ڪارڪن ڪولو رادو جي فيول اينڊ آئرن ڪمپنيءَ ۾ ڪم ڪندا هئا. ملڪيتن کي تباهه ۽ برباد ڪيو پئي ويو. اها ڪمپني راڪ فيلر جي هئي ۽ هڙتالن تشدد جي راه اختيار ڪري ورتي هئي. خون خرابي عروج تي هئي ۽ فوج گهرائي ويئي هئي. هڙتالي ڪارڪنن تي گوليون هلايون پئي ويون. سندن جسم گولين سان پروڻ ٿي رهيا هئا.

اهڙي وقت ۾ جڏهن فضا پرتشدد ۽ نفرت واري هئي. راڪ فيلر چاهيو ٿي ته هڙتالي ڪارڪنن کي ان ڳالهه لاءِ مجبور ڪيو وڃي ته هو به ايئن سوچين جيئن هو سوچي رهيو آهي ۽ هن ايئن ئي ڪيو پر ڪيئن؟ اهو هيئن:

"راڪ فيلر ڪيترا هفتا ان ڪوشش ۾ لڳو رهيو ته هڙتالي ڪارڪنن مان ڪن سان دوستي ڪري مقصد ۾ ڪامياب ٿيڻ کان پوءِ راڪ فيلر هڙتالي ڪارڪنن جي عيوضين کي خطاب ڪيو.

راڪ فيلر جي اها تقرير هڪ شاهڪار تقرير هئي، جنهن جا حيرت ۾ وجهندڙ نتيجا نڪتا. ان تقرير نفرت جي ان لهر اڃيان بند ٻڌي ڇڏيو. جيڪا راڪ فيلر لاءِ خطرو بڻيل هئي. ان تقرير کان پوءِ سندس ساراهه ڪندڙ به ميدان ۾ نڪري آيا. ان تقرير ۾ اهي حقيقتون پيش ڪيون ويون جو هڙتال ڪندڙ ڪارڪن پنهنجن مطالبن تان هٽ ڪٽي ڪم تي موٽي آيا، حالانڪ اهي پنهنجن پگهارن وڌائڻ لاءِ جهڙوڪر ڪمپنيءَ سان جنگ جوٽيو بيٺا هئا.

ان قابل ذڪر تقرير کي هيٺ پيش ڪيو ٿو وڃي ته جيئن توهان

ڏسو تہ ان تقرير کان پوءِ ڪيئن دوستاڻو ماحول پيدا ٿيو. راڪ فيلر کي خبر هئي تہ هو انهن ماڻهن اڳيان تقرير ڪري رهيو آهي، جيڪي ڪجهہ ڏينهن اڳ ڪيس وڙ تي لٽڪائي قاهي ڏيڻ لاءِ بيتاب هئا. سندس تقرير ۾ ڪجهہ هن قسم جا جملا شامل هئا:

* مون کي توهان سان ڳالهائيندي فخر محسوس ٿي رهيو آهي.
* آءٌ توهان جي گهرن ۾ بہ وڃي چڪو آهيان ۽ توهان جي ٻارن ٻچن سان بہ ملي چڪو آهيان.
* اسين هتي پاڻ ۾ اجنبين وانگر نہ، پر دوستن وانگر ويٺل آهيون.
* هڪ ٻئي سان دوستي اسان ٻنهي جي فائدي ۾ آهي.
* اها توهان جي وڏي مهرباني جو مون کي توهان وٽ اچي ڳالهائڻ جو موقعو ڏنو اٿو.

راڪ فيلر پنهنجي تقرير هينئن شروع ڪئي:

"اڄوڪو ڏينهن حياتيءَ ۾ هميشه يادگار رهندو. اڄ مون کي پهريون پيرو اهو موقعو مليو آهي، جو آءٌ هن عظيم ڪمپنيءَ جي ملازمن سان سڌو سنئون ڳالهائي رهيو آهيان ۽ مون کي اها بہ خوشي آهي تہ مون کي هن ڪمپنيءَ جي ملازمن توڙي آفيسرن سان گڏيل طور ڳالهائڻ جو موقعو ملي رهيو آهي. ۽ آءٌ توهان کي پڪ ٿو ڏياريان تہ مون کي توهان اڳيان تقدير ڪندي تمام گهڻو فخر محسوس ٿي رهيو آهي ۽ اڄوڪي ملاقات مون کي سدائين ياد رهندي.

جيڪڏهن اڄوڪي گڏجاڻي بہ هفتا اڳ ٿئي ها تہ پوءِ آءٌ توهان کان اڳ هڪ اجنبي وانگر بيٺو هجان ها ۽ تمام ٿورن ماڻهن سان ئي ملي سگهان ها. گذريل هفتي مون کي اهو موقعو مليو تہ مون توهان جي سمورين ڪمپن جو دورو ڪيو ۽ سمورن عيوضين سان روبرو ٿي هر هڪ سان ڳالهايم. سواءِ انهن جي جيڪي ان وقت موجود نہ هئا. مون توهان جي گهرن جو بہ دورو ڪيو. توهان مان ڪيترن جي ٻارن ٻچن سان بہ مليس. اسين اڄ هتي اڻ ڄاتل ماڻهن وانگر نہ، پر هڪ ٻئي سان دوستن وانگر ملي رهيا آهيون ۽ گڏيل دوستيءَ واري جذبي تحت ئي توهان سان

ڳالهائي رهيو آهيان ته اچو ته ٻاڻ ۾ ويهي صلاح مصلحت سان مسئلي جو ڪو حل ڪڍون. جيئن ته هيءَ گڏجاڻي ڪمپني جي آفيسرن ۽ ملازمن جي گڏيل گڏجاڻي آهي، پر اها توهان سيني جي مهرباني جو مون کي به ان ۾ اچي ڳالهائڻ جو موقعو ڏنو اٿو."

توهان راڪ فيلر جي تقرير جو هڪ حصو پڙهيو. ڇا اها تقرير دشمنن مان دوست پيدا ڪرڻ جو هڪ بهترين نمونو ڪونهي؟ فرض ڪريو ته راڪ فيلر کي ٻيو طريقو اختيار ڪري ها. فرض ڪريو ته هو ڪارڪنن سان اجايو بحث مباحثو ڪري ها، يا جهيڙي جهٽي ۾ پئجي وڃي ها. دليل ڏئي ها ۽ هنن اڳيان پنهنجا مسئلا پيش ڪري ها. هو اهو ثابت ڪري ها ته ڪارڪن غلطيءَ تي آهن ۽ فرض ڪريو ته هو انهن کي ڪنهن نه ڪنهن نموني غلط ثابت به ڪري وڌي ها، ڪائنئن زوريءَ غلطيءَ مڃائي به وڌي ها، ته پوءِ ڇا ٿئي ها. فضا ۾ اجايو هڪ زور زبردستيءَ وارو ماحول پيدا ٿئي ها. ڏرين مان ڪاوڙ ختم نه ٿئي ها، نفرت اندر ئي اندر پنهنجي جاءِ تي موجود هجي ها ۽ ٿي سگهي ٿو ته اڳتي هلي ڪارڪن پاڻيهي يا ڪنهن ٻئي جي چرچ تي ايجا وڌيڪ باغياڻو رويو اختيار ڪن ها.

جيڪڏهن ڪنهن شخص جي دل توهان جي باري ۾ خراب احساس جو شڪار هجي ته پوءِ توهان هر قسم جي منطق استعمال ڪري ۽ دليل ڏيئي به ڪيس پنهنجو هم خيال ناهي نه ٿا سگهو. توهان ان کي ان قابل نه ٿا ڪري سگهو ته اهي به ايئن ئي سوچين جيئن توهان سوچي رهيا آهيو. ٻارن کي درڪا ڏاڍا ڏيندڙ ماءُ پيءُ، رعب وجهندڙ آفيسر ۽ زالن سان وڙهندڙ مڙسن ۽ ناراض زالون، سيني کي اهو احساس ڪرڻ ڪپي ته ماڻهو توهان کي پنهنجو ڏهن بدلائڻ تي مجبور نه ٿا ڪري سگهن ۽ نه ئي کو توهان سندن ڏهن بدلائي سگهو ٿا. چو ته ٻنهي مان ڪوبه پنهنجو ڏهن تبديل نه ٿو ڪرڻ چاهي، يا نه ٿو ڪري. توهان انهن کي زوريءَ زبردستي پنهنجو هم خيال نه ٿا ناهي سگهو. پر هڪ صورت ۾ اسين پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿي سگهون ٿا. اها صورت اِها ته اسين شريفاڻو ۽ دوستاڻو سلوڪ رکون. ايترو

شريفاٽو ۾ دوستاٽو رويو. جيترو اسين اختيار ڪري سگھون ٿا، يا ٻئي کان اھڙي سلوڪ جي پاڻ لاءِ به اميد رکون ٿا.

لنڪن 100 سالن کان ٻه اڳ ان سلسلي ۾ چيو ھو:

"اھو ھڪ پراٽو ۾ سچو قول آھي ته ماڪيءَ جو ھڪ ڦڙو ڪنڊ واري پاٽيءَ جي ھڪ گئلن کان وڌيڪ مکيون گڏ ڪري ٿو. تنھن ڪري انسان ذات جي سلسلي ۾ جيڪڏھن توھان کي ماٺھن جون دليون کٽيون آھن، کين پنھنجو ھم خيال ڪرٽو آھي ته پھرين پنھنجو پاڻ کي ان ٻالھ لاءِ قائل ڪريو ته توھان سندس سٺا دوست آھيو. توھان جي ان عمل ۾ ماڪيءَ جو اھو ڦڙو ڀيل آھي، جيڪو سندس دل کي توھان جو ڪري ٿو ڇڏي. سندس دل توھان جي ھر ٻالھ ٻڌڻ ۾ سمجھڻ تي راضي ٿيو وڃي."

ڪاروباري ماٺھو ۾ ڪاروباري نگرانن کي انھيءَ ٻالھ جو پتو پئجي ويو آھي ته ھڙتالي ڪارڪنن سان دوستاٽو سلوڪ خود سندن فائدي ۾ ھوندو آھي. مثال طور وائيٽ موٽر ڪمپني جي پلانٽ جا ايائي ھزار ملازم ھڙتال تي ھليا ويا. اھي پگھارون وڌائڻ سان گڏ ھڪ يونين شاپ ناھڻ جي به گھر ڪري رھيا ھئا. رابرٽ ايف ان وقت ڪمپنيءَ جو صدر ھو. کيس انھن ھڙتالي ڪارڪنن تي ڪاوڙ نه آئي. ھن نه سندن مذمت ڪئي ۽ نه ئي کين چڙبون ڏنائين، نه ڌمڪيون، نه کين ھراسيو ويو ۽ نه ڪو ڊيڄاريو ويو. ھن اھي حربا به اختيار نه ڪيا، جيڪي ڪميونست ھڙتال کي ختم ڪرائڻ لاءِ ڪندا آھن. ھن ھڙتالين کي ساراھيو. ھن ڪلو لينڊ جي اخبارن ۾ ھڪ اشتھار ڇپرايو جنھن ۾ ھن ھڙتالي ڪارڪنن کي ساراھيو ته انھن پرامن ھڙتال جو رستو اختيار ڪيو. ھن اشتھار ذريعي ھڙتالي ڪارڪنن کي خطاب ڪندي چيو:

"آءٌ توھان کي ساراھيان ٿو ته توھان پرامن نموني پنھنجا اوزار ڦٽا ڪري آيا."

ھن ڏٺو ھو ته ھڙتال ڪارڪن سڄو ڏينھن فارغ وينا ھوندا آھن.

تنهن ڪري هن ڪين مصروف رهڻ جو بندوبست اهو ڪيو ته هن به درجن بيس بال ۾ دستانا خريد ڪري ڪين ڏنا ۾ ڪين چيو ته، هو واندڪائي ۾ انهن ذريعي ڪمپنيءَ جي خالي پلانٽ تي وڃي راند کيڏن.

مسٽر بليڪ پنهنجن هڙتال ڪارڪنن سان جيڪو دوستاڻو سلوڪ اختيار ڪيو تنهن به اهو ئي ڪم ڪيو جيڪو ڪو دوستاڻو رويو ڏيڪاريندو آهي. ان سلوڪ دوستاڻي ماحول کي هٿي وٺرائي. هڙتالي ڪارڪنن پهارن، بيلچن ۾ صفائي ستراڻي جي ٻئي سامان جو بندوبست ڪيو ۾ فيڪٽريءَ جي آسپاس واري هنڌ کي صاف ڪرڻ شروع ڪيو. هنن فيڪٽريءَ جي چوگرد پکڙيل وڏي پلاٽ تي پيل سگريٽن ۾ سگارن جي ٽوٽن، خالي ماچيسن، ڪاغذن جي ٽڪرن ۾ ٻئي گند ڪچري کي هٽائڻ شروع ڪيو.

ٿورو غور ته ڪريو فيڪٽريءَ جا اهي ملازم جيڪي پنهنجو پگهار وڌائڻ ۾ ٻين حقن حاصل ڪرڻ لاءِ فيڪٽري اختياريءَ وارن سان جنگ جوٽي رهيا هئا، اهي ڪوبہ هُل هنگامو ڪرڻ بدران پاڻ هڙتال دوران فيڪٽري ۾ صفائي ستراڻي جو ڪم ڪري رهيا هئا. ان کان اڳ آمريڪي تاريخ ۾ اهڙو ڪو واقعو پيش نہ آيو هو ته هڙتالي ڪارڪن جيڪي پگهار وڌائڻ لاءِ احتجاج ڪري رهيا هئا، سي هنگامن بدران فيڪٽريءَ جي صفائيءَ ستراڻيءَ ۾ رڌل هجن. هڪ هفتي اندر هڙتالي ڪارڪنن ۾ انتظاميہ وچ ۾ ناهہ ٿي ويو ۾ هڙتال ختم ٿي ويئي ۾ ڪو ناخوشگوار واقعو پيش نہ آيو.

ڊينيئل ويبسٽر هڪ سٽي شخصيت وارو هڪ بهترين وڪيل هو. هو هڪ ڪامياب ترين وڪيل هو ۾ پنهنجو ڪيس سٽي نموني وڙهندو هو. هو مضبوط ۾ طاقتور دليل ڏيندو هو ۾ ججن سان اهڙي دوستاڻي نموني ڳالهائيندو هو جو هو سندس دليلن مان قائل ٿي ويندا هئا. هو ججن کي ڪجهہ هن طرح مخاطب ٿي چوندو هو:

"سائين منهنجا! آءٌ توهان جي خدمت ۾ ڪجهہ دليل پيش ڪريان ٿو ۾ اميد اٿم ته توهان انهن کي نظر انداز نہ ڪندا."

يا وري هيئن:

"توهان پنهنجي دانائيءَ ۾ شعور مان منهنجي دليلن کي سمجهي ونندا ۽ مون کي اميد آهي ته توهان پوءِ انهن کي نظر انداز نه ڪندا."

هو دباءَ ڏمڪي وارا حربا استعمال نه ڪندو هو ۽ نه وري پنهنجي راءِ زوريءَ ٻين تي ٿاڦڻ جي ڪوشش ڪندو هو. هو زور زبردستيءَ جو قائل ئي نه هو. ويسٽر نرم لهجي ۽ دوستاڻي ماحول ۾ ڳالهائڻ جو قائل هو ۽ سندس اهڙين عادتن ڪري ئي هر ڪو ڪانئس خوش رهندو هو.

ٽي سگهي ٿو ته توهان کي ڪڏهن ڪنهن عدالت ۾ پيش ٿي، ڪنهن جج اڳيان دليل پيش ڪرڻ جو موقعو نه ملي، يا ضرورت ئي پيش نه اچي، پر توهان لاءِ ڪڏهن ڪو اهڙو مسئلو ٽي سگهي ٿو ته پنهنجي جاءِ جي مسواڙ گهٽائڻ لاءِ عدالت سان لهه وچڑ ۾ اچو. ڇا توهان جو دوستاڻو رويو ان صورت ۾ توهان جي مدد ڪري سگهي ٿو. اچو ته ٿوروان کي به ڏسي ونون.

او . ايل. استراب هڪ انجنيئر هو. ڪيس پنهنجي مسواڙ کي گهٽائڻ جي ڪوشش ڪرڻي هئي. سندس خواهش هئي ته سندس مسواڙ جيڪا ڪافي وڌيڪ آهي، ڪجهه گهٽائي وڃي، پر ڪيس اها به خبر هئي ته سندس گهر جو مالڪ هڪ بخيل طبيعت جو مالڪ آهي. سندس سلوڪ نهايت سخت ۽ وڙهڻ جهڙو آهي. هو ذري ذري ڳالهه تي چڙي پوي ٿو ۽ پوءِ وات هڻڻ شروع ڪري ڏيندو آهي. مسٽر استراب اسان جي ڪلاس ۾ ڳالهائيندي ٻڌايو ته هن ان ماڻهوءَ کي ڪيئن منهن ڏنو. هن ٻڌايو:

"مون پنهنجي گهر جي مالڪ کي خط لکيو ته. جيئن ئي اسان جو مسواڙي ناهه ختم ٿي ويندو آءٌ توهان جو گهر خالي ڪري ڇڏيندس، پر اصل ۾ منهنجو اهو گهر خالي ڪرڻ جو ڪوبه ارادو نه هو. جيڪڏهن مالڪ مڪان جاءِ جي مسواڙ گهٽائي ڇڏي ته آءٌ ان گهر ۾ رهڻ کي پسند ڪندس، پر مون کي اميد نه هئي ته منهنجو بخيل گهر ڌڻي کو مسواڙ گهٽائڻ وارو منهنجو عرض قبول ڪندو. صورتحال کا سڀي ڪونه هئي، جو ٻيا مسواڙي به

مسواڙ گھٽائڻ لاءِ هر ممڪن جتن ڪري چڪا هئا، پر ڪين ڪجھ بہ نہ ورپو. ۾ مالڪ مڪان سندن هڪ بہ نہ ٻڌي هئي. هڪ مسواڙي تہ مون کي اهو بہ چيو تہ پنهنجو گھر مالڪ هڪ نهايت ڏکيو ۾ واترادو شخص آهي، پر مون دل ۾ سوچيو تہ آڻ هڪ سٽي ڪورس سکڻ ۾ مصروف آهيان، جنهن ۾ مون کي سيکاريو ويندو آهي تہ ماڻهن سان رابطا ڪيئن ٺاهجن ۾ اهو تہ ڏکين ماڻهن سان ڪيئن هلجي، جو اهي اسان لاءِ آسان ٿي وڃن. تہ پوءِ آڻ ان سکيا جو تجربو هِتِ آزمائيندس ۾ ڏسندس تہ ان جو ڪهڙو ٿو نتيجو نڪري"

هن ڪلاس جي ساٿين کي وڌيڪ ٻڌايو تہ:

"جيئن ئي گھر جي مالڪ کي منهنجو خط مليو تہ هو پاڻ ۾ سندس سيڪريٽري مون سان ملاقات لاءِ اچي پهتو. جڏهن مون کيس ڏٺو تہ پنهنجي گھر جي دروازي تي سندن نهايت گرمجوشيءَ سان آڌر ياءُ ڪيم ۾ دوستاٽي ماحول ۾ نهايت سٽي نموني کين آڌر ياءُ ڪيم. مون ڳالھ ٻولھ جي شروعات ايئن چوندي ڪئي تہ جيتوڻيڪ آڻ هن گھر ۾ رهڻ پسند ڪريان ٿو پر جيئن تہ مسواڙ ايتري آهي جو آڻ پري نہ ٿو سگھان، تنهن ڪري ڇڏڻ چاهيان ٿو. پوءِ مون ان فليٽ جيَ بہ ڪافي تعريف ڪئي، جنهن ۾ آڻ رهندو هئس ۾ چيم تہ مون کي پاڻ اهو ڇڏيندي افسوس ٿو ٿئي. مون گھر مالڪ جي سٽي سلوڪ ۾ انتظام کي بہ ساراهيو تہ هو ڪهڙي نہ سٽي نموني ان جو سمورو انتظام هلائي پيو. جو ڪنهن کي بہ ڪانئس ڪا تڪليف ۾ شڪايت ڪونهي. مون کيس اهو بہ ٻڌايو تہ مون اڃا ان ۾ هڪ سال پيو بہ رهڻ چاهيو ٿي، پر وڌيڪ مسواڙ سبب مون لاءِ اهو ممڪن ڪونهي. چاڪاڻ تہ منهنجي گھٽ آمدني سبب خرچ وڌڻ ڪري مون کي تڪليف ٿي رهي آهي. ان ڪانسواءِ مالڪ مڪان جي سٽي سلوڪ سبب آڻ هر وقت جتي بہ هوندس سندس ساراھ ڪندو رهندس ۾ اهو فليٽ ۾ گھر مالڪ مون کي سدائين ياد ايندا رهندا."

گهر مالڪ ڪڏهن به مسواڙين کان سندن فليٽ يا سندس پاڙ لاءِ اهڙي تعريف نه ٻڌي هئي. هن ته سدائين مسواڙين واتان فليٽ ۾ خرابين بابت شڪايتون ٻڌيون هيون ۽ ساڻن وڙهندي جهڙندي گذاريو هو. ڪنهن به مسواڙيءَ کيس ايندو ڏسي سندس ڪڏهن آجيان نه ڪئي هئي ته گرم جوشي سان ملي گهر ويهاري چانهه پاڻي جي پڇا ڪئي هئي. منهنجي ڳالهين ته جڙ سندس وات پاڪ ڪري ڇڏيو هو. هو حيرت ۾ پئجي ويو.

تنهن کان پوءِ هن پنهنجن مسواڙين بابت شڪايتون ۽ مسئلا ٻڌائڻ شروع ڪيا. هن چيو ته هڪ مسواڙي ته کيس 14 خط لکيا. جنهن ۾ کيس هر طرح ذليل ڪيو ويو هو. هڪ مسواڙي گهر خالي ڪرڻ کان اڳ کيس پڙ ٽيڪ ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني هئي. ان کان سواءِ هن ڪن ٻين مسواڙين جون به شڪايتون ڪيون، جن کيس رنجايو ۽ دل آزاري ڪئي هئي. سو مون جهڙي مسواڙيءَ واتان سندس پنهنجي ۽ فليٽ جي ساراهه ٻڌي ته جڙ هو وائڙو ٿي ويو. سندس ڪاوڙ ختم ٿي چڪي هئي، هو هڪ دوست وانگر مون کان پڇي رهيو هو ته ٻڌاءِ ته آءٌ تو جهڙي سڀي مسواڙيءَ کي راضي رکڻ لاءِ ڇا ٿو ڪري سگهان. تنهن کان پوءِ منهجي چوڙ کان اڳ ئي چيائين: آءٌ توهان جي مسواڙ ايتري گهٽايان ٿو جيتري توهان برداشت ڪري سگهو. توهان سڀ ماڻهو آهيو. تنهن ڪري مهرباني ڪري فليٽ خالي نه ڪريو. ٻڌاءِ ته تون ڪيتري مسواڙ آسانيءَ سان ڏيئي سگهين ٿو؟ مون کيس اها مسواڙ ٻڌائي جيڪا مون کيس ڏيڻ لاءِ دل ۾ سوچي هئي ۽ هن بنا ڪنهن وڌيڪ ڳالهائڻ جي يا بحث جي منهنجي ڳالهه رکي ۽ چيائين ته پلي جنهن ۾ توکي آساني ٿئي اها ئي مسواڙ ڏي."

پوءِ جيئن ئي هو واپس ويڙهڻ لڳو ته پٺ ورائي وري مون کان پڇڻ لڳو ته توهان جي فليٽ ۾ جيڪڏهن ڪنهن مرمت وغيره جي ضرورت هجي ته ٻڌاءِ ته آءٌ اها به ڪرائي ڏيڻ لاءِ تيار آهيان."

پوءِ هن ڪلاس کي ٻڌايو:

"جيڪڏهن آءٌ انهن طريقن سان، جيڪي ٻين مسواڙين اختيار ڪيا، مسواڙ گهٽائڻ جي ڪوشش ڪريان ته پڪ سان هو به مون سان اهو ئي سلوڪ ڪري ها، جيڪو هن ٻين سان ڪيو هو پر جيئن ته مون ايندي شرط ساڻس سڌو سلوڪ ڪيو ۽ سندس عزت رکي تنهنڪري هن به دوستاڻو رويو اختيار ڪيو ۽ ايئن منهنجو مسئلو حل ٿي ويو."

پينسلوينيا جو ٻين ووڊ ڪاڪ هڪ مقامي اليڪٽرڪ ڪمپنيءَ ۾ هڪ ڪاتي جو نگران هو. سندس عملي کي بجليءَ جي هڪ ٽنبي مٿان لڳل سامان جي مرمت واري ڪم لاءِ سڏايو ويو. ان کان اڳ اهڙي قسم جو ڪم هڪ ٻيو ڪاتو ڪندو هو ۽ تازو ئي اها ذميداري ووڊ ڪاڪ جي ڪاتي حوالي ڪئي وئي هئي. جيتوڻيڪ ووڊ ڪاڪ جي ڪاتي جو عملو به اهڙو ڪم ڪرڻ ڄاڻندو هو جڏ عملي طور اهڙي ڪارڪردگي ڏيکارڻ جو اهو پهريون موقعو هو. اداري جو هرهڪ ماڻهو ان وسوسي ۾ هو ته ڏسون ته ووڊ ڪاڪ ۽ سندس عملو اهو ڪم ڪيئن ٿو ذميداري سان ڪري ڏيکاري. اداري جو هرڪو ماڻهو ان کي اڪ ۾ رکيو ويٺو هو ته ڏسون ته ان سلسلي ۾ ووڊ ڪاڪ ۽ عملي جو ردعمل ڇا آهي ۽ اهو ان کي ڪيئن ٿو ڪري ڏيکاري. اهو هڪ وڏو ۽ ڏکيو ڪم هو. تنهن ڪري ووڊ ڪاڪ پاڻ، سندس عملي جا ڪي ٻيا آفيسر ۽ عملي جا ڪي ٻيا ماڻهو به اهو ڪم پنهنجي سر ٽيندو ڏسڻ لاءِ اتي پهچي ويا هئا. ان کانسواءِ آس پاس ۾ ڪيترائي ماڻهو گڏ ٿي ويا هئا ته ڏسون ته هي به ماڻهو ايتري ڏگهي ٽنبي تي چڙهي اڪيلي سر اهڙو ڏکيو ڪم ڪيئن ٿا ڪن ۽ ڪهڙي ڪارڪردگي ٿا ڏيکارين.

ووڊ ڪاڪ چئوطرف ڏٺو ته ان دوران سندس نظر هڪ شخص تي پيئي، جيڪو ڪارمان لهي رهيو هو ۽ سندس هٿ ۾ هڪ ڪئميرا به هئي.

هن اهو منظر پنهنجي ڪئميرا ۾ قيد ڪرڻ شروع ڪيو. اوچتو ووڊ ڪاڪ جي ذهن ۾ هڪ خيال آيو. رڳو به ماڻهو هڪ ڏکيو ڪم ڪري رهيا هئا ۽ سوين ماڻهو آس پاس بيهي اهو نظارو ڏسي رهيا هئا.

اها ڳالهه سڀني تہ نہ هئي. ان سان انهن ماڻهن تي بہ اثر پويو ها. وڊيو ڪاڪ سوچيو تہ ڇا هي ماڻهو بہ تہ اهو سوچي اتي نہ آيو آهي. اهو سوچي هو ان فوٽو گرافر وٽ هليو آيو ۽ ڪائنس پڇيائين:

"منهنجي خيال ۾ توهان ان ڪم ۾ خاص دلچسپي وٺي رهيا آهيو؟"

ان فوٽو گرافر جواب ڏنو تہ توهان صحيح پيا چئو. منهنجي ماءُ تہ ان کان بہ وڌيڪ اهڙن ڪمن ۾ دلچسپي وٺي ٿي. هن وٽ توهان جي ڪمپنيءَ جا شيئرز آهن. ۽ مون جيڪي منظر پنهنجي ڪئميرا ۾ قيد ڪيا آهن، اهي سندن اکيون کولڻ لاءِ ڪافي هوندا. ڪيس خبر پئجي ويندي تہ هن شيئر وٺندي کي عقلمنديءَ جو مظاهرو نہ ڪيو آهي." پوءِ هن وڊيو ڪاڪ ڏانهن ڏسي چيو:

"آءٌ ڪيس سالن کان چوندو پيو اچان تہ هوءَ توهان جهڙين ڪمپنين ۾ سيڙپ نہ ڪري، جو ان جو ڪوبہ فائدو ڪونهي. اهو منظر توهان آڏو آهي تہ بہ ماڻهو ڪم ڪري رهيا آهن ۽ ڪيترائي ماڻهو اکيون ڦاڙي سندن ڪم کي ڏسي رهيا آهن. منهنجي خيال ۾ اخبارون بہ اهي تصويرون شايع ڪندي خوشي محسوس ڪندیون."

ڊين وڊيو ڪاڪ ان شخص اڳيان صورتحال جي وضاحت ڪرڻ شروع ڪري ڏني. هن ڪيس ٻڌايو تہ سندس ڪاتو پهريون پيرو اهو ڪم ڪري رهيو آهي ۽ اداري جا سمورا آفيسر سندن ڪارڪردگي ڏسڻ لاءِ آيا آهن. هن ان فوٽوگرافر کي ٻڌايو تہ عام حالتن ۾ بہ صرف بہ ئي ڪارڪن اهو ڪم ڪرڻ لاءِ ڪافي هوندا آهن ۽ آفيسرن کي سندن ڪارڪردگيءَ جانچڻ جي ضرورت نہ هوندي آهي. ڊين وڊيو ڪاڪ جي وضاحت ٻڌڻ کان پوءِ ان شخص پنهنجي ڪئميرا واپس گاڏيءَ ۾ رکي ساٿس هٿ ملايو ۽ سندس ٽورو مڃيو تہ هن وضاحت ڪري ڪيس اجائيءَ غلط فهميءَ ۾ پوڻ کان بچايو ۽ پنهنجي گاڏي اڳتي وڌائي پنهنجو رستو وٺي هليو ويو.

وڊيو ڪاڪ جي دوستاڻي سلوڪ سبب سندس ڪمپني هڪ

خراب صورتحال ۾ پوڻ کان بچي ويئي. ان منظر جي مشهوري سنڌس ڪمپنيءَ تي خراب اثر وجهي سگهي ٿي.

اسان جي ڪلاس جي هڪ ٻئي شاگرد به اسان کي پنهنجو تجربو ٻڌايو ته سنڌس تعلق نيو هيمپشائر سان هو. هن جو نالو جيرالڊ ايچ ون هو. هن به دوستاڻي نظرئي کي استعمال ڪندي پنهنجي نقصان جي تلافيءَ کي ممڪن ڪري وڏو هو. سنڌس قصو هن جي واتان ئي ٻڌو:

"بهار جي موسم جي شروع ۾ برساتون معمول کان ڪجهه وڌيڪ ٿيون هيون. جيئن ته وڌيڪ برساتون پيون هيون، تنهن ڪري پاڻي پنهنجي عام رستي کان هٽي وهڻ لاءِ هڪ نئون گس ناهي ورتو هو. پاڻيءَ جو رخ ان رهائشي علائقي ڏانهن ٿي ويو جتي مون تازو پنهنجو نئون گهر ٺهرايو هو.

منهنجي گهر جي تهه خاني ۾ به پاڻي پرجي چڪو هو. منهنجي تهه خاني ۾ پاڻي گرم ڪندڙ هڪ هيٽر ۽ ٻيو سامان به خراب ٿي چڪو هو. ان کان سواءِ پاڻي ٻيهڻ سبب منهنجي گهر جو بنياد به خراب ٿي رهيو هو. منهنجي سامان جي نقصان جو ڪاٿو اٽڪل ٻه هزار ڊالر هو ۽ مون وٽ ڪابه اهڙي ويمي واري پاليسي به ڪانه هئي، جيڪا مون کي ان نقصان جو معاوضو پري ڏئي.

پر پوءِ مون کي جلد ئي خبر پئجي ويئي ته ان سب ڊويزن جي مالڪ گهر ويجهو هڪ برساتي نالو ٽاهڻ واري ڪم کي نظر انداز ڪري ڇڏيو هو. هڪ اهڙي نالي ٽاهڻ واري ڪم کي نظر انداز ڪري ڇڏيو هو جنهن جي ٺهڻ سان ان قسم جي نقصان کان بچي سگهجيو ٿي. تنهن ڪري مون سائٽس ملڻ جو وقت طئه ڪيو. سنڌس آفيس پهچڻ تائين جو سفر 25 منٽن جو هو. جنهن دوران مون سموري صورتحال تي غور ڪري، اهي اصول ذهن ۾ ورجائيندو رهيس، جيڪي مون ڊيل ڪارنيگي جي ڪورس دوران پڙهيا هئا. مون اهو فيصلو ڪري ڇڏيو ته ڪاوڙ ڏيکارڻ سان اهو مسئلو حل نه ٿيندو ۽ منهنجو مقصد به حاصل نه ٿيندو. تنهن ڪري آءٌ جڏهن سنڌس آفيس پهتس ته نهايت پرسڪون

حالت ۾ هئس. هو تازو ويسٽ انڊيز جي دوري تان موٽي آيو هو. آءٌ ساٿس سندس انهيءَ دوري بابت ڳالهائيندو رهيس. پوءِ جڏهن اسين رلي ملي وياسين تہ مون ڏٺو تہ هاڻي لوهہ گرم آهي ۽ صرف ڏڪ هڻڻ جي ضرورت آهي. اُن وقت مون کيس پاڻيءَ ذريعي تباهي ٿيڻ واري مسئلي بابت ٻڌايو. هن يڪدم چيو تہ آءٌ اهو مسئلو حل ڪرڻ لاءِ هر قسم جو سهڪار ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ هو پاڻ ئي مون سان اچي مليو ۽ چيائين تہ هو نہ صرف منهنجو نقصان پري ڏيندو پر اهو نالو بہ جلد ناهي ونندو تہ جيئن آئيندہ اهڙي قسم جو ڪو مسئلو پيش نہ اچي. جيتوڻيڪ سمورو ڏوهہ ان ڊويزن جي مالڪ جو هو جنهن اهو نالو ناهڻ واري معاملي کي نظر انداز ڪيو هو جنهن جي نتيجي ۾ مون کي نقصان بہ ٿيو هو پر جيڪڏهن آءٌ ساٿس دوستاڻي نموني ڳالهہ ٻولهہ نہ ڪريان ها تہ منهنجي لاءِ مشڪل هو تہ آءٌ ڪيس نالي ناهڻ ۽ پنهنجو نقصان پري ڏيڻ لاءِ مجبور ڪري سگهان ها."

گهڻائي سال اڳ جڏهن آءٌ ميسوريءَ جي ٻيلن ۾ پيرين اگهاڙو پيو گهمندو هئس ۽ اتان ايئن ئي پيرين اگهاڙي اسڪول ويندو هئس، تڏهن مون هڪ ڪهاڻي پڙهي هئي. اها ايسپ جي آکاڻي هئي، جيڪا سج ۽ هوا بابت هئي. ٻئي ان ڳالهہ تي وڙهي رهيا هئا تہ ٻنهي مان طاقتور ڪير آهي؟

هوا چيو: "آءٌ وڏيڪ طاقتور آهيان. آءٌ اهو ثابت بہ ڪنديس تہ توکان وڏيڪ طاقتور آهيان. هو ڏس هڪ پوڙهو شخص ڪوٽ پائي وڃي رهيو آهي. آءٌ تو سان شرط ٿي هڻان تہ تنهنجي پهچڻ کان اڳ ان ماڻهو جو ڪوٽ لاهرائي ڇڏيندس."

پوءِ سج ڪڪرن ۾ لڪي ويو ۽ هوا پنهنجي پوريءَ رفتار سان هلڻ لڳي. پر هوا جيترو تيز ٿيندي وئي، اهو ماڻهو مضبوطي سان پنهنجو ڪوٽ جهلي ٻيٺو. آخرڪار هوا ٿڪجي خاموش ٿي ويئي. هن پوڙهي جو ڪوٽ لاهرائڻ جو ارادو ئي ختم ڪري ڇڏيو. تڏهن سج ڪڪرن مان ٻاهر نڪتو ۽ ان ماڻهوءَ تي هڪ مهربان مسڪراهٽ وڏي

پوڙهي کي جڏهن سج جي مسڪراهٽ جي گرمي محسوس ٿي ته هن پنهنجو ڪوٽ لاهي ڇڏيو. تڏهن سج هوا کي ٻڌايو ته شرافت ۽ دوستي، ڪاوڙ ۽ طاقت کان وڌيڪ طاقتور هوندي آهي.

شرافت ۽ دوستيءَ جو مظاهرو اهي ماڻهو ڪندا آهن، جيڪي اها ڳالهه سکي چڪا آهن ته شربت جي هڪ گٽلن جي پيٽ ۾ ماکيءَ جي هڪ ڦڙي تي وڌيڪ مکيون ويهن ٿيون.

ايل گيل ڪونزي اها ڳالهه ثابت ڪري ڏيکاري. سندس تعلق ميري لينڊ سان هو. هن چار مهينا اڳ هڪ ڪار ڊيلر کان هڪ ڪار خريد ڪئي هئي ۽ انهن ڇهن مهينن دوران هو ٽيون پيرو پنهنجي ڪار کي ڪمپنيءَ جي سروس ڊپارٽمينٽ ڏانهن روانو ڪري رهيو هو. هن اسان جي ڪلاس کي ٻڌايو:

"صاف ڳالهه هئي ته سروس مئنيجر مٿان رڙيون ڪرڻ، ڪيس گهٽ وڌ ڳالهائڻ ۽ دليل ڏيڻ سان منهنجو مسئلو اطمينان بخش نموني حل نه ٿي سگهي ها. تنهن ڪري آءٌ شوروم پهتس ۽ ايجنسيءَ جي مالڪ سان ملڻ جو ارادو ظاهر ڪيم. جنهن جو نالو مسٽر وائٽ هو. مون کي ٻوروانتظار ڪرايو ويو جنهن کان پوءِ آءٌ مسٽر وائيٽ جي آفيس ۾ موجود هئس. مون ڪيس پنهنجو تعارف ڪرايو ۽ ڪيس ٻڌايم ته مون سندس ڊيلر کان هڪ ڪار خريد ڪئي هئي. مون ڪيس اهو به ٻڌايو ته منهنجن ڪن دوستن مون کي توهان جي اداري بابت سٺي راءِ ڏني هئي، جن به توهان کان ڪار خريد ڪئي هئي. انهن مون کي ٻڌايو هو ته اداري جي قيمت به مناسب هجي ٿي ۽ سروس به سٺي آهي.

جيئن ئي هن منهنجي اها ڳالهه ٻڌي ته سندس چهري تي اطمينان جي لهر اچي ويئي ۽ هو مرڪڻ لڳو. تنهن کان پوءِ مون ڪيس پنهنجي مسئلي کان واقف ڪيو. جيڪو مون کي سندس سروس ڊپارٽمينٽ ذريعي ٿي رهيو هو. هن منهنجي ساڻس ملاقات لاءِ ٻورو ۽ چيو ته منهنجو مسئلو جلد حل ٿي ويندو. مون ڪيس اهو به ٻڌايو ته توهان جي سروس ڊپارٽمينٽ جي خراب

ڪارڪردگي توهان جي شهرت خراب ڪرڻ جو سبب ٿي رهي آهي. مزي جي ڳالهه اها ته نه صرف هن منهنجي مسئلي جي حل ۾ دلچسپي ورتي، پر پنهنجي ڪار به في الحال مون کي هلائڻ لاءِ ڏيئي ڇڏيائين، جيسين مون وٽ پنهنجي گاڏي اچي."

ايسپ هڪ يوناني غلام هو جنهن حضرت عيسيٰ عليه السلام جي پيدائش کان 600 سال اڳ لافاني ڪهاڻيون لکيون هيون. هن انساني فطرت جي باري ۾ اسان کي جيڪي ڳالهيون ٻڌايون هيون، اهي اڄ به ايتري اهميت رکن ٿيون جيترو 2600 سال اڳ هيون. سڄ، هوا جي پيٽ ۾ توهان جو ڪوٺ جلد لاهرائي سگهي ٿو ۽ پيار ۽ دوستاڻي انداز ۽ ڪنهن جي تعريف ۽ واه واه ڪرڻ سان توهان سندس ذهن بدلائي سگهو ٿا.

ياد رکو ته لنڪن چيو هو:

"شربت جي هڪ گيلن جي پيٽ ۾ ماکيءَ جي هڪ ڦڙي تي وڌيڪ مکيون ويهن ٿيون."

ته پوءِ اچو ته هر معاملي جي دوستاڻي نموني شروعات ڪريون.

باب پندرهون

سقراط جا راز

جيڪڏهن جڏهن توهان ٻين سان ڳالهايو ته توهان انهن ڳالهين ڪرڻ کان پاسو ڪريو جن معاملن تي توهان ٻئي سان هم خيال نه هجو ۽ توهان ٻنهي جي راءِ مختلف هجي. توهان انهن ڳالهين تي زور ڀريو جن ڳالهين تي توهان هم خيال هجو. ٽي سگهي ته توهان سامهون واري کي اهو به ٻڌايو ته توهان ٻئي هڪ ئي مقصد لاءِ ڪم ڪري رهيا آهيو ۽ اهو به ته توهان جن ڳالهين تي ڀاڙ ۾ نه ٿا ٿهو انهن ۾ به صرف طريقيڪار جو اختلاف آهي ۽ باقي نه ته توهان جو مقصد انهن لاءِ به ساڳيو آهي.

توهان ان ڪوشش ۾ مصروف رهو ته ٻيو ماڻهو جنهن سان توهان ڳالهائي رهيا آهيو اهو توهان جي ڳالهين جو جواب "ها" ۾ ڏئي. اها ڪوشش ڪريو ته جيئن توهان جنهن سان ڳالهائي رهيا آهيو اهو توهان جي ڳالهين جو جواب "نه" ۾ ڏيڻ کان پاسو ڪري.

پروفيسر اوور استريٽ چوي ٿو:

"نه" ۾ جواب هڪ اهڙي ڏک واري ڳالهه آهي، جنهن تي قابو پائڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پوي ٿو."

جڏهن توهان کنهن ڳالهه تي "نه" ڪريو ٿا ته پوءِ توهان جو سمورو غرور ۽ تڪبر توهان کي ان ڳالهه تي مجبور ٿو ڪري ته توهان پنهنجي ڳالهه تي ڪنڌ ٻڌي بيهي رهو. جيتوڻيڪ توهان پوءِ جلد ئي اهو محسوس ڪري وٺندؤ ته توهان جي "نه" جي ڪا به حيثيت ڪونهي، پر ان وقت توهان پنهنجي انا هٺان مجبور ٿيل هوندؤ. توهان

جڏهن هڪ پيري کا ڳالهه چئي ٿا ڏيو ته پوءِ توهان محسوس ڪريو ٿا ته توهان کي پنهنجي ان ڳالهه تي پوءِ به قائم رهڻ گهرجي. ڳنڍ ٻڌي بيهڻ گهرجي ڇو ته اها ڳالهه توهان ڪئي آهي ۽ توهان کي هر حالت ۾ پنهنجي ڳالهه جو پرم رکڻو آهي. توهان جي ڪوشش هوندي ته پنهنجي ڳالهه هر حالت ۾ ميڙايو تنهن ڪري اهو ضروري آهي ته جيڪا به ڳالهه ڪريو سوچي سمجهي ڪريو.

هڪ سنو ۽ ماهر تقرير ڪندڙ پنهنجي ڪيترين ئي ڳالهين جو جواب ها ۾ وصول ڪري ٿو ۽ اهڙي ريت اهو هڪ اهڙو نفسياتي عمل محسوس ٿئي ٿو جيڪو سندس ٻڌندڙن کي ها ۾ ملائڻ تي مجبور ڪري ٿو ڇڏي.

اهو هڪ واضح نفسياتي عمل آهي. جڏهن کو ماڻهو "نه" ڪندو آهي ۽ واقعي سندس ارادو به "نه" ڪرڻ وارو ئي هوندو آهي ته سندس جسم جو سمورو سرشتو اعصابي نظام ذهني نظام ۽ ٻيا سمورا نظام رد ڪيل ڳالهه جو دفاع ڪرڻ لاءِ سرگرم ٿي ويندا آهن. اهي سمورا نظام ميڙ واري نظام کي رد ڪرڻ لاءِ پاڻ ۾ گڏجي هڪ ٿي ٿا وڃن. اهو سمورو عمل بليئرڊ جي هڪ بال وانگر هوندو آهي. توهان ان کي هڪ رخ تي ڏکيو ٿا ته اهو ٻئي پاسي هليو ٿو وڃي.

اهو هڪ واضح نفسياتي عمل آهي ته جڏهن وري کو ماڻهو "ها" ڪري ٿو ته سندس جسم جو سمورو سرشتو کيس ناڪاري ڪارڪردگيءَ ۾ پوڻ کان روڪي ٿو. تنهن ڪري اسين جنهن سان ڳالهايون پيا، تنهن سان جيترا پيرا "ها" ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿيندا سين، اسان جي ڪاميابي جو امڪان اوترو ئي وڌندو ويندو.

اهو کو مشڪل فن ڪونهي. "ها" ۾ جواب حاصل ڪرڻ لاءِ ڪنهن خاص مهارت جي ضرورت ڪونهي، پر ان جي باوجود اسين ان ڳالهه تي ڌيان ئي نه ٿا ڏيون.

شروع ۾ جڏهن کو شاگرد "نه" ڪري ٿو يا کو گراهڪ، کوپار، زال يا مڙس "نه" ڪن ٿا، ته پوءِ ان "نه" کي "ها" ۾ بدلائڻ مشڪل تي پوي ٿو.

جيمز ايبرسن نيويارڪ جي گرين وچ بئنڪ جو هڪ عملدار هو.

هُن "ها"، "ها" واري ڳالهه تي عمل ڪري پنهنجي ٻئنڪ کان هڪ اهم ۽ وڏي ڪاتيدار کي ٻئنڪ کان منهن موڙڻ کان روڪي ورتو.

هن ٻڌايو:

"هو ماڻهو منهنجي ٻئنڪ ۾ ڪاتو کولائڻ آيو هو ۽ مون معمول موجب ان شخص کي تفصيل لکڻ لاءِ هڪ فارم ڏنو. ڪن سوالن جا جواب هن تمام گهٽيءَ دلچسپيءَ سان لکيا، جڏهن ته فارم ۾ لکيل سوالن مان ڪن جا جواب اهڙا هئا، جيڪي هن لکڻ کان صاف جواب ڏيئي چڏيو.

جيستائين مون انساني رابطن بابت نه پڙهيو هو ته ان وقت تائين منهنجو معمول اهو هو ته جيڪڏهن ڪو ماڻهو فارم ۾ گهربل ڄاڻ نه ڏيندو هو ته آءٌ سندس ڪاتو کولڻ کان انڪار ڪري چڏيندو هئس. پوءِ مون کي اهو سوچي شرم ايندو هيو ته آءٌ ماضيءَ ۾ ايئن ڪندو هئس. ماضيءَ ۾ مون کي ايئن ڪرڻ مان فطري خوشي محسوس ٿيندي هئي. آءٌ اهڙن ماڻهن کي صاف صاف ٻڌائي چڏيندو هئس ته ٻئنڪ قانونن ۾ تبديلي ممڪن ڪونهي. منهنجو اهو سلوڪ ڪو سٺو نه هو ۽ ان سان منهنجا ڪاتيدار به خوش نه ٿيندا هئا. اهي ڪاتيدار جيڪي اهو سوچي اسان وٽ ايندا هئا ته اسان جي سرپرستي ڪن.

ان شخص جو مسئلو حل ڪرڻ جي سلسلي ۾ مون عقل کان ڪم ڪيو ۽ ان ڪم کي هڪ ٻئي ۽ بهتر طريقي سان حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. مون ان سلسلي ۾ ڪيس ڪجهه به نه چيو. پر ڪيس اهو چيم ته هو چا ٿو چاهي ۽ مون هن جي واتان وڌ ۾ وڌ "ها" ٻڌڻ ٿي چاهي. تنهن ڪري مون ڪيس چيو ته، هو جيڪا ڳالهه ٻڌائڻ نه ٿو چاهي يلي نه ٻڌائي، پر گڏوگڏ مون ڪيس ٻڌايو ته جڏهن ڪو ڪاتيدار گذاري ٿو وڃي ته ان وقت ٻئنڪ ۾ سندس ڪجهه نه ڪجهه رقم پيل هوندي آهي. ٻئنڪ اها رقم سندس ڪنهن وارث حوالي ڪندي آهي، اهڙو ڪو وارث جيڪو قانوني طور تي اها رقم حاصل ڪرڻ جو حقدار هجي.

"اها ته سڀ ڳالهه آهي" هن جواب ڏنو.

مون ڪيس چيو ته، "چا ايئن بهتر نه ٿيندو ته توهان پنهنجي ڪنهن اهڙي وارث جو نالو لکي چڏيو جيڪو توهان جي خيال ۾ ان

جو حقدار آهي ۽ اسين بنا ڪنهن دير جي اها رقم سهڻي نموني، بنا ڪنهن رڪاوٽ سندس حوالي ڪري چڏيون.

هن چيو: "ها".

پوءِ جڏهن ڪيس پتو پيو تہ اها معلومات ڏيڻ بئنڪ جي فائدي ۾ نہ، پر خود سندس فائدي ۾ آهي تہ سندس رويو نہ صرف نرم ٿي ويو پر هو ڪافي حد تائين بدلجي ب ويو. هن بئنڪ چڏڻ کان اڳ نہ صرف اسان کي مڪمل معلومات ڏني، پر پنهنجي والده کي سندس وارث نامزد ڪيو ۽ ان بابت نہ صرف مڪمل معلومات ڏني، پر ان جي باري ۾ پچيل سمورن سوالن جا جواب ب ڏنا.

"مون محسوس ڪيو تہ شروع کان ئي سندس واتان ها "ڪرائٽ" لاءِ هو ٻيا مسئلا وساري چڪو هو ۽ هر ان ڪم ۾ دلچسپي وٺي رهيو هو جنهن بابت اسان کي معلومات ڪپي ٿي.

جوزف ايليسن ويسٽنگ هائوس اليڪٽرڪ ڪمپنيءَ ۾ سيلز نمائندي طور ڪم ڪري رهيو هو. هن ب اسان کي پنهنجو داستان هن ريت ٻڌايو:

"منهنجي علائقي ۾ هڪ اهڙو ماڻهو ب موجود هو جنهن کي اسين پنهنجو سامان وڪڻڻ ۾ ڪافي دلچسپي رکندا هئاسين. مون کان اڳ جيڪو سيلزمين هو سو گذريل ڏهن سالن کان ڪيس سامان خريد ڪرڻ جي ڪوششن ۾ رڌل هو پر پنهنجي مقصد ۾ ناڪام رهيو هو. هن ماڻهن کي اسان جي ڪمپنيءَ جون شيون خريد ڪرڻ ۾ ڪا ب دلچسپي نہ هئي. جڏهن مون ان علائقي جي چارج ورتي ۽ ساڻس رابطي جي ڪوشش ڪئي تہ ب هن انڪار ڪيو ۽ مال جي خريداريءَ جو آرڊر ڏيڻ کان جواب ڏيئي چڏيائين."

مون کي ب ٿي سال ٿي ويا، پر آءٌ ڪيس راضي نہ ڪري سگهيس. اهڙي نموني ان شخص کي راضي ڪرڻ جي ڪوششن ۾ جڻ ڏهہ سال لڳي ويا. ڏهہ سال تہ مون کان اڳ وارو سيلزمين ۽ تنهن کان پوءِ ٽي سال آئون لڳاتار سندس خوشامد ڪندو رهيس، پر هن تي ڪوب اثر نہ پيو. آخرڪار تيرهن سالن جي محنت ۽ جفا ڪشي ڪم آئي ۽ آءٌ ان

شخص کي ڪي موٽرون وڪڻڻ ۾ ڪامياب ٿي ويس. مون کي اميد هئي ته جيڪڏهن اسان جون اهي اليڪٽرڪ مشينون ان شخص جي معيار تي پوريون لٿيون تہ پوءِ هوا ايڪ آرڊر ڏينڈو.

مون کي خبر هئي تہ اسان ڪيس سني شيءِ وڪرو ڪئي آهي. تنهن ڪري هو پيهر ضرور ان جو آرڊر ڏينڈو. جڏهن آءُ وري ساٺس ميلس تہ ان وقت منهنجا جذبا جوان هئا ۽ مون کي خوشي ٿي رهي هئي تہ اجهو ٿو نئين موٽرن خريدڻ جو آرڊر ملي. سندس "چيف انجنيئر" منهنجي آجيان ڪئي. پر گڏوگڏ هن منهنجا تہ جڙ ترا ڪيڙي چڏيا جو وڌيڪ موٽرون خريد ڪرڻ کان ڪتو جواب ڏيئي چڏيائين. مون سبب پڇيو تہ هن ٻڌايو تہ اسان جون موٽرون ايترو جلد تہ گرمي ٿيون وڃن جو ان تي هٿ بہ نہ ٿو رکي سگهجي."

مون کي خبر هئي تہ منهنجو ڪوبہ دليل ان وقت هن تي اثر نہ ڪندو جو سندس مود خراب هو ۽ ڪيس قائل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ سندس مود ويتر خراب ٿئي ها. تنهن ڪري مون ڪوشش ڪئي تہ ان چيف انجنيئر کان "ها" "ها" ۾ جواب حاصل ڪريان. مون چيف انجنيئر کان پڇيو:

"مسٽر سمٿ! آءُ توهان جي ڳالهہ سان 100 سيڪڙو متفق آهيان تہ جيڪڏهن اهي موٽرون گرم ٿين ٿيون تہ توهان کي وڌيڪ موٽرن جو آرڊر نہ ڏيڻ کپي. اهو بہ صحيح آهي تہ توهان کي اهي موٽرون ڪپن جيڪي نيشنل اليڪٽرڪ مينيوفيڪچر ايسوسيئيشن جي معيار موجب گرم نہ ٿين. ڇا آءُ صحيح پيو چوان؟ چيف انجنيئر "ها" ۾ جواب ڏنو ۽ اهڙيءَ طرح آءُ پهريون پيرو سندس واتان "ها" چورائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويس."

مون چيف انجنيئر کان پڇيو:

"اليڪٽرڪ مينيوفيڪچرنگ جا قانون اهو ٿا چون تہ هڪ بهتر ڊزائين واري موٽر کي ڪمري جي درجہ حرارت کان 72 ڊگري فارن هائيٽ کان وڌيڪ درجو گرم ٿيڻ کپي. ڇا آءُ صحيح پيو چوان؟"

چيف انجنيئر ان جو جواب بہ "ها" ۾ ڏنو ۽ منهنجي ڳالهہ سان

متفق هو. هن چيو تہ تنهنجي ڳالهہ صحيح آهي، پر توهان جون موٽرون ان درجي کان بہ وڌيڪ گرم ٿيو وڃن.

هن چيف انجنيئر سان بحث نہ ڪيو. مون ان کان رڳو اهو پڇيو تہ هن ڪمري جو درجہ حرارت ڇا آهي؟

هن چيو تہ ڪمري جو درجہ حرارت 75 ڊگري فارن هيٺ آهي."

مون جواب ڏنو تہ:

"ٺيڪ آهي. جيڪڏهن هن ڪمري جو درجہ حرارت 75 ڊگري فارن هيٺ آهي تہ ان ۾ جيڪڏهن 72 ڊگري فارن هيٺ گڏ ڪريون تہ اهي ٻيئي گڏجي 147 ڊگري فارن هيٺ ٿيو وڃن. ڇا جيڪڏهن تون 147 ڊگري فارن هيٺ گرم پاڻيءَ ۾ هٿ وجهين تہ اهو سڙي ڪو نہ پوندو؟" هن وري چيو: "ها".

تنهن کان پوءِ مون چيف انجنيئر ڏانهن منهن ڪري چيو:

"توهان لاءِ اها هڪ ننڍڙي صلاح آهي تہ پنهنجو هٿ انهن موٽرن کان پري رکو."

هن منهنجي اها صلاح بہ مڃي ورتي.

اسان ٿوري دير پاڻ ۾ ڳالهايو ٻولهايو. تنهن کان پوءِ هن پنهنجي سيڪريٽريءَ کي سڏايو ۽ هن هلندڙ مهيني لاءِ اٽڪل 35 هزار مالیت جو ڪاروبار اسان جي حوالي ڪيو.

"مون ڪاروبار ۾ لکين ڊالر نقصان کڻڻ ۽ سالن جي محنت ضايع ڪرڻ کان پوءِ اهو تجربو حاصل ڪيو آهي تہ بحث مباحثي ۽ دليل بازيءَ سان ڪجهہ بہ حاصل نہ ٿو ٿئي ۽ ٻئي ماڻهوءَ جي نقطہ نظر سان حالتن جو جائزو وٺڻ، حالتن ۽ واقعن جو مشاهدو ڪرڻ ۽ معاملي کي ٻئي جي نظر سان ڏسڻ، نہ صرف نفعي بخش پر هڪ دلچسپ عمل بہ آهي ۽ اها ڪوشش ڪرڻ بہ نهايت ڪارآمد عمل آهي تہ ٻئي شخص، جنهن سان توهان ڳالهايو ٿا پيا، تنهن کان "ها" "ها" بہ ڪرائي وڃي.

ايڊي سنو ڪيليفورنيا ۾ اسان جي ڪورس جو اسپانسر آهي. هو ٻڌائي ٿو تہ ڪهڙي نموني هو هڪ دڪاندار جو مستقل گاهڪ ٿي ويو ۽ دڪاندار ڪيئن سندس واتان "ها" ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو هو.

ايڊي تير ڪمان سان شڪار ڪرڻ ۾ دلچسپي ونڻ لڳو هو ۽ هن ان شڪار لاءِ سامان خريدڻ تي تمام گھٽي رقم خرچ ڪري ڇڏي هئي. هو اهو سامان هڪ مقامي اسٽور تان خريد ڪندو هو. هڪ ڀيري ايڊيءَ جو پاءُ ساٿس ملڻ لاءِ آيو ۽ هن مٿس زور پريو ته ايڊي جنهن دڪان تان سامان وڻي ٿو اتان ڪيس بہ هڪ تير ڪمان مسواڙ تي وڻي ڏئي، پر اسٽور ڪلارڪ چيو ته اسين تير ڪمان مسواڙ تي نہ ڏيندا آهيون. تنهن ڪري ايڊي هڪ ٻئي اسٽور سان ٽيليفون تي رابطو ڪيو. پوءِ جيڪي ڪجھ ٿيو اهو ايڊيءَ جي زباني ٻڌو:

"هڪ نهايت پياري ۽ نفيس ماڻهوءَ منهنجي فون جو جواب ڏنو. مون جڏهن ساٿس تير ڪمان مسواڙ تي حاصل ڪرڻ جي خواهش ظاهر ڪئي ته سندس جواب ان اڳوٽي اسٽور ڪلارڪ جي جواب کان بلڪل مختلف هو. هن مون کي چيو ته افسوس ته اسين تير ڪمان مسواڙ تي نہ ڏيون، چاڪاڻ ته اسين ايئن ڪندا ئي نہ آهيون. تنهن کان پوءِ هن مون کان پڇيو ته ڇا مون اڳ ڪڏهن ڪنهن اسٽور تان تير ڪمان مسواڙ تي ورتو آهي."

هن جواب ڏنو ته "ها"، پر ان کي ڪيترا سال ٿي ويا آهن. هن مون کي چيو ته پوءِ شايد توهان 30_35 ڊالر مسواڙ ڏني هوندي. مون چيو ته "ها". تنهن کان پوءِ هن مون کان پڇيو ته، ڇا اوهان پنهنجي رقم بچائڻ چاهيو ٿا. مون چيو "ها". تنهن کان پوءِ هو مون کي ٻڌائڻ لڳو ته مون وٽ اهڙا تير ڪمان موجود آهن، جيڪي اسين رڳو 34.95 ڊالرن ۾ وڪڻي رهيا آهيون ۽ تير ڪمان جي مسواڙ کان رڳو 4.95 ڊالر وڌيڪ ڏيئي آءُ تير ڪمان جو اهو هڪ مڪمل سيٽ خريد ڪري سگھان ٿو. هن مون کان معافي گھري ته هاڻي اسان تير ڪمان مسواڙ تي ڏيڻ جو ڪم ڇڏي ڏنو آهي. منهنجي "ها" چوڻ سبب مون کي تير ڪمان جو هڪ سيٽ خريد ڪرڻو پيو ۽ جڏهن مون تير ڪمان جو اهو سيٽ خريد ڪيو ته پوءِ مون ان سان گڏ اتان ٻيون بہ ڪجھ شيون خريد ڪيون ۽ اهڙي نموني ان دڪان جو پڪو گراهڪ ٿي ويس.

سقراط يونان جو عظيم فلاسفر هو. هڪ اهڙو فلاسفر جھڙو دنيا نہ اڳ

ڏنو هوندو. نہ هاڻي وري ڏسي سگهندي. هن اهو ڪارنامو ڪيو جيڪو دنيا ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندي. هن انساني سوچ جو رخ ئي بدلائي ڇڏيو. ۽ هاڻي جڏهن سندس وفات کي 2400 سال ٿي ويا آهن تہ ايجا بہ ڪيس هڪ اهڙي دانشور طور ليکيو وڃي ٿو جنهن دنيا کي ترغيب ڏني.

سندس طريقيڪار ڪهڙو هو؟ ڇا هو ماڻهن کي ياد ڏيارينڊو هو تہ اهي غلطيءَ تي آهن، يا هو غلط آهن يا نہ. بلڪل نہ. هو ان عمل کان تمام پري پڇندو هو. سندس سمورو طريقيڪار جنهن کي "سقراط جو طريقو" سڏيو ويندو آهي، ان ڳالهہ تي هوندو هو تہ سامهون واري کان "ها" ۾ جواب ورتو وڃي. هو اهڙا سوال ڪندو هو جنهن سان سندس مخالف بہ راضي ٿي ويندا هئا. هو هنن کان هڪ ٻئي پنيان سوال ڪري "ها" "ها" ڪرائيندو ويندو هو. ايتري تائين جو وٽس "ها" جو خزانو گڏ ٿي ويندو هو. هو ايئن سوال ڪندو هو ۽ جواب حاصل ڪندو هو جو سندس مخالف، جيڪي هن کان اڳ سندس خيالن سان متفق نہ هوندا هئا اهي بہ ساڻس متفق ٿي ويندا هئا ۽ ڪين خبر ئي نہ پوندي هئي تہ هنن مٿان ڪهڙو جادو ٿي ويو.

ايندڙ پيري جڏهن اسين ڪنهن کي اهو چوڻ چاهيون تہ هو غلط آهي، يا غلطيءَ تي آهي تہ اسان کي سقراط کي ياد رکڻ کپي، ۽ واسطيدار ماڻهوءَ سان نرم نموني سوال پڇڻ کپي- هڪ اهڙو سوال جنهن جو جواب "ها" ۾ ملي.

هڪ پراڻي چيني چوٽي آهي:

"اهو جيڪو نرميءَ سان هلي ٿو نرميءَ سان قدم رکي ٿو اهو تمام پري تائين هلي سگهي ٿو."

چيني ماڻهن انساني فطر سمجهڻ ۾ پنج هزار سال لڳايا. هيءَ چوٽي چينين جي پراڻي چوٽي آهي:

"اهو جيڪو نرميءَ سان هلي ٿو نرميءَ سان قدم رکي ٿو اهو پري تائين هلي سگهي ٿو."

توهان جنهن سان ڳالهايو تنهن کي ان ڳالهہ تي مجبور ڪري ڇڏيو تہ اهو يڪدم "ها" "ها" چوڻ تي راضي ٿي وڃي.

باب سورهون

سهڪار حاصل ڪرڻ جو راز

ڇا توهان انهن نظرين تي اعتماد رکو ٿا، جيڪي نظريا توهان پاڻ پنهنجي لاءِ ناهيا آهن، يا انهن نظرين تي اعتماد رکو ٿا، جيڪي توهان کي سونيءَ ٽالهيءَ ۾ رکي پيش ڪيا وڃن ٿا؟ جيڪڏهن ايئن ئي آهي ته ڇا اهو ڪو هڪ خراب عمل ڪونهي ته توهان پنهنجا نظريا زوريءَ ٻين تي ٽاڪيو ٿا؟ ڇا اها دانشمندي نه چئبي ته توهان ٻين تي پنهنجا نظريا ٽاڪڻ بدران انهن کي تجويزون ڏيو. ۽ ٻئي ماڻهوءَ کي ان جي نتيجن تي غور ڪرڻ جي اجازت ڏيو ته جيئن اهو پاڻ ڪنهن نتيجي تي پهچي سگهي.

ادولف سيلٽز فلاڊيلفيا جو رهواسي هو. هو گاڏين جي هڪ شوروم ۾ سيلز مئنيجر طور خدمتون انجام ڏيئي رهيو هو تنهن کان سواءِ هو منهنجي ڪورس جو شاگرد به هو. اوچتو ڪيس اهو احساس ٿيو ته هو گاڏين جي انهن سيلز مينن کي هڪ نئين جوش جذبي ۽ ولولي سان تيار ڪرائي، جيڪي غير منظم هئڻ کانسواءِ مايوسي ۽ گهٽ همٿ جو شڪار هئا، تنهن ڪري هن هڪ گڏجاڻي سڏائي ۽ پنهنجي سيلز فورس کي درخواست ڪئي ته ڪيس ٻڌايو وڃي ته هو هن ۾ ڪهڙي اميد رکن ٿا ۽ هنن پنهنجي سيلز مئنيجر مان ڪهڙيون اميدون رکيون آهن. جيئن جيئن ڳالهيون اڳتي وڌنديون ويون، هو انهن جي نظرين ۽ خيالن کي سامهون بليڪ بورڊ تي لکندو ويو. تنهن کان پوءِ پنهنجي سيلز فورس کي مخاطب ٿي چيائين:

"آءٌ توهان جي اميدن تي پورو لهڻ جي ڪوشش ڪندس. مون کي ٻڌايو ته ڇا آءٌ به توهان مان ڪي اميدون رکي سگهان ٿو؟"

".....جي ها ته پوءِ ٻڌايو ته، آءٌ توهان مان ڪهڙيون اميدون رکي سگهان ٿو؟"

سيلز فورس يڪدم جواب ڏنو:

"توهان اسان مان وفاداريءَ، ايمانداريءَ، ٽيم ورڪ، همٿ ۾ روزانو 8 ڪلاڪن تائين جوش، جذبي ۽ ولولي سان ڪم ڪرڻ جي اميد رکي سگهو ٿا."

اها گڏجاڻي نهايت گرم جوشيءَ سان پڄاڻيءَ تي پهتي، ته ان گڏجاڻيءَ سيلز فورس کي نئون حوصلو نئين توانائي ڏني ۽ نئون تحريڪ پيدا ڪيو ايستائين جو هڪ ڪارڪن ته رضاڪارانه طور تي روزانو 8 بدران 14 ڪلاڪ ڪم ڪرڻ تي به تيار ٿي ويو ۽ اڊولف مون کي ٻڌايو ته وڪري ۾ به حيرت انگيز طور تي اضافو ٿيو آهي.

مسٽر اڊولف ستلز ٻڌايو:

"اصل ۾ سيلز فورس جي ماڻهن مون سان هڪ اخلاقي ضابطو ناهيو هو ۽ جيستائين آءٌ ان اخلاقي ضابطي جي پنهنجي حصي جي ذميداري پوري ڪندو رهيس، هو به ان ضابطي جي پنهنجي حصي جون ذميدايون پوريون ڪندا رهيا. مون انهن کان سندن خواهشون پڇي پوءِ کين سرگرم ڪيو هو جنهن جي هو به ضرورت محسوس ڪري رهيا هئا."

اسين سڀ چاهيون ٿا ته اسان کان اسان جون ضرورتون، خواهشون ۽ نظريا پڇيا وڃن.

اچو ته ايوبجن ويسن جي مثال تي به غور ڪريون. ڪيس انهن هزارين ڊالرن کان هٿ ڌوئڻا پيا هئا. جيڪي ڪيس ڪميشن طور وصول ٿيڻا هئا. ايترو نقصان ڪرڻ کان پوءِ ڪيس ان حقيقت جي خبر پيئي هئي، جيڪا آءٌ توهان کي ٻڌائي چڪو آهيان. مسٽر ويسن هڪ اسٽور کي اسڪيچ وڪڻندو هو ۽ اهو اسٽوڊيو انهن اسڪيچن سان ٽيڪسٽائيل مينوفيڪچرز لاءِ ڊزائينون ٺاهيندو هو. مسٽر ويسن ٻڌايو:

"آءٌ نيويارڪ جي هڪ مشهور اسٽاڪسٽ سان هفتي ۾ هڪ پيرو ملندو هئس ۽ منهنجو اهو معمول ٽن سالن کان جاري هو. اهو اسٽاڪسٽ مون سان ملڻ کان ڪڏهن به انڪار نه ڪندو

هو پر هن ڪڏهن به مون کان ڪو اسڪيچ خريد نه ڪيو هو. هو غور سان منهنجا اسڪيچ ڏسندو هو ۽ پوءِ چوندو هو:

"مسٽر ويسن منهنجو خيال آهي ته آءٌ توهان کان اهي اسڪيچ خريد ڪري نه ٿو سگهان."

مسٽر ويسن اٽڪل 150 پيرا پنهنجي مقصد ۾ ناڪام ٿيو هو. تنهن کان پوءِ هن سوچيو هو ته مون کي انساني روين تي اثر انداز ٿيڻ بابت ڪجهه پڙهڻ کپي ته ڪنهن انسان کي ڪيئن ۽ ڪهڙي نموني متاثر ڪري سگهجي ٿو؟ پوءِ هن ان بابت ڪجهه پڙهيو ۽ ڪافي ڪجهه سکيو. تنهن کان پوءِ نئين جوش ۽ ولولي سان پنهنجي انهيءَ نئين نظرئي تي عمل ڪرڻ جو سوچيو. هن اٽڪل اڌ درجن اڻ مڪمل اسڪيچ پنهنجي ڪچ ۾ وڌا ۽ خريدار جي آفيس جو رخ ڪيو. هن خريدار سان ڳالهائيندي چيو:

"آءٌ توهان جي لاءِ هي ڪٽي آيو آهيان. مهرباني ڪري جيڪڏهن توهان کي زحمت نه ٿئي ته هن تي هڪ نظر وجهو. هي ڪجهه نامڪمل اسڪيچ آهن. ڇا توهان مون کي اهو ٻڌائڻ پسند ڪندؤ ته اسين ٻيئي ويهي ڪيئن انهن اسڪيچن کي مڪمل ڪريون جو اهي توهان جي پسند ۽ معيار موجب ٿي وڃن."

ان خريدار وات مان هڪ لفظ به ڪيڻ کان سواءِ اهي اسڪيچ ڏسڻ شروع ڪيا. تنهن کان پوءِ مسٽر ويسن کي چيائين ته هي اسڪيچ مون وٽ ئي ڪجهه ڏينهن رهڻ ڏي ۽ ڪجهه ڏينهن کان پوءِ تون به مون سان اچي مل.

ويسن ٽي چار ڏينهن ڇڏي وري ان خريدار وٽ پهچي ويو. هن خريدار جون تجويزون ٻڌيون. انهن اسڪيچن کي واپس پنهنجي اسٽوڊيو ۾ ڪٽي آيو ۽ انهن کي خريدار جي نقطه نظر سان مڪمل ڪيائين. ان جو نتيجو ڇا نڪتو؟ تنهن کان پوءِ ان خريدار مسٽر ويسن کان تمام گهٽا اسڪيچ خريد ڪيا. ڇو ته اهي سڀ سندس نقطه نظر سان تيار ڪيل هئا. پوءِ مسٽر ويسن ٻڌايو:

"آءُ سالن کان ڪوشش ڪري رهيو هئس ته ان خريدار کي اهي اسڪيچ وڪڻان، پر ناڪام ٿي رهيس. آءُ ڪيس اهي ان ڪري وڪڻي نه سگهيس، جو آءُ سمجهندو هئس ته ڪيس اهي اسڪيچ ضرور پسند ايندا، ڇاڪاڻ ته اهي مون کي تمام گهڻا پسند هئا، پر پوءِ جڏهن مون پنهنجو خيال بدلايو ۽ ڪانئس صلاح ورتي اهي اسڪيچ تيار ڪري ڏنم ته هو وٺڻ لاءِ تيار ٿي ويو. ڇاڪاڻ ته هن سمجهيو ٿي ته ان ۾ سندس صلاح به شامل آهي."

پئي ماڻهو کي اهو محسوس ڪرائڻ ته آءُ جيڪي ڪجهه چوان پيو يا ڪريان پيو ان ۾ سندس صلاح به شامل آهي، اهو نه صرف سياست ۽ ڪاروباري دنيا، پر گهرو زندگيءَ ۾ به فائديمند ثابت ٿئي ٿو. اوڪلاهاما جي پال ايم تلسا پنهنجي ڪلاس کي ٻڌايو ته هن ان اصول تي ڪيئن عمل ڪيو:

"هڪ پيري مون ۽ منهنجي گهر وارن مختلف جاين جو سير ڪري پنهنجن موڪلن جو مزو ماڻيو. مون کي ڪيتري وقت کان اهڙي قسم جون تاريخي جايون ڏسڻ ۾ تمام گهڻي دلچسپي هئي. جيئن گٽس برگ ۾ گهرو ويڙهه واري جاءِ، فلاڊيلفيا ۾ آزاديءَ وارو هال ۽ پنهنجو قومي گاديءَ وارو شهر وغيره.
مارچ مهيني ۾ منهنجي زال نينسيءَ مون کي ٻڌايو ته هن پيري گرمين جي موڪلن ۾ ڪيس جن تفريحي جاين جي سير جو شوق آهي، انهن ۾ اُلهندي رياستن، نيو ميڪسيڪو ايريزونا، ڪيليفورنيا ۽ ينيودا وغيره شامل آهن. ڪيس ڪيترن سالن کان اتي جا تفريحي دورا ڪرڻ جي خواهش هئي، پر اسان کي اتي وڃڻ جو موقعو ئي نه ٿي مليو.
اسان جي ڏيءَ اين تازو ئي جونيئر اسڪول ۾ آمريڪي تاريخ جو هڪ ڪورس مڪمل ڪيو هو ۽ هن اهڙا هنڌ ڏسڻ چاهيا ٿي جن هنڌن اسان جي ملڪ جي ترقيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هجي. مون ڪانئس پڇيو ته هو گرمين جي ايندڙ موڪلن ۾ اُهي هنڌ گهمي ۽ ڏسي خوشي محسوس ڪندي، جن بابت هن ڪتابن ۾ به پڙهيو آهي. هوءَ اهو ٻڌي تمام گهڻو خوش ٿي ويئي.

بن ڏينهن کان پوءِ جڏهن اسين رات جي ماني تي گڏ ٿياسين تہ نينسي اهو اعلان ڪيو تہ جيڪڏهن اسين ان ڳالهہ تي راضي هجون تہ اسين هن سال جي گرميءَ جي موڪلن ۾ اُپر وارين رياستن جي دوري تي روانا ٿيون. جيڪو اسان سيني لاءِ سڀ کان خوشگوار دورو ثابت ٿيندو. سيئي سندس راءِ سان متفاق ٿي وياسين."

اها ئي نفسيات هڪ ايڪسري ٽاهيندڙ بروڪلين جي هڪ وڏي اسپتال لاءِ پنهنجو سامان وڪڙڻ واسطي استعمال ڪئي. ان اسپتال کي وڏايو ويو هو ۽ هاڻي اتي هڪ وڏو ايڪسري پلانٽ بہ هٽي رهيا هئا. اهڙو ايڪسري ڊپارٽمينٽ جيڪو آمريڪا جو هڪ وڏو ۽ سڀ کان ايڪسري ڊپارٽمينٽ هجي. ڊاڪٽر ايل ان ايڪسري ڊپارٽمينٽ جو انچارج هو. هو سيلز مينن کان تنگ ٿي پيو هو جو هر ڪو سيلز مين پنهنجي سامان وڪڙڻ لاءِ اجايون سجايون ڳالهيون ڪري ڪيس تمام گهڻو بيزار ڪري چڪو هو.

تنهن هوندي بہ هڪ شخص نهايت هوشيار هو. ڪيس انساني فطرت بابت ڪافي ڄاڻ هئي ۽ هو ان سلسلي ۾ ڪافي ماهر بہ هو. هن ڊاڪٽر کي ڪجهہ هن طرح خط لکيو:

"اسان جي فيڪٽري ايڪسري بابت سامان جي سلسلي ۾ ڪي نوان ۽ جديد اوزار ٽاهيا آهن. جنهن جي پهرين ڪيپ اسان کي ملي ويئي آهي. جيتوڻيڪ اسان کي خبر آهي تہ ساز ۽ سامان بهترين ڪارڪردگيءَ وارو ڪونهي ۽ اسين ان ۾ اجا وڌيڪ بهتري آڻڻ چاهيون ٿا. تنهن ڪري اسان جو توهان کي عرض آهي تہ جيڪڏهن توهان پنهنجي قيمتي وقت مان ٿورو وقت ڪڍي اسان وٽ هليا اچو تہ ۽ اهو سامان ۽ اوزار ڏسي اسان کي ٻڌايو تہ اسين انهن کي ڪيئن بهتر بنائي سگهون ٿا تہ اهو سامان جيڪو اوهان جي راءِ مطابق تيار ٿيندو سو توهان جي پيشي جي حساب سان ڪافي سڀي ڪارڪردگي انجام ڏيئي سگهندو ۽ پين کي بہ اهو سامان ڏيکارڻ ۽ ڏيڻ ۾ اسان کي آساني ٿيندي اسان کي توهان کان راءِ ونڊي خوشي ٿيندي. اسان کي اها بہ ڄاڻ آهي تہ توهان جو وقت نهايت قيمتي آهي ۽ مون کي پنهنجي گاڏي اماڻي توهان کي پنهنجو ڪارخانو ڏيکارڻ ۾

ڪافي خوشي ٿيندي. توهان جيڪڏهن پنهنجي قيمتي وقت مان ٿورو وقت اسان لاءِ ۽ ڪيڊي ٻڌايو ته ان ڏينهن ۾ هنڊ تي منهنجي گاڏي توهان کي کڻڻ لاءِ پهچي ويندي.

پوءِ ڊاڪٽر ايل ٻڌايو آءٌ اهو خط حاصل ڪري تمام گهڻو حيران ٿي ويس. آءٌ ان تي خوش ۽ ٿيس ته ان کان اڳ ڪنهن ۽ اداري پنهنجو سامان تيار ڪرڻ ۾ ڏيکارڻ جي سلسلي ۾ مون کان راءِ وٺڻ جي ضرورت ئي محسوس نه ڪئي هئي. آءٌ انهيءَ وقت ڪافي مصروف هئس. پر هي ۽ مون اهو سامان ڏسڻ ۾ صلاح ڏيڻ لاءِ رات جو مانيءَ جي هڪ دعوت چڏي ڏني. مون واسطيدار سامان ۾ اوزار ڏٺا. جيئن ئي آءٌ اهو سامان ۾ اوزار ڏسندو ويس. تيئن تيئن منهنجي ان ۾ دلچسپي وڌندي ويئي. آءٌ ان سامان جي بهتر معيار سامهون هٿيار ڏٺا ڪري چڪو هئس ۾ مون واسطيدار کي سامان ۾ اوزارن لڳائڻ جو آرڊر ڏيئي چڏيو."

وڊرو ولسن جي حڪومتي دور ۾ ڪرنل ايڊورڊ ايم هائوس قومي ۾ بين الاقوامي معاملن جي سلسلي ۾ انتهائي اثر رسوخ رکندڙ هو. وڊرو ولسن ۽ ڪانئس صلاح مشورا وٺندو هو ايستائين جو ڪجهن معاملن ۾ ۽ ڪانئس صلاح وٺندو هو ۾ ڪابينه جي ميمبرن کان ۽ وڌيڪ ڪانئس صلاح ڪندو هو.

ڪرنل صدر کي متاثر ڪرڻ لاءِ ڪهڙو طريقو اختيار ڪيو هو؟ هو ڪهڙي نموني صدر تي اثر انداز ٿيو هو؟ خوش قسمتيءَ سان اسان کي انهن طريقن بابت خبر چار آهي. چو ته ڪرنل پاڻ ئي انهن طريقن بابت ٻڌايو هو. هن اهو راز آرٽن ڊي هورڊن کي ٻڌايو هو جنهن ان بابت "سئچرڊي ايوننگ" ۾ لکيل هڪ مقالي ۾ ذڪر ڪيو هو. ڪرنل هائوس کيس ٻڌايو هو:

"جڏهن مون صدر جي طبيعت کي سمجهڻ شروع ڪيو ته پوءِ ان ڳالهه تي عمل ڪرڻ لاءِ جيڪا آءٌ چاهيندو هئس. صدر کي آهستي آهستي سندس دماغ ۾ وجهندو ويندو هئس. پر اهڙي نموني جو هو محسوس ۽ نه ڪري ته آءٌ چا پيو ڪريان ۾ ڪيس ان ۾ ٿوري ٿوري دلچسپي وٺڻ تي مجبور ۽ ڪندو رهندو هئس ته جيئن هو پوءِ پاڻ مون کي اهو ڪم ڪرڻ لاءِ چوي. آءٌ اتفاقي طور تي ان طريقي کان واقف ٿيو هئس.

اصل واقعو اهو هو تہ آءٕ وائيٽ هائوس ۾ صدر سان ملاقات ڪري رهيو هئس، ان دوران مون ڪيس هڪ اهڙي پاليسي ٺاهڻ لاءِ چيو جنهن کي منهنجي خيال ۾ هو رد ڪرڻ وارو هو. پر ڪيترن ڏينهن کان پوءِ رات جي ماني گڏجي کائيندي، مون کي حيرت ٿي تہ صدر منهنجي ئي ان صلاح کي پنهنجي صلاح طور مون کي ٻڌائي، ان تي عمل ڪرڻ لاءِ چئي رهيو هو."

ڇا ڪرنل هائوس صدر کي ان ڳالهہ تي ٽوڪيو هو يا ڪيس ٻڌايو هو تہ هيءَ صلاح تہ توهان نہ، پر مون پاڻ توهان کي ڏني هئي؟

نہ، ڪرنل هائوس ايئن بلڪل نہ ڪيو. هن ان آئيڊيا کي پنهنجو خيال ظاهر نہ ڪيو. چو تہ ڪيس تہ صرف ان تي عمل ٿيڻ سان دلچسپي هئي، تنهن ڪري هن چڏي ڏنو تہ پلي صدر ان خوش فهميءَ ۾ رهي تہ اها آئيڊيا سندس پيش ڪيل آهي. ان کان بہ اڳتي وڌي هن ان صلاح تي عمل ٿيڻ کان پوءِ ماڻهن کي اهو ٻڌائڻ شروع ڪيو تہ اها صلاح صدر ئي ڏني هئي، تنهن ڪري هر طرف صدر جي واہ واہ ٿي ويئي.

اڇو تہ اسين اها ڳالهہ ياد رکون ٿا ته ان ڳالهہ کي ذهن ۾ ويهاري چڏيون تہ اسين جنهن بہ شخص سان رابطو رکون ٿا، اهو بہ اسان جهڙو ئي هڪ انسان آهي، جهڙو انسان صدر وڊرو ولسن هو. اسان کي بہ ڪرنل هائوس وارو هنر استعمال ڪرڻ ڪپي.

ڪئناڊا جي هڪ خوبصورت صوبي نيو برنس وڪ جي هڪ شخص اهو هنر اختيار ڪندي، منهنجي سرپرستيءَ کي يقيني بڻائي چڏيو. آءٕ ان صوبي ۾ مچيءَ جو شڪار ڪرڻ کان سواءِ ٻيون تفريحي جايون بہ ڏسڻ چاهيندو هئس، تنهن ڪري مون سياحت سان لاڳاپيل آفيس کي گهربل معلومات ڏيڻ لاءِ هڪ خط لکيو. ڪيترن سياحتي ادارن پوءِ ان آفيس مان منهنجو ڏس پتو پڇي مون کي خط لکيا. ماڻي مون وٽ ڪيترن ئي گائيڊن ۽ سياحتي ادارن جا پمفليٽ ۽ ڪتابڙا پهچي چڪا هئا ۽ آءٕ ٻڈتر ۾ پئجي ويو هئس تہ ڪنهن جي ڳالهہ مڃان ڪنهن جي نہ مڃان. ڪئمپ جي هڪ مالڪ تہ تمام گهڻي هوشياري ڏيکاري ۽ نيويارڪ ۾ رهندڙ ڪيترن اهڙن ماڻهن جا فون

نمبر ۾ ڏس پتا ۽ اماڻي ڏنائين. جيڪي سندن خدمتن مان فائدو حاصل ڪري چڪا هئا ۽ سندن ڪئمپ ۾ اچي چڪا هئا.

هن مون کي عرض ڪيو هو ته، آءٌ نيويارڪ ۾ رهندڙ انهن ماڻهن کان سندن اداري ۾ گائيڊ بابت معلومات حاصل ڪري مطمئن ٿي، ساڻن رابطو ڪري سگهان ٿو.

خوشقسمتيءَ سان انهن ماڻهن ۾ هڪ اهڙو شخص ۽ شامل هو جنهن کي آءٌ ذاتي طور تي ۽ سڃاڻندو هئس. مون ٽيليفون تي ان ماڻهوءَ سان رابطو ڪيو ۽ ڪانئس پڇيم ته ان ڪئمپ ۾ گائيڊ بابت سندس راءِ ڪهڙي آهي؟ ان جڏهن مون کي مطمئن ڪيو ته پوءِ مون ڪئمپ کي پنهنجي اچڻ جي تاريخ بابت تار ڏيئي واقف ڪيو.

ايئن جيڪي گائيڊ پنهنجون خدمتون مون کي وڪڻڻ جي چڪر ۾ هئا، انهن مان هڪ گائيڊ مون کي مجبور ڪيو ته آءٌ پنهنجو پاڻ سندن حوالي ڪريان ۽ ايئن ئي ٿيو ۽ هو ڪٽي ويو.

2500 سال اڳ چين جي هڪ دانشور جيڪي ڪجهه چيو ته، هن ڪتاب جا پڙهندڙ شايد اڄ ۽ ان تي غور ڪري سگهن ٿا.

ان دانشور واهه جي ڳالهه ڪئي هئي ته:

"درياءَ ۾ سمنڊ، سوين جبلن، ندين، نالن مان تعظيم ۽ احترام وصول ڪن ٿا، جنهن جو سبب اهو آهي ته اهي انهن کان هيٺ وهن ٿا. اهو ئي سبب آهي جو اهي جابلو ندين نالن تي پنهنجي حڪمراني قائم ڪرڻ جي قابل ٿين ٿا. تنهن ڪري اهي دانشمند جيڪي ماڻهن تي پنهنجي بالادستي قائم ڪرڻ جي خواهش رکن ٿا، اهي پنهنجو پاڻ کي انهن کان گهٽ رکن ٿا ۽ اهو جيڪو انهن جي سامهون رهڻ جي خواهش رکي ٿو اهو پنهنجو پاڻ کي انهن کان لڪائي رکي ٿو تنهن ڪري جيتوڻيڪ ڪيس ماڻهن ۾ ته بالادستي رهي ٿي، پر اهو ان تي غرور ۽ تڪبر نه ٿو ڪري"

اچو ته ماڻهن کي اهو احساس ڏياريون ته هي خيال، هي آئيڊيا سندن ئي ڏنل آهن، هي نظريو انهن جو ئي آهي ۽ پوءِ مات ڪري ويهي ان جو سنو نتيجو نڪرندو ڏسو.

باب سترهون

هڪ اهڙي اپيل جنهن کي هرڪو پسند ڪري ٿو

آءٌ ميسوريءَ ۾ جيسي جيمز جي فارم جي دوري تي هئس. مون اهو فارم به ڏٺو جتي جيمز جو پٽ رهندو هو.

سندس زال مون کي ٻڌايو ته، مان توهان کي اهي داستان ٿي ٻڌايان ته، جيسي جيمز ڪهڙي نموني بئنڪن ۾ ڏاڙا هڻندو هو. ريل گاڏين ۾ ڦرمار ڪندو هو ۽ اها ڦريل رقم پنهنجي پرپاسي جي هارين ۾ ورهائي ڇڏيندو هو ته جيئن اهي پنهنجو گروي رکيل زمينون واپس وٺي سگهن. جيسي جيمز پنهنجو پاڻ کي هڪ مثالي هستي سمجهندو هو بلڪل اهڙي نموني جهڙي نموني ٻيا ڏوهاري ماڻهو ۽ ڏوهاري تنظيمون پنهنجو پاڻ کي مثالي هستيون ۽ تنظيمون سمجهنديون آهن.

حقيقت اها آهي ته توهان جن ماڻهن سان ملو ٿا، اهي سمورا ماڻهو پنهنجي ذات بابت انتهائي عزت ۽ احترام وارا نظريا رکندا هوندا آهن ۽ پنهنجي اندازي موجب پنهنجو پاڻ کي بهترين بي غرض ۽ بي لوث ڏسڻ پسند ڪندا آهن.

جي پيئر پونٽ مورگن چوي ٿو:

"ڪنهن به ماڻهوءَ وٽ ڪوبه ڪم ڪرڻ لاءِ به سبب هوندا آهن.
هڪ سبب اهو هوندو آهي ته اهو ڪم ڪيس سٺو لڳي ۽ ٻيو اهو
ته اهو ڪم واقعي سٺو هجي."

سڀني ڪم بابت انسان کي پاڻ سوچڻو پوندو آهي. توهان کي ان ڳالهه تي زور ڏيڻ يا دباءُ وجهڻ جي قطعاً ڪا به ضرورت ڪونهي، پر اسين سڀ جيڪي دل سان مثاليت پسند واقع ٿيا آهيون. انهن

مقصدن بابت سوچڻ پسند ڪندا آهيون. جيڪي اسان کي سڻا ٿا لڳن. تنهن ڪري ماڻهن ۾ تبديلي آڻڻ لاءِ سڻن مقصدن تي ڌيان ڏيو.

ڇا اهو نظريو ڪاروبار ۾ به هڪ بهترين نظريو ثابت ٿي سگهي ٿو. اچو ته ڏسون:

هتي اسين هيملٽن جي فارل جو ڪيس سامهون ٿا رکون. سندس تعلق پينسلوينيا جي فارل مچل ڪمپنيءَ سان هو. سندس هڪ مسواڙي اهڙو هو جنهن مسواڙيءَ معاهدو ختم ڪرڻ ٿي چاهيو. جيتوڻيڪ سندس اهو معاهدو ختم ٿيڻ ۾ ايڏا چار مهينا رهيل هئا، پر ان جي باوجود هن اهو نوٽيس اماڻي ڏنو ته هو اپارٽمينٽ خالي ڪري رهيو آهي ۽ ڪيس ان ناهه جي ڪا به پرواهه ڪونهي.

مسٽر فرل ٻڌايو:

"اهي سڀ سياري ۾ منهنجي گهر ۾ ئي مسواڙيءَ طور ترسيل هئا. سردين جي موسم سال جي مهانگي موسم هوندي آهي ۽ مون کي پڪ هئي ته هاڻي مون کي اهو اپارٽمينٽ ٻيهر مسواڙ تي چاڙهڻ ۾ ڏکيائي ٿيندي. سياري ختم ٿيڻ کان اڳ اهو مسواڙ تي وڃڻ ممڪن نه هو. عام حالتن ۾ آءٌ مسواڙيءَ کي اهو چئي ٿي سگهيس ته هو پنهنجي مسواڙي معاهدي کي ٻيهر پڙهي ۽ خاص طور تي اهو به پڙهي ته جيڪڏهن هو سيزن ختم ٿيڻ کان اڳ اپارٽمينٽ خالي ڪندو ته سيزن جي باقي رهيل عرصي جي رقم به پري ڏيندو ۽ آءٌ ان رقم وصول ڪرڻ لاءِ مناسب قدم به کڻي سگهيس ٿي. پر مون مسواڙ وصول ڪرڻ جي عام رواجي طريقن اختيار ڪرڻ بدران ٻيو ڪو طريقو اختيار ڪرڻ جو سوچيو ۽ پنهنجي مسواڙيءَ سان هينئن ڳالهايم:

مسٽر ڊو مون توهان جي ڳالهه ٻڌي ۽ مون کي ايڏا به پڪ آهي ته تون سيزن ختم ٿيڻ کان اڳ اهو اپارٽمينٽ خالي نه ڪندين. مون کي جايون مسواڙ تي ڏيڻ واري ڪاروبار ۾ سالن جا سال گذري ويا آهن ۽ ان تجربي مون کي انساني فطرت بابت گهڻو ڪجهه سيکاريو آهي ۽ آءٌ توهان کي ان خيال سان ڏسان ٿو ته توهان ڳالهه جا پڪا انسان آهيو. آءٌ توهان کي پنهنجي ڳالهه جو

ايترو پڪو ٿو سمجهان. جو ان يقين سان هڪ جوا کيڏڻ لاءِ بہ تيار آهيان. تنهن ڪري هاڻي منهنجي صلاح ٻڌو. توهان پنهنجي فيصلي تي غور ڪريو ڪجهہ ڏينهن اندر مون کي پنهنجي قطعي فيصلي کان واقف ڪريو. جيڪڏهن توهان ايندڙ مهيني جي پهرينءَ تاريخ تائين. جيستائين مسواڙ تنهنجي ذمي آهي. مون وٽ اچي ٻڌايئن ٿو تہ توهان اجا بہ اپارٽمينٽ خالي ڪرڻ جو ارادو رکو ٿا تہ پوءِ آءُ واعدو ٿو ڪريان تہ آءُ تنهنجو فيصلو دل سان قبول ڪري وٺندس. آءُ توکان وڌيڪ مسواڙ جي بہ گهر نہ ڪندس ۽ توکي خوشيءَ سان اپارٽمينٽ خالي ڪرڻ جي اجازت ڏيئي ڇڏيندس. ۽ اهو مجي وٺندس تہ مون توهان جي باري ۾ قول جو پڪو هجڻ جو جيڪو نظريو پنهنجي تجربي سبب قائم ڪيو هو اهو غلط هو ۽ اهو تہ مون کان ماڻهو سڃاڻڻ ۾ غلطي ٿي. پر مون کي اجا بہ پڪ آهي تہ تون پنهنجي ڳالهہ جو پڪو آهين ۽ ضرور ٻاهہ تي عمل ڪندين. اسين يا تہ انسان آهيون يا وري پولڙا ۽ اهو حق اسان وٽ آهي تہ اسين پاڻ کي انسان ٿا سمجهون يا پولڙا."

جڏهن نئون مهينو شروع ٿيو تہ اهو ماڻهو پاڻ مون سان ملڻ آيو ۽ ذاتي طور تي پنهنجي مسواڙ منهنجي حوالي ڪيائين. هن چيو تہ مون ۽ منهنجي زال ان مسئلي تي پاڻ ۾ ڳالهايو آهي ۽ فيصلو ڪيو اٽئون تہ ٻاهہ واري عرصي تائين توهان جا مسواڙي ٿي رهنداسين. ۽ ان ۾ ئي رهنداسين ۽ اهو بہ تہ سڀ طريقو اهو ئي آهي تہ اسين پنهنجي معاهدي تي عمل ڪريون.

هڪ اخبار آنجهاني لارڊ ڪلن جي اهڙي تصوير شايع ڪرڻ ٿي چاهي. جيڪا لارڊ پاڻ بہ شايع ڪرڻ پسند نہ ڪندو هو تنهن ڪري هن ان سلسلي ۾ انهيءَ اخبار جي ايڊيٽر کي هڪ خط لکيو تہ. مهرباني ڪري منهنجي فلاڻي تصوير پنهنجي اخبار ۾ شايع نہ ڪريو جو مون کي اها پسند ڪانهي. هن اجا هڪ وڌيڪ ڳالهہ بہ ڪئي ۽ ان عزت ۽ احترام ۽ پيار ۽ محبت کي پنهنجي وچ ۾ آندائين. جيڪو اسين سڀ

پنهنجن مائٽن لاءِ پنهنجي دل ۾ رکون ٿا. هن واسطيدار اخبار جي ايڊيٽر کي لکيو:

"مهرباني ڪري منهنجي فلاڻي تصوير شايع نه ڪجو جو منهنجي ماءُ اها تصوير شايع ٿيڻ پسند نه ٿي ڪري ۽ ڪيس اها بنهه ٿي وڃي."

جڏهن جان ڊي راڪ فيلر جونيئر کي سندس ٻارن جي اخبار ۾ شايع ٿيل تصوير نه وڻي ته، ان به اهڙي نيڪ مقصد جو سهارو ورتو ۽ اهو ته نه چيائين ته آءُ نه ٿو چاهيان ته توهان منهنجن ٻارن جون تصويرون اخبار ۾ شايع نه ڪريو پر ان خواهش جو سهارو ورتائين، جيڪو اسان سيني جي دلين ۾ هوندو آهي ته ان سان منهنجن ٻارن تي خراب اثر پئجي سگهي ٿو يا کين نقصان رسي سگهي ٿو.

هن چيو:

"توهان کي خبر آهي ته اڃوڪا ٻار ڪهڙي فطرت رکن ٿا. توهان به ٻارن ٻچن وارا آهيو ۽ توهان کي خبر آهي ته ننڍي عمر ۾ انهن ٻارن جي مشهوري هنن کي ڪيترو نقصان ۽ خراب اثر پهچائي سگهي ٿي."

سائرس ايچ ڪي ڪرٽس جڏهن پنهنجو ڪاروبار شروع ڪيو ته ان ڪاروبار جي شروعات جنهن پوءِ ڪيس "سئيچر ڊي ايوننگ پوسٽ" ۽ "ليڊيز هوم جرنل" جو مالڪ ناهي ڇڏيو ۽ سندس ڪروڙ پتي ٿيڻ جي شروعات ڪري ڇڏيائين. اهو ڪاروبار شروع ڪرڻ وقت تنگ دستي جي حالت ۾ هو.

هو ميامي سان تعلق رکندڙ هڪ غريب ۽ بيروزگار نوجوان هو. هو پنهنجي رسالي ۾ لکندڙ کي ڪوبه معاوضو نه ڏيندو هو جيئن ٻيا رسالا لکندڙن کي ڏيندا هئا. هن ان سلسلي ۾ وڏن لکندڙن کي نيڪ مقصد لاءِ ڪم ڪرڻ جي ترغيب ڏيڻ جو ڪم ڪيو. مثال طور ۽ ايستائين جو هن ليوسامي الڪاٽ کي به پنهجي رسالي لاءِ لکڻ لاءِ تيار ڪري ورتو جيڪا "لٽل وومين" جهڙي لاجواب ڪهاڻيءَ جي مصنفه هئي. هن ان وقت کيس پنهنجي رسالي ۾ لکڻ جي ترغيب ڏني. جڏهن هوءَ مشهوريءَ

جي بلندين تي هئي ۾ هن کيس لکڻ لاءِ ڪيئن تيار ڪيو؟ هن 100 ڊالرن جو چيڪ پيش ڪيو پر اهو چيڪ هن مصنفہ کي نہ پر سندس دلپسند خيراتي اداري کي ڏنو. توهان اهو اعتراض ڪري سگهو ٿا تہ:

"اهو سڀ ڪجهہ نارٿ ڪلف راڪ فيلر ۾ هڪ جذباتي مصنفہ جي وچ ۾ تہ ٿي سگهي ٿو پر منهنجي لاءِ اهو ڪيئن صحيح ٿو ٿي سگهي ۾ توهان مون کي ڪيئن اهڙي طريقي جو استعمال اهڙي ماڻهو کي ڪري ڏيکاريندا، جن کان مون کي بل وصول ڪرڻا آهن؟"

بلڪل صحيح. ڪوبہ هڪ نظريو سمورن ماڻهن تي نهڪي نہ ٿو اچي نہ ڪو لاڳو ٿي سگهي ٿو پر جيڪڏهن توهان ايئن نتيجن مان مطمئن آهيو جيڪي نتيجا توهان حاصل ڪري رهيا آهيو تہ پوءِ تبديليءَ جي کهڙي معنيٰ ٿي سگهي ٿي ۾ جيڪڏهن توهان مطمئن نہ آهيو تہ پوءِ اهو تجربو ڇو نہ ٿا ڪري ڏسي سگهو؟

صورتحال پلي کهڙي بہ هجي، پر منهنجي خيال ۾ توهان منهنجي هڪ اڳوڻي شاگرد جي سچي واقعي مان ضرور مزو ماڻيندا. ان شاگرد جو نالو جيمز ايل ٽامس هو. هيٺ سندس داستان ڏجي ٿو ان کي پڙهو:

"هڪ آٽو موبائيل ڪمپنيءَ جي ڇهن گراهڪن پنهنجا سروس بل ڏيڻ کان جواب ڏيئي ڇڏيو. ڪنهن بہ گراهڪ سموري بل تي احتجاج نہ ڪيو هو پر بل جي ڪنهن نہ ڪنهن حصي تي اعتراض ڪيو هو. انهن مان هر ڪنهن چيو تہ ڪانئس فلاڻي فلاڻي ڪم جا وڌيڪ پئسا ورتا ويا آهن. هنن هڪ فارم تي صحيح ڪري سموري ڪم تي اطمينان ظاهر ڪيو هو. تنهن ڪري ان ۾ ڪمپني جو تہ ڪوبہ ڏوهہ ئي نہ هو ۾ ڪمپنيءَ اهو سڀ ڪجهہ پنهنجن گراهڪن کي بہ چيو ۾ اها ئي سندن پهرين غلطي هئي."

هيٺ انهن اپائن جو ذڪر ڪريون ٿا، جيڪي ڪمپنيءَ پنهنجن گراهڪن کان بل وصول ڪرڻ لاءِ ڪيا هئا. ڇا توهان سمجهو ٿا تہ ايئن ڪرڻ سان هو سندن گراهڪن کان بل وصول ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا؟

* هنن پنهنجن گراهڪن سان رابطو ڪيو ۽ کين ان رهيل بل وصول ڪرڻ بابت زور پريو. جيڪي گهٽي عرصي کان مٿن رهيل هئا.
* هنن پنهنجن گراهڪن کي وضاحت سان ياد ڏياريو ته ڪمپنيءَ جي ڀالهه صحيح آهي ۽ گراهڪ اجايو غلط ڀالهه پيا ڪن.
* هنن گراهڪن کي اهو به ياد ڏياريو ته ڪمپني آٽوموبائيل بابت ڪائنئن وڌيڪ ڄاڻي ٿي. تنهن ڪري گراهڪن جي دليلن ۾ وزن ڪونهي.

نتيجو ڪهڙو نڪتو؟ نتيجو اهو نڪتو جو پنهي ڌرين طرفان دليل بازي ٽيڙ لڳي ۽ ٻئي هڪ ٻئي کي صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ ننڍن چوٽيءَ جو زور لڳائڻ لڳا ۽ معاملو اينگهجي ويو.

ان موقعي تي وري ڪريڊٽ مئنيجر قانوني ڪارروائي تي ويچارڻ لڳو. هن ان سلسلي ۾ قانوني صلاحڪاري سان به رابطو ڪري، ڪائنس صلاح وٺڻ شروع ڪئي. خوش قسمتيءَ سان ان سموري معاملي جي جاچ جنرل مئنيجر کي ٿي ويئي. هن جانچ شروع ڪئي، جنهن مان پتو پيو ته اهي سمورا گراهڪ ٻين ادارن کي بروقت بل ڏيڻ جي سلسلي ۾ سٺي ساک رکندڙ هئا. هو سمجهي ويو ته ڪٽي نه ڪٽي کا غلطي ٿي آهي. ڪيس پتو پيو ته سندن بل وصول ڪرڻ واري طريقي ۾ ڪٽي نه ڪٽي کا خامي ضرور آهي. تنهن ڪري هن جيمز ايل ٽامس کي پاڻ وٽ سڏايو ۽ ڪيس چيو ته هو اهي بل وصول ڪرڻ لاءِ قدم کڻي.

پوءِ ٽامس اهي بل وصول ڪرڻ لاءِ جيڪي اپاءَ وتا اهي سندس ئي زباني ٻڌو

* مون هر هڪ گراهڪ سان ڌار ڌار ملاقات ڪئي، جن کان بل وصول ڪرڻا هئا. جيتوڻيڪ منهنجو مقصد هنن کان ڪافي عرصي کان رهيل بل وصول ڪرڻ هو. هڪ اهڙو بل جنهن لاءِ اسان کي پڪ هئي ته بلڪل صحيح آهي، پر مون کين ان باري ۾ ڪجهه به نه چيو. مون کين صرف اهو چيو ته آءٌ اها ڀالهه معلوم ڪرڻ آيو آهيان ته ڪمپني توهان جي ڪهڙي خدمت ڪئي آهي ۽ ڪهڙي خدمت ڪرڻ ۾ ناڪام رهي آهي.

* مون انهن گراهڪن تي واضح ڪيو ته جيستائين آءُ سندن ڀَالهه نه ٻڌي ونان، پنهنجي ڪا به راءِ نه ڏيئي ٿو سگهان ۽ چيو ته ڪمپنيءَ ڪڏهن به اها دعويٰ نه ڪئي آهي ته ان کان به غلطي نه ٿي ٿي سگهي.
* مون انهن گراهڪن کي چيو ته مون کي رڳو سندن گاڏين سان دلچسپي آهي ۽ اهو ته پنهنجن گاڏين بابت هو پاڻ وڌيڪ ڄاڻن ٿا ۽ دنيا جو ڪوبه ٻيو ماڻهو انهن کان وڌيڪ سندن گاڏين بابت نه ٿو ڄاڻي.
* مون انهن گراهڪن کي سندن خيالن ٻڌائڻ جو پورو پورو موقعو ڏنو ۽ سندن ڀَالهه دلچسپيءَ ۽ همدرديءَ سان ٻڌي، جنهن دلچسپي ۽ همدرديءَ جي کين توقع هئي.
* پوءِ جڏهن مون اهو محسوس ڪيو ته اهي گراهڪ هڪ سٽي مود ۾ آهن، تڏهن پوءِ مون سمورو معاملو سندن مرضيءَ تي ڇڏي ڏنو. مون انهن ۾ هڪ نيڪ مقصد جو جذبو پيدا ڪيو هو. مون سندن ايمانداريءَ کي چئلينج ڪيو هو، پر گڏوگڏ مون کين اهو به ياد ڏياري ڇڏيو هو ته:

"ان معاملي کي بهتر نموني منهن ڏيڻ جي ڪوشش نه ڪئي ويئي هئي، بلڪ هڪ ناخوشگوار طريقي سان منهن ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي هئي ۽ اسان جي هڪ عملدار ان کي ادنگي نموني طئ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ايئن نه ٿئي ها ته بهتر هو ۽ مون کي ان ڀَالهه تي افسوس آهي ۽ آءُ معافيءَ جو طلبگار آهيان ۽ اهو ئي سبب آهي جو آءُ توهان وٽ هلي آيو آهيان ته جيئن پنهنجي سر توهان جي ڀَالهه ٻڌي سگهان. مون توهان جي ڀَالهه ٻڌي ۽ توهان جي صبر ۽ برداشت کي ساراهيان ٿو. تنهن ڪري چاهيان ٿو ته توهان منهنجي لاءِ به ڪجهه نه ڪجهه ڪريو. هونئن ته مون کي به اهي اختيار آهن ته ان بل کي پنهنجي مرضيءَ سان گهٽائي وڌائي سگهان، پر آءُ اهو سڀ ڪجهه توهان جي ايمانداريءَ تي ڇڏيان ٿو. توهان کي پاڻ اندازو آهي ته بل ۾ ڪهڙي ڀَالهه صحيح آهي، ڪهڙي غلط، تنهن

ڪري توهان جيئن چاهيندا تيئن ئي ٿيندو ۽ پنهنجيءَ مرضيءَ سان، پنهنجي هٿ سان توهان کي جيڪو گهٽائڻو آهي، اوترو بل پاڻ گهٽائي باقي ادا ڪريو. اسان کي اهو قبول هوندو."

توهان کي خبر آهي ته پوءِ ڇا ٿيو؟ پوءِ ايئن ٿيو جو اهي بل جيڪي 140 کان 400 ڊالرن تائين جا هئا ۽ جن جو اڌ به گراهڪ پرڻ لاءِ تيار نه هئا، اهي ان جو اڌ کان به وڌو حصو پاڻ پرڻ لاءِ تيار ٿي ويا ۽ ٻئي ڏينهن ئي ڪمپنيءَ وٽ پهچي معذرت ڪري رهيل بل پري ويا. پوءِ انهن گراهڪن مان پنجن ته اسان کان ڪجهه وقت کان پوءِ نيون گاڏيون به خريد ڪيون. ڇو؟ ان لاءِ ته اسان مٿن اعتبار ڪيو هو ۽ کين اها خوشي هئي ته اسان جهيڙي جهٽي ۾ پوڻ بدران ساڻن ڳالهين وسيلي معاملو نبيريو.

مسٽر ٽامس پوءِ وڌيڪ ٻڌايو ته:

"تجربي مون کي اهو سيکاريو ته جڏهن گراهڪ جي سلسلي ۾ معلومات حاصل ڪرڻ ۾ ناڪامي ٿئي ته پوءِ اڳتي وڌڻ لاءِ صرف هڪ ئي ڳالهه باقي رهجي وڃي ٿي ته توهان اهو فرض ڪريو ته گراهڪ سنجيده، ايماندار ۽ سچو آهي ۽ ان صورتحال ۾ پنهنجو بل ڏيڻ لاءِ به تيار آهي. جيڪڏهن کيس اها پڪ ڏياري وڃي ته هو صحيح آهي، سندس ڳالهه صحيح آهي ۽ ايماندار آهي ۽ جيڪو چوي پيو جي اهو صحيح آهي ته پوءِ هو به توهان سان هروپرو اڙي بازي نه ڪندو نه ڪنهن ڳالهه ۾ اٽڪندو. توهان رڳو هڪ ڪم ڪريو ته کيس احساس ڏياريو ته هو ايماندار آهي، صحيح آهي ۽ جيڪا ڳالهه ڪري پيو تنهن ۾ وزن آهي."

"بس رڳو ماڻهن کي سڀي ڪم ڪرڻ جي ترغيب ڏيو ۽ کين احساس ڏياريو ته توهان کي مٿن اعتبار آهي."

حصو چوٽون

دل ٽوڙڻ سوا ماڻهن کي تبديليءَ تي راضي ڪرڻ جا گُر

"جيڪڏهن اسين ماڻهن کي تبديليءَ تي راضي ڪرڻ چاهيون ٿا ۽ اهو به چاهيون ٿا ته اسين سندن دل آزاري ڪرڻ کانسواءِ انهن جي دل کي رنجائڻ کان سواءِ، انهن ۾ ڪاوڙ ۽ ڏک جا جذبات پيدا ڪرڻ کان سواءِ ئي انهن کي تبديليءَ تي راضي ڪريون ته اسان کي ان روپي سان شروعات ڪرڻ پوندي، جو نه صرف ان سلوڪ سان ان ماڻهوءَ جي عزت ۽ مانُ شانُ وڌي، پر ان جي شخصيت کي مڃڻ به ممڪن ٿي وڃي، پر ان جو اهو سمورو ردعمل اسان جي پنهنجي سلوڪ تي مدار رکي ٿو."

باب ارڙهون

هڪ اهڙي تنقيد جنهن سان ڪوبہ نفرت نہ ٿو ڪري

چارلس شواب هڪ ڏينهن پنهنجي اسٽيل مل جو دورو ڪري رهيو هو. منجهند جو وقت هو ۽ هو جڏهن هڪ هنڌان لنگهيو تہ سندس ڪي ملازم سگريٽ پي رهيا هئا ۽ مزي جي ڳالهہ اها هئي تہ سندن مٿان هڪ بورڊ لڳل هو جنهن تي لکيل هو تہ، هت سگريٽ پيئڻ منع آهي.

چا شواب سندن ڏيان ان بورڊ ڏانهن ڇڪايو؟ نہ. هن ايئن بلڪل نہ ڪيو. هو پرسڪون نموني هلندو انهن ملازمن وٽ پهتو ۽ انهن مان هر ڪنهن کي هڪ سگار ڏيندي چيائين:

"نوجوانو، مون کي خوشي ٿيندي، جيڪڏهن توهان هي سگار فيڪٽري کان ٻاهر وڃي پيو."

انهن ملازمن بہ سمجهي ورتو تہ شواب کي خبر پئجي ويئي آهي تہ هنن فيڪٽري قانون جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي ۽ هنن ان ڪري شواب جي ساراهہ شروع ڪئي تہ هن قانون جي ڀڃڪڙي تي کين ڏڪاڻہ ڏنا. پاڻ مورڳو کين هڪ تحفو ڏيئي، سندن اهميت وڌائي ۽ کين اڻ سڌي نموني سمجهائي بہ ڇڏيو تہ هنن قانون جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي. چا توهان پوءِ بہ اهڙي ماڻهوءَ سان محبت نہ ڪندا؟

جان ونا ميڪر بہ اهو ئي گُر استعمال ڪندو هو. سندس هڪ تمام وڏو اسٽور فلاڊيلفيا ۾ هو ۽ هو روزانو پنهنجي اسٽور جو دورو ڪندو هو.

هڪ ڀيري پنهنجي دوري دوران هن ڏٺو تہ هڪ گراهڪ

ڪائونٽر تي انتظار ۾ مصروف هو. اسٽور جو ڪوبہ ماڻهو ڪيس ڏيان نہ ڏيئي رهيو هو. سيلزمين ڪائونٽر کان ٽورو پرپرو پاڻ ۾ ڪل پوڳ ۾ لڳا پيا هئا ۽ گراهڪ ڪائونٽر تي سندن انتظار ۾ بينو هو. ونامیکر ڪنهن بہ سيلزمين کي هڪ لفظ بہ نہ چيو. هو پاڻ ڪائونٽر وٽ پهتو ۽ گراهڪ کي گهربل سامان ڪڍي ڏنائين. اها گراهڪ هڪ عورت هئي. تنهن کان پوءِ هن اهي شيون هڪ سيلزمين کي ڏنيون تہ انهن کي پيڪ ڪري ان عورت حوالي ڪيون ۽ پاڻ اسٽور جو دورو ڪري اتان هليو ويو.

عوامي عيوضين بابت عام ماڻهن کي هميشه اها شڪايت هوندي آهي تہ اهي چونڊجڻ کان پوءِ عام ماڻهن کان پري رهندا آهن ۽ مصروف هئڻ جا بهانا گهڙيندا آهن ۽ اڪثر پنهنجن ويجهن ساڻين جي گهيري ۾ هوندا آهن. جيڪي کين عام ماڻهن سان ملڻ ئي نہ ڏيندا آهن.

ڪارل ليگ فورڊ فلوريڊا رياست جي شهر لانڊيو جو ميئر هو. سندس اسٽاف ڪيس ماڻهن کان ملڻ کان روڪيندو رهندو هو. هو اڪثر پنهنجي عملي کي چوندو رهندو هو تہ ڪيس ماڻهن سان ملڻ کان نہ روڪيو ويجي، پر تنهن هوندي بہ شاهہ کان وڌيڪ شاهہ جو وفادار عملو ماڻهن کي هروپرو بہ ساڻس ملڻ نہ ڏيندو هو.

آخرڪار ميئر ان مسئلي جو حل ڪڍي ورتو. هن پنهنجي آفيس جو در ئي پٽرائي ڇڏيو. تنهن کان پوءِ سندس ملازمن کي بہ ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي ويئي تہ ميئر صاحب عام ماڻهن سان ملڻ ۾ ڪوبہ عار نہ ٿو سمجهي ۽ ساڻن ملي خوش ٿو ٿئي تہ پوءِ هنن بہ رڪاوٽون وجهڻ ڇڏي ڏنيون.

"جيڪڏهن" هڪ اهڙو لفظ آهي، جيڪو ماڻهن جي دل آزاري ڪرڻ کانسواءِ، کين رنجائڻ کان سواءِ، کين ڪاوڙائڻ کان سواءِ توهان کي پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ ۾ گهڻي پاڳي مدد ڪري سگهي ٿو.

مثال طور جيڪڏهن اسين پڙهائيءَ جي سلسلي ۾ پنهنجي پار جي لاپرواهي واري رويي کي ختم ڪرڻ چاهيون تہ ان پار سان گهٽو ڪري هن ريت ڳالهائيندا آهيون:

"اسان کي توتي فخر آهي جو تو امتحان ۾ هن پيري تمام سٺي ڪاميابي حاصل ڪئي آهي. پر جيڪڏهن تون الجبرا ۾ اڃا وڌيڪ محنت ڪرين ها تہ شايد پوزيشن بہ حاصل ڪري سگهين ها."

ان سلسلي ۾ ٻار اوستائين تہ خوش ٿيندو رهندو تہ منهنجا ماءُ پيءُ منهنجي تعريف ڪن پيا. جيستائين هڪ لفظ "جيڪڏهن" نہ ٻڌندو. تنهن کان پوءِ هو حقيقي تعريف جي سنجيدگيءَ کي چئلينج ڪري سگهي ٿو.

توهان ان صورتحال کي تبديل ڪرڻ لاءِ "جيڪڏهن" بدران لفظ "۽" بہ استعمال ڪري سگهو ٿا. ٻار سان هن ريت ڳالهائي سگهو ٿا:

"اسان کي فخر آهي تہ تو امتحان ۾ هن پيري تمام سٺي ڪاميابي حاصل ڪئي آهي "۽" جيڪڏهن تون ايئن ئي محنت ڪندو رهين تہ الجبرا ۾ بہ سنيون مارڪون کڻي وڌيڪ ڪاميابي حاصل ڪري سگهين ٿو."

ان سان ٻار اڃا وڌيڪ خوش ٿيندو ۽ الجبرا ۾ بہ وڌيڪ محنت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو. ڪنهن جو ڏيان سندس غلطين ڏانهن اڻ سڌي نموني ڏيارڻ وڌيڪ بهتر هوندو آهي. خاص طور تي حساس ماڻهن جي سلسلي ۾ تہ ان باري ۾ گهٽو ڪجهہ سوچي سمجهي ڳالهائڻو پوندو آهي. چو تہ اهي سندس سڌيءَ تنقيد تي ڪاوڙجي پوندا آهن.

مارچ جيڪب اسان جي هڪ ڪورس جي شاگرديائي هئي. سندس تعلق رهوڙ آئي لينڊ سان هو. ان اسان جي ڪلاس کي ٻڌايو تہ ان ڪهڙي نموني اڏاوتي ڪم ڪندڙ مزدورن کي ان ڳالهہ تي راضي ڪيو تہ اهي پنهنجو ڪم ختم ڪرڻ کان پوءِ جاءِ جي صفائي ستڪرائي ڪري پوءِ هليا وڃن. مسز جيڪب پنهنجي گهر ۾ ڪو اضافي ڪم ڪرائي رهي هئي.

تعميراتي ڪم جي شروعات ڏينهن ۾ جڏهن مسز جيڪب پنهنجي ڪم تان موٽندي هئي تہ ڏسندي هئي تہ سندس گهر جو اڳڻ ۽ باغيچو تعميراتي سامان جي بچيل ملبي سان ڀريل هوندو هو. هو مزدورن کي

ناراض ڪرڻ نه چاهيندي هئي، جو تہ اهي نهايت مهارت سان پنهنجو ڪم ڪري رهيا هئا. تنهن ڪري اهي جڏهن پنهنجي ڪم کان واندا ٿي گهر ويندا هئا تہ پوءِ هوءَ ۾ سندس پار گهر کي صاف ڪرڻ ۾ لڳي ويندا هئا. هڪ صبح هن تعميراتي فورمين کي هڪ پاسي وٺي وڃي چيو:

"آءٌ توهان جي طور طريقن مان خوش ٿي آهيان، جو توهان ڪالهہ رات باغيچي کي صاف ستڙو ڪري ويا، جنهن سان منهنجا پاڙيسري بہ رنج نہ ٿيا."

ان ڏينهن کان پوءِ مزدور جڏهن بہ ڪم کان واندا ٿيندا هئا تہ اهي باغيچي جي صفائي ڪري پوءِ ويندا هئا ۾ فورمين پاڻ ٻيٽو هوندو هو تہ جيئن هو چڱي نموني صفائي ڪن ٿا يا نہ.

فوج جي ريزرو ۾ باقاعده سپاهين وچ ۾ خاص فرق سندن وارن جي ڪٽائيءَ جو هوندو آهي. فوج جا ريزرو سپاهي پنهنجو پاڻ کي فوجين بدران سويلين تصور ڪندا آهن ۾ پنهنجو گهٽو ٽٽو وقت سويلين طور ئي گذارينداآهن. هو پنهنجا وار فوجي انداز ۾ ڪٽرائڻ کان لنوائيندا آهن. هو پنهنجا وار ننڍا ڪرائڻ نہ چاهيندا آهن.

ماسٽر سارجنٽ هاري قيصر جو تعلق 542هين يو. ايس. اي. آر اسڪول سان هو. هو بہ ان قسم جي مسئلي کي منهن ڏيئي رهيو هو. ڪيس ان وقت مسئلي کي منهن ڏيڻو پيو جڏهن هو نان ڪميشنڈ آفيسرن جي هڪ دستي سان گڏ ڪم ڪيو. هو فوج جو هڪ باقائده ۾ پراڻو سارجنٽ هئڻ ڪري حڪم نامو جاري ڪري سگهندو هو ۾ پنهنجي حڪم جي تعميل کي بہ ممڪن ڪري سگهيو ٿي، پر هن ان مسئلي تي اڃ سڌي نموني ڀالهائڻ مناسب نہ سمجهيو. هو نان ڪميشنڈ آفيسرن کي هن طرح مخاطب ٿيو:

"جوانو! توهان ليڊر آهيو توهان ان وقت صحيح ليڊر ثابت ٿي سگهو ٿا ۾ ماڻهن کي متاثر ڪري سگهو ٿا، جڏهن توهان کي مثال قائم ڪريو ٻين کي هڪ مثال ٿي ڏيکاريو. توهان کي ڪپي تہ توهان اهڙو مثال ٻڌجو جو ماڻهو توهان جي نقش قدم تي هلڻ ۾ فخر محسوس

ڪن. توهان کي خبر آهي ته فوج جا قانون وارن جي استائل بابت چا ٿا چون. آءُ اڄ ئي وار ڪنائڻ وڃان پيو جيتوڻيڪ منهنجا وار توهان مان ڪيترن ماڻهن جي وارن کان ڪافي ننڍا آهن. توهان بہ آرسيءَ اڳيان بيهي پنهنجو جائزو ونڊ ۽ جيڪڏهن محسوس ڪريو ته انهن کي ڪنائڻ جي ضرورت آهي ته پوءِ اسين توهان کي حجام جي دڪان تائين وڃڻ جو وقت ۽ اجازت ٻيئي ڏيئي چڏيندا سين."

ان جو نتيجو توقع مطابق ئي نڪتو. ڪيترن اميدوارن آرسيءَ اڳيان بيهي پنهنجن وارن جو جائزو ورتو ۽ منجهندجو ئي حجام جي دڪان تي پهچي پنهنجن وارن کي فوجي ضابطن موجب ڪٽرائي چڏيو. ٻئي ڏينهن صبح جو سارجنٽ قيصر اهو اعلان ڪيو ته هو پنهنجي اسڪواڊ جي ڪيترن ميمبرن پر ليبرشپ جي معيار کي وڌندي ڏسي رهيو آهي.

8 مارچ 1887ع تي هينري وارڊ بيچر گذاري ويو. ان کان ايندڙ آچر تي لي مين ايبٽ کي آنجهاني وارڊ بيچر جي ذات تي ڳالهائڻو هو. هن ان سلسلي پر پنهنجي تقرير لکي ۽ پوءِ ان پر ڪٽ پٽ ڪري وري لکيائين. پوءِ اها تقرير پنهنجي زال کي پڙهي ٻڌايائين. ان چيس ته تنهنجي تقرير ايتري ته خراب آهي جهڙيون ٻيون لکيل تقريرون هونديون آهن. اها ايتري ته ڏکهي ۽ تفصيلي آهي جو ٻڌندڙن کي ته ننڊ اچي ويندي. تون هيترن سالن کان وعظ ڪندو پيو اچين. توکي ته زباني تقرير ڪرڻ جو ڊنگ اچڻ کپي. تون انسانن وانگر چو نه ٿو ڳالهائين. فطري انداز پر تقرير چو نه ٿو ڪرين. جيڪڏهن تو لکيل تقرير پڙهي ته پوءِ اجايو پنهنجي بي عزتي ڪرائيندين.

چا اهو ئي سبب ڪجهه آهي جيڪو سندس زال چيو هوندو؟ نه. هن ايئن بلڪل نه ڪيو ۽ هن ڪيس چيو ته تنهنجي اها تقرير نارٿ "آمريڪن ريويو" لاءِ هڪ سٺو آرٽيڪل ثابت ٿي سگهي ٿي. ٻين لفظن پر هن ان تقرير جي تعريف ڪئي. پر هن گڏوگڏ اها نشاندهي بہ ڪري چڏي ته فقط تقرير طور اها سٺي نه هوندي. لي مين ايٽ ڳالهه جي ته تائين پهچي ويو ۽ پوءِ هن زباني تقرير ڪئي. جيڪا پوءِ ڪيترن ڏينهن تائين ماڻهن کي ياد رهي ۽ ان کي سراهيائون.

"ماڻهن جي غلطين ڏانهن سندن ڌيان اڻ سڌيءَ نموني ڏياريو."

باب اوٽيهون

پنهنجي غلطيءَ بابت ڳالهايو

منهنجي پاڻيجي جوزفين ڪارنيگي نيويارڪ پهچي چڪي هئي. هن سيڪريٽري ٿيڻ چاهيو ٿي. سندس عمر 19 سال هئي. ٽي سال اڳ هن پنهنجي هاءِ اسڪول گريجوئيشن مڪمل ڪئي هئي ۽ ڪاروبار بابت سندس تجربو نه هئن برابر هو. جيتوڻيڪ ان کان پوءِ جي عرصي دوران هن پاڻ کي هڪ تمام سٺي سيڪريٽريءَ طور ثابت ڪيو پر ان وقت هوءَ ان عهدي جي قابل نه هئي. هڪ ڏينهن جڏهن مون ايڊا مٽس تنقيد جي شروعات ئي مس ڪئي ته مون پنهنجو پاڻ سان ڳالهائيندي چيو:

"ڊيل ڪارنيگي، هڪ گهڙيءَ لاءِ سوچ. صرف هڪ گهڙي لاءِ. تنهن جي عمر جوزفين کان ٻيڻي آهي، توکي هن جي مقابلي ۾ ڏهه هزار ڀيرا وڌيڪ ڪاروبار جو تجربو آهي. تون ڪيئن ٿو اميد ڪرين ته هوءَ تنهنجو نقطه نظر سمجهي ونڊي ۽ ڊيل ڪارنيگي اهو به ته سوچ ته جڏهن تون پاڻ 19 سالن جي عمر جو هئين ته ان وقت ڇا هئين؟ اهي غلطيون ۽ حرڪتون ياد ڪر جيڪي تون ان عمر ۾ ڪندو هئين. اهو وقت ته ياد ڪر جڏهن تو فلاڻي فلاڻي غلطي ڪئي هئي. ڪجهه ياد آيو؟"

معاملي تي ٺڏي نموني غور ويچار ڪرڻ کان پوءِ آءٌ پوريءَ ايمانداريءَ ۽ سچائيءَ سان ان نتيجي تي پهتس ته جوزفين 19 سالن جي عمر ۾ منهنجي پيٽ ۾ ڪافي بهتر آهي، ڇو جو جڏهن آءٌ پاڻ 19 سالن جو هئس ته ان وقت ايترو سٺو نه هئس. جيتري هينئر جوزفين آهي. مون کي پوءِ افسوس ٿيو ته مون جوزفين جو حوصلو وڌائڻ ۾ ڪنجوسيءَ کان ڪم ورتو.

تنهن کان پوءِ آءُ جڏهن به جوزفين جو ڏيان سندس ڪنهن غلطيءَ ڏانهن ڇڪائيندو هئس تہ ڪيس هينئن چوندو هئس:

"جوزفين، جيتوڻيڪ توکان غلطي ٿي آهي، پر تنهنجي اها غلطي منهنجي ان غلطيءَ کان وڏي ڪونهي، جيڪا تنهنجي عمر ۾ مون کان ٿيندي هئي. غلطين کي رڳو تجربي سان ئي سڌاري سگهجي ٿو. تنهن جي عمر ۾ آءُ جنهن هنڌ تي هئس، تون هينئر ان کان تمام مٿاهين هنڌ تي بيٺل آهين. آءُ به ڪيترين ئي غلطيون ۽ بيوقوفيون ڪندو رهندو آهيان، جيتوڻيڪ مون کي توکي چوڻ تہ نہ ڪپي، ڇاڪاڻ تہ تون وڌيڪ عقلمند آهين ۽ ڄاڻ رکين ٿي، پر جيڪڏهن تون هينئن ڪرين ها تہ وڌيڪ بهتر نہ هوءَ"

پنهنجي غلطين بابت ٻڌڻ ڪنهن کي به ان وقت ڏکيو نہ لڳندو. جڏهن ڪيس اهو احساس هجي تہ سندس غلطين ٻڌائڻ وارو پاڻ به همدرديءَ پيار مان ڪيس ٻڌائي ٿو تہ هو پاڻ به اهڙيون غلطيون ڪري چڪو آهي ۽ هاڻي توهان کي ان لاءِ ياد ٿو ڏياري تہ جيئن توهان اهڙين غلطين کان بچي سگهو جيڪي هن پاڻ به ڪيون آهن.

اي جي ڊلون استون ڪئناڊا جو هڪ انجنيئر هو. هو پنهنجي نئين سيڪريٽريءَ سبب ڪجهہ پريشان هو ۽ مسئلن جو شڪار ٿي رهيو هو. هو جڏهن به پنهنجي سيڪريٽريءَ کي خط لکائيندو هو تہ اهي خط تيار ٿيڻ کان پوءِ جڏهن سندس ميز تي صحيح لاءِ پهچندا هئا تہ ان ۾ هجي يا ٽائيپنگ جون اڻ ڳڻيون غلطيون هونديون هيون. پوءِ هن ان مسئلي کي ڪيئن منهن ڏنو. مسٽر استون مون کي ٻڌايو:

"ٻين انجنيئرن وانگر منهنجي انگريزي به ڪا ايتري سٺي نہ هئي ۽ نہ ئي انگريزي لفظن جي هجي ۾ مون کي ڪا قابليت حاصل هئي. سالن کان منهنجي عادت هئي تہ آءُ پاڻ سان هڪ ڊڪشنري به رکندو هئس ۽ جنهن انگريزي لفظ بابت مون کي شڪ هوندو هو تنهن کي ڊڪشنري کولي ڏسندو هئس. جڏهن مون کي پڪ ٿي ويئي تہ منهنجي سيڪريٽري پنهنجي هجي سڌارڻ تي ڏيان نہ ڏيئي ڏئي تہ پوءِ مون هڪ طريقي تحت ڪيس سڌارڻ جو فيصلو

ڪيو. جڏهن هن مون کي ٻئي پيري صحيح لاءِ خط اماڻيو تہ ان ۾ ٻہ هجي جون غلطيون هيون تہ پوءِ آءٌ سيڪريٽريءَ سان گڏ ٽائيپ رائيٽر تي ويهي رهيس ۽ ڪيس چيم تہ مون کي هن لفظ جي هجي صحيح نہ ٿي لڳي ۽ هي هڪ اهڙو لفظ آهي جيڪو مون کي اڳ ٻہ تنگ ڪندو هو تہ پوءِ آءٌ ڊڪشنري مان ڏسي ان کي صحيح ڪندو هئس. پوءِ مون پاڻ وٽ رکيل ڊڪشنري ڪنئي ۽ ان ۾ اهو صفحو کوليم. جنهن تي اهو لفظ لکيل هو. مون ڪيس چيو تہ ڏس هي لفظ آهي، پر هن جي هجي تہ هتي ٻي لکيل آهي. هاڻي اچو تہ ان کي صحيح ڪري ڇڏيون. چو تہ آءٌ ٻہ ايئن ڏسي پاڻ کي سڌارينڊو آهيان ۽ ان ۾ ڪو عيب ٻہ ڪونهي. جو اڳتي وري مون کان اهڙي غلطي نہ ٿيندي آهي. آءٌ پنهنجي لفظن جي هجي بابت گهڻو محتاط رهندو آهيان. چو تہ ان سان ماڻهن کي خبر پوندي آهي تہ آءٌ ڪيترو قابل آهيان ۽ منهنجي انگريزي ڪيتري سٺي يا خراب آهي. پوءِ ايئن ٿيو تہ سيڪريٽريءَ جي دماغ ۾ ٻہ اها ڳالهہ ويهي رهي. هن ٻہ پنهنجي لاءِ هڪ ڊڪشنري آندي ۽ ايئن سندس غلطيون ڏينهون ڏينهن گهٽبيون ويون ۽ اڄ اها هڪ قابل سيڪريٽري آهي."

شهزادي برن هارڊ وون کي ان ڳالهہ جو احساس 1909ع ۾ ئي ٿي ويو هو. هو ان وقت جرمنيءَ جو امپريل چانسلر هو ۽ وليم II بادشاهہ هو. وليم ٻيو جرمنيءَ جو آخري بادشاهہ هو ۽ هڪ اهڙي ساموندي ۽ زميني فوج ناهڻ جي ڪوشش ۾ رڌل هو جيڪا سموري دنيا کي فتح ڪري ونيِ تڏهن هڪ حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهہ ٿي. قيصر کي اهڙيون ڳالهيون ڪيون جو سمورو براعظم حيران ٿي ويو. قصو خراب ڪرڻ لاءِ قيصر عام ماڻهن اڳيان بيوقوفيءَ وارا بيان ڏيڻ شروع ڪيا. هن اهو سڀ ڪجهہ تڏهن ڪيو جڏهن هو انگلستان ۾ مهمان طور ترسيل هو ۽ "ڊيلي ٽيليگراف" کي اها اجازت ٻہ ڏيئي چڏيائين تہ سندس بيان جيئن وٽين تيئن شايع ڪن.

مثال طور هن اعلان ڪيو تہ هو اڪيلو جرمن آهي، جيڪو انگريزن لاءِ دوستاٽا جذبا رکي ٿو ۽ اهو ٻہ تہ هو ساموندي فوج کي ان لاءِ مضبوط ڪري رهيو آهي تہ ڪيس جاپان طرفان اڳرائيءَ جو خطرو آهي ۽ اهو ٻہ تہ هن اڪيلي سر انگلستان کي روس ۽ فرانس جي حملي کان

بچايو هو ۽ اهڙيءَ نموني هن پيا به بيوقوفيءَ وارا بيان ڏنا.

گذريل 100 سالن دوران امن جي زماني ۾ ڪنهن به يورپي بادشاهه جي وات مان اهڙي قسم جا لفظ ڪنهن به نه ٻڌا هئا. انگلستان جا شهري حيران ٿي ويا. ان دوران قيصر شهزادي وون کي اها به صلاح ڏني ته انهيءَ سموري بيوقوفاڻي عمل جي ذميداري هو پاڻ به قبول ڪري. قيصر چاهيو ٿي ته شهزادو اهو اعلان ڪري ته اهو سمورا بيان سندس چوڻ تي ڏنا ويا ۽ هن شاهه کي پاڻ ئي اهڙا بيان ڏيڻ تي مجبور ڪيو.

شهزادي وون جواب ۾ چيو:

"يور مئجسٽي! آءٌ سمجهان ٿو ته جرمن يا انگلستان ۾ ڪوبه ماڻهو اهو ميڙ لاءِ تيار نه هوندو ته کو مون توهان کي اهڙا بيان ڏيڻ جي صلاح ڏني هوندي"

جيئن ئي شهزادي اها ڳالهه ڪئي ته کيس احساس ٿي ويو ته هن ڪيڏي نه وڏي غلطي ڪري وڌي آهي. قيصر ڪاوڙجي پيو ۽ وڏلندي چيائين:

"تون مون کي ايترو بيوقوف ۽ گڌهه ٿو سمجهين جو آءٌ ايتريون فاش غلطيون ڪندس. ڇا تو ڪڌهن ايڏيون وڏيون غلطيون نه ڪيون آهن؟"

شهزادو سمجهي ويو ته بادشاهه کي ننڍڻ کان اڳ ان جي ڪجهه ساراهه به ڪري ڇڏجي ها ته بهتر هو پر هاڻي دير ٿي چڪي هئي. هاڻي ڇا ٿي ٿي سگهيو پر پوءِ به هن هڪ ٻيو طريقو آزمايو ۽ بادشاهه تي وڌيڪ تنقيد ڪرڻ بدران ڳالهه مٽائي. سندس ساراهه جا لفظ بيان ڪرڻ لڳو. شهزادي جي ان عمل سان جڻ ته هڪ معجزو ٿي ويو. شهزادي نهايت ادب سان بادشاهه کي جهڪي عرض ڪيو:

"آءٌ ڇا ۽ منهنجو مشورو ڇا. سائين منهنجا توهان ته هر لحاظ کان مون کان وڌيڪ سياڻا ۽ سمجهدار آهيو. سامونڊي ۽ زميني فوجن بابت توهان کي جيڪا ڄاڻ آهي، اها مون کي ڪٿي آهي. قدرتي ۽ سائنس ۾ به توهان جي ڄاڻ مون کان ڪافي وڌيڪ آهي. توهان جڏهن به بيرومیٽر ۽ وائرليس ٽيليگرافيءَ جو ذڪر ڪيو ته آءٌ

توهان جي سياڻپ ۾ ڏاهپ کي ساراهڻ کان رهي نه سگهيس. مون کي اهو چوندي شرم ٿو اچي ته مون کي قدرتي سائنس ته ڇا فزڪس ۾ ڪيمسٽريءَ بابت به ڪا سڻي ڄاڻ ڪونهي. جڏهن ته توهان ان معاملي ۾ ڪافي سمجهه ۾ ڄاڻ رکو ٿا."

هن وڌيڪ چيو هو:

"آءٌ پنهنجي گهٽ ڄاڻ جي تلافي ايئن ڪري سگهان ٿو ته مون کي تاريخ بابت ڪجهه ٿوري گهڻي معلومات آهي ۽ شايد سياست، خاص طور تي ڊپلوميسيءَ بابت به ڪجهه نه ڪجهه ڄاڻان ٿو."

قيصر جي انهيءَ ساراهه تي بادشاهه خوش ٿي ويو. ڪائنس ڪاوڙ وسري ويئي. پنهنجي ساراهه ٻڌڻ کان پوءِ هو سڀ ڪجهه معاف ڪري سگهيو ٿي. قيصر انتهائي جوش، جذبي، ولولي سان شهزادي سان ڳالهائيندي چيو:

"اهو ئي ته سبب آ، جو ته آءٌ توکي چوندو رهندو آهيان ته اسان کي هڪ ٻئي جي ضرورت آهي. اسين هڪ ٻئي کان سواءِ اڻ پورا آهيون. اسان کي گڏ رهڻ کپي ۽ گڏ رهنداسين."

ان کان پوءِ هن ان شهزادي سان هٿ ملايو ۽ ڪجهه عرصو سندس هڪ هٿ کي گرمجوشيءَ اسان جهڪا ڏيندو رهيو. هو شهزادي جي حق ۾ ايترو ته جذباتي ٿي ويو جو اتي جو اتي اعلان ڪيائين ته جيڪڏهن هاڻي ڪنهن شهزادي خلاف ڪجهه ڳالهايو ته آءٌ ان سان اهڙيءَ ته جُٽ ڪندس جو ڪيس ڇڻيءَ جو ڪير ياد اچي ويندو.

شهزادي بروقت پاڻ کي بچائي ورتو ۽ پوءِ ڪڏهن به اهڙي قسم جي غلطي نه ڪيائين. هو جڏهن به ڪا ڳالهه ڪندو هو ته پهرين پنهنجي خاميءَ ۽ پوءِ بادشاهه جي خوشيءَ جو ذڪر ضرور ڪندو هو.

توهان ڏٺو ته صرف ٿوريءَ عقلمنديءَ ۽ ساراهه ذريعي هن قيصر جهڙي بادشاهه کي به ڪيئن پنهنجي حق ۾ راضي ڪري ورتو. توهان به روزانه واري عمل ۾ ايئن ڪري گهڻو ڪجهه حاصل ڪري سگهو ٿا.

توهان جيڪڏهن اهڙو عمل هر وقت ڪندا رهندؤ ته انساني رشتن ناتن جي سلسلي ۾ توهان کي معجزاتي نموني فائدو رسندو.

پنهنجين غلطين کي مجيندي جيڪڏهن توهان گڏوگڏ انهن کي سڌاريندا ۽ وڃو ته توهان گهڻو ڪجهه حاصل ڪري سگهو ٿا. ان ڳالهه جو مثال تازو ئي ميري لينڊ جي ڪلارنس پيش ڪيو. ڪيس خبر پيئي ته سندس 15 سالن جو پٽ سگريٽ پيئڻ لڳو آهي. هن ٻڌايو ته:

"اها هڪ فطري ڳالهه آهي ته مون نه ٿي چاهيو ته منهنجو پٽ ڏيوڏ سگريٽ پيئي، پر آءٌ ۾ سندس ماءُ ٻيئي سگريٽ پيئندا هئاسين ۾ هڪ غلط مثال سندس گهر ۾ هن جي ماءُ پيءُ جي صورت ۾ موجود هو. مون ڏيوڏ کي پيار سان سمجهايو ته مون سندن عمر ۾ ئي سگريٽ پيئڻ شروع ڪيا هئا ۽ ان جي نيڪوٽين منهنجي توانائي ختم ڪري ڇڏي ۽ هاڻي منهنجي لاءِ اهو ناممڪن هو ته ڪو آءٌ سگريٽ ڇڏي سگهان. مون ڪيس پنهنجي ڪنگهه بابت ٻڌايو ۽ ڪيس ياد ڏياريم ته هن ڏٺو آهي ته منهنجي ڪنگهه مون کي ڪيترو نه پريشان ڪري ٿي. مون ڪيس اهو به ياد ڏياريو ته هو پاڻ مون کي سگريٽ ڇڪڻ کان روڪيندو هو ۽ ان جي نقصانن کان واقف ڪندو هو ته پوءِ هاڻي پاڻ ڇوٽو سگريٽ ڇڪي."

مون ڪيس سگريٽ ڇڏڻ لاءِ ڪجهه به نه چيو. نه ئي ڪيس کا ڏمڪي وغيره ڏنم ۽ نه ئي کي نقصان ٻڌايم. ڪيس صرف اهو ٻڌايم ته سگريٽ ڇڪڻ سان مون کي ڪيترو نقصان ٿيو آهي.

هو منهنجي ڳالهه پوري ڌيان سان ٻڌندو رهيو ۽ پوءِ مون وٽ ويجهو اچي چيائين ته، منهنجو واعدو آهي ته آءٌ اڄ کان سگريٽ نه ڇڪيندس، جيستائين گريجوئيشن نه ڪري وٺان ۽ پوءِ به ان وقت جي صورتحال مطابق فيصلو ڪندس. پوءِ جيئن جيئن وقت گذرندو ويو ته هن سگريٽ پيئڻ ڇڏي ڏنا ۽ سندس اها عادت ايتري ته پڪي ٿي ويئي جو پوءِ هن گريجوئيشن کان پوءِ به سگريٽ نه پيتا. ساٿس ڳالهائڻ کان پوءِ مون به آهستي آهستي سگريٽ ڇڪڻ ڇڏي ڏنا ۽ سندس ماءُ به ايئن ڪيو ۽ هاڻي اسين سڀ سگريٽ ڇڪڻ بنا خوشگوار حياتي گذاري رهيا آهيون.

ياد رکو ته ٻئي تي تنقيد ڪرڻ کان اڳ پنهنجي غلطين تي به نظر ڪريو.

باب ويهون

ڪوبہ شخص پاڻ تي حڪم هلائڻ پسند نہ ٿو ڪري

هڪ پيري مون کي مسز ادا اتاربيل سان رات جي ماني کائڻ جو اعزاز حاصل ٿيو. مسز ادا آمريڪي بائيو گرافرز جي ڊين هئي. جڏهن مون مسز ادا کي اهو ٻڌايو تہ آءٌ هڪ ڪتاب لکي رهيو آهيان، تڏهن اسان جي ڳالهہ ٻولهہ جو رُخ هڪ ٻئي سان رابطي، ماڻهن جي هڪ ٻئي سان رابطن ٿيڻ جي طور طريقن ڏانهن ٿي ويو ۽ مسز ادا مون کي ٻڌايو تہ جڏهن هوءَ اوون ڊي ينگ جي آتم ڪهاڻي لکي رهي هئي تہ ڪيس هڪ اهڙي ماڻهوءَ کان انٽرويو ڪرڻ جو موقعو مليو جيڪو لڳاتار ٽي سال هڪ ئي آفيس ۾ مسٽر ينگ سان گڏ ڪم ڪري چڪو هو. ان شخص اهو ڪليو اعتراف ڪيو تہ انهن ٽن سالن دوران هن اهو ڪڏهن بہ نہ ڏٺو يا ٻڌو تہ ڪو مسٽر ينگ ڪنهن کي ڪڏهن ڪو سڏو سنئون حڪم ڏنو هجي. مثال طور مسٽر ينگ اهو ڪڏهن بہ نہ چيو تہ،

"هي ڪريو يا هو ڪريو" يا وري "هي ڪريو يا هي نہ ڪريو."

هو هميشہ چوندو هو تہ،

"ڇا توهان کي ان تي غور ڪرڻ ڪپي."

يا وري هيئن تہ، "توهان سمجهو ٿا تہ اهو طريقو صحيح آهي."

هو ڪڏهن ڪو خط بہ لکرائيندو هو تہ پڇندو هو،

"توهان جي فلاڻي ڪم بابت ڪهڙي راءِ آهي؟"

هو پنهنجن ماتحتن مان هڪ جي لکيل خط کي پڙهي رهيو هو. پڙهندي پڙهندي هن پنهنجي ان ماتحت کان پڇيو تہ:

"جيڪڏهن اسين ان ئي خط کي ٻئي ڪنهن طريقي سان لکون تہ ڇا وڌيڪ بهتر نہ ٿيندو؟"

هو ماڻهن کي هميشہ اهو موقعو ڏيندو هو تہ پنهنجي ڪم بابت

پاڻ ئي کو فيصلو ڪن. هن ڪڏهن به پنهنجي ڪنهن ساٿيءَ يا ماتحت کي ايئن نه چيو ته هن ڪم کي هينئن ڪر يا هونئن ڪر. هو چاهيندو هو ته اهي پنهنجين غلطين مان پاڻ سکن ۽ محسوس ڪن.

اهڙي رويي سبب سامهون وارو ٻيو کو ماڻهو به پنهنجي غلطيءَ کي پاڻ محسوس ڪري، ان کي درست ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو. اهو هڪ اهڙو عمل هوندو هو جيڪو ڪنهن جي عزت نفس کي رنجائيندو نه هو ۽ ان کي گڏوگڏ پنهنجي اهميت جو احساس به ڏيارينڊو هو. اهو عمل ٻين کي توهان سان سهڪار تي مجبور ڪندو هو ۽ توهان سان اٽڪڻ کان بچائيندو هو.

سخت لهجي ۾ جاري ڪيل حڪم، ٻئي ۾ ڪاوڙ کي ايارين ٿا. جيڪا ٻوءِ دير سان ئي ختم ٿئي ٿي، ٻوءِ ٻلي اهو حڪم صحيح ئي چو نه هجي، يا جنهن کي حڪم ڪيو ويو هجي، تنهن جي پنهنجي پلائيءَ ۾ ئي چو نه هجي.

ڊان سانتريلي پينسلوينيا جي هڪ ووڪيشنل اسڪول جو استاد هو. هن اسان جي ڪلاس کي ٻڌايو ته سندس هڪ شاگرد غيرقانوني طور تي ڪار کي پارڪ ڪري ڪهڙي نموني هڪ دڪان ڏانهن ويندڙ رستو بند ڪري ڇڏيو هو. ٻين استادن مان هڪ استاد ڪاوڙيل انداز ۾ ڪلاس روم ۾ داخل ٿيو ۽ سخت لهجي ۾ پڇيو:

"هيءَ ڪنهن جي ڪار آهي، جنهن رستو بند ڪري ڇڏيو آهي؟"

جنهن شاگرد جي ڪار هئي، تنهن چيو ته منهنجي آهي، ته ڪاوڙيل استاد زوردار ۽ ڪاوڙيل انداز مان ڪيس حڪم ڏنو: "پنهنجي ڪار کي يڪدم اتان هٽاءِ ۽ مناسب هنڌ تي بيهار نه ته آءٌ پاڻ ان کي زنجير سان ٻڌي ڇڪي پري اڇلائي ايندس."

جيتوڻيڪ شاگرد غلط هو هن غلط جاءِ تي گاڏي بيهاري هئي. ڪيس اتي گاڏي بيهارڻ نه ڪپندي هئي، جتي رستي روڪ ٿئي، پر ان ڏينهن کان پوءِ ان شاگرد نه صرف ان استاد سان سدائين ڪاوڙ وارو رويو رکيو، پر ٻين شاگردن کي به هن جي خلاف ڪري وڌائين، جنهن ڪري ان استاد لاءِ مسئلا پيدا ٿي پيا ۽ سندس نوڪري تي اچڻ خود هن لاءِ مٿي جو سور بڻجي ويو.

اهو استاد ان مسئلي کي هن طرح به حل ڪري سگهيو ٿي. هو دوستاڻي ماحول ۾ پڇي ها ته هيءَ ڪار ڪنهن جي آهي، جيڪا رستو روڪيون بيٺي آهي ۽ پوءِ ڪيس پيار مان سمجهائي ها ته سندن اهڙي

نموني گاڏي بيهارڻ سان ڪيترن ماڻهن کي پريشاني ٿئي پئي ته اهو شاگرد پاڻ به شرمندو ٿئي ها ۽ وري ٻين کي به ايئن ڪرڻ کان روڪي ها.

سوال پڇڻ سبب ڪو حڪم نه صرف واسطيدار ماڻهوءَ تائين آسانيءَ سان ۽ سني نموني پهچيو وڃي، پر ان شخص جي تخليقي صلاحيتن لاءِ به ڪڏهن ڪڏهن سنو ثابت ٿئي ٿو. ماڻهو ان حڪم کي وڌيڪ پسند ڪن ٿا، جن ۾ سندن انا کي مسئلو نه بڻايو وڃي.

ايان ميڪڊونلڊ جو تعلق جوهانسبرگ ڏکڻ آفريقا سان هو. هو هڪ ننڍي فيڪٽريءَ جو فيول مئنيجر هو. جيڪا مشينن جا پرزا ٺاهيندي هئي. ان جي جنرل مئينجر کي خوش قسمتيءَ سان هڪ وڏو آرڊر ملي ويو. اهڙو آرڊر جيڪو سندن فيڪٽري جي صلاحيت کان به وڌيڪ هو. سندس فيڪٽريءَ ۾ اڳ ۾ ئي ڪم وڌيل هو ۽ ڪيس پڪ هئي ته ان کي هو اهو آرڊر وقت سر پورو نه ڪري سگهندو.

هن پنهنجي اسٽاف تي اهو زور پرڻ بدران ته جيئن اهي جلد کان جلد هٿ ۾ ڪنيل ڪم پورو ڪن، انهن سيني کي پاڻ وٽ سڏايو ۽ کين سموري صورتحال تفصيل سان ٻڌائي ۽ کين ٻڌايو ته جيڪڏهن اسين اهو وڏو آرڊر وقت تي پورو ڪري ڏيون ته اڳتي ڪمپنيءَ کي ڪهڙو فائدو پهچي سگهي ٿو تنهن کان پوءِ هن کانئن سوال پڇڻ شروع ڪيا:

* ڇا توهان جي ذهن ۾ اهڙي ڪا صلاح آهي، جنهن تي عمل ڪري اسين اهو آرڊر بروقت تيار ڪري پهچائي سگهون ٿا؟
* يا وري اهڙو ڪو ٻيو طريقو آهي، جنهن سان اسين پنهنجي روزاني واري ڪم ڪار ۾ پنهنجي ذاتي ڪمن مان کو وقت ڪڍي ان ڪم کي سهڻي نموني اُڪلائي سگهون ٿا؟

اسٽاف جي ميمبرن پوءِ کيس ڪيترين ئي صلاح ڏنيون، ۽ جنرل مئينجر تي زور پريو ته اهو هي آرڊر ضرور ونڊي. اسين سڀ توهان سان گڏ آهيون ۽ وڌيڪ محنت ڪري وقت سر آرڊر تيار ڪري پهچائينداسين. پوءِ جنرل مئينجر اهو آرڊر وصول ڪيو ۽ سندس عملي به ساٿس اوتروئي تعاون ڪري، ان آرڊر کي وقت تي تيار ڪري ڏنو جنهن سان ڪمپنيءَ جي ساک به وڌي ۽ ڪارڪنن جو حوصلو به وڌي ويو.

ياد رکو ته هڪ سنو اڳواڻ هميشه اها ڳالهه ياد رکندو آهي ته:

"سڀ سٺيون حڪم ڏيڻ بدران صلاح سان ڪم ڪرڻ وڌيڪ بهتر آهي"

باب ايڪيهون

ٻئي ڪي شرمندي ٿيڻ کان بچڻ جو موقعو ڏيو

چارلس سٽن جنرل اليڪٽرڪ ڪمپنيءَ ۾ ڪم ڪندو هو. هيءَ گهٽا سال اڳ جي ڳالهه آهي. هو هڪ ڪاتي جو سربراهه هو. سربراهه طور هڪ ڪامياب نه رهيو. جيتوڻيڪ انفرادي طور تي هن ۾ تمام گهڻي قابليت ۽ اهليت هئي، پر انتظامي سرگرمين ۾ هو گهربل معيار تي پورو نه لٿو. اهو ئي سبب هو جو ڪمپنيءَ سندس خدمتن کان محروم ٿيڻ نه ٿي چاهيو. هو ڪمپني لاءِ اٽٽر هو. پر گڏوگڏ تمام گهڻو حساس به هو. تنهن ڪري ڪمپنيءَ سندس عهدي کي هڪ نئون نالو ڏنو. هاڻي هو جنرل اليڪٽرڪ ڪمپنيءَ جو صلاحڪار انجنيئر هو. اهو سندس انهن خدمتن کي انجام ڏيڻ جو نئون نالو هو. جيڪي هو اڳ ۾ ئي ڪري رهيو هو. ڪمپنيءَ هڪ ٻئي آفيسر کي ان ڪاتي جو سربراهه مقرر ڪيو. جنهن جي سربراهي اڳ ۾ مسٽر چارلس ڪري رهيو هو. چارلس به خوش ٿي ويو.

جنرل اليڪٽرڪ ڪمپنيءَ جا ٻيا آفيسر به خوش هئا. ڪمپنيءَ هڪ حساس معاملي کي سٺي نموني حل ڪري ڇڏيو هو ۽ ڪو طوفان به کڙو نه ٿيو. ڪمپنيءَ مسٽر چارلس کي موقعو ڏنو ته اهو شرمندگيءَ کان بچي سگهي.

ڪنهن کي شرمندگيءَ کان بچائڻ ڪيترو اهم آهي، بلڪ اهم ترين آهي ۽ اسان مان ڪيترا ماڻهو ان ڳالهه کي سمجهن ٿا ۽ ڏيان ڏين ٿا. اهو ڪير محسوس ئي نه ٿو ڪري. اسين يڪدم هوا جي گهوڙي تي چڙهي، ٻين جي احساسن ۽ جذبن کي محسوس نه ڪندي، ٻين مٿان چڙهت ڪريون ڏيون ۽ اهو به نه ٿا سوچيون ته جيڪڏهن ان جي جاءِ تي اسين پاڻ هجون ها ته ڇا محسوس ڪريون ها؟

اسين ٻين ماڻهن مان عيب ڪيندي دير ئي نه ٿا ڪريون. ڪنهن کي ڏمڪيون ڏيڻ، بي عزتو ڪرڻ ۽ ان تان چٽرون ڪرڻ ۽ هلڪڙائيءَ جو مظاهرو ڪرڻ اسان لاءِ هڪ عام ڳالهه ٿي ويئي آهي. رستي هلندي ڪنهن جو پٽڪو لاهڻ ۾ ڪوبه عيب نه ٿا سمجهون. پر جڏهن ڪو ٻيو اسان جو پٽڪو لاهڻ جي ايڏا تياري ۽ ڪري ٿو ته واويلا مچائي آسمان متي تي کڻي ٿا ڏيون. جيڪڏهن اسان ۾ ٿوري به سمجهه هجي ته اسين ايئن ۽ اهو سڀ ڪجهه ڪرڻ بدران هڪ سڻي نموني، سلجهيل انداز ۾ ٻه ٻئي کي اهڙي نموني اهو سڀ ڪجهه چئي سگهون ٿا، جنهن سان ان کي شرمندگي محسوس نه ٿئي يا هو ٻين اڳيان شرمندو ٿيڻ کان بچي وڃي. پوءِ ڏسو ته هو توهان جو ڪيترو نه گهڻو احسامند رهي ٿو ۽ سدائين توهان جو احترام ڪندو رهندو. پر جي توهان هروپرو رستي هلندي هر ڪنهن جو پٽڪو پيا لاهيندا ته پوءِ ٻيا ٻه توهان کي چڏي ڪونه ڏيندا.

مارشل اي گرينجر هڪ پبلڪ اڪائونٽنٽ آهي. سندس خط جو هڪ ٽڪرو پڙهو. هو چوي ٿو:

"اسان جو ڪاروبار سڄو سال نه ٿو هلي، پر ان جي هڪ سيزن هوندي آهي. جڏهن اسان جي ڪاروبار جي سيزن هوندي آهي ته پوءِ ان وقت اسان کي ڪيترائي ماڻهو پرتي ڪرڻا پوندا آهن، جو ته اسان کي انڪم ٽيڪس بابت ڪافي ڪم ڪرڻو پوندو آهي. پوءِ جڏهن وري اسان جو ڪم ختم ٿيندو ويندو آهي ته اسين ٻه آهستي آهستي ماڻهن کي فارغ ڪندا ويندا آهيون ۽ ڪين هينئن چوندا آهيون:

"مسٽر اسمٿ، توهان جي مهرباني جو توهان اسان سان سڻي نموني گڏجي ڪم ڪيو پر جيئن ته توهان پاڻ ٻه ڏسو پيا ته هاڻي اسان جو ڪم ختم ٿيڻ وارو آهي ۽ ٻيو ڪو ڪم ڪار ٻه ڪونهي ۽ اسان توهان کي اڳ ۾ ئي ٻڌائي ٻه چڏيو هو ته اسين توهان کي صرف هن سيزن لاءِ ملازم رکون پيا، تنهن ڪري هاڻي توهان پاڻ کي فارغ سمجهو. توهان جي وڏي مهرباني.

پر اهڙي نموني جي ڳالهه ٻولهه انهن ملازمن تي ڪو سڻو اثر نه

ڇڏيندي هئي، حالانڪ اسين ڪين اڳ ۾ ٻڌائي ۽ چڪا هوندا هئاسين تہ ڪين صرف هڪ سيزن لاءِ ڪم تي رکيو پيو وڃي، پر هو ڇڙ تہ احساس محروميءَ جو شڪار ٿي ويندا هئا. نوڪري وڃڻ جو احساس ڪين کائي ڇڏيندو هو. انهن مان ڪيترا تہ اهڙا ۽ هوندا هئا، جيڪي هر سال اسان جي سڏ تي نوڪريءَ لاءِ هليا ايندا هئا ۽ سندن ڪمپنيءَ سان جذباتي وابستگي هوندي هئي، پر اهڙي نموني سندن جذبات ۽ مجروح ٿيندا هئا.

> پوءِ تازو مون فيصلو ڪيو تہ پنهنجن انهن ماڻهن کي جن کي اسين هڪ ئي سيزن لاءِ پرتي ڪريون ٿا، تن کي ڪنهن مختلف ۽ بهتر طريقي سان فارغ ڪيو وڃي، تنهن ڪري پوءِ مون اهو طريقو اختيار ڪيو تہ واري واري سان هڪ هڪ ماڻهوءَ کي سڏائي کين چوندو ويس تہ مستر اسمٿ، توهان اسان جي ڪمپنيءَ لاءِ جنهن سڀي نموني ڪم ڪيو تنهن کي اسين تمام گهٽو ساراهيون ٿا، پر جيئن تہ هاڻي اسان جو ڪم ختم ٿي چڪو آهي ۽ اسين توهان کي فارغ ڪريون پيا، پر گڈوگڈ نہ صرف اسان کي توهان کان موڪلائيندي رنج پيو ٿئي، پر اسان کي اميد آهي تہ توهان ۽ اسان کي نہ وساريندا ۽ هتي ڪيل ڪم تي اسان کي ياد ڪندا رهندا.

ان جو نتيجو اهو نڪتو تہ ماڻهو بهتر جذبن ۽ احساسن سان نوڪريءَ مان موڪلايو پر جيڪڏهن ڪين روايتي نموني فارغ ڪيو وڃي ها تہ پوءِ ۽ ڪين اڳواٽ خبر هوندي ۽ رنج محسوس ٿئي ها. هاڻي هنن کي شرمندگي محسوس نہ ٿي ٿئي، پر ڪين پڪ هوندي تہ اسان کي وري جڏهن ۽ ملازمن جي ضرورت پوندي تہ ڪين ئي سڏايو ويندو ۽ هو ۽ خوشيءَ سان اسان سان ڪم ڪرڻ تي راضي ٿي ويندا.

اسان جي هڪ ڪورس دوران اسان جي ڪلاس جي ٻن شاگردن عيب جوئيءَ جا خراب اثر ۽ ان جي مقابلي ۾ ٻئي ماڻهوءَ کي شرمندو ٿيڻ کان بچائڻ بابت بحث مباحثو ڪيو.

فريڊ ڪلارڪ جو تعلق پينسلوينيا سان هو. هن هڪ اهڙي

واقعي بابت ٻڌايو. جيڪو سندس ڪمپنيءَ ۾ پيش آيو هو. هن ٻڌايو:

"پيداواري صلاحيتن تي غور ڪرڻ جي سلسلي ۾ اسان جي هڪ گڏجاڻي ٿي رهي هئي، جنهن دوران ڪمپنيءَ جو نائب صدر اسان جي پراڊڪشن سپروائيزرن کان پيداواري عمل وڌائڻ جي سلسلي ۾ خاص سوال پڇي رهيو هو. سندس لهجو جارحاڻو هو ۽ هو سپروائيزرن سان ايئن ڳالهائي رهيو هو. جڙ هو سندن غلط ڪم تي ساٽس وڌهي رهيو هجي. سپروائيزر ٻه سندس هر سوالن جا جواب بهتر نموني ڏيئي رهيا هئا. ۽ سندس رعب ۾ نه پئي آيا. اهو ڏسي نائب صدر صاحب ڪاوڙجي پيو ۽ هڪ سپروائيزر کي ڪاوڙ ۾ گهٽو ڪجهه چئي ڏنائين. ان واقعي کان اڳ نائب صدر ۽ سپروائيزر ۾ ڪم ڪار جي حوالي سان جيڪي ٿورا گهڻا سٺا تعلقات هئا، اهي ٻه ختم ٿي ويا. بنيادي طور تي اهو سپروائيزر هڪ سٺو ڪارڪن هو. پر ان واقعي کان پوءِ هو اسان جي ڪمپنيءَ لاءِ ڪارائتو نه رهيو. ڪجهه مهينن کان پوءِ هن ڪمپنيءَ جي نوڪري ڇڏي ڏني ۽ اسان جي هڪ مخالف ڪمپني ۾ سٺي پگهار ۽ عهدي تي ڪم ڪرڻ لڳو جنهن سان اسان جي ڪمپنيءَ کي ڪافي نقصان رسيو."

هڪ ٻي شاگرديائي اينا مزون ٻه اهڙو هڪ واقعو ٻڌايو جيڪو سندس ڪمپنيءَ ۾ پيش آيو هو پر اهو واقعو پهرين واقعي کان نتيجي ۾ ابتڙ ثابت ٿيو.

اينا مزون خوراڪ پيڪ ڪندڙ هڪ ڪمپنيءَ ۾ مارڪيٽنگ آفيسر جي عهدي تي ڪم ڪري رهي هئي. ڪيس پهريون پيرو هڪ وڏي ذميداري ڏني ويئي. ڪيس نئين شين جي مارڪيٽنگ ڪرڻي هئي. هن ڪلاس کي ٻڌايو:

"جڏهن انهن نين شين کي مارڪيٽ ۾ پيش ڪرڻ جا نتيجا منهنجي سامهون آيا تہ آءٌ تمام گهڻي پريشان ٿي ويس. مون پنهنجي منصوبه بنديءَ ۾ هڪ وڏي غلطي ڪئي هئي ۽ هاڻي ان جا سمورا نتيجا ٻه مون کي پاڻ کي پوڳڻا هئا. آءٌ صلاح مشوري

لاءِ باس سان ب رابطو نہ ٿي ڪري سگھيس. ساڻس رابطو ھاڻي ان گڏجاڻيءَ ۾ ٿئي ھا. جتي مون کي پنھنجي ڪارڪردگيءَ جي رپورٽ پيش ڪرڻي ھئي."

پوءِ جڏھن مون کي رپورٽ پيش ڪرڻ لاءِ چيو ويو تہ ڊپ ۾ منھنجون ٽنگون ٽڙڪي رھيون ھيون. مون پنھنجو پاڻ کي خراب صورتحال کان بچائڻ جي ھر ممڪن ڪوشش ڪئي. مون اھا ب ڪوشش ڪئي تہ پنھنجو پاڻ کي روئڻ کان بچائي سگھان. نہ تہ سمورا مرد آفيسر مون تان کلندا ۽ چڙون ڪندا تہ عورتون تہ ڪنھن ڪم جي ذميداريءَ ڏيڻ لائق ئي نہ آھن. چو تہ اھي جذباتي ٿين ٿيون. مون مختصر لفظن ۾ پنھنجي ڪارڪردگي جي رپورٽ پيش ڪئي ۽ اھا ب گذارش ڪئي تہ جيئن تہ مون کان منصوب بنديءَ ۾ وڏي غلطي ٿي ويئي آھي. تنھن ڪري مون کي اھو سمورو ڪم نئين سر ڪرڻو پوندو.

تنھن کان پوءِ آءٌ ويھي رھيس ۽ انتظار ڪرڻ لڳيس تہ منھنجو باس ھاڻي منھنجي چگي نموني کل لاھيندو.

پر منھنجي حيرت جي حد نہ رھي. جو باس مون کي چڙبون ڏيڻ بدران منھنجو ٿورو مڃيو تہ غلطي مڃڻ سڻي ڳالھ آھي ۽ اھو ب چيائين تہ ھيڏي وڏي پراجيڪٽ ۾ غلطي ب ٿيندي رھندي آھي ۽ ھر ڪنھن کان ٿي سگھي ٿي. گڏوگڏ ھن وڌيڪ چيو تہ منھنجي نئين سر جائزي ونڊ سان نہ صرف ڪارڪردگي بھتر ٿيندي. پر ٿي سگھي ٿو تہ اھو ڪم ڪمپنيءَ لاءِ ب سنو ثابت ٿئي ۽ ان ۾ اسان سڀني لاءِ ڪاڻ ڪا بھتر ھجي. ھن پوري يقين ۽ اعتماد سان پنھجن جذبن جو اظھار ڪيو ھو. ھن منھنجن ٻين ساٿين آڏو مون کي اھا ب پڪ ڏياري ھئي تہ ھو منھنجي ڪم کي ساراھي ٿو ۽ جيڪي ڪجھ ٿيو اھو منھنجي گھٽ تجربي سبب ٿيو ۽ آھستي آھستي جيئن منھنجو تجربو وڌندو ويندو تہ ڪم ۾ ايڏا ب وڌيڪ بھتري ايندي ويندي. نہ تہ مون ۾ اھي سڀ صلاحيتون موجود آھن. جيڪي ڪنھن سڻي ڪارڪن ۾ ھئڻ کپن. جڏھن گڏجاڻي ختم ٿي تہ منھنجو ڪنڌ فخر کان اوچو ھو ۽ مون اھو پڪو پھ ڪيو تہ ھاڻي وري ڪڏھن ب ڪمپنيءَ ۽ باس کي شڪايت جو موقعو نہ ڏيندس ۽ پوءِ ٿيو ب ايئن.

جيڪڏهن اسين پلي صحيح هجون ۽ ٻيو ماڻهو پلي غلط ئي چو نه هجي، پر اسان کيس ٻين جي سامهون اجايو شرمندو ڪري، سندس انا جو جنازو ڪڍي تا ڇڏيون.

فرانسيسي هوابازيءَ جي ابي ۽ نالياري ليکڪ اينٽوني ڊي سينٽ لکيو آهي:

"مون کي ڪوبہ حق نہ ٿو رسي تہ ڪا اهڙي ڳالهہ ڪريان يا ڪو اهڙو ڪم ڪريان، جيڪو ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي سندس نظرن ۾ ڪيرائڻ جو باعث بڻجي. جيڪي ڪجهہ آئون سوچيان ٿو ان جي ڪا بہ اهميت ڪونهي، پر اهميت ان سوچ جي آهي، جيڪا ٻيو ماڻهو پنهنجي باري ۾ سوچي ٿو. ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي سندس نظرن کان ڪيرائڻ، معاف نہ ڪرڻ جهڙو ڏوهہ آهي."

هڪ سٺو اڳواڻ هميشه اها ڳالهہ ذهن ۾ رکندو آهي تہ:

"ٻئي ماڻهوءَ کي اهو موقعو ڏنو وڃي تہ اهو ٻين اڳيان شرمندو نہ ٿئي."

زندگيءَ ۾ روزگار جو مزو
۽ ٽيٽو ڪرڻ جو فن هڪ نظر ۾

"پريشان نه ٿيو، جيئڻ سکو" مان ڪنيل اصول

1. پين جو نقل نه ڪريو.
2. هيٺيون چار عادتون اختيار ڪريو.

هڪ: پنهنجي ڪم واري ميز تان اجايا ڪاغذ ۽ سامان ڪڍي، صرف اهي ڪاغذ ۽ سامان رکو جنهن تي توهان کي تڪڙو ڪم ڪرڻ آهي ۽ توهان جي ضرورت ۾ هجن.

ٻيو: ڪم کي ان جي اهميت موجب ڪريو.

ٽيون: توهان کي جڏهن ڪوبه مسئلو پيش اچي تہ ان مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ يڪدم ڏيان ڏيو بشرطيڪ توهان وٽ فيصلو ڪرڻ لاءِ ضروري حقيقتون سامهون هجن.

چوٿون: نظم ۽ ضبط قائم ڪرڻ سکو. اجايو سپ اختيار پاڻ وٽ رکڻ بدران اهي پين کي ورهائي ڏيو ۽ نگرانيءَ واري عمل ۾ مهارت حاصل ڪريو.

3. ڪم دوران آرام ڪرڻ وارو گُر به سکي وٺو.
4. پنهنجو ڪم جوش، جذبي ۽ ولولي سان ڪريو.
5. انهن نعمتن کي ياد ڪريو ۽ ڳڻيو جيڪي توهان وٽ آهن. انهن نعمتن کي نہ ڳڻيو جيڪي توهان وٽ نہ آهن.
6. ياد رکو تہ غير منصفاڻي تنقيد اصل ۾ توهان جي قابليتن ۽ اهليتن جو اقرار هوندي آهي ۽ توهان جي اڙ سڌي نموني ساراهہ هوندي آهي.

"دوست ٺاهيو ۽ اثر رسوخ وڌايو" مان ورتل ڪي اصول

1. ٻئي تي تنقيد ڪرڻ کان پاسو ڪريو. مذمت ڪرڻ کان پاسو ڪريو يا شڪايت ڪرڻ کان پاسو ڪريو.
2. پوريءَ ايمانداريءَ ۽ سنجيدگيءَ سان ٻين جي ساراهه ۽ واه واه ڪريو. کين داد ڏيو ۽ خراج تحسين پيش ڪريو.
3. هر ڪنهن ۾ هڪ بي قرار ڪندڙ طلب ايارِيو.
4. ٻين ماڻهن ۾ سنجيدگيءَ سان دلچسپي وٺو.
5. ٻين شخصن جي راءِ جو احترام ڪريو. کين ڪڌهن به اهو نه چئو ته ڪو هو غلط آهن.
6. ٻئي ماڻهوءَ کي اهو احساس ڏياريو ته اهو توهان لاءِ اهم آهي. ۽ کيس اهو احساس نهايت سنجيدگيءَ سان ڏياريو.
7. دوستاڻي ماحول ۾ شروعات ڪريو.
8. اها کوشش ڪريو ته ٻئي ماڻهو جي واتان "ها" "ها" چورائي سگهو.
9. ٻئي ماڻهوءَ کي اهو احساس ڏياريو ته اهو آئيڊيا سندس ئي ڏنل آهي.
10. بهترين مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ ٻين کي سرگرم ڪريو.
11. ماڻهن جو ڏيان اڻ سڏي نموني سندن غلطين ڏانهن ڏياريو.
12. ٻين تي تنقيد ڪرڻ کان اڳ پنهنجين ئي غلطين جو ذڪر ڪريو.
13. سڌا حڪم ڏيڻ بدران سوالن ذريعي ڳالهايو.
14. هر ڪنهن ماڻهوءَ کي شرمندو ٿيڻ کان بچڻ جو موقعو ڏيو.

Job
Life
Job
Life